

نيو فيلڈس (105)

پڑاؤ سوئے سدھ

(ناول)

سراج

نیو فیلڈس پبلیکیشنس
تنڈو ولی محمد، حیدرآباد سندھ۔
1989ء

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ۵۴ سؤ پنج

ڇاپيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	نيو فيمس پرنٽنگ پريس هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.
ٽيون ايڊيشن	اپريل 1988ع
ڇوٽون ايڊيشن	جون 1989ع

قيمت 50/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

PARADO SOEE SADD (Novel) written by SIRAJ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad Sind. Pakistan. Third Edition April 1988. Price Per Copy Rs. 50/-.

هن ڪتاب جو پهريون ۽ ٻيو ايڈيشن ۱۹۷۰ع ۽ ۱۹۸۱ع ۾ احمد نبي بخش شيخ، سنڌ پرنٽنگ پريس، اڪال پونگا گهٽي، حيدرآباد سنڌ، ۾ ڇاپيو ۽ عامر شيخ 'زيب ادبي مرڪز' حيدرآباد سنڌ پاڪستان مان شايع ڪيو.

مصنف طرفان ۽ لفظ

سنڌ جي تاريخ هونئن ته هر مظلوم قوم جي تاريخ وانگر ظلم جي داستانن سان ڀري پيئي آهي، پر ان تاريخ ۽ ترخانن جو دور سنڌ جي ماضيءَ جو بد ترين دور آهي. جڏهن شاهبيگ ارغون سنڌ تي قبضو جمايو تڏهن هن ايترا ظلم ڪيا، جو ڪنهن شاعر آن وقت ان حملي جي تاريخ "خرابيءِ سنڌ" مان ڪڍي هئي. ترخانن ۽ مرزا باقيءَ جو دور سپ کان اونداهو ۽ سپ کان روشن دور آهي: سپ کان اونداهو ان ڪري جو هن کان وڌيڪ ظالم ٻيو حاڪم نه ٿيو؛ ۽ سپ کان روشن ان ڪري جو ان ظالم خلاف سنڌي قوم منظم ٿي بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ جي تاريخن ۾ ان بغاوت جي هڪ سربستي ڪهاڻي لکيل ڪانهي، پر مختلف تاريخن ۾، مختلف شاعرن جي شعرن ۾ ننڍا ننڍا واقعا بيان ٿيل آهن، جن ۾ سون ڪي هڪ عظيم سلسلو ٿو نظر اچي. انهن ٿي واقعن جي هيءَ ڪهاڻي آهي.

"ترخان نامي" جو مصنف لکي ٿو ته "...ردم ولايت سند ... هرگز شبي از ترس ميرزا محمد باقي بفراغت نرقة بود ...." يعني سنڌ جا ماڻهو مرزا باقيءَ جي دور ۾ هڪڙي رات به سک سان نه سمهندا هئا.

سنڌ جو مورخ، پير حسام الدين راشدي، ميرزا باقيءَ تي لکندي چوي ٿو: "... هي اهي مقتول ۽ شهيد آهن، جيڪي مورخن لاءِ قابل ذڪر هئا. ورنه ميرزا باقيءَ جي حڪم تي اڻڙا سوين خدا جا بيگناهه بندا بي دريغ قتل ڪيا ويا. ڪو ڏينهن خالي نه هو جڏهن قتل نه ٿيندو هو. اهو روز جو معمول ۽

مشغلو هو: ڪنهن جو نڪ، ڪنهن جو ڪنڌ، ڪنهن جو هٿ، ڪنهن جي پانهن هر روز ڪپارائيندو هو. هائي جي پيرن هيٺان لتاڙائي مارائي ڇڏڻ ۾ سندس دلگهريو شغل هو. جڏهن مرزا شاهه رخ سڻو، ان وقت قلعي ۾ رهندڙ سڀني عورتن جا ٽڻ ڪپائي ۽ سندن ستڻ ۽ جيٺريون ٻليون وڃرايائين— ستڻ ۽ ٻلين وڃرائڻ جو ٻهاڪو ۽ دڙڪو انهي منحوس ۽ غير انساني ڪارروائي جو سنڌ اندر يادگار آهي...."

انهن ظلمن جي رد عمل طور سنڌين ڪنٽين شورشون ڪيون، جن جو هڪ مقصد هو، هڪ آدرش هو. ان آدرش کي آڳاڙ ڪرڻ لاءِ ئي مون ان کي ناول جي صورت ڏني آهي.

گاهي گاهي بازخوان اين قصهء پارينه را!

ڪراچي ۳- اپريل ۱۹۷۰ع — سراج

انتساب

سنڌ جي

اڳوڻن، هاڻوڪن ۽ اينڊرَ وقت جي

سورهيه سودين

جي نالي

نئين چاپي لاءِ پ، اکر

ڪتاب جـو نئون چاپو اوهان جـي هٿن ۾ آهي. سرڪاري طرح يا رسمي طرح هي ڪتاب جو ٽيون چاپو آهـي. هن ڪان اڳ جا ٻ چاپا منهنجي پياري دوست احمد "زيب ادبي مرڪز" پاران چپايا هئا. پر ان وچ ۾ ڪن همراهن بنا اجازت جي فلمون ڪڍائي الائجي ڪيترا چاپا چپائي چڏيا. اهڙن ٽن چاپن جي ته مون کي ذاتي خبر آهي، پر هڏو اٿر ته ان ڪان سواءِ به ٻ ٽي ٻيرا همراهن ايٿن بنان اجازت جي ٻيا ٻ چاپا هلايا جن مان ڪن جو پنو ٻ اهڙو بيڪار هو جـو ڪجهه پڙهڻ ۾ ئي ڪونه ٽـي آيو. مون کي متن ڪابـه سيار رکڻي ڪانهي. هڪ طرح سان خوشي ٿي ٿئيس ته ماڻهن کي ڪتاب ابتـرو وڻيو جو لڪچوڑيءَ ٻ چپائڻ وارا پنهنجو ڪارنامو ڪري ويا.

هيءُ نئون چاپو اوهان جي هٿن ۾ ان وقت پيو اچي، جڏهن ان جو ٻيو پاڳو "مرڻ مون سين آءُ" ٻ چپجي ظاهر ٿيو آهي. هاڻ جن دوستن پهريون پاڳو نه پڙهيو، سي ٻئي حصا گڏي پڙهي سگهندا. ايٿن بـ، ضرور ٿيندو تـ جيڪي پڙهندڙ ٻيو پـاڳو پڙهندا، تن کي پهرئين پاڳي پڙهڻ جي ٻ شايد خواهش پيدا ٿئي.

هـن چاپي ۾ اڳين چاپن ۾ ٿيل غلطين کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿر. پر تڏهن ٻ جيڪڏهن ڪا پـل ڇـڪ رهجي وڃي ته هميشه جيان پڙهندڙ اميد ته معاف ڪندا.

سراج

ڪراچي
۳۱ مارچ ۱۹۸۸ع

پيش لفظ

"سڀنا پاڻھ مر سڀ، وياھ واسينگن جا،
جنھين جي جھڙپ، ھاڻي ھنڌائين نہ چڙي!"

سائيھ جي سڪ يا وطن سان پيار، ھڪ مثبت جذبو آھي. منجھس ڪابہ منفي ڳالھہ نہ آھي. نہ ڪنھن سان نفرت آھي، نہ ساڙ، نہ پڙ پائي، نہ ھاڪاڙائي. رڳو پيار ئي پيار. قرباني، اٽڪ محنت، پاڻ وساريڻ، سيکجھہ لٽائڻ، ڏيڻ ئي ڏيڻ، نچاور ڪرڻ، ڪجھہ نہ وٺڻ، منزل سان لڳاءُ ۽ انس، مٽيءَ سان لٽون لڳائي مٽي ٿيڻ، نھائي، نماڻائي، نوڙت ۽ نياز. انساني آپار جي چوٽ ئي پھچي بہ پاڻ کي ڪا وَٽ نہ سمجھي. اھي سڀ، سائيھ جي سڪ جي چشمي جون ڌارائون آھن، جي ٽڄ جھان، رت. رڳن ۽ تحليل ٿي انسان کي سھڻو، سلوڻو، سورھيہ ۽ سياڻھو بڻايو ڇڏين.

اڄ، جا ھيءَ ھاھوڙ مچي آھي. سا نسورو ڪوڙ، رڳو دولاب ۽ دوکو آھي. علائقہ- واريت کا بچڑي بلا کاڌي. علائقو نہ ڇا، ملڪ جي ڇڊي ڇپي سان، گھٽيءَ گھٽيءَ سان، ڳوٺ ڳوٺ سان پيار آھي، مڪس ناز آھي. گھر سان پيار نہ ڪيو نہ پاڙي کي ڪيئن پڇيو. پاڙو نہ سواريو نہ شھر ڪيئن سڌاريو. جنھن گھر وساريو، سو ڪھڙي سورھياڻي ڪندو. جنھن ميٽ وساريا سو ڪھڙو ھوڻو ھاريندو، ڪھڙا آڪ ڪارا ڪندو، ڪھڙي ڪيپ ڪٽيندو. مرڳو پاڻ وڃائيندو، ڪردار وڃائيندو، سورھياڻي ۽ سڄ وڃائيندو. جيڪي ان

مثبت جذبي کي لوڻين ٿا، سي قومي ڪردار کي توڙين ٿا، ملڪ جي جڙن کي کوڻين ٿا. دراصل هو پنهنجي اصليت وڃائي ويٺا آهن ، اونداهيءَ ۽ ٽاڪوڙا ٿا هڻن ، پنهنجون ٻاڙون پٽائي ويٺا آهن ، هاڻ نه ٻاڙ ٿي ڪٽين نه مٽي ٿي جاه ڏئين، نه ڪو ڪردار ٿو آيرين .

سنڌ جي گود ۽ نوان آيل سنڌي به ماءُ جي هنج جي آسپاس پيا وڻن . سنڌن نئين ٽيهي، حسب ۽ ملير جي مٽيءَ مان روحاني تسڪين پيئي وٺي. سنڌوءَ جي پاڻي ۽ ڪوهستان جي ڪڪريءَ سان لڳن ڪي آمائي پيئي؛ پنهنجو پڳهر ۽ پسينو ڏئي پيئي . سنڌن وڏڙا ڪجهه گاڻون ماڻون، گاڏڙ جذبن سان ، خاموش تماشائي ٿيو ڪجهه وٺين مان ويندو پيا محسوس ڪن. انهن به سائيهه ڪونه وساريو آهي. پنهنجي هوليءَ ۽ پنهنجي قوميت کي قائم رکڻ لاءِ هزار جتن ڪندا اچن. مٽن سلام هجي. هيڏين مشڪلاتن هوندي ، صرف هوليءَ جي سهاري مختلف قوميتن کي "مهاجر" لڙيءَ ۾ پوئي جيئڻ لاءِ وس ڪندا اچن. هوليءَ سان ۽ پنهنجي علائقي سان ، ايڏيون جيءَ - جڙيون اٽن جو اوير پنجاب جي اصلهه ماڻڪن کي، جي هم مذهب به آهن ته. هجرت جو شرف به حاصل اٽن، ان مخصوص مهاجر لڙيءَ کان باهر ٿي رکيو اچن. هوليءَ ۽ مهاجريت کي ڪوسو واءُ به لڳڻ نٿا ڏين. شال اهي ڪين نيبهه هجن . پلي هن مٽيءَ ۾ گل قولارجن ۽ هڪاءُ پيدا ڪن .

سن ۾ پيائي نه بهانا لک. گهه ڪيو ته وات ڪيئن ڏسي؟ اک هوڻي ته سوجهرو ڪٿان نظر ايندو؟ مذهب ته ڪوبا لاميو چڏي، پر جي هروپرو ڪوهو چاڙهيو، ته پيا پاسا ڪيئن ڏسبا. مذهب ۽ سائيهه جو ته ٽڪر ٿي ڪوٿهي. پاڻ وطن جو پيار نصف ايمان آهي. وطن جو

پيار ناهي تہ ايمان کان وانجهي. پوء "حب الوطن من الايمان" وارو
وطن جن وڻايو!" وطن سان پيار ڪندي بہ ماڻهو مسلمان
رهي سگهي ٿو. مسلمان رهندي بہ وطن سان پيار ڪري
سگهي ٿو. پنجابي پڪو مسلمان آهي ، ۽ خوبين جي
کاڻ آهي، ۽ مسلمان هوندي بہ پنجابي آهي. پاڪستاني
پڪو مسلمان آهي ۽ مسلمان هوندي بہ پاڪستاني.
دراصل وطن سان پيار هن جو امتياز آهي ؛ ان ۾ ايڏو
سرشار آهي جو افغاني مسلمان سان بہ ملڪ خاطر ٽڪر
کائيندي دير نہ ڪندو.

وطن جي حُب ايڏو اهم جذبو آهي جو ان کان
سواه ماڻهو اصليت وڃايو ويهي ، ڪوڪلو ٿيو پوي ؛
خود مطلب، ڪمڻو ۽ ابن الوقت ٿيو پوي. اسفل سافلين
جي مڪروه ۽ گندي گج ۾ گندهاڻو ٿيو پوي. انساني
عظمت جي چوٽ تي پهچڻ لاء، حب الوطنيء جي ڏاڪڻ
جو ڏاڪو سنڌس ڪردار کي اجاريندو ۽ سنڌس اخلاق
کي جرڪائيندو وڃي. ان جذبي کي قائم ۽ دائم رکڻ
لاء وڏيء جاکوڑ ۽ جتن جي ضرورت آهي. پنهنجي
عظمت جي نشانن کي ڪولي هٿ ڪرڻو آهي. تاريخ
جي ورقن تان ڏس لاهي، پنهنجي ڪشمڪش جي ڪارنامن
کي چمڪائڻو ۽ وڏي، واکي ڳائڻو آهي. اسان جي هن
سرزمين جي وک وک تي تاريخ وکري پيئي آهي.
سنڌس مٽيء جي ذري ذري تي اسان جي وڏڙن جون
رت- ڦونگارون، موتيء - دائن جيان چمڪارهل آهن. ڪوٽ
ڪوٽ، ديهه ديهه، ٽپي ٽپي ۾ تاريخ پنهان آهي. گهر
گهر، بستيء بستيء پنهنجا ڪونڊر ڪُهايا آهن. هزارن
سال ان کان هن عظيم قوم پنهنجي عظمت ۽ آزاديء خاطر
منظم جدوجهد ڪئي آهي. سوين سوڌا ، لکين دودا ،
ڪنڀين ماڙون، ڪنڀين پيرون بازارن ۾ لهلام ٿي، ڪسجي

امر ٿي ويا. اڇو ته انهن دودن جي نشاندهي ڪريون ۽ انهن زمين جي ٽڪرن جي "مٽي مائي لايون،" جت سندن خون جذب ٿي ويو. اُن مٽيءَ جو مان آهي. اها تاريخ، اهو فخر، اهو ناز اسان کي دکڻ لائيندو، حب الوطنيءَ کي جرڪائيندو، ڪردار کي آپارينڊو، مردار ٿيڻ کان بچائيندو: تاريخ وٺي نه جذبو وبو، ڪردار وبو، موت آهو.

حب الوطنيءَ جو ۽ تاريخ جو مذهب سان کو ٽڪر نه آهي. عرب، اسلام کان اڳ واري دور جي شاعرن ۽ سورهين ني اڄ به فخر ڪن ٿا. اسين ته حاتم طائيءَ ۽ نوشيروان جا گيت گائيندا اچون، جيتوڻيڪ هو مسلمان نه هئا. رستم، سهراب ۽ سڪندر جا نالا پاڻ ني رکندا اچون جيتوڻيڪ هو غير مسلم هئا. چا ٿي پيو جي پنهنجي سنڌ ديس جي سورهين جا اسين گيت گايون: انهن سورهين جا جن موهن جي ڏڙي جي تهذيب جو پايو وڌو، جن ٽڪيلا ۽ گندارا جي آبياري ڪئي، جن رني ڪوٽ جو قلعو اڏيو ۽ ديبل، اروڙ ۽ برهمڻ آباد جو بنياد رکيو. جن جي تهذيب ۽ تعمير تي سارو پاڪستان ته چا، سڄي دنيا فخر پيئي ڪري. جنهن لاءِ شاهه ايران جي درباري شاعر چيو ته "ساڳي مون کي شراب، موهن جي ڏڙي جي مٽيءَ مان ٺهل پيالي ۾ ڏي، ڪاش اها مٽي منهنجن وڏڙن جي هجي!" ٽوينبي، موجوده دنيا جي عظيم تاريخ نويس چيو "مان دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ تهذيب جي تلاش ۾ ويس. موهن جو ڏڙو، منهنجي حقير تلاش جي بلندترين چوٽي آهي!" ان چوٽيءَ تي پهچندڙ نه هندو هئا نه مسلم، سنڌي هئا، محض سنڌي!

"چچنامي" جي مترجم، علي ڪوفي، ڪنهن گالهيون

ڪوڙيون ۽ لغو ٿاهي، تاريخ کي مسخ ڪري ڇڏيو. سڀ ڇاڻو اهاڳالهه ڇاڻن ٿا تہ هو ڪم - علم ۽ ڪم - ظرف هو، جنهن عشق جي چاشني ملائڻ خاطر تاريخ لکڻ جي مقدس امانت ۽ خيانت ڪئي. ڏاهر جي ڏيئرن کي بدنام ڪرڻ خاطر ۽ سندن لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ لاءِ محمد بن قاسم جي موت جهڙي اهم واقعي کي ڪوڙو ۽ افسانوي رنگ ڏنو. اهو تاريخدانن جو ڪم آهي تہ حقيقت کي پرکين تہ ڪهڙيون گالهيون مَن گهڙت ۽ محض الزام آهن- مثلاً ڇچ ۽ ڏاهر جون شاديون. پر سندن عظيم سلطنتون، سندن نظام حڪومت، سندن دور جي خوشحالي، سون ۽ چانديءَ جا ذخيرا، علم ۽ ادب جا اِدارا، فن جو فروغ، وڻج واپار، فوج جو نظام، بهادري ۽ دليري، سندن فتوحات ۽ هار جا اسباب، سڀ ٺوس تاريخي حقيقتون آهن. جوڪڏهن اهي فخر جي درجي تائين اعليٰ هيون تہ ڪو اهم نہ آهي جي انهن تي فخر ڪيو وڃي، جيئن سوهن جي ڏڙي واريءَ تهذيب تي هر پاڪستانيءَ کي فخر آهي ۽ ڪروڙين روپيا خرچ ڪري به انهن عظمت جي نشانن کي محفوظ رکڻ لاءِ جتن ڪيا پيا وڃن. تاريخ قومي امانت آهي. ڪفر ۽ اسلام جو معرڪو نہ آهي جو ڪفر جون فتوائون ڪڍي لعنت ۽ ملامت سان قومي جذبي جي تذليل ڪئي وڃي ۽ نوجوان نسل جا هنهانءَ کاڏا وڃن. عجب آهي فردوسيءَ دهل جي ڏونڪي ڏي دل آزرده ٿي عرب فاتحن کي گهوهون ڪائيندڙ چيو، ۽ آسمان کي نهايت سخت لفظن ۾ مهار ڏيئي "تفو برتو" چيائين تہ ڪنهن پاڪستاني مسلمان کي غيرت نہ آئي، نہ ڪنهن ڪيس ڪافر چيو، نہ ڪنهن شاهنامو ساڙيو. هي ترخاني انصاف جو طريقو اسان جي قومي ڪردار کي نهوڙي ايندو. ضروري آهي

جنهن مهلک مرض جو خطرو آهي تنهن جي نشاندهي ڪجي. ذهني بد ديانتي ۽ ضمير کي دٻائڻ جا جراثيم انسان جي قومي ڪردار کي ڪوڙهيو ۽ مفلوج ڪري رهيا آهن. ڪوهڪ به اهڙو عالم نه آهي جو سچ چوڻ جي همت ساري سگهي. اردوء جو ڪوهڪ- آڏ شاعر به مام ۽ ڪالهائڻ لاءِ مجبور آهي. هيو نه ڏيو، رڳو مرحوم لياقت علي خان جي ملڪي فيتيء متعلق هڪ ٻاهر ڪيڏ به ڪفر جي مترادف سمجهيو پيو وڃي؛ حالانڪ محترمه فاطمه جناح کي لياقت علي خان جي پالیسين سان شديد اختلاف هو. مرحومه ته پنهنجي پاڻ متعلق به چوندي هئي ته ڪانئس ڪي غلطيون سر زد ٿيون آهن. ڪيڏي عظيم، باضمير ۽ ديانتدار رهنما هئي. عزت ۽ احترام پنهنجيءَ جاءِ تي آهن ۽ تاريخي حقيقتون پنهنجي جاءِ تي. جنهن قوم تاريخي حقائق کي اوندهه ۾ رکيو، غلطين جو ڏيڪ ڪيو ۽ اکيون ٻوٽي ڏهرايو، ان جو الله واهي؛ جنهن سبق نه سکيو، تنهن پنهنجي پير تي ڪهاڙو وهايو.

تاريخ ۽ ادب کي مذهبي طوطو بڻائي، پڇري ۽ ٻوڙيو ڪري رکي نٿو سگهجي. تاريخ ۽ ادب جي وسعت لامحدود آهي. تاريخ هندو، مسلم، ڪرستان يا پارسي ٿي سگهي، نه ادب. شيڪسپيئر عظيم آهي، پلي هو ڪرستان هجي. گورڪي عظيم آهي، پلي هو ڪيمونسٽ هجي. غالب ۽ شاهه عظيم آهن، پلي هو مسلمان هجن. ڪالیداس ۽ ٽئگور عظيم آهن، پلي هو هندو هجن. تيمور ۽ نادر سفاڪ هٽا، ظالم هٽا، پلي هو مسلمان ڇوائجن. حجاج بن يوسف، ظالم ۽ ڪفر جي جيئري تصوير هو، جنهن هڪ ڌٽ ۽ نرار ۽ ٻڌي ۽ قرآن حڪيم جو نسخو ڪٽي مسلمانن کي مخاطب ٿي ڇيو

هو تہ: "جو مون کي هن ڪتاب جي ۽ رسول جي ياد ڏياريندو، تنهن جو سر هن ترار سان وڍيندس!" پئي هنڌ چيائين تہ "مسلمانو، توهان جا مٿا مون کي ائين ٿا لڳن جڻ سنگ هجن، پائيان تہ هن ترار سان ٽُڪي چڏيان!" پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن تہ حجاج کي مسلمانن ۽ اسلام لاءِ ڪهڙي ۽ ڪهڙي عزت ۽ احترام هو. هي اهو شخص هو جنهن سنڌ تي ڪاهہ جو حڪم ڏنو. ڇا سندس بلغار مسلمانن ۽ اسلام جي عظمت خاطر هوندي؟

سنڌ جي تاريخ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جو دؤر، اونداهو ۽ بربريت جو دؤر هو، حالانڪ هو مسلمان هٿا. هنن به اسلام جو حربو استعمال ڪيو هو. جڏهن سنڌ تي سنڌ جي ماڻهن جي حڪومت هئي تڏهن ارغونن طرفان پهريائين مذهبي عالم تبليغ خاطر روانا ڪيا ويا، جن اهو نعرو ڏنو تہ مسلمان سڀ پاڻ آهن؛ ڪوبہ قنڌاري ۽ سنڌي نہ آهي؛ جغرافيائي حدود، ملت اسلاميہ لاءِ هاڃيڪار آهن. ائين ۾ تبليغ ڪري، ڏڪيڙ وجهي، پيڙا پرائي، آخر طرف ساڻئي مقصد لاءِ روانا ٿيا. تنهن وقت به ڪلهڙا جا ڪاپڙي پيا هٿا. خدا پاڻ ڪري سڻن جي محترم جي. ايم. سيد (جنهن کي جابلو ماڻهو 'جهٽيمر' سائين ڪري چون ٿا) جي جدِ امجد، سائين حيدر شاهہ جو، جنهن ارغون عالمن جا پيڙا ساڙائي، فتني کي ٻنجو ڏنو. بهرحال نفاق جو ٻج ڇڻجي چڪو هو. سمن شڪست کائي، ۽ ارغون ڪڙکي پيا. دولهہ دريا خان (جنهن هڪ پيرو اڳ کين اهڙي شڪست ڏني هئي، جو تاريخ ۾ اڃا ٻئي ڳائجي) سنڌين کي منظم ڪندي، وڙهندي ماريندي شهيد ٿي ويو. سندس پٽن تحريڪ کڻي وڌائي، ۽ سر ڏيئي سرها ٿيا. سنڌ جو ڇپو ڇپو

انی کڑو ٹیو. هن کشمکش جي دؤر سنڌ جو هڪ عظيم ۽ لاثاني سورهيه سپوت پيدا ڪيو، جوگهاڻي ۾ پيڙجي بسجي ڦيو ٿي ويو پر حب‌الوطنيءَ جو جهنڊو پوين پساهن تائين بلند رکندو آيو. اڄ به سندس مزار ٿي هر جمعي تي هزارين سنڌي حاضري پرين ٿا. هي سچو سورهيه، مخدوم بلاول جي نالي سان، قلعيءَ اسٽيشن جي ويجهو (ضلعي دادوءَ ۾) مدفون آهي. ڪيس سنڌ سان محبت جي پاداش ۾، گهاڻي ۾ پيڙائي شهيد ڪيو ويو. هو مذهبي رهنما هو، ۽ سنڌ جي نالي ۾ بغاوت جو علم بلند ڪيائين. پڪو مسلمان هوندي، نوابشاهه جي هندن کي خط لکي مدد گهرپائين ته "هي سنڌ جو سوال آهي، جنهن سان مذهب جو واسطو نه آهي." ارغونن سان ٽڪر کاڌائين، ۽ گرفتار ٿيو. ڪيس مارڻ، ارغونن لاءِ اهڙو ئي مسئلو هو، جهڙو سندس جيئڻ. ڪيس معافي گهرڻ جي آڇ ڪئي وئي، جا هن مڙد مجاهد ريٽي، موت کي جيئڻ تي ترجيح ڏني، جيئڻ، آگ دکندي ڏکندي رهي. ارغونن لاءِ هي وڏو مسئلو هو، جو وري به مذهب جي آڙ ۾ حل ٿي ويو. قرآن شريف جا ورق جٽيءَ جي تري ۾ سيبرائي، جٽي ڪيس سوکڙيءَ طور ڏني ويئي. بعد ۾ ڪيس گرفتار ڪرائي، جتي ڪولارائي، فتويٰ ورتي ويئي. قرآن جي بيحرمتيءَ جي جرم ۾ ڪهس جيرو پيڙايو ويو! عبرت جو مقام آهي. بيحرمتي ڪنهن ڪئي، ۽ پيڙايو ڪنهن کي ويو؟ مذهب ڪنهن جي ڍال بنيو؟ هيڏا هاڃا ٿين، پهنر هن ڌنيور ۾!

طاغوتي طاقت جي نشي ۾، تاريخ جي هر دور ۾، ڪئين مچ مچي، مواڙ ٿي، ٽونا هٿندا آيا آهن. ڌنڌجي چوڌاري مذهب ۽ ڪوڙي تقدس جو ڊونگ رچائي، ڪارا قانون جوڙي، زبانون ويڙائي، ذهني گهٽ پيدا

ڪري ، پائيندا آهن نہ سندن جوڙيل آڇ سدائين قائم رهندي، جنهن ۽ تڙڪندا رهندا ۽ جاوا ڪندا. بوءِ پيا دون هٽندا، ڏهون هٽندا، ۽ ٽلها ٽي ٽونا هٽندا. نڪا چائن نہ آن پائي ۽ جا ڏينهن ٽي اچي ٻنا آهن . اهڙو ڪو ڦرڪو ڦرندو، جو اِها آڇ ٽي ڪاز هوندي. اِهو ٽڪسات ٽي ڪونہ هوندو . ڏنڊيل ، ڏکيا ڏهيرا ، سنها، سڪڙا سپ، ائين آڏامندا، جو هڪ ٽي جهڙپ سان، هائي ۽ مڇ، هنڌان ٽي نہ چرندا . البت ، ريڇ رڳا هوندا . مڇ ائين نہ مرندا جيئن جهينگا جهلجن جهول ۽ . چاڙهو ۽ ڇڇ ڇڏا هوندا. وک وڌائي پوندي. اوڙاهه، اچان اڳيرو ، اچان اڳيرو . ڪَنَ ، ڪڙڪاٽ ، چوليون، چوها .... ٽهڙي، ٽندي، ٽياري، تنظيم، جهڙپ .

سراج انهن سڀني مسئلن کي ، نئين ناول دوران ، سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس سمجهو ۽ دور رس نگاهه، ماضي، حال ۽ مستقبل کي يڪجاهه ڪري، تاريخي پس منظر ۽، حقائق کي بينقاب ڪيو آهي. سندس تڙپندڙ دل، ماضيءَ جون رتـ اڏيون ، حال جون ڪاوشون، ۽ مستقبل جون اميدون ۽ خدشا ڪيو ، ڏاڍي نهنائيءَ ۽ نماڻائيءَ سان، دوائون ۽ دعائون جهليو بيٺي آهي. سندس قلم ۽ قرب آهي ، مشورو آهي ۽ انتباهه. سندس اڻاهه قرب آڏل ڪائي، مصلحتن جا ٻنا اورانگهي، لوڪ لڄا لاهي، ٻاڻ ٻوهي ۽ ڏيئي، سچ- ڪَٽا پلٽ پائي، سڻن ٻيو ڏئي . آها سڻن، جا تاريخ جي هر دؤر ۽، هر سورهيه ورَ ورَ ڪري ورجائي آهي ؛ تنظيم ، تربيت، مسلسل جدوجهد، سچائي ۽ اخلاص سان گڏوگڏ، مرڪزيت، صحيح فيصلا، حڪم جي پابندي ۽ پاڻ ٽي ضابطو ور نہ، سنگهار جي انفراديت ، جذباتيت ۽ هوڙهيائي ، باوجود دلميءَ ۽ سچائيءَ جي، نور وڇائيندي؛ ۽ دادن جي سياست زنجيرن

۽ جڪڙائيندي. هت، صرف سوداڪپن، جي پاڻ وڃائي، راڄن جا وڃا ميساري، غريبن ۽ مسڪينن کي هڪ لڙيءَ ۾ پوئي، شيهي جي ديوار بنائي ڇڏين. مسلمان، هندو، پارسي، عيسائي، هڪ لڙيءَ ۾ پوئجي، هو سيڪڇ. پلائي، هڪ قوم ٿي وهن. قائد اعظم جي لفظن ۾، "جت هندو هندو نه رهندا، ۽ مسلمان مسلمان نه رهندا...." بس هڪ قوم رهندي، جنهن جو هر فرد 'سوديو' هوندو. پل ۾ هڪ سوديو سوريءَ چڙهي وڃي، سوين ۽ لکين سوديا سندس جاءِ پرينداً.

سراج سان منهنجي پهرين ملاقات، سن ١٩٥٦ع ۾ ٿي، جڏهن هو سنڌي ادبي بورڊ ۾ هو. گهرو جوان، ڪلهل پيشاني، گهربون گنهيرتا پريل اکيون، چمڪندڙ چهرو، سادگيءَ واري مرڪ، نندڙو ڏيهوٽا ٿي لڳو. منجهانس جاڻ ۽ سمجهه جون جهلڪيون ٿي آيون، جي پيار، مقصد سان لڳاءَ ۽ مسلسل محنت سان، ڪرڻا ۽ شعاع ٻڌجي ويون. شال سندس زور، قلم وڌندو رهي. شال سنگهار ۽ دادن جا جذبا آسرندا رهن. شال سوديا، ڪميٽن ٿي چڙهي، جهر جهنگ چاڻنبا وڃن. شال سندن رت-ڦونگارون، هن پاڪ سر زمين ٿي ٻئي، لعل ۽ ياقوت آڳائين، ڪاڙها گهوٽ آپائين. نندوڏائيءَ کي مليا ميٽ ڪري، قوت عوام جو نظام قائم ڪن. هن ملڪ جو جهنڊو اوچو رکن، ملڪان ملڪ سندس ڏونڪو وڃائن ۽ ڪيس ترقيءَ ۽ ڪمال جي بلند ترين چوٽين تائين پهچائين!

ڪراچي
١٠- اپرين ١٩٧٠ع

جمال ابڙو

۱

سوديل ڏنوڻ مان هٽ ڪيو، پنهنجي نرڙ نان پگهر آڳهي، چوني باهر مان ڪيي سنداڻ ٽي رکندي، جيوڻ ڏانهن ڏسو چونيءَ جي ڳاڙهي ڳاڙهي آڳ مان سنهيون سنهيون چٽگون آڏامي، گهڙيءَ لاءِ چمڪي وري وسامڻ ٽي لڳيون. جيوڻ، سوديل جي اکين ڏانهن ڏسي، ائين پائيو جڻ هن جي اکين ۾ انهن چٽگن کان به ڪو وڏو مڇ مچي رهيو هو. هو انهيءَ مڇ کان ڊڄي ويو، ۽ هن ٽکڙو ٽکڙو، هٿن جي ڪنبَ ۾ ڏڪَ ڇنڊيندي، مترکي ۾ هٽ وڌو. مترکو مٽي ڪٽي، هونگار ڪري، چونيءَ ٽي ڏڪ هنيائين، ڏڍهن هن کي پڪ ٽي ته لوهه اڇا پورو نرم نه ٿيو هو، يا هن جي پنهنجي ڏهر جي ڪري هڪدم ڦرندو ٽي ويو. مترکي جي ڏڪ سان چونيءَ جي ڌار وڏيڪ ڦهلجي ويئي، پر سندس چهنب ڪجهه آڏي ٽي ويئي. هن مترکي جا ٻيڙي ڏڪ هنيا ته سوديل بس ڪرڻ جو اشارو ڪيس. هن مترکو ڪٽي پاسي ٽي رکيو، ۽ ساهي ڪٽڻ لاءِ ڪاٺ جي صندليءَ ٽي ويهي رهيو. سوديل چوني ڪٽي پاڻيءَ جي ٻاٽ ۾ وڏي: شوشڙات ڪري لوهه جي دل ڏڏي ٽي ويئي. پر جيوڻ کي پڪ هئي ته سوديل جي دل ٽي اڇا چنڊو نه ٻيو هو. هن جي گول گول نيرين پورين اکين ۾ اهوئي مڇ ٻرندو رهيو. جڏهن سوديل ڪاوڙيل هوندو هو، تڏهن ڳالهائيندو بنهه ڪونه هو: فقط ڏند ڪرٽيندو رهندو هو جڻ ڪنهن کي ڪچو ڪاڻ ٽي گهريائين. سوديل هونئن ٽي گهٽ ڳالهائيندو هو، جيوڻ کي ساڻس ڳالهائڻ لاءِ وجهه گولڙ پوندو هو ته جيئن اجايو ڳالهائڻ ٽي چڙب نه ڏئي ڪيي. انهن

اڄ هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته اڄ هن کي ڪهڙي ڪاوڙ هئي. هو آڇا انهيءَ سوچ ۾ هو ته پريان هن حاجي بابا کي ايندو ڏٺو. حاجي بابا هڪ ٽلهي تسبيح جا داڻا سوريندو، هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو، پانڊي اندر گهڙي آيو. سوڊل جي اکين جو ميچ وڌيڪ جرڪڻ لڳو، ۽ هن حاجي بابا جي سلام جي جواب ڏيڻ بنان چيو: "ڪيئن اڇا ٿيو آهي؟"

ٻيڙو حاجي بابا، سوال جي جواب ڏيڻ بدران، تسبيح وڌيڪ تڪڙي تڪڙي سورڻ لڳو. جيوڻ کي وري پؤ ٿيڻ لڳو ته سوڊو ڪاوڙ مان ڪجهه ڪري نه ويهي. چا ٻه هو، حاجي بابا ترخاڻن جو ماڻهو هو، ۽ سوڊي جي نظر ڪنهن ترخان تي پيئي، جڏ رت تي نظر پيس.

حاجي بابا آرام سان صندليءَ تي ويهندي آهستي چيو: "امير خان سڏايو اٿئي؟"

"ڇو؟"

"بابا، مون کي ڪهڙي خبر؟ هوندس کو ڪم ڪار...."

"آڻ واندو ڪونہ آهيان ....."

"سوڊل ڏاهو ٿي. امير خان سان هوڏ چڱي نہ آهي،" حاجي بابا تقريباً اکيون پورينديون چيو. تسبيح جا داڻا تڪڙا تڪڙا اڳتي سرندا ٿي ويا.

سوڊل کو جواب نہ ڏنو، ۽ هٿ وڌائي وري ڏنوڻ هلائڻ ۾ مصروف ٿيڻ لڳو. حاجي بابا کاگهڙي، هن کي گهورينديو رهيو، ۽ پوءِ وري اکيون بند ڪندي چيائين: "توسان کي خاص گالهيون ڪرڻيون آهن، ۽ چيو اٿس ته پراڻي ياريءَ جو ننگ وجهجانس!"

"منهنجي ڪنهن سان ياري ڪانهي ...." سوڊل ڏنوڻ زور زور سان ڏيئندي جواب ڏنو. "ڏس، اکين جو ميچ، گهڙيءَ لاءِ جهڪو ٿي ويو هو، سو چئ وري ڏنوڻ جي زور ٿي ڏهن سر ڏيڻ لڳو هو.

"مون کي چوڻ ته نه گهرجي ۽ پاڻهان ٿوڪڻ پڻهن بابت

توسان گالهائڻو اٿس،" حاجي بابا اهڙيءَ طرح چيو، جڏهو کو راز ظاهر ڪري ويٺو هو.

سوچڻ لڳو ۽ پڇڻ ويٺو: 'هن کٽي جو مون ۾ کهڙو ڪم ٿو ٿي سگهي؟ ۽ پاڻهه بابت ڇا گالهائڻو هوندس؟ وري پراڻيون دشمنيون جاڳائيون اٿس ڇا؟ يا وري ڪا نئين باهه دکائڻي آهي؟' هو ڪجه وقت سوچيندو رهيو، ۽ پوءِ هري هري چيائين: "ڇڏو، تون هل. آءٌ سانجهيءَ ڏاري ايندس!"

حاجي بابا تسليم سوريندو اٿيو، ۽ هڪ نظر ڏنوڻ ٿي، ۽ پي نظر سوچڻ ٿي وڃندي، باهر هليو ويو. جيوڻ ڪي هميشه هن ترخان حاجيءَ ٿي چڙ ايندي هئي. هو جڏهن به ايندو هو، سوچڻ کي ڪاوڙائي ويندو هو. گالهائيندو اٿين هو جڏ ڪنهن دنيا جهان جي ڪا خبر ڪانه هئي. پر اها به دنيا جهان کي خبر هئي ته ترخان امير جي جاسوسن ۽ خابرن مان، حاجي بابا جي پڇڙ خود مرزا باقي تائين هئي. هن اڄا حاجي بابا بابت ٿي پئي سوچيو ته سوچڻ جو آواز ٻڌائين: "جيوڻ، گهوڙي سنبراءِ....!"

جيوڻ گهوڙي سنبرائڻ لاءِ نڪتو ته سوچڻ به ڪَرَ موڙي اٿي ويٺو. قداور مڙس، ذري گهٽ مٿو چٽ سان ٿي لڳس. موڪرو موڪرو منهن، جنهن جي نرڙ جي گهنجن ۾ اهڙي قسم جي ڏيا هئي، جڏ دائمي طرح ڪنهن ٿي ناراض هو. گهاڻا گهرا ڪارا پرون، پورهون نيريون اکيون، چپڙ ڪارا شهپر، ڪاڏي ٿوري اڳتي نڪتل، گٽيل ڪسرتي بدن، چيتي جهڙي سنهي چيلهه- هن کي ڏسڻ سان ٿي هيبت وٺو ٿي ويئي. امير خان بابت سوچيندي، هن جي نرڙ جا گهنج وڌيڪ گهاڻا ٿي ويا. هن کي اهي ڏينهن ياد آيا جڏهن جهرڪن جي مَٽَ اڳهان پهريون پهرو امير خان سان ملهو هو. مرزا عيسيٰ خان ترخان جو زمانو هو. فرنگين ٿي کي لٽي، تهس نهس ڪري ڇڏيو هو، ۽ هلندي مهل شهر جي چٽي طرفن کان باهيون ڏيڻ لڳا هئا. موقعي جو فائدو وٺي ڪيترا ترخان ۽ ارغون سردار به قرابت ۾ لڳي ويا هئا. سوچڻ

پنهنجن سائين سان مينهن- واءَ ڪريو ٿي ڏانهن ڦٽي آهو ته رستي تي امير خان ترخانن جي هڪ دستي سان، جهڪن کان ايندو نظر آين. سوڀل هڪ ٽڪريءَ جي اوٽ وٽي بيهي رهيو. پنهنجن هٿراهن کي، ٻوڙن ۾ لڪي بيهڻ جو اشارو ڪري، پاڻ دڳ جهلي بيهي رهيو. ترخان سڄي وات ڏ اڏائيندا ويڄها پوندا ٿي ويا. جڏهن ترخانن جو سونهون سوڀل اڳيان ٿي لنگهيو ته سوڀل جهٽ ڏيئي، گهوڙي جي لغام کي اهڙي ست ڏني، جو گهوڙي جا اڳيان پير چڙ مڙين کان نڪري ويا، ۽ گهوڙو اڳتي جهڪي، بازولي پائي، ابتو ٿي ڏڪ کان هٽڪارڻ لڳو. سوار گهوڙي تان اونڌي-منهن اڇي سوڀل جي پيرن ۾ پيو. سوڀي هڪل ڪيس:

"ڪير مڙس آهين؟"

سونهون پاڻ سنڀالي اٿي بيٺو ۽ پنهنجي اڳيان پربت جهڙو مڙس ڏسي هيانءَ ٿي ڪاچي ويس.

"ترخان آهيان: امير خان جو سونهون!"

"ڪٿان پيا اچو؟"

پريان گهوڙن جي سنين جو ٽاکوڙو، مٿي ۽ ڏز کي چيريندو ويڄهو پوندو ويو. سونهين جي همت به موٽي آئي، ۽ ڏڪي مان چيائين: "تون ڪير آهين، اٿين رستي روڪ ڪرڻ وارو؟"

"مون توکان پڇيو ته ڪٿان پيا اچو؟" سوڀل جي آواز ۾ رڪ جهڙي سختي اچي ويئي. سونهون وري هيسجي ويو.

"فرنگي ٿي ۽ گهڙي پيا آهن- اوڏانهين ٽا وڃون."

"ڪهڙا مڙس آهيو؟"

"سوڪس ٿمندا...."

سونهين جي جواب ڏيڻ وقت امير خان به پنهنجي جٿي سان اچي پهتو. سونهين جي گهوڙيءَ کي پٺ ٿي ڪريل، خود سونهين کي ڏڙڪ ۽ اهڙ ۽ هيسيل ڏسي، امير خان ترار ڪڍي، اڳتي وڌي آيو.

"ڪير آهين تون؟"

سوڊي کي جواب نہ ڏنو. هن ڪيرو جوان کي گهوري ڏسندو رهيو. هو پهريءَ نظر ۾ سمجهي ويو ته هي ترخان ٻين ارغونن ۽ ترخانن کان جدا طبيعت جو ٿو ڏسجي. الائي ڇو هن کي هڪدم ڪائنس نفرت ڇو نہ ٿي. سندس اناولو جوش ڏسي، هن کي ميان لڳڻ بدران جئن اطمينان ٿيڻ لڳو ته ترخانن ۾ به ته ڪو ماڻهو آهي جنهن ۾ دغا دولاب بدران ڪجهه سڌي سنئين همت جو جزو آهي.

"سوڊيو منهنجو نالو آهي.... لهرڪو ڪم ڪندو آهيان."

"تو اسان جي سونهين کي ڇو ڇهليو آهن؟ ۽ هن جي گهوڙي کي ڇو ڏڪيو اٿئي؟... تيمور خان، گرفتار ڪر هن کي... !"

ان نئين جواني جي جوش ۾ سوڊيل کي ڪيل اچڻ لڳي پر ڪيل هن جي مذهب ۾ ٿي نہ هئي. هو هن اناولي قندارءَ کي عجيب دلچسپيءَ سان ڏسندو رهيو. ترخانن مان هڪڙو سوار گهوڙي کي اڙي هٽي، وچينءَ صف مان نڪري، سوڊيل ڏانهن وڌي آيو: سندس هڪ هٿ ۾ اگهاڙي تلوار هئي، ۽ ٻئي هٿ سان هني مان رسو کولڻ لڳو. هن جو ڌيان رسي کولڻ ۾ ٿي هو ته هڪ تير سوسات ڪندو، سندس رسي واري ٻانهن ۾ ڪٽجي ويو. هن کان رڙ نڪري ويئي، تلوار هيٺ اڇلائي هن اهو هٿ ڪٽي پنهنجي ٻانهن ۾ وڌو. امير خان جون وايون ولڙيون ٿي وهون. خود سوڊيل کي پنهنجن همراهن ۾ ڪاوڙ اچڻ لڳي: هن جي اشاري کان سواءِ هنن وار ڇو ڪيو. هن ٻاڻ اڇتي وڌي، ڇڪ ڏيئي تير تيمور خان جي ٻانهن مان ڪڍي ورتو، ۽ هني ۾ پيل ڪيس مان هڪ ڊگهي لينگهه ڪاڙي، مضبوطيءَ سان سندس ٻانهن ۾ ڇڏي ته جيئن رت بند ٿي وڃي.

"تڪڙ ڪم شيطان جو آهي، امير خان!" اٿين چئي، هن امير خان ۾ هڪ نظر وجهندي، پنهنجي گهوڙي ڏانهن وڪ ڪئي.

امير خان جي اکين مان جنسي باهه نڪرڻ لڳي. سوڊيل جي بت بدن کي ڏسي، هُن دل ۾ همیشه لاءِ هن کي

پنهنجو دشمن ٺهرائي ورتو. هن جا ۽ ماڻهو سندس اکين ڳيان پاڻ ڏکاءو ويٺا هئا. ان بي عزتي کان هن جو رت ٺهڪ لڳو هو؛ ۽ اوچتو ئي مست آٽ وانگر گوڙ ڪندي چيو: "خبردار، پاڻ ڄاڻ!" اڻسڻ چوندي هن ترار جو وار سڌو سوڊل جي مٿي تي واريو. سوڊل ٻيهر هو. ۽ هن جي آواز ني ڦڙڦيءَ سان ۽ قدم پاسي تي هٿي ويو. جيڪڏهن هٿ ۽ هو پل به دير ڪري ها، ته ترار سندس جسم کي ٻن اڌن ۽ ورهائي ڇڏي ها. امير خان گهوڙي کي ورائي، وري ٻيو وار ڪيو. سندس سائين جا هٿ به ترارن جي مٿين ۽ ڦهندا وٺا. هن کي امير خان جي سورهيائي ۽ يقين هو ته هن جي ترار جو وار ڪوبه بچائي نه سگهندو. ۽ سوڊل اهو وار به بچائي ويو؛ ۽ جيئن ئي امير خان وري گهوڙي کي وراڻو، تهڙن سوڊل ٽپ ڏيئي ڪٿي امير خان جي ڪمربند ۽ هٿ وڌو، ۽ ڪيس هڪ ٻالڪ جيان گهوڙي تان مٿي ڪڍي، وٺي آڇل ڏنائين. اڳيان بيٺل سوارن مان هڪڙي جي متان امير خان ائين ڪريو جيئن حمال ڪوٽيون ستيندا آهن. ان سوار جي گهوڙي ان اوچتي آفت کي ٻاڻ ڏانهن ايندو ڏسي، ٿهي ٻئي پير اڳيان ڪڍي ذريءَ گهٽ سوار جو ڪنڌ ٻگو هو. امير خان جو نڙو ڪٽي، ڪٽي سوڏو اڇي گهوڙي جي ٻوين سنهن ۽ ٻيو. هو پنهنجي زندگيءَ ۽ ايترو بي عزت نه ٿيو هو. سوڊل لاه دشمني هن جي دل ۽ وڻ وانگر ٻاڙون هٽي ويئي، ان کي ڪرندو ڏسي هڪ ئي وقت سؤ تراريون مٿين مان نڪري جهاڪا ڏيڻ لڳون. امير خان پنهنجي ٻڙا کي پنهنجن همراهن کان ڪائيندي، بنان ڪنجهڻ ڪرڪ جي ائي، پنهنجو ڪمربند سڌو ڪري ٻڌڻ لڳو، ۽ سوڊل کي پنهنجي گهوڙي ڏانهن ويندو ڏسي، هن پنهنجن همراهن کي هلڪو اشارو ڏنو. سوڊل جي ڪميت گهوڙي پنهنجي مالڪ لاه خطرو محسوس ڪري، ۽ قدم اڳيان وڌي آئي. سوڊل گهوڙيءَ جي اکين مان خطرو محسوس ڪري، سندس بشڪن تي هٿ گهمائيندي پويان نهاريو. سؤ تلوارون

هن جي سير لاءِ آڻيون هيون، ۽ گول دائري ۾ هن ڏانهن وڌي رهيون هيون.

سويل ڏاڍيان چيو: "امير خان، هروپرو موت کي ڇو ٿا سڏ ڪريو.... منهنجي هٿ جي اشاري تي، منهنجا همراه بگهڙن وانگر اوهان تي واهوڙ ڪري وري ويندا، ۽ اوهان مان ڪنهن جو سڏڻ سان ڪونه ملندو."

امير خان ۽ سندس همراه اتي ئي جمي ويا. امير خان جڏهن پنهنجي قرار ميان ۾ وڌي، تڏهن سؤ قرارون هڪ ئي ڇڪي سان ميڙين ۾ هليون ويون. ترخانن کي سويل جا ساٿي اوچتو ياد اچي ويا، جڏ کين پنهنجو موت ياد اچي ويو هو: ڪن کي ته ان وسوسي ئي ڏکٽي وڌهي ڇڏي ته جيڪڏهن سويل تي حملو ٿئي ها ته سندن ڪهڙو حشر ٿئي ها. امير خان ڪلو ٻڌي، متي تي رکندي سويل ڏانهن وڌيو. هن جي اکين ۾ نفرت مائي ئي ويئي هئي، ۽ سياست ان جي جاه والارڻ لڳي. سويل جي ويجهو پهچي، هٿ وڌائيندي هن چيو: "سويل خان، مون کي بهادرن سان ياري رکڻ جو مرض آهي. اڄ ته سندي دستور موجب پگ مٽائي ياري رکون!"

سويل کو جواب نه ڏنو. ڪنهن سندي جي ترخان سان پگ مٽ ياري ممڪن ئي نه آهي: ۽ قرارون هڪ ئي ميان ۾ ڪيئن ايندیون؟ هن نرڙ گهنجائيندي امير خان ڏانهن ڏٺو، هن جي اکٽي وڏيل هٿ ڏي ڏٺو، هن جي سياست پريل اکين ڏانهن ڏٺو، ۽ هن جي ساٿين ڏانهن ڏٺو؛ ۽ هن جي دل وري به هٿ وڌائڻ تي نه آئي.

امير خان هن کي دل-سڻ هٿندو ڏسي، داڻ بدلايو: "مون ٻڌو هو ته سندي سچڻپي جو هٿ ڪڏهن به نه موڪٽيندا آهن. آءٌ هار کائل آهيان: منهنجو هٿ موڪٽ تو کي سونهن ڪونه ٿو."

لاچار سويل، پنهنجو هٿ اڳتي وڌايو. امير خان اڻين پائيو جڏ سندس هٿ ڪنهن رڪ جي چنمي ۽ اڇي ويو هو. هن گهٽن ئي سورهين سان هٿ ملايو هو، ۽ هي سيني کان سرس هو.

"ڪاڏي سنبت آهي؟"

"هڏو الهه ته ٿئي ڪي فرنگي ورائي ويا آهن... اوڏانهن ٿي ويس."

"امين به اوڏانهن ٿي وياسون. حضور مرزا صاحب سلطان محمود جي ڪتن ڪي منهن ڏيڻ ويو آهي، ۽ ٿئي ۽ ذات سپاهي ڪونهي."

سوديل کي دل ۾ آيو ته چئي ڏي ته هڪڙو ڪتو ٻئي ڪتي کان هڏي بچائڻ جي فڪر ۾ آهي، ۽ ان سانن جي ويڙهه ۾ سنڌي ٻوڙا ٻيا لتاڙجن. پر هن چيو ڪجهه به نه. گهوڙيءَ تي لانگ ورائيندي، پنهنجن همراهن لاءِ هٿ مٿي ڪٽي اشارو ڪيائون.

امير خان چيو: "بسم الله، اچو ته گڏجي ٿئي ڪي فرنگين جي قيد کان آزاد ڪرايون...."

سوديل جي دل ان وقت آڏامي ٿئي وڃي پهتي هئي، جتي پورچوگيز مال متاع لٽيندي، ٻارن، زالن ۽ ٻڍڙن کي پنهنجين ٻيڙين ۾ سُٽهين بندوقن ۽ پستولن سان مارينداٿي ويا. امير خان ۽ سوديل گڏوگڏ هلندا رهيا. ائين ٿي پائيو جڻ ته طوفان ٿي سوار هئا. سوديل جي ڪنيت کي جڻ پر لڳي وبا هئا: سنڌس واڇن مان گجي اڏامي، دز ۾ ملندي ٿي ويئي، ۽ سنڌس ناسن مان آواز ائين نڪري رهيو هو جڻ هو پاڻ پنهنجو ساهه گهٽڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. جڏهن هو ٿئي جي ويجهو پهتا، تڏهن سوديل کي پنهنجي دل ۾ وڏو ٻوڙ لڳا. سنڌ جي هن سدا ملوڪ شهر ڏونهين جا ڪڪر آسمان تائين پهچڻ لڳا هئا. جتان ڪتان گهرن جي سڙڻ جا ٽڙڪاٽ، ماڻهن جا ڪوڪريا، ۽ پستولن جي ڏڪڻ جا آواز اچي رهيا هئا.

"سوديا خان، اڄ ته دريا واروگس ولون. فرنگين جا بتيلا اتي هوندا، ۽ ائين ٿو پائجي ته فرنگي هاڻ شهر مان هٽندا ٿا وڃن...."

فرنگين جي ياد ايندي ٿي سوديل وري گهوڙي کي آڙي

هئي. ٻئي رڪيب گهوڙيءَ جي ڪنڪين ۾ ڪُڇي ويا، ۽ ڪميت پنهنجي مالڪ جو ارادو سهي ڪري، امالڪ پيڇرو ڇڏي ٻيلي ڏانهن ٻڙڪو ڪاڏو. هنن جي پويان، هنن جي سائين جي گهوڙن جي سنبن ڇڻ ته سُپ پري دز ٿي آڏامي، ۽ ائين ٿي پانيو ڇڻ ته ڌرتي ڏهڻ لڳي هئي. پٺ جي ويجهو پهتا ته سوديل کان دانهن نڪري ويئي: ڇهه ست بتيلا اڳيئي دريا جي لهواري ٿي روانا ٿي چڪا هئا. باقي ٿي بتيلا بيٺل هئا، جن ۾ پورچوگيز ڦر جو سامان ڏٺي پري رهيا هئا، ۽ شايد اڃا پنهنجن کن سائين جي اوسيڙي ۾ هئا. سوديل رڙ ڪري چيو: "متان ڇڏيو آٿوَ حرامخورن کي!"

هن جو جملو اڃا پورو ٿي مس ٿيو ته ٻيهارو کن تير هڪڙي بتيلي ۾ سامان لڏيندڙ پورچوگيزن جي پٺين ۾ ڪُڇي ويا. راڙو راڙ مچي ويئي. تيرن جي جواب ۾ پورچوگيزن پنهنجا بارودي پستول سنياليا. اوچتو سوديل پورچوگيزن جي هڪ انبوهه کي، پستول چوڙيندو، پٺ ڏانهن ايندو ڏٺو. هن امير خان کي هڪل ڪئي: "امير خان، اِتي تنهنجن همراهن جو وارو آهي!"

امير خان پنهنجي لشڪر کي اشارو ڪيو، ۽ هن جو دستو سوديل جي ماڻهن کان جدا ٿي، وڃي پورچوگيزن تي ڪڙڪيو. سوديل کي الائي ڪهڙو خيال آيو. هن ڪميت کي هاڪو اشارو ڪيو، ۽ گهوڙي پٺ جي پر ۾ درڪي وڃ اڇي بيهي رهي. سوديل ڪٽارو وات ۾ جهلي، گهوڙيءَ تان درياهه ۾ ٽپي پيو. سندس سائي مسلسل قِري گهِري بتيلن ۾ تيرن جو مينهن وسائيندا ويا. پورچوگيزن جا پستول هنن تائين ڪونه ٿي رسيا، پر انهن جي ڏڪائن ٿي سندن گهوڙا ٿهڻ لڳا هئا. سوديل کي پاڻيءَ ۾ گهڙندو ڏسي، هنن مان به ڪي گهوڙا ڇڏي پاڻيءَ ۾ ٽپي پيا.

سوديل سيني کان ويجهي بتيلي جي پر ۾ پهچي، پاڻ متي ڪنيو، پر بتيلا ايترا اوچا هئا، جو هن ۾ هٿ وجهڻ جي جاءِ ڪانه هئي. فقط هڪڙو هنڊ اهڙو هو، جتان بتيلي ۾ وڃڻ ٿي

سگھيو، ۽ اهڙا جاھ هٿي بتيلي جي مھڙ، جا ڊڪي سان ھڏل هٿي. ڊڪي جي منهن تي ٻورچوگيزن جو ٻھرو اڇا موجود هو. فائرن ۽ ٽيرن جي آواز هنن کي هيڪاري خبردا ڪري ڇڏيو هو. پر سوديل نه مڙيو، ۽ بتيلي کي ڦري آيو. جڏهن مھڙ وٽ پھتو، تڏهن گھڙيءَ لاءِ وري پاڻيءَ ۾ هليو ويو. پوءِ وجھ ڏسي هڪ پاسي کان منهن ڪيائين. اتي هڪڙو فرنگي بتيلي جي ڪليل تختي تي زنجير کي ٽيڪ ڏيو ٻيٺو هو. سوديل آهستي آهستي هڪڙو هٿ تختي ۾ ڦاڻي، پنهنجو جسم ڪوڻي، پاڻ مٿي ڪڍي ورتو. سندس ٻيو هٿ فرنگي جي ڳچ ۾ ڦهي ويو. ٻورچوگيز کي ائين محسوس ٿيو جڻ ڌرتي ڦاٽي پئي. ۽ هو ان ۾ ڪرندو ئي ويو. هڪ وڏي رڙ ڪري، پئي پانهون مٿي ڪري، وڃي درياءَ ۾ ڦهڪو ڪيائين. پنهنجي ساڻي جي رڙ ٻڌي، کي ٻورچوگيز بتيلي مان هيٺ نهارڻ لڳا. سوديل تختي جي هيٺان لنگھي. پئي پاسي ڦري آيو. پئي هٿ تختي ۾ وجھي، پاڻ مٿي ڪڍي، اڃي بيھي رهيو. هن اڇا پاڻ سنڀاليو مس ته هڪڙي پوچوگيز پستول ڪڍي چاڻي تي رکيس ... ۽ گڏوگڏ زور زور سان پنهنجي ٻولي ۾ ڪجھ چوڻ لڳو "آميگو، آميگو، سالوي مي سالوي مي ... !"

فرنگي تي، پاڻي ۾ پنل هن ديوَ جھڙي مڙس جي هيبت چانئجي ويئي هٿي، ۽ پستول هوندي به هن جا ٻئي هٿ ڏکي رهيا هٿا، ۽ "سالوي مي، سالوي!" چوندو رهيو. سوديل ڪجھ سوچ ۾ پئجي ويو، پستول واري پانهن ۾ هٿ وجھي، ٽورو پاسيرو تي پٽيءَ کان ورائي کيس ڏکو ڏنو. ٻورچوگيز جي وات مان اکر چڄڻ جي بدران "... ميٽا ديئو....!" ۽ ن جي ڪيڙ سان ڊڪي ڏان، وچ واري تختي ڏان ۽ بتيلي مان بستوان جا واڌ شروع ٿي ويا. سوديل خطرو محسوس ڪري، وات مان ڪٽارو ڪڍي، ڪمربند ۾ هڻي ڇڏيو ۽ هيٺ ٽپي بتيلي ۾ ٻير رکيائين. بتيلي ۾ اندر ٽپندي، هن ڊڪي ۽ بتيلي کي ڳنڍيڻ واري سنهي زنجير کي ڇڪيو. ٻر سنگھر ڇڪي مضبوط هٿي. سوديل وري ٻيھر زور

لڳايو، ۽ زور لڳائيندي هن جي جسم جون سمورڀون رڳون ٽڪجي ، خود رڪ جون زنجيرون بنجي ويون . اوچتو زنجير هنهي ٻاسن کان ٽٽي ڀيٽي، ۽ سوديل آٽڙجي پوبان ڪري پيو . وال کن سنڀهر جو ٽڪر هن جي هٽ ۾ اچي ويو. زنجير هن جي هٽ ۾ ڇا آئي، جڏ موت جو فرشتو هن جي هٽ ۾ ڪيڏڻ لڳو هو. جيڪو فرنگي هن کي نظر آيو ٽي، ان جي منهن ٽي سنڀهر جو اهو گرز ائين ٽي ڪڙڪيو، جڏ مٿس ڪنوڻ ڪيرايو ٽي ڀيٽي، جڏ سڙڻ لاماڙو ڏيٽي، چنبو هٽي وري مٿي اڏامڻ ٽي شروع ڪيو. فرنگين ۾ ڪاکوڙو پڄجي ويو، ۽ هنن ڪٽيل سامان جي پوبان لڪڻ شروع ڪيو. هنن کي پنهنجا هٿيار ٽي وسري ويا، سنڀهر کي ڪيرائيندي، سوديل بتيلي جي وچ ۾، پجري مان نڪتل شينهن وانگر گجڻ لڳو. اتي ٽي هن ڏهاڪو کن زالن ۽ کن چوڪرن کي رسن ۾ هڏل ڏٺو. هو سمجهي ويو ته انهن زالن ۽ چوڪرن کي فرنگي لٽ جي مال سان گڏ ٻانهن طور کنيو ٽي ويا. انهن مان ڪيرهن چوڏهن ورهين جو هڪ نينگر ، سوديل کي اڪيلو هيترن فرنگين سان وڙهندو ڏسي، کنهن عجيب جذبي کان اتي بيهي رهيو. سندس ٻانهون پوبان رسن سان هڏل هيون. سوديل وڏي وڻس آيو. اوڏي مهل هڪ پورچوگيز، هڪ ڪوٽ جي پٺيان لڪي، هڪ ڏڳهو چاقو سوديل ڏانهن اڇلايو . چوڪري کان رڙ نڪري ويئي: "ڀائو، سنيال!" سويو رڙ ٻڌي، هيٺ جهڪي ويو، ۽ چاقو 'زون' ڪندي هڪڙي سڙهه ۾ وڃي ڪٽيو. سوديل پنهنجي ڪٽاري سان چوڪري جا رسا ڪيڏي چيو: "ادل، هي ڪٽارو ٻاڻ وٽ رک، ۽ هين جا بند آزاد ڪر ته آءُ اجهو آيس !"

چوڪرو سيني جا رسا وڍڻ کي لڳي ويو، ۽ سوديل ٽپ ڏيندو، فرنگيءَ ڏانهن وڃي پهتو، ۽ ڪيس ڪڇيءَ کان جهلي ، ٻليءَ جي ٻلونگڙي وانگر مٿي کڻي، ونی آڇل ڏنائين. فرنگيءَ جو مٿو، هڪڙي سڙهه جي ڪام ۾ اهڙو زور سان لڳو ، جو

ان جي آواز ٿي سڀني جو ڌيان اوڏانهن ڪڇي ويو. فرنگيءَ دانهن به ڪانه ڪئي، ۽ وڌيڪ بند جيان اتي ٽي ٽڏو ٿي ويو. سوڌيل سامان جي هڪڙي ستيءَ کان ٻيءَ ستيءَ تائين ڦرندو، فرنگين کي ستڪهر سان ڪُٽيندو رهيو. فرنگي هاڻ ٻپ کان ٻچيلو ڇڏي درياءَ ۾ ٽپندا ويا. سوڌيل ٻچيلو خالي ڏسي، وري قيدين ڏانهن موٽي آيو. هن جوانڙي تيسين سڀني جا بند ڪٽي، آزاد ڪري ڇڏيو هو. هن مان ٻـ ٿي زائفائون ڏ ڪيل به هيون. سوڌيل ڇوڪري کان پڇيو: "ادل، ڪير مڙس آهين؟"

"سمون آهيان: ٻي جو وڏيل آهيان. ڏٽي ناناڻاگهڻ آيو هوس. اوچتو هي راڪاس شهر ۾ گهڙي ٻيا. شهر ۾ جيڪي ترخان سپاهي هٿ، سي يا ته شهر ڇڏي ڀڄي ويا، ڪي وري اهڙن پاڙن ڪي لڪ لڪي ويا، جتي اڃا فرنگي نه پهتا هٿا. فرنگي اصل گهرن ۾ گهڙي ٻيا. ڪن منهن ڏنو، ڪن نه ڏنو. مدرسن جا جوان گهٽين ۾ فرنگين سان چوٽون ڪائڻ لڳا. پر هنن فرنگين وٽ الائي ڪهڙا هٿيار هٿا، جن مان باهه جا اُلا ٻئي نڪتا، ۽ پري کان ٽي مار ڪيائون. جڏهن مدرسن جا شاگرد ڪين سوڙها ٿيڻ لڳا ته وڏي گهرن کي باهوون ڏيڻ شروع ڪيائون. بس قيامت هئي، ادا! ڦرڻ لڳڻ کان ٻڌ وري باهوون ڪڍڻ شروع ڪيائون. منهنجي ٻيڻ کي- او، اڃا هوءَ ويئي آهي- ڪنيائون ٽي ته هن ويچاريءَ به ٻڌبي ڪئي هڪ ـ ٻن جا هڏڪڙا ٻچي وڌا. مون کي به هڪڙو سونٽو هٽ اچي ويو. پر هنن راڪاسن سان ڪير ٻچي. اديءَ سان گڏ مون کي به ڪئي ٻڌائون ...."

هن جوانڙي اهو سڀڪجهه ائين بيان ڪيو جڻ اهو واقعو ٻئي ڪنهن سان ٿي گذريو هو: ٻپ ۽ ٻڙ جو هن ۾ نالو نشان به ڪونه ٿي ڏٺو. شايد هن سان هيترين واردائون ايتريون تڪڙيون تڪڙيون ٿي گذريون هيون، جو هن کي ٻپ جو اڃا موقعو ٿي نه ملهو هو. سوڌيل هن جي ٻيڻ ڏانهن نهاريو: منهن منهانڊي جي ملوڪ، سترهن ارڙهن ورهين جي ڪنواري

نينگر کي ڪل ٿي هڪ وڏو چير هو، جنهن سندس منهن ۽ حيا ۽ بيوسيءَ جو عجيب گڏيل رنگ آڻي ڇڏيو هو. سوديل کي پنهنجي دل وڌندي محسوس ٿي: الا، منهنجي سڏ جون هي نيائيون! پنهنجي پاڻ کي ايترو بيوس ۽ ويچارو سمجهڻ لڳيون آهن، جو لاچاري سندن حيا کي ڏيڪ لڳي آهي! ان نينگر سان گڏ ٻيون به زالون هيون. کي اڃا ٽائين موڙهل هيون، ته ڪن کي اهو آسرو جاڳيو هو ته سندن لج بچائڻ وارا واهرو اچي پهتا هئا. سانجهيءَ جو سج به هن منظر کي ڏسڻ جو تاب نه جهليو، درياءَ جي پرانهين پار لهڻ وارو هو. بتيلو ڏکي ڪان ڇڇي ڏار ٽيڻ ڪري به درياءَ جي لهرن سان هڙي هڙي ٽڪ ٽڪ لڳو هو؛ ۽ دريا جي دل ۾ به اڃا سانڌ مچي ويئي هئي.

سوديل پٽ ڏانهن نهاريو. سندس همراهن پٽ ڏي فرنگين کان آهو ڪري ڇڏيو هو، ۽ باقي ٽيئي ۽ به هن جي همراهن سندن سرن جا ڏير لڳائي ڇڏيا هئا. فرنگي بتيلا ڇڏي درياءَ ۾ ٽپندا ٿي ويا. پٽ وارن همراهن وري مٿان ڪمن تيرن جو شڪار بنائڻ شروع ڪيو هو. سوديل چوڪري کي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو: "ادل، هاڻ ڏٺيءَ ڪي پرتا آهيو. آءٌ بتيلو وري ٿو ڏکي سان لڳايان. تون ۽ هي ٻيا نينگر گڏجي، هنن زائفائن کي هيٺ لاهي، سيني کي پنهنجي پنهنجي گهر پهچائجو...."

سيني جا منهن شڪرگذاري ۽ هڪ عجيب فخر جي احساس کان ڀهڪڻ لڳا هئا. سوديل وري پاڻي ۾ لهي ٻيو، ۽ ٽئل زنجير کي چڪي، آڻي ڏکي نائين پهتو. قيدي تختي تان هلي، هيٺ لهڻ لڳا. هن بتيان مان به ڪيترين ئي زائفائون ۽ چوڪرڙا آزاد ٽيا هئا. پٽ تي هڪل مچندو ٿي ويو. سوديل پاڻي کان ٻاهر نڪتو ته امير خان به پنهنجن همراهن سان اچي پٽ تي نڪتو. هن جا ويهارو لشڪري ڪري پيا هئا، پر هنن ڪافي فرنگين کي جهڙو جهلي ورتو هو، جن کي رسن ۾ ٻڌيو گهليندا پئي آيا.

ترخاڻن بتيلن مان لٽل زائفائن کي ڏٺو تہ سندن اکين ۾ چمڪ اچي ويئي، ۽ پنهنجي پاڻ ۾ چرچا گهڻا ڪري لهڪ ڏيڻ لڳا هئا. سوديل فارسي چڱي طرح ڄاڻندو هو. هو چپ چاپ هنن جي ٻڪواس ٻڌندو رهيو؛ پر جڏهن هڪڙي ترخان گهوڙو وڌائي، هڪڙي زائفان اڳيان جهلي، سندس پاڻهن ۾ هٿ وجهڻ لاءِ نڙيو، تڏهن سوديل جي سنگهر سندس ڪلهن ۽ پٺن تي ڪنوڙ وانگر ڪري پيئي، ۽ هو ڏڪي جهڙو رانيات ڪري، انهي زائفان جي قدمن ۾ ڪري پيو. سوديل چين ۾ چيو: "ڏاريان سي ٿي ڏاريان- فرنگي هجن يا قنڌاري!" ۽ پوءِ ڏاڍيان رڙ ڪري چيائين: "اميرخان، پنهنجن مٺهن کي لغام ڏي نہ تہ.... فرنگين جون ڪٿرون منجهائڻ ڪيڏاسون!"

خود امير خان کي پنهنجي سپاهين جي ارڏائي بري لڳي هئي، سو پاڻ گهوڙي تان لهي سوديل وٽ آيو، ۽ سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين: "چڱو ڪيئي، هن حرامخور کي تون سزا نہ ڏين ها تہ آءٌ سندس سر قلم ڪرڻ وارو هوس!"

"هي اسان جون لڇون آهن: هنن کي هٿ لائڻ موت سان کيڏڻو آهي، امير خان!"

"بيشڪ بيشڪ!"

سوديل کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ امير خان جي انهيءَ "بيشڪ" ۾ وڏي ٽوڪ سمايل هئي، پر ان وقت هن کي ڪي بيا خيال ستائي رهيا هئا. بتيلن ۾ لڏيل سامان ۽ اسلحو، سون، ڪپڙو، هٿيار ۽ سنج سڙا جيڪڏهن هنن ڇڏي ڏنا تہ هي قنڌاري پاڻ ۾ ورهائي ورڇي ڪڍندا. هي سڀڌين جو مال متاع هو، سندن هڏن جو پورهيو، ان تي هي پرمارگجهن وانگر لاماراڻ ڏيڻ لڳندا. امير خان جڻ سندس خيال پروڙي ورتا، ۽ هن کي پاسيرو وٺي چيائين: "سويا خان، هي بتيلا ۽ سامان اسين پنهنجي قبضي ۾ آڻينداسون. جيسين اصلي مالڪن جي خبر پوي، تيسين هي سمورو مال سرڪاري توشي خاني ۾ رهندو!"

"هي سڏين جي ميڙڪ آهي، ۽ سڏڻ ڪي انهي جي سنڀال ڪندا!" سوڍي مختصر جواب ڏنو.

"ائين وري ڪيئن ٿيندو؟ اسين سرڪاري مڙهو آهيون: آءٌ جهرڪن جو نائب عامل آهيان. هي مال اسان جي حفاظت ۾ رهندو." امير خان جي آواز ۾ ترشي اچي ويئي.

سوڍيل جڏهن اها گالهه ٻڌي ڪري ڇڏي؛ ۽ هن پنهنجن همراهن کي هڪل ڪئي: "سويا، قبوليا، شيرو.... سامان ٻڌيل سوڌو اوهين سوگهو ڪريو!"

سوڍي جا همراهه گهوڙن تان لهي ٻڌيل ڏانهن وڌيا. امير خان به پنهنجن ماڻهن کي اشارو ڪيو، ۽ پاڻ گهوڙي ڏانهن وڌيو. سوڍيل وک اڳيان وڌائي ڪئي هوبان پاڪر وڌس. سندس ٻئي ساٿين هوبان موڙي ڪئي هڪڙي ٻٽ ۾ حمايائين ۽ سندس ٻي خنجر ڪڍي، پٽ ۾ رکندي چيائين: "اوهان مان کو اڳئي وڌيو آهي ته هي خنجر امير خان جي پٽ ۾ کوڙي ڏيندس...."

سوڍيل جي اکرن ۾ ڪاوڙ باڪل ڪانه هئي، ۽ ترخان سمجهي ويا ته هن جو هڪڙو هڪڙو اکر سچو هو. جن پنهنجي تراڙين جي ملين تي هٿ رکيا هئا، تن پنهنجا هٿ ڪڍي ورتا؛ جن پنهنجا ٻالا ۽ نيزا سنياليا هئا، تن ورتي اهي هوبان لڙڪائي ڇڏيا. هنن ترخانن اڄوڪي جيتري بي عزتي ڪڏهن به نه سٺي هئي. هنن مان ڪهترا اهڙا هئا، جن سڏين جي ڪيترين ئي لٽاوتن ۽ شورشن کي چمپائي ڇڏيو هو، جن ڪيترن سڏي سورمن کي پنهنجن گهوڙن جي ٻڌن ۾ گهلي ماريو هو، جن ڪيترن سڏين سورمين جي اکين ۾ تتل سيخون سرمي- ڪاڻيءَ وانگر گهمايون هيون، جن ڪيترن سڏي سوڍين جو سڏ سڏڻ ڪري ڇڏيو هو؛ پر هي سوڍيو جڏ ڪنهن مختلف مڻيءَ مان ٺهيل هو، جنهن جي رڳ رڳ جڏ رڪ جي ٺهيل هئي، جنهن جي دل ۾ ڪو رحم نه هو، جنهن ڏک ڀوڳڻ ئي هئو، سوچيو هوء ئي! هي آزمودگار ترخان پاڻ کي بيوس لاچار ڏسي ڏنڊ ڪرائيندا رهيا.

سج ۾ درياءَ جي اورين ڪنڊي ٽپي، ڌرتي جي ماڙين ۽ منگهين مان ليٿا پائيندو لڪندو لهي ويو هو. قبوليو سڀني کان اڳ بتيلو پگهه مان چوڙي، هڪ ڊگهي لڙهي سان بتيلي کي اڳيان ڏکي ويو. هن فقط هڪڙو سڙهه چاڙهائي چڏيو، ۽ بتيلو آهستي آهستي لهواري تي، پاسيرو ٿي لڙهڻ لڳو. سندس پويان ٻيا بتيلا به سڏي قطار ۾ رڙهڻ لڳا، ۽ امير خان جي ماڻهن جي ڏسندي وڃي درياءَ جو وچ ورتائون.

سويل پنهنجن ڪن همراهن کي اکين ئي اکين ۾ ڪو نياپو ڏنو، ۽ اهي همراهه گهوڙن کي اڙي هٽي، درياءَ جي ڪنڊيءَ ڪنڊي هليا ويا. سويل امير خان جي پٽ تان خنجر هٽائي، سندس ٻانهون چڏي ڏنيون. امير خان پنهنجن ٻانهن کي مهٽيندو سويي جي اکين ۾ نهاريندو رهيو. سندس اکين ۾ ڪاوڙ ۽ حيرت جا جذبا هڪري هڪري ٿي ويرا ٿيڻ لڳا، ۽ پوءِ هن مرڪ چپن تي آڻيندي چيو: "سويا خان، اڄوڪي رات ڌرتي ۽ اسان جي مهماني قبول ڪر!"

"بلاشڪ ....!" اڳين چٽي سويل پنهنجن باقي ساٿين سان گڏجي امير خان جي ڌرتي واري حويلي تي پهتو. رستي تي، ڌرتي جي گهٽين ۽ فرنگين جي مڪانن کي برباديءَ کي ڏسي، رت هن جي لوڻن ۾ درياءَ وانگر اڇلون کائڻ لڳو هو. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ گهر باهه کان بچيو هو. شهر جي گهٽين ۽ دونهون ايترو هو، جو هو ڪنڌاگهٽجندا ترخاني محلي ۾ پهتا هئا.

ترخاني محلو شهر جي هڪ طرف جامع مسجد جي ويجهو هو. فرنگي جامع مسجد جي سونهين نيلن تان ۾ نه ڏريا هئا. ان رات امير خان ميزباني ۾ ڪا ڪثر نه ڇڏي. جڏهن سويل طول تي ٽيڪ ڏيئي انگوري جا ڪجهه پيالا پي چڪو، تڏهن امير خان هن کي وري پڳ مٿائڻ جي دعوت ڏني. سويل ان وقت نشي ۾ هو، ۽ هن ڪلندي پنهنجو پينل پٽڪو مٿي تي هڏي، لاهي ڪلي امير خان جي مٿي تي رکيو، ۽ امير خان پنهنجي پڳ ڪلي

سوڏي ڪڍي سويل جي منهن تي رکي.

"سويل، مون کي قسم آهي هن پڳ جو تہ سنڌي ۽ ترخان پاڻ ۾ ڪهڑي بہ ڏاڍي پٽ ڪن، آ تنهنجي سر کي هٿ نہ لائيندس!"

سويل ٿي شايد انگوري ايتري چڙهي ويئي هئي، جو هن کوبہ جواب نہ ڏنو. ان کان پوءِ سويل جڏهن بہ نٿي ايندو هو، تڏهن امير خان وٽ اچي مهمان ٿي لهندو هو. سندس سائين سنگتيئر مان ڪيترن کي اها گهالهہ نٿي وڻي، پر سويل کي ڇوٽ جي مجال ڪنهن کي نہ ٿي. ۹۶۸هـ واري بغاوت پهري، جڏهن سويل ۽ سندس سائين مرزا عيسيٰ جي هڪ ارغون سردار امير تيمور جي لشکر تي راتاهو ڏنو، تڏهن تہ گهالهہ سينهن کي ڏکي لڳي. سويل ۽ شيرو امير تيمور جي تنبوءَ ۾ گهڙيا تہ امير خان وٽس ويٺو هو. امير خان جي منٽ ڪرڻ تي سويل امير تيمور جي جان بخشي ڇڏي. شيروءَ جڏهن اها گهالهہ سنگت سان ڪئي، تڏهن باقاعدي پشچاتاپ ويئي تہ سويل کي ائين ڪرڻ گهربو هو يا نہ. چاچي وريام سينهن پاران گهالهائيندي چيو هو: "سويل، ابا انهيءَ امير تيمور نٿي شهر جي گهٽين مان سنڌي زائفائن جو لنگوٽ حرام ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن دارون بي مست هاٿيءَ وانگر نٿي جي بازارن ۾ ٽو اچي تہ کنهن جي عزت سلامت نٿي رهي سنڌين کي زن دختر گاريون ڏيندو وتي، ۽ تو ان ڪمينهي کي جيئدان ڏيئي ڇڏيو، سا گهالهہ اسان کي ڪانہ ٿي آڻڙي. ڪٿي تون، ڪٿي هڪ ترخان: اها ياري ڪيئن ٿي نڀهي؟ تون ياريون پل رک، پر اسان جي ڪيئي تي پاڻي نہ ڦير!"

سويل کي بہ ڪاوڙ اچي ويئي: "تنهنجي مرضي، جيئن وڻندم، تيئن ڪندس!"

پوڙهو وريام تڏهن بہ مات نہ ٿيو: "تنهنجي مرضيءَ جي ڪاڻ کنهن کي ڪٿهي، سويا! هي سنڌين جي دشمن جو سوال آهي،" وريام جي لفظن ۾ سختي اچي ويئي. سويل کو جواب

نہ ڏنو. هو پنهنجي ڪٽاري سان ڪاٽ جي ٽڪر مان گهوڙي جي شڪل گهڙيندو رهيو.

ڪراڙي وريام وري چيو: "مون کي ارغون ۽ ترخانن سان وڙهندي ڇمارون گذري ويون آهن. آءٌ جڏهن تنهنجي ڇمار هوس، تڏهن منهنجي بدن تي ترخانن جي تراوين ۽ پالن جا ايترا ڦٽ هئا، جيترا تنهنجي مٿي تي وار آهن. مرزا شاهه حسن جهڙي جمل سان مون ٽڪر کاڌا: مٿس راتاها ڏنم. مرزا عيسيٰ منهنجي سسيءَ جي قيمت هڪ لک اشرفيون رکي هئي. ڏٺي کان بکر ڏائين مون ارغونن ۽ ترخانن سان چوٽون کاڌيون آهن، پر مون کي قسم آهي پروردگار جو، جيڪڏهن منهنجو پنهنجو پٽ ڪنهن ترخان جي سسيءَ جو حبيدان گهري ها نہ آءٌ ڇڏين کيس دگ لائي چڏيان ها ــــ ۽ تون امير تيمور جهڙي فرعون جي جان بخشي آيو آهين! مون کي بخش ڪج پر مون کي نہ تنهنجي سنڊي هجل ....."

"بس بس چاچا وريام، بس.... حد نہ اورانگهه...." ائين چئي سويل پنڇات چڏي هليو ويو هو.

وري ۹۷۸ه واري اڏل وقت، جڏهن سنڊي هڪ پيرو وري پنهنجي ڪچيءَ مان ڪاهيءَ جو قندو لاهي لاه سنبريا هئا، ۽ پنهنجو جڙ-ڇڇو ڪهائي ويهي رهيا، تڏهن وري سويل ۽ امير خان جي ياريءَ جو امتحان آيو هو. چاچو وريام جهلجي ويو هو، ۽ کيس ڏٺي جي سڏن واري چونڪ ۾ ڪاهيءَ تي ٽي ڏڪايائون، سويل ويس بدلائي امير خان وٽ آيو هو، ۽ اچي چاچي وريام جي سير جي گهر ڪئي هئائين. امير خان سندس ڳالهه ٻڌي، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي چيو هو: "اول نہ اها ڳالهه منهنجي وس کان باهر آهي. حضور مرزا صاحب وٽ هڪ سنڊيءَ جي سر لاه وڃي مون کان کوڙ پڇندو. تنهن کان سواءِ سويل مون تنهنجي جان بخشيءَ جو قسم کنيو آهي، نہ سنڊي باغهن جي جان بخشيءَ جو. هينئر به وقت اهڙو آهي، جو جيڪڏهن

منهنجو سنهن ڪيل نہ مڃي ها تہ توکي هتان جيئرو وڃڻ ڪين ڏيان ها ....!"

سويل کي ان جواب ڏيان ايتري ڪاوڙ آئي هئي، جو ڪٽار جو ڌڻيو سندس هٿ جي نسن ۾ گهڙي ويو هو. هو اڃان ٿي، ڪميت تي چڙهي سڏو آهو سيڊن واري چونڪ تي. ڪمس ترخاڻن وارو چوغو ٻيل هو، ۽ ڪلهي تي پٽڪو. پنهنجي منهن ۽ شهپرن ڪي لڪائڻ لاءِ هن هڪ ترخاني رومال منهن آڏو ڏيئي چڏيو هو. چونڪ ۾ هزارين ماڻهو وريام جي ڦاهيءَ چڑهڻ جو پڏي اچي گڏ ٿيا هئا. سنڌين جا ڪنڌ هيٺ هئا. ڪيترا اهڙا سنڌي هئا، جيڪي ترخاڻن جا نوڪر چاڪر هئا، يا ترخاڻن جا هٿ ٺوڪيا ماڻهو هئا. گهڙو ٽڙو رڳو تموري ۽ چنگيزي ارغونن ۽ ترخاڻن جو هجوم هو. سويل ترخاڻن جي وچ ۾ ترخان ٿي لڳو. اوچتو هاهوڙ ٿي وئي: ڏهاڪوڪن سپاهي اگهاڙين ترارين سان ڪاڙي وريام ڪي وچ ۾ ڪري وٽي آيا. چونڪ جي هوري وچ تي ڦاهيءَ جو ٿياس ڪوڙيو هئائون. چاچو وريام سچو رت ۾ رڳيل هو: سندس ڏاڙهيءَ جا وار ڇڇ ڳاڙهي رت ۾ رڳجي چڳون چڳون ٿي چڙجي ويا هئا. جڏهن ڪمس ٿياس جي ويجهو آنداڻون، تڏهن امير تيمور مڃن ڪي تاڻ ڏيندو، ٿياس ٽائين آيو، ۽ وڏي واڪي چيائين: "سنڌيو، اوهان ڪي معلوم هجي ڪهڙي تہ ظالِ الاهيءَ سان بغاوت ڪرڻ وارن ڪتن جي سزا هيءَ آهي!" ائين چئي هن جلاد کي اهارو ڏنو. جلاد ٿياس جي پرسان ايل تختي تان ڪاري پٽي ڪڍي، وريام جي اکين ٻڌڻ لاءِ اڇتي وڏي آهو. وريام هٿ سان ڪمس منع ڪندي، ٿياس ڏانهن ڏٺو.

اوچتو سويل جي ڪميت هٿيار ڪڍي، ڀرسان ماڻهن رڳو گهوڙي جي ٽاپڑ ٽاپڑ ٻڌي. سويڪنوڻ وانگر ٿياس ٽائمن ٻهچي ويو. سندس پالو امير تيمور جي نڙيءَ سان پار هليو ويو. هن باز وانگر جهپ هڻي، وريام جي چپلهه ۾ پاڻهن ڦيائيندي، ڪمس ڪڍي پنهنجي هٿ ٿي رکيو. جيسين ترخان سڃاڻ ٿين، تيسين

ڪميت ماڻهن جي ميڙ کي چيڀاٽيندي، چيرينديءَ هاڻي نڪري ويئي.
خانن جا ڪيترا سوار هن کي لڳا، پر سوڍي جي ڪميت کي ڇڻ پڇ ۾ هاڻي وڇڙيل هئي، ۽ هوءَ ڪوڙ جهان ڪوندي الائي ڪٿان وڃي نڪتي.

اهو ڏينهن اڇوڪو ڏينهن، سوڍيل وري امير خان جي در تي نه ويو هو. امير خان جو ڪيس سڏائڻ ضرور ڪنهن مقصد سان هوندو. پانڌجي ٿو ته سنڌين جي اندر جو ڪوڙو وري ٽپي ٽپي ڇيڻون ڪيڻ لڳو هو، ۽ اهي ڇيڻون وري قندارين کي سڏڻ لڳيون هيون. اهو ڇڻ ته هڪ اهڃاڻ هو، هڪ ڇاڪ هو- ٿيڻ طوفان، ٿئين ڇوهي جو! پر هن ٿئين ڇوهي جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ وري سنڌي ڪک ٿي وانگر لڙهي ويندا، وري ڪچ ڪرندا، ڪڏ ڪرندا، سسين جا لاڀارا پوندا، سرن جا لاڀارا لهندا، ڪنڊن جو فصل ڪاهيو، ۽ سنڌ غلام رهندي! هن شڪايتي انداز سان مڪي نهاريو، ڇڻ آسمان جي هن پار رهڻ وارن ڏي به هن کي چڙ اچڻ لڳي هئي. سنڌ جي سڀاڇهي سڀاڇهي صورت هن جي اکين اڳيان اچي ويئي، ۽ هو نهايت پيار سان پنهنجي ڪميت جي ڳچيءَ ڏي هٿ ڦيرڻ لڳو. هن کي اڄ محسوس ٿيڻ لڳو ڇڻ ان ڪميت گهوڙيءَ ۾ سنڌ جي روح جو ڪو ذرو سمايل هو— وفادار ۽ همیشه قربان ٿيندڙ! سنڌ، هن جي جيجل ماءُ، هن جي پروردگار، جنهن ايامن کان ظلم سٺا هٿا: يونانين جا، ايرانين جا، سامانين جا، عربن جا— ۽ هر پيري جڏهن سنڌين جي غيرت کي ڏڪو ڏي آيو ته هزارين سنڌين، پنهنجا ڪنڊ ڪپائي، وري پنهنجي جيجل ماءُ کي عزت سان رهڻ جو سنيهو ڏي ڏنو. انهن ڪنڊن ۾ هن جي ابن ڏاڏن جون سسيون به شامل هيون. هن زمين، هن ڌرتيءَ ۾ هن جي ابن ڏاڏن جو رت چم ماس ۽ هڏا ٻجي وانگر وري وري ڦٽندا، وري لڇندا رهيا. هر بار هن جي جيجل سنڌ گهوڙيءَ لاءِ ڳاڙ اوچو ٿي ڪيو ته آسمان جي هن پار وسندڙ ڪيس غيرن جي غلاميءَ ۾ ڌهڻي ٿي ڇڏيو. ائين ڇو

ٿي ٿيو؟ سڏ کڻڻو ڏوهہ ڪيو هو؟ ڇا انهيءَ ڪري جو منجهس هر انسان کي پيار ۽ پاڻهہ ڏيڻ جي عجيب عادت هئي.... اي خدا ڇو؟ هتي جا پيارا پيارا سپاجهڙا ماڻهو، پيارا پيارا ڪيت، مڙيا مڙيا گيت، سهڻا سهڻا ناڇ، سهڄ - سنوان ڳوٺ، وهيون، واهڻ — هي ٽڪر، هي بکر، هي اروڙ، هي موهن ڪوٽ، هي برهمڻ آباد، هي لکيءَ جا جبل، ٻپ، هالار، اڇا ڪارا جبل، هي ساگر، هي سمنڊ، هي درياءَ، هي ٻيلا — هي ڪائنات جا ڏي مثال تحفا، ۽ هي مڙي سهنجي سولي آسماني سنڌي ٻولي، هي مسجدون، هي مندر، هي مٺ، هي راڳ، هي ويراڳ، هي سماع، هي صوفي، هي ويڇ، هي ٻوهيت، هي ڪمي ڪاسبي، هي هاري ناري، هي لوهار، هي واڌا، هي اوڏ، هي آستا — هيءَ منهنجي ملوڪ سڏ ڇا ڪڏهن ٻ ڏاڍين کان آزاد ڪائنہ ٿيندي؟

سوڍل کي پنهنجي دل ڏانواڏول ٿيندي محسوس ٿي، ۽ آن گهڙيءَ جي ان ڪمزوريءَ کان هُن پنهنجو منهن ڪيت جي ڪهڙين ڪهڙين بشڪن ۽ لڪائي ڇڏيو. هن کي انهن بشڪن جي ڪوسي ڪوسي ڇهس ۽ ڇڻ آرام ملي ويو. ان پيار پريءَ ڪرائيءَ ڪيت کي ٻ ڪونڊرو ڪري وڌو، ۽ هو ڪنڌ جهوائي لڳي، ۽ اڳئين سنب سان سڏ جي متيءَ سان پيار ونڊڻ لڳي، ڇڻ هن کي چئي رهي هئي تہ ”آءٌ سڄڻ، تہ آءٌ نوکي سڏ جي آزاديءَ جي راهہ تي وٺي هلان!“ سوڍل ڇڻ سندس سنيهو سڻي ورتو، ۽ هوريان چيائين ”هل مٽي تہ هلون!“

○

٢

سوديءِ لانگ ورائي تہ ڪميت هوا سان گالهيون ڪرڻ لڳي. سندس من ڪرو ڪرو ٿي پيو هو، ۽ من ڪي پنهنجا احساس ۽ آڏما سمجهه ۾ نٿي آيا: انهن ۾ بغاوت ۽ نفرت سان گڏ جن تہ اڪيلائيءَ جو احساس به هو ــــ سڌ جي اڪيلائيءَ جو احساس! گهوڙيءَ ڪي شهر جي وچ مان ولي وڃڻ بدران، هن گهوڙيءَ ڪي ڪوٺ ڏانهن موڙيو. ڪوٺ جي ٻاهران مينگهواڙن جي چونڙن ولان لنگهيو تڏهن ڪاريءِ مينگهواڙ پنهنجي زال ڪي ٽونٽ هٽندي چيو: "اڄ وري ڪو پنيٽ پڙڻ وارو آهي: هي واڇوڙو سيني ڪي ڪڪ ۾ وانگي لوڙهي ويندو. ٻاڻ ڪي وري لڏڻو پوندو!"

جڏهن به ڪو خلم ٻرندو هو، تڏهن غريب سنڌين جا چونڙا ۽ لوڙها سڙندا هئا. سندن ڪلن ۾ ٻُهہ ٻريو ويندو هو. هنن سان اهي وارداتون ايتريون تہ گهٽيون ٿي گذريون هيون، جو هر پيڑهيءَ جا ماڻهو ڪن خاص اهجاڻن مان ايندڙ آفت ڪي سهي ڪري ويندا هئا.

سوديل امير خان جي ڏيڏيءَ ٿي ڏٺو تہ پر ۾ مغلن واري مسجد مان هانگي جو پُر سوز آواز فضا ۾ گونجڻ لڳو. سوديل کي اڃين محسوس ٿيو جڻ اڄ هانگي جي آواز ۾ ڪو اهجاڻ هو، ڪو ڇتاءُ هو، ڪنهن ٽيڻيءَ جو، ڪنهن نئين واردات جو. پهريدارن ڪنهن سوار کي چوهر مان ايندو ڏٺو تہ پنهنجا پالا منڊيڙي وانگر آڏا ڏيئي بيهي رهيا. پر سوديل ڪميت جي رفتار نہ گهٽائي، ۽ جيڪڏهن پهريدار هٿي نہ وڃن ها تہ سنين ۾ ڇڇرجي وڃن ها. سوديل هنن ڪان گهٽو اڇتي عين ڏيڏيءَ جي صدر دروازي اڳيان وهي گهوڙيءَ جهلي. گهوڙيءَ جي سنين جي آواز تي

ھڪ مغليٽيءَ ٽورو در کولي جھاتي پاتي، پر کنھن سنڈيءَ کي ڏسي وري جھٽ تاڙي چاڑھي چڏيائين. سويل گھوڙيءَ تان لٿو تہ پھريدار ٻہ پالا ناڻيندا اڳي پھتا.

"نون ڪير؟" ھڪڙي پھريدار ڪڙکي سان چيو.

"سويل!" ھن مختصر جواب ڏنو.

پھريدار خاموش ٿي ويو. ھنن کي شايد سويل جي اڳ جو اڳ ئي ڄاڻ ٿيل ھو؛ ڪين ھن جي اڳ جي ڏينگ ٿي جا ڪاوڙ ھئي، سا ھاڻ حيرت ۽ بدلجي ويئي. ھنن مان ھڪڙي وڏي مرداني اوطاق جي در جو ٽنگيل چڙو وڃايو. گھڙيءَ کان پوءِ ھڪ خواجہ سرا (کدڙو) سويل جي آڏي لاھ ٻاھر نڪري آيو، ۽ ٻيئي ھٿ سڏيڻڙي وانگر ٻنھنجي ڇاتيءَ اڳيان ٻڌندي چيائين: "حضور اوھان جي انتظار ۾ آھن."

سويل ھن سان گڏجي اندر داخل ٿيو. اڳ جي اڳيان ھڪ نھايت خوبصورت چمن ھو، جنھن جي عين وچ تي ھڪ ڦوھارو رنگين پاڻي جون پچڪاريون گلن تي اڇلائي رھيو ھو. ھر طرف سنگمرمر جي مرتبانن ۾ مشغلون ٻري رھيون ھيون. ڦوھاري جي چوڌاري ڇڻن ستونن سان ھڪ گول چبوترو ٺھيل ھو. ھرھڪ ستون جي مٿان ھڪ نھايت حسين اڳھاڙي عورت جو بت ٺھيل ھو. ھر مجسمو ڇڻ ڏسندڙ کي پنھنجي خوبصورت ھڪ-ٻي ڇڻي ڏسڻ جي آڇ ڪري رھيو ھو. سويل انھن مجسمن کي دل ئي دل ۾ ساراھيندي رھجي ويو. فن ۽ ھنر جو ڪمال ھو، جو سونھن سندرتا جي صورت وٺي ٻيٺو ھو. ھن کي پنھنجو سنگتي رتن ياد اڳي ويو، جيڪو سنگمرمر ۽ آبنوس مان اھڙا پيارا پيارا بت ۽ مجسما گھڙيندو ھو، جو ڏسندڙ دنگ رھجي ويندا ھٿا. مرزا عيسيٰ ھڪ مٿلي جي چوڻ تي ڪيس سنگسار ڪرائي مارائي چڏيو ھو. ھي مجسما ۽ رتن جا ٽاھيل ھٿا، ۽ سويل کي اڃين محسوس ٿيو، جڏ انھن مجسمن ۾ رتن جو روح ڪيس ٻڌايو وٺ لاھ ٻاڏائي رھيو ھو.

خواجہ سرا هن کي بتن ڏسڻ ۾ محو ڏسي، هلکي کنگهکار کنڊي چيو: "حضور جن اوهان جا منتظر آهن!" ائين چئي وري ادب سان پاڻهون پڏي بيهي رهيو. سوديل چمن مان لنگهي ديوانخاني ۾ قدم رکيو. هن جي بلکل سامهون هڪ وڏي تخت تي، امير خان طول تي ليڪ ڏيو ويٺو هو. سندس سامهون، هڪ وڏي تي هڪ حسين ترڪ چوڪرو رباب تي کا اپراڻي ڏن وڄائي رهيو هو. امير خان اکيون بند ڪري ان ڏن ۾ مگن هو. سوديل جي اچڻ تي جڏهو چرڪ پري اٿي بيهي رهيو.

"اچ سوديل اچ؛ اچي هت منهنجي پر ۾ ويهه،" امير خان جي منهن تي مرڪ ڦهلجي ويئي.

سوديل گهڙيءَ لاءِ پنهنجي چوڌاري ڏسندو رهيو: هر طرف ريشم ئي ريشم هو — پردا ريشم جا، قالين ريشم جا، طول ويهاڻا ريشم جا، چادرون ريشم جون. تخت جي پر ۾ آبنوسي ميز تي بلوري صراحين ۾ انگورين ۽ عرق سجايل هئا، ۽ انهن جي پر ۾ دل جي شڪل جا بلوري جام چمڪي رهيا هئا.

"آءٌ ويهڻ کونہ آيو آهيان. تو مون کي چو سڏايو آهي، امير خان؟" سوديل جي آواز ۾، نہ چاهيندي به سختي اچي ويئي.

"ڏاڍي کا کاوڙ اٿئي مون تي! ياد نہ اٿئي تہ پاڻ ۾ ڇڪ مٽ يار آهيون." امير خان صلح جي انداز ۾ چيو.

"آءٌ ياري نياڻن نہ، پر تنهنجو نياپو پڏڻ آيو آهيان،" سوديل پنهنجي آواز کي جهيڙو ڪندي چيو.

"نياپا پيا ڏيا وٺيا؛ پهرين اچ تہ انگوريءَ سان ياريءَ جي تازو ڪريون. ادراکي، منهنجي - ن، اسان کي پنهنجن انهن خوبصورت هٿن سان جام پري ڏي!" امير خان پيار سان ترڪ چوڪري کي چيو. هن جون اکيون هن نينگر جي سراپا کي ڏسي وڏيڪ چمڪڻ تي لڳيون. ترڪ ساقي ڏاڍي ناز سان اٿيو؛ رباب هڪ پاسي تي رکي، هن هڪ خاص ادا سان ٻہ جام ڀريا، ۽ هڪ سوني طشت ۾ رکي اڳتي وڌيو. امير خان کي

جام ڏيڻ کان اڳ هن جام پنهنجن چپن تائين آندو، ۽ سرکي پري کيس پيش ڪيائين. امير خان مرڪندي، جام ورتو. ترڪ ڪيروءَ وري سوڊل جو جام پنهنجن چپن تائين آندو، پر هن جي سرڪ پرڻ کان اڳ، سوڊل جام سندس هٿن مان کسي ورتو. هن کي ان منظر کان ئي بچان اچي ويئي هئي. ترڪ ڪيرو ڪاوڙجي بدران دل تي هٿ رکي هڪ نئين ادا سان ڪنڌ نمائي بيهي رهيو.

امير خان ٿهڪ ڏيئي چيو: "اوهين سنڌي اڃا هن ايراني ميوي تي ڪونه هريا آهيو. پر هن ميوي ۾ جو مزو آهي سو اسان کان بچ."

"اهو ميوو اوهان کي نيبهه هجي: اسان سنڌين کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو!" سوڊل پنهنجي آواز ۾ ٿوڪ کي ڪائيندي چيو، ۽ جام پنهنجن چپن سان لڳائي ڇڏيائين.

هو چپ چاپ ڏسندا رهيا. سوڊل جي اندر جي آگ انگوريءَ وڏيڪ پڙڪائي ڇڏي. اڄ انگوري هن جي اندر جي ڪوري تي ڇنڊو نه وجهي سگهي. هو جيئن جهٽن ڏسندو ويو، تيئن تيئن هو وڏيڪ سڃاڻ ٿيندو ويو. هن کي رتن جو روح سڄي ديوانخائي ۾ ڦٽڪندو، هن جي ڪنن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪندو محسوس ٿيو: 'سوڊل، ٿون ته ڌاري نه ائين وارو آهين. منهنجي خون جو بدلو ڪڏهن وٺندين؟' اها ڀڻ ڀڻ هن جي لوڻن ۾ پرڻ لڳي، ۽ ان سان گڏ هن کي سنڌ جا اهي سمورا ڪوندر ياد اچي ويا، جيڪي ترخانن ۽ ٻين ڌارين سان وڙهندي ڪُسي ويا هئا. سڀ هڪ آواز ٿي هن جي ڪنن ۾ سرگوشيون ڪرڻ لڳا هئا: 'سوڊل، اسان جي رت جو سڏ ڪڏهن ڏهندين؟' اهي سرگوشيون پڙاڏا بنجي هن جي ڪنن، هن جي دل، ۽ ٻوه هن جي رت ۾ هُرڻ ٻُرڻ لڳيون. رت جي انهيءَ هوراڪورا هن کي وهڻ نه ڏنو، ۽ هو اٿي بيٺو. گهڙيءَ لاءِ امير خان کي گهوريندي، هن چيو: "امير خان، تو مون کي چا لاءِ سڏايو آهي؟ ادي بابت چا چوڻو اٿئي؟"

امير خان ۾ ڇڻ ننڊ مان جاڳي ٻيو. انگوري هن جي پاڻڙين ۽ پوسڙ لڳي هئي، ۽ هن سُرور مان چيو: "سويل، چڏ انهن ڳالهين کي. تون ته منهنجو يار آهين. ويهه ته اڄ توکي دنيا جي هڪ نرالي شيءِ ڏيکاريان...." ۽ پوءِ ترڪ ڪيرو ڏانهن منهن ڪري چيائين: "جان، اسين اڪيلا ٿيڻ چاهيون ٿا."

ترڪ ڪيرو ڪورنش ڪري، پوئتي هٽندو، ديوانخاني مان نڪري ويو. امير خان سويل کي ويهڻ جو اشارو ڪريُ، زور سان تاڙي وڄائي. خواجه سرا بنان ڪنهن آهٽ جي اندر داخل ٿي، ڪنڊ نمائي بيهي رهيو.

"پنهنجي مالڪن کي چئو ته اسين سندس منتظر آهيون."

خواجه سرا کان ڇڻ ڇرڪ نڪري ويو. هن کي ڇڻ اُن ڳالهه تي اعتبار ٿي نٿي آيو، ۽ هو منجهي بينو رهيو.

"سليمان، اسين ڳالهه ورجائڻ جا عادي نه آهيون!" امير خان کي اوچتو کاوڙ اچي ويئي.

"جي.... جي آقاي من!" سليمان حو ڪنڊ اڃا ٿي وڌيڪ جهڪي ويو، ۽ هو تخت جي پنيان واري دروازي کان زنانخاني ۾ هليو ويو، سويل کي به ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ته امير خان جو مقصد ڇا هو. ڇا هيءَ کو نئون داءُ هو سياست جو؟ هي کو نئون ڪوڙڪو هو هن کي ڦاسائڻ لاءِ؟ هو اڃا انهن خيالن ۾ هو ته پازيبن جي هلڪي ڇڻ ڇڻ هن جي ڪن ٿي پئي، ۽ پوءِ هلڪي پيازي، شفاف ململ جي چولي ۽ ملبوس پرين جي هڪ شهزادي اندر داخل ٿي. سويل کي ائين محسوس ٿيو جڻ مٿس ڪنوڻ ڪڙي ويئي، ۽ هن جون اکيون ڪيريون ڪيريون ٿي ويون. پيازي ململ مان جهلڪندڙ هن جا ڪلها، هن جي چاتيءَ جي محراب جي پنهي پاسي جڻ ته سجدو ڪرڻ جي دعوت ڏيئي رهيا هئا. سندس سنهڙا گلابي چپ به محرابي شڪل ۾، ڏکهي سنهي نڪ هيٺان ائين ٿي لڳا جڻ ته ڪوگلابي ڪنول ڦاٽيءَ سوڏو ڪڙي ٻوٽو هو. سندس اکين جا پنيڻ هوش حواس ٻُهاري

وڃڻ لاءِ آنا هٿ، ۽ ريشم کان به نرم کليل وارن سندس سراپا کي عجيب پس منظر ڏيئي چڏيو هو؛ ۽ سڀ کان وڌيڪ هن جي اڇي سان ڪمري ۾ هڪ عجيب هيڪار پکڙجي ويئي ۽ فضا واسجي ويئي. سوديل کي اها خوشبو کائڻ لڳي. هن جي جسم جي اها آب هن جي ناسن کان ٽپندي، هن جي هيئٽين ڏڙ ۾ پيڙون ڏيڻ لڳي، ۽ سوديل کي اهو احساس ٿيندي ئي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي.

"محبوبي، هي منهنجو پڳ مٺ يار، سوديل آهي، هن کان مون کي ڪوبه پردو نه آهي. اڄ، اڄ اسان جي قتيل دلين تي پنهنجي مٺي آواز جي جادوءَ سان ڪو مرهم رکا!" امير خان تخت تي هن جي ويهڻ لاءِ طول سڏو رکندي چيو.

هن سوديل ڏي هڪ سرسري نظر وڌي، ۽ ان سرسري نظر ئي هن جي سڄڻ سڏ ۾ هڪ عجيب چڪ پيدا ڪري وڌي. نه چاهيندي به هن جي نگاهه سوديل جي پورين نيرين اکين کان ٽپندي، سندس موڪري ويڪري چاتيءَ تي جمي ويئي، جڏهوءَ ان چاتيءَ ۾ پنهنجي لاءِ ڪا جڳهه ڳولڻ لڳي هئي. ان موڪري چاتيءَ کي ڏسي هن کي پنهنجي وطن ترڪستان جا وسيع ميدان ياد اچي ويا. هن کي انهن ميدانن کي ڪن ۾ طي ڪندڙ سرڪش گهوڙا ياد اچي ويا، جن جي انگ انگ ۾ آچاتي آڇل هئي، جن جون مشڪون انسان کي ڏسي سيٽجي وڌيڪ آپري بيهندڙون هيون. انهي ويڪري چاتيءَ کي ڏسندي ڏسندي هو رباب ڪڍڻ لاءِ هيٺ جهڪي ته سوديل کي پنهنجي ڪميت گهوڙي موصل ياد اچي ويئي. رباب ڪڍي، موڙڻ وقت هن جو هٿ اڻ لکو، هن جي ڄاڻ کي ڇهي ويو؛ سوديل کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن باهه جو ألو سندس ڄانهن ٽپي رکي چڏيو هو، ۽ هو ٻئي هٿ سان انهي هنڌ کي مهٽڻ ۽ آروس ڪرڻ لڳو.

هن رباب تي آڱريون ڦيرڻ ڏيئي، هڪ ڪهڻي ڏڻ چيڙي،

۽ ان کُھڻي ڏَن جي لئي ۽ هن جو سريلو آواز انگوري شراب بنجي وہو. هوءَ گائڻ لڳي ـــ پنهنجي ئي وطن جو هڪ نغمو، جنهن جا سمورا لفظ نہ سمجهندي بہ سوڀل جڻ ان جي پيغام کي پروڙي وہو.

"منهنجي وطن جا جوان، غلام وطن جي ڪنوارين کي ويجهو نٿا وڃن؛ منهنجي وطن جون ڪنواريون هٿ ڪٽي هنن کي گهرائي پائڻ لاءِ وڏن ٽيون، پر هو ڪين پاڪر ۽ نٿا آڻين، چاڪاڻ تہ هنن جو وطن غلام آهي. منهنجي وطن جون ڪنواريون گاڙها پيازي گل پنهنجي سينڊ ۽ سجائي، هنن جي آجيان لاءِ هن تي بيهي انتظار ٻيون ڪن، پر هو اچڻ لاءِ آتا نہ آهن، چاڪاڻ تہ هنن جو وطن غلام آهي. منهنجي وطن جون ڪنواريون پنهنجن دروازن اڳيان پنڌڻ جي سيج وڇائي، اوسيئڑي جا ڏڪ ٻون گاڙين. پر هو اچڻ لاءِ آتا نہ آهن، چاڪاڻ تہ هنن جو وطن غلام آهي ... چاڪاڻ تہ هنن جو وطن غلام آهي ....!"

گيت الائي ڪيڏي مهل ٻوروٽيو، پر حڏهن سوڀل هن ڏانهن نهاريو نڏهن هن سوڀل جي اکين ۽ هڪ انوکو مچ مچندو ڏٺو: اهو مچ ان مچ کان مختلف هو، جو هن جي اکين ۽ ڪيس ڏسڻ سان پيدا ٿيو هو. هوءَ بہ هڪ غم گاڏڙ خوشي محسوس ڪرڻ لڳي: ڪيترو نہ دکي هو هي غلام ديس جو شهزور انسان!

"اها اڻي انسان جي ليلي، سوڀل! انسان جي دين ايمان جي مالڪ! ليلي، جان.... اڄ تو انسان کي اهو گيت ٻڌائي نٿين حياتي بخشي چڏي آهي. انهن تنهنجا احسان ڪيئن لاهي سگهندانسون....!" امير خان جام ختم ڪندي چيو. هن جي اکين ۽ انگوريءَ بدران ليلي، جهلکي رهي هئي، ۽ هن اکيون اڌ بند ڪندي چيو: "ليلي، انسان جو جام خالي آهي!"

ليلي آڻي، ميز تان هڪ وڏي صراحي ڪڍي هن ڏانهن موڙي آڻي. جام امير خان جي هٿ مان ونڊي، ڪڍي فرش تي اڇلايائين. ٻلوري جام آڻا آڻا ٿي وہو. امير خان حيرت مان ليليءَ جي منهن

۽ نهارڻ لڳو. ليليءَ جي اکين ۾ شرارت هئي، ۽ چپن تي هڪ دلنواز مرڪ. هن صراحي ڪٿي امير خان جي هٿ ۾ ڏني، ڪيس ٻي وڃڻ جو اشارو ڪيائين. امير خان جي چپن تي به مرڪ اچي ويئي. هن صراحي چپن سان لڳائي چڏي، پر آڏ صراحي ٻوري ٿي. انگوري هن جي واڇن کان وهڻ لڳي. هن کي هڏڪيءَ اچي ورتو. سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو، ۽ اکيون باهر نڪري آيس. هن کان وڌيڪ پيتو نه ٿيو، ۽ هن لڏندي، ٿاڙجندي صراحي تخت تي رکي، اکيون بند ڪري چڏيون.

ليلي وري اٿي، ميز تان اڌڙي ساڳي صراحي ڪٿي، سوديل اڳيان آڻي، ۽ ڪيس اڌرين نظرن سان ڏٺو. جن ۾ شوخي ۽ شرارت کان سواءِ هڪ التجا ٻ. هئي. هن صراحي سوديل ڏانهن وڌائي. سوديل صراحي هن جي هٿ مان ولي، چپن سان لڳائي چڏي. هوءَ عجب ۽ ڊپ مان هن وحشي گهوڙي کي ڏسندي رهي. جڏهن صراحي خالي ٿي ويئي، تڏهن سوديل صراحيءَ کي زور سان آتشدان ۾ اڇلائي چڏيو. بلوري صراحي ٻ جام وانگر آڻا آڻا ٿي ويئي. امير خان ڪڏهن سوديل کي، ڪڏهن ليليءَ کي عجب نظرن سان گهورينڊو رهيو. سوديل جي اکين جو ڇ هيڪاري وڌيڪ مڇ لڳو هو. ليليءَ هڪ هاکو ٿهڪ ڏيئي، امير خان جي ڇاتيءَ تي پنهنجي آگر رکندي چيو: "ڪاشر... !" ائين چئي، هڪ خاص ادا سان موڙو ڏيئي، رباب امير خان جي هنج ۾ اڇلائيندي، زنانخاني ڏانهن ملي ويئي. سوديل هن طوفان کي ويندي ڏسي، ڪجھ وقت زنانخاني جي دروازي ڏانهن نهارينڊو رهيو.

امير خان جي انا ٻ صراحي واسر آڻا آڻا ٿي ويئي هئي. هن کي ليلي ۽ سوديل سان گڏ پنهنجي پاڻ تي ٻ ڪاوڙ اچي ويئي، ۽ هو اٿي بيهي رهيو. ڪمري ۾ اڇ وچ ڪندي، هو پنهنجي ڪاوڙ کي ڏري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چوڻ لڳو: "سوديا خان، پاڻهين کي سمجهائي چڏ. هن ٿئي جي پري بازار ۾ ترخاڻن کي گاريون ڏنيون آهن، ۽ امير کوکتاش کي سندس

اوطاق تي وڃي مارکٽ ڪئي آهي. ترخاڻن ۽ ڏاڍو تاڻ آهي. امير ڪوڪلتاش مون کي چوائي موڪليو آهي ته آڻ اهو نماپو تو ڏائين پهچايان.... هائي تون وڃي سگهين ٿو. مون کي تمهنجي ياريءَ جي ضرورت نه آهي؛ سليمان ... سليمان....! ... سوڍل هاڻ وڃ لاءِ تيار آهي ....»

سليمان زنانخاني جو دروازو کولي اندر آيو، ۽ اميرخان جي اکين کي ڏسي، سوڍي جي اڳيان سڏو ڏي بيهي رهيو. سوڍو پنهنجي موڙي تي ويلو رهيو ۽ چيائين: «آڻ پنهنجي مرضيءَ سان آيو هوس، ۽ هاڻ وينس به پنهنجي مرضيءَ سان ....!»

«سوڍا، نوڪي پنهنجي هٿ سان نه مارڻ جو قسم مون کنيو آهي، نه سليمان ... ۽ سليمان جي خنجر جو وار ڪڍهن [illegible] ويو آهي....» امير خان تي هاڻ انگوري پنهنجو پورو اثر ڪندي ڏسي ويئي. سوڍل چپ چاپ زنانخاني جي دروازي ڏانهن نهارينڊو رهيو: هن جي ڪنن ۾ اڃا ڏائين پازيبن جي ڇم ڇم جو آواز ٻري رهيو هو. امير خان هن کي اوڏانهن نهارينڊو ڏسي ٻيهر ٽي ويو، ۽ هن سليمان ڏانهن نهارينڊي چيو: «سليمان، اسان کي گهاڻه ورجائڻ جي عادت نه آهي ....!»

سليمان پربت جهڙو جناور هو: سندس اکين ۾ رحم ۽ انسانيت جو نالو نشان به نه هو. هو جهنگلي سانڍ جيان نڪ مان ڦونگارا ڪيندو رهيو. اوچتو هن پنهنجي ڪمربند مان ڪاري ڪَن سان هڪ ڊگهيءَ ڌار وارو سنهو خنجر ڇڪي ڪڍيو، ۽ سندس زبان مان لفظ جڏ ڇيرجي نڪتا: «سنڊي، تون حضور جا لفظ ٻڌي چڪو آهين!»

سوڍل جڏ ته ڪجهه ٻڌو ئي ڪونه. هن هڪ صراحيءَ مان جام ڀريو. اڃا جام چپن ڏائين آندائين ته انگوريءَ جي تهه تي هن سليمان جو ڪارسرو ٻاڇولو ڏنو. هن ڪنڌ جي هلڪي جنبش سان متي نهاريو، ۽ خنجر کي تيزيءَ سان ٻاڻ ڏانهن اينڊو ڏائين. هٿ جي هلڪي اشاري سان هن جام ۾ ٻيل انگوري سليمان جي اکين ۾ آڇلائي وڌي، ۽ ٻاڻ موڙي نان هٿي ويو.

سليمان جي اکين ۾ اوندهه جا مرچ پنجي وڃا ، ۽ هن جو وار خالي موڙي تي اڇي ڪيريو. خنجر موڙي جي ناسي چمڙي کي آرپار ڪيي ويو . وڌيڪ وار روڪڻ لاءِ ، سوڍي جهٽ هٿي ، سليمان جي خنجر واري هٿ کي ڪرائيءَ کان جهلي، پنهنجي هٿ کي هاڪو موڙي چڏيو . سليمان جي وات مان ڪيڪ نڪري ويئي ، ۽ هو پٺئين پاسي سڄو ٻيٺو ٿي ويو . پر خنجر هٿ مان نه چڏيائين. سوڍي پنهنجي گوڏي سان ، سليمان جي گوڏي جي پٺ ۾ زور سان ٽوڪر هڻي . سندس ٻانهن چڏي ڏني. سليمان مروڙيل ٻانهن سان پٺ پر وڃي ڦهڪو ڪيو ، ۽ سندس ٿي آبنوسي ڳڻ جي خنجر جي ڇهنب، سندس چيلهه وٽان گهڙي، دَ نَ وٽان نڪري آئي. هن ڇڻ ۽ ٿي ڪنڀ ڏڳي جهڙي رنپ ڪٿي، ۽ سڏو ٿي ويو. سوڍل ڪيس ٻير سان ٽڏو هٿي ، اوندو ڪري خنجر ڇڪي ڪڍي ورتو . خنجر هٿ ۾ جهلي ، هو امير خان ڏانهن وڌي آيو. امير خان ڊپ ڪان ڇڻ پنڊيهن ٿي ويو. سوڍل سندس پهراڻ سان خنجر تي لڳل رت صاف ڪندي چيو: "امير خان هي آبنوسي خنجر تنهنجي منهنجي ياريءَ جي نشانيءَ طور ڪنهو ٿو وڃان...."

سليمان جي رنپ تي پهريدار پنهنجا نيزا سنڀالي اندر هليا آيا . سليمان کي پٺ تي پيل ۽ سندس ٻيٺ مان وهندڙ رت کي ڏسي ، هو منجهي بيهي رهيا. امير خان سوڍل جي هٿ ۾ خنجر ڏسي، چيو: " اوهان کي ڪنهن سڏايو ، مردودو ! وڃو.... هڪدم ٻرو منهنجي منهن تان !"

پهريدار منهن ٻلو ڪري ٻاهر هليا ويا. سوڍل خنجر جي ڌار تي آگر ڦيرندي، ڏار ڏسندي چيو: "امير خان، تنهنجو نياپو آڻ ٻاڍهه تائين پهچائيندس، پر ڪنهن ترخان هن کي هٿ لاتو آهي تہ منهنجو نالو بہ سوڍو آهي...." امير خان تي هڪ نظر وجهي ، هن وري زنانخاني جي بند دروازي ڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ ديوانخاني مان نڪري، چمن مان ٽپندو پنهنجي گهوڙيءَ تائين وڌي آيو .

○

٣

سڌ آراد هئي تہ چانبوڪيون راتيون بہ آزاد هيون. سمهڻي نماز ڪان پوء ننڊا ننڊا وڃي ميدانن ۾ ونڃهہ وڻيون ۽ ٻيلهاڙا ڪيڏندا هئا. پريا مڙس انهن بازين ۾ شرطون رکندا هئا، مٿابون ورهائيندا هئا. ڪٽندڙن توڙي هارائيندڙن جون مانيون جهلبيون هيون. لونگيون ٻڌيون هيون، پٽاسا ورهائيا هئا، ڏونڪا وڄندا هئا، چيرون ٻڌيون هيون، سانگ وڄيا هئا ۽ آزادي ماڻي هئي. پر جڏهن ڪاڪ قنڌاري ڪڙڪيا هئا، ۽ سڌ غلام ٿي هئي، تڏهن ڪان چنبڙ ڪٽي ڪهڙا به سورنهن سينگار ڪري، سمهڻي نماز ڪان ٿي اڳ سڀ ٽڙي پکڙي وبندا هئا. پيش امام ويچارا انهيءَ اوسيئڙي ۾ هوندا هئا تہ من ڪي مومن اڄي نڪرن تہ ڪا جماعت پڙهجي. پر ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نمازي مسجد ڏانهن رخ رکندو هو.

اڄ بہ چنبڙ جي سون-ورني سورهين رات هئي. چوڌاري چٽن ٿي ڏسن تي چانبوڪي جو سون ٻڌاريل هو. سنگهار آخوند نور محمد جي حجري ۾ داخل ٿيو تہ اتي جاڻ ٻگهيو، دلاور سمون، صاحب آڻڙ ۽ بارو سومرو اڳي ٿي ٻٽلي ماريو ويٺا هئا. سنگهار کي ڪهڪارينديءِ آخوند چيو: "اٻا پلي ڪري آئين، جيءَ ڪري آئين. آ، هتان ٿي ويهہ ..."

سنگهار آخوند جي پاسي ۾ ويهي رهيو. جاڻ جي ٻٽ کي ڪوڪلتاش ارغون انڊو ڪرائي ڪوهہ ۾ وڃهائي چڏيو هو، ۽ سنگهار وٽس عذر خواهي لاءِ وڃي نہ سگهيو هو، سو ويهندي وقت سندس ڪلهن ۾ ٻانهن وڌي، همدردي ۽ سڃٽپي جو

پاکر وجهندي چيائين: "ادا جانن، ڏٺيءَ جي اها مرضي هئي: سندس شرءَ هئي، مولائي ورتائين. پر سندس موت ۾ موچارو ٿيو جو سڏ مٿان سير ڏيائين.... ڏٺي صبر ڏينده!"

جانن جي عمر اڃا موٽ کاڏي هئي. هڪڙو ئي پٽ هوس ڏهن دنيا ۾، پر ڏهس تان قربان ٿيو هو؛ ڏک ته گهٽوئي هوس، پر سندس دل ۾ هاڻ فقط اها آرزو هئي ڪوڪلتاش کان بدلو وٺن. ان ڪري آخوند نور محمد جي سڏ تي پهرين جانن آيو هو. سندس ڏک سڀني جو پنهنجو ڏک هو. جنهن ۾ سرويچ اهو سڏ ٻڌو هو، سو هلي وٽس آيو هو. هينئر ۾ آخوند سڀني سان گڏجي فاتح پڙهي، وري جانن سان عذرخواهي ڪئي.

جڏهن جن ڪي اڇو هو، سي پهتا، تڏهن آخوند سڀني کي چپ رهڻ جو اشارو ڪندي چيو: "ابا، باهه وري د ڪ لڳي آهي. اڃا ڪي سال ۾ ڪونه ٿيا آهن جو وري سنڌين کي سنڌ جيءِ سور جاڳائي وڏو آهي. مون اوهان کي هت سڏ ان ڪري ڏنو آهي، جو سمهڻجن ڪنن ۾ ڪن ترخانن اها گالهه وڏي آهي ته مرزا جان بابا مرزا باقيءَ خلاف شوزش ڪرڻ وارو آهي. پهرين وچ ۾ سلطان محمود خان پيو هو، مرزا باقيءَ ان کي ترڪتال ڏائي، ڇهه ڪنواريون ترڪ ڪنيزون ۽ ٻيا تحفا ڏيئي راضي ڪري موڪلي ڇڏيو. هاڻ مرزا جان بابا پنهنجي منهن ڪٿي ته چڙهه وارو آهي. منهنجو خيال آهي ته اسين مرزا جان بابا جو ساٿ ڏيون!"

"نه سائين نه، مرزا جان بابا به ته نهٽ ترخان آهي: مرزا باقيءَ جو ياءُ آهي، ڏاريون آهي. اسان جي لاءِ گالهه ساڳي: مرزا باقي سنڌ جو حاڪم نه ٿيندو نه مرزا جان بابا ٿيندو يا شاهه قاسم ارغون ٿيندو. سنڌ لاءِ ڪهڙو فرق پوندو؟ اهو ٿيو هٽ وٽي پاڻ کي ٻوهي ۾ ڏيڻو. جي مرزا باقي ڪٽي وڃو ته سنڌين جو جن-ڇڏائي ڇڏيندو؛ جي مرزا جان بابا ڪٽجو ته ان تي وري ڪهڙو اعتبار. هو ائين سمجهندو ته سنڌي اڄ مرزا باقيءَ خلاف

منهنجو سات ڏيو ٻيڙا آهن، سياڻي منجهن ڪي ڪو زور وارو مالهو ٻوڙا ٿيو ته ان جو سات ڏيندا. ان ڪري، دشمن سو دشمن — هن سمورن کي ختم ڪرڻ جي ڪا سوچيو." سنگهار پنهنجي راءِ ڏني.

"چئين ته سچ ٿو، پر مرزا جان جي وري به سڌين سان سگاٻندي آهي؛ سميجا سندس سيڻ آهن. اسان لاءِ وري به مرزا جان بابا چگو،" دلاور سمي چيو.

"سگاٻنديءَ سان چا ٿو ٿئي؟ ترخان وري به ترخان، هينئر به موچڙا پيا اٿس تڏهن وڃي سميجن وٽ لڪو آهي، نه ته اهي ساڻيا سميجا پٺس جي وقت ۾ وٺس دانهين ٿي ويا ته انهن کي ر کو جواب ڏنو هٿائين." سنگهار کي گالهه پسند نه هوندي هئي ته سڌو چئي ڏيندو هو.

آخوند نور محمد، ناس جي چٽي ڏيندي چيو: "منهنجو مقصد اهو ڪونهي ته مرزا جان کي سڌ جي حاڪم ٿيڻ ۾ مدد ڪريون. سندس لشکر ۾ اڏ کان مٿي سميجا ۽ انڙ آهن. اهي ته آخر پنهنجا آهن؛ انهن سان گالهيون ٻولهيون ڪجن؛ جوکڏهن مرزا جان بابا کٿي وڃي ته سندن مدد سان ڪيس ٽيڙڻ ڏکيو ڪونه ٿيندو." آخوند نور محمد تصور ڪي تصور ۾ سڌين جي پنهنجي راڄ کي ڏسڻ لڳو هو.

"سڌين ۾ ڪير آهي جو مرزا جان کي ٽڪي، ڪيس گادي وٺي ڏجي." جاڻ پهريون پيرو گالهايو هو.

"ادل، گالهه لک جي ڪٿي اٿئي. اسان جي فيروز سمي ته ڪو ٻوٽو ڪونه هاريو. پاڻ ٻڙو ٻوڙي راهي ٿيو. اهڙو ڪو سردار ڪونهي جنهن کي سمورن راڄن جي حمايت هجي، ۽ ان کي ڪٿي واڳون ڏجن." دلاور سمي چيو. فيروز سمي جو نالو ڪٽندي، هن جا ڏند ڪرٽجڻ لڳا. فيروز جي بدبختيءَ ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري ڇهه سؤ سالن جي مائيل آزادي سڌ وڃائي ويٺي هئي.

"ڏي ابا، ڪو سردار نہ ملندو تہ سنڌڪي آزادي ڪانہ ملندي ڇا؟ ڏاڍن ڪي ڪيو، پوءِ پاڻيهي ڪو بلو ٿي پوندو. پنجن ڇهن ڇڻن ڪي سڀ سنڌي چونڊي ملڪ هلائڻ لاءِ مقرر ڪندا تہ ملڪ ڇو ڪونہ هلندو. اهي سردارپون ۽ بادشاهيون ٿي تہ سنڌ جو سير وڃائين ٿيون. پنهنجي سرداري ۽ بادشاهي قائم رکڻ ڪاڻ تہ سمن ۽ ڦيٽاڙو ٻيو، ۽ وڇي شاهہ بيگ جي سنگهر پنهنجي ڪڇيءَ ۽ وڏائون." آخوند نور محمد جون ڳالهيون ٻڌي اهڙيون هوندیون هيون، جو ماڻهو پاڻہ تہ وٺو ٻڌي. ان ڪري ڪيس عزت ۽ سڀ ڏيندا هئا. وڏيءَ نظر جو ماڻهو هو، ٻاهو ٻڙڪو ملو ڪونہ هو، جن مان خلق سڄي ڪڏهوڪو پروسو وڃائي چڪي هئي.

آخوند نور محمد تہ سمورين بغاوتن جو منڊ مهاڙ هو. هن جي ذريعي مڪتبن، مدرسن ۽ دارالعلومن ۽ اڏر ٿي اندر ٻيٽي شاگردن ڪي تربيت ملندي هئي؛ ۽ باهر جڏهن به هرندي هئي تہ انهن شاگردن جو ان ۽ وڏو هٿ هوندو هو. ڪمال تہ اهو هو، جو خود ترخان به هن ڪي ڏاڍي عزت ڏيندا هئا. مرزا باقي جهڙي ڪنجوس ۽ ٻي سروٻاه ڏيارو موڪليو. ۽ پائنده بيگ جي اتالبق ٿيڻ لاءِ درخواست موڪلي هٿائيندس. سنڌس علم ۽ فقيريءَ جو ايڏو تہ نالو هو، جو ڪنهن ترخان ڪي به اهو شڪ نہ هوندو هو تہ آخوند نور محمدڪي پنهنجي درس و تدريس ۽ مسيت ڪان سواءِ ٻيو به ڪو مقصد هوندو. سنڌ جي سورهيڻ جا ميڙ وٽس ڪٿا ٿيندا هئا، سي به اهڙيءَ طرح جو ڪنهن لي پتو ڪونہ پوندو هو تہ ڪير آيو، ڪير ويو. سنڌس علم ۽ درويشيءَ جي هاڪ همايون ۽ پوءِ اڪبر جي دربار تائين پهتل هئي. ان ڪري ڪنهن سرڪش ترخان ڪي به همت نہ ٿيندي هئي جو آخوند جو چوڻ موڙائي. بڪر ڪان ڏڻي تائين سنڌس هزارين فدائي ۽ شاگرد ڦهليل هئا، جيڪي هن جي حڪم تي سر ڏيڻ لاءِ تيار هوندا هئا.

جڈهن سڀ گالهيون بحث مباحثي کان پوء صاف ٿيون ، تڈهن آخوند چيو : "پهريون ڪم ته هي آهي ته ارغون ۽ ترخان سردارن کي اهڙو هيسائجي ، جو جيڪڈهن کا شورش ٿئي ، ته هو ڪنهن به در جو سات نه ڏين . ٻي گالهه اها ته سنڌ جي سرحدن تي اهڙا ماڻهو موڪلجن ، جو ڪنهن به ترخان سردار جو ماڻهو قندارکان ڪمڪ آڻي نه سگهي. ڇو ته ڪو ترخان سردار قندار وچ ۾ لاء سنهريو آهي . ان کي ڪنهن طرح روڪڻو آهي ." آخوند نور محمد هاڻي فيصلي جي انداز ۾ گالهائي رهيو هو . سندس اکين ۾ هڪ نئين جوت جلي رهي هئي ، جن سنڌ جو روح سندس اکين ۾ بکڻ لڳو هو .

"اها خبر ڪنهن وڏي ترخان کي هيسائڻ سان پوندي ته قندارکان ڪمڪ ونڻ کير ويو آهي . اهو خط به هٿ ڪجي . جڈهن اهو خط هٿ اچي وڃي ته ...."

"آءٌ حاضر آهيان .." سنگهار هڪدم حامي پري .

"ته پوء آءٌ سنگهار سان گڈيو ويندس ،" جانڻ پنهنجي پراڻي يار کي اکيلو چڈڻ نٿي گهريو .

"ابا سنگهار ، تون نه وڃين ها ته چڱو . توکانه ترخان هونڻ ٿي گهڻو ڇرڪيل آهن . جڈهن کان ڪوکلتاش کي ڇڏيو اٿئي ، مون کي ڪيتريون دانهون ملیون آهن . پر خير ، هاڻ هيڻن ڪج ، جو ڪنهن طرح اها خبر هٿ ڪر ته قندار کير ٿو وڃي ، ۽ خط ڪنهن ڏي لکيل آهي . جي خط ڏي ملي وڃي ته واه واه . پوء اهو خط ڪڍي آخوند صالح کي پهچائجو . تنهان پوء جيڻن آخوند صالح چوي تيئن ڪجو . آءٌ پاڻهي آخوند صالح سان صلاح ڪندس ، ۽ پوء جيڻن ڏڏيء کي منظور هوندو ، تيئن ڪندسون ."

"اسين صبح جو ساجهر نڪي وڃي ڪو جتن ڪندسون.... ڇڱو هاڻ موڪلاڻي ڪانهي ." سنگهار اٿي بيهي رهيو . آخوند نور محمد به اٿي بيهي رهيو ، ۽ سنگهار جي اکين ۾ نهاريندي

چيائين : "ڏٺي سائي ٿيندءَ ، ابا!" الائي ڇو آخوند نور محمد کي اڃين لڳو ڇڻ هو سنگهار کي آخري پيرو ڏسي رهيو هو . هن بي اختيار ٿي کڻي سنگهار کي پاکر پاتو . جذبات کان هن جو آوار کرو ٿي ٻيو هو ، ۽ سنگهار فقط ايترا لفظ ٻڌا : "جيئي سنڌ!" "جيئي سنڌ!" جانئ ۽ سنگهار گڏجي ڇوو ، ۽ باهر نڪري آيا .

هنن جا گهوڙا مسجد جي ٻڌين پاسي قتل مندر ۾ ٻڌل هٿا . سنگهار پنهنجي گهوڙي جو ٽوبرو لاهي ، هي هيڻان هٿي ، گهوڙي کي لغام چاڙهي سواريءَ لاءِ لانگ ورائي . جانئ به سوار ٿي گهوڙي کي اڙي هٿي . ٻنهي جي دماغ ۾ گذريل واردات ، هلندڙ حالتن ۽ ايندڙ وقت جو غبار هو ، ۽ گهوڙن جي رفتار ٿي هن جا خيال هنن کان به اڳ ۾ دوڙ ۾ لڳا . هنن اڳيان جيڪو آدرش هو ، تنهن هنن جي خيال ۾ هڪجهڙي گوڙاڻ پيدا ڪري وڌي هٿي ، ۽ هو ٻيئي پنهنجي پنهنجي زندگيءَ ٿي سوچڻ لڳا .

سنگهار سوڀل کان چار سال ننڍو هو ، پر سندس طبيعت بلڪل جدا ۽ نرالي هٿي . اڇا ننڍو ٿي هو ته کنهن گالهه ٿي ٻيءَ سان کاوڙجي جيل هليو ويو . اتي هن جي سنگت اهڙن ماڻهن سان ٿي ، جن جو ڏنڊو ٿي هو ڏاڙا هڻڻ ۽ ڦرون ڪرڻ . هن جي زنده رهڻ لاءِ به ضروري هو ته هو به هنن سان هنن جهڙو ٿي هلي . ان سان ، ان سنگت هن کي سيکجهه گهڙي وٺ بدران جنهن ڦري حاصل ڪرڻ جي عادت ڏٻي چڏي هٿي . جنهن به شيءِ کي هن پنهنجي لاءِ ضروري ٿي سمجهيو ، يا جنهن ٿي سندس دل ٿي ، اها هو زوريءَ حاصل ڪندو هو . هن پنهنجن سنگتين کان هڪ ٻيو به سبق پرايو هو : هيٺي کي ڪڏهن به نه ستائيندو هو . پورا آٺ سال جيل ٿي گذاري ، جڏهن هو ڪوٽ موٽي آيو ، تڏهن ڪوٽ جي نئين حياتي هن کي بلڪل ڏاڍه نه آئي . پٽس کي پنهنجي زمين جو ٽڪر هو ، ۽ مالوند ماڻهو هو . ڇڻ ڦٽن هوندي به سمورو ڪم اڪيلي سر هن کي پاڻ ڪرڻو پوندو هو . سوڀل اهڙي ڪم کي وڃي ڇنڇرايو هو . سنگهار

جبل هليو ويو. تنهن کان نديڪي دادن جي هانهن آخوند نورمحمد وٽي ويو هو، ۽ وڃي ڪيس ملتان جي ڪنهن مڪتب ۾ پڙهڻ ڪيو هٿائين، سيني کان نديو، ڏنو، البت سائس هانهن ۾ هلي هو، ۽ تن ڏينهن اڃا نديو هو. هن جي طبيعت ۾ نرالي هئي، سڄو ڏينهن چنگ ۽ نڙ وڃائيندو وتندو هو. سنگهار کي کهڙي خبر ته مال ڪيئن پهرائبو، ڏڪيون مينهون ڪيئن ڏيندبون. ۽ لاچار کي آچار ڪونهي. ٿورن ڏينهن ۾ هن سڄو ڪم سنيالي ورتو. ٻوءِ جيڪو وقت بچندو هوس، سو پنهنجي سرخي ٽي جڙهي ۾ مقصد پيو سواريون ڪندو هو.

هڪڙي ڏينهن وڃي سمن جي هڙين کان نڪتو، ۽ رستو پلجي ويو. جيئن تيئن ڪري هڙين کان ٻاهر آيو. سامهون انهن ٽي سمن جون ٻاجهريون هيون. هو پنهنجي سرخي ٽي سوار، ٻاجهرين مان پٽي لنگهيو ته ڪانياڻيءَ جو ڳوڙهو اچي ڪياڙيءَ ۾ ڪٽس. مڙس ڏڪ ته پڇائي ويو، پر ڪانياڻيءَ واري جي ڳولا ۾ نڪري ٻيو. ٿوروئي پوئتي موليو ته پيهي ٽي بيٺل پاڳل کي ڏٺائين. ڪانياڻي هٽ ۾ هيس، نڙي ٻيو ڳوڙهو ٽي ڪنيائين ته هن به گهوڙو آڻي پيهي جي پر ۾ جهليو، ۽ هڪ ڀڪ سندس منهن ۾ نهارڻ لڳو. پاڳل حيا کان ڳاڙهي ٿي ويئي، پر هن مڙس جي همٿ کان هوءَ هن ماڻ اک کڻي نه سگهي.

"نالو ڇا اٿئي؟" هن امڙيءَ طرح پڇيو جڏ ڪنهن ٻار کان ٽي پڇيائين.

"پاڳل!" پاڳل ائين ٽي ڀانيو ته جيڪڏهن جواب نه ڏنائين ته هينئر ٽي هو کيس کڻي ويندو.

"ڏي" ڪنهن جي؟"

"پونگر سمي جي!"

بس سوال به اهي، جواب به اهي. هن اکين ۾ فقط هيترو نياپو پاڳل کي ڏنو ته آءٌ وري ايندس. پاڳل ان نيابي کان ڏڃي ويئي، پر ساڳئي وقت سندس دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اها آس

جاڳي آئي تہ شل ائين ٿئي. هوگهوڑو مولائي، گهوٽ واپس آيو، ۽ اڃ شرط ماڻ جون متيون منجهائي ڇڏيائين: "مون کي پاڳل گهرجي — پونگر سمي جي ڏيءَ!" هن ماڻ کي چيو هو.

"ابا، پنهنجو راڄ ٻيو، هنن جو ٻيو. سما ڏارين ۾ نياڻيون کونہ ڏيندا!" ماڻس هن کي سمجهائيندي چيو هو.

"مون کي پاڳل گهرجي، سمجهيئي. آءٌ راڄ ڀاڄ مان نہ ڄاڻان!" هن ضد ڪندي چيو.

ماڻس پڌس سان ڳالهہ ڪئي. پرئي مڙس مرڳو چڙڀ ڏيئي ڪيئس، "پرائن نياڻين جو نالو ڪٽندي تو کي شرم نٿو اچي؟"

هن کي شرم نہ چا، ڳالهہ ئي سمجهہ ۾ نہ آئي. سرخي ئي چڙهي وري سمن جي گهوٽ هليو ويو. پڇا ڪري وڃي پونگر سمي جي لوڙهي ئي ٻيٺو، ۽ سڏ ڪيائين. پاڳل ان مهل جنڊ پئي پيٺو. سڏ ٻڌي، هن جو هٿ جنڊ جي هٿئي ئي ايترو زور سان ڦٻي ويو، جو نہ هٿئي هن جي مُٺ کي جهلي ورتو هو. پونگر سڏ ئي باهر نڪتو. نہ سلام نہ دعا، هن لهندي ئي چيو: "چاچا پونگر، آءٌ پاڳل جو سڱ گهرڻ آيو آهيان!"

پونگر کي جو جيلانا ڇنڀڙي ويا. هڏي ڳالهہ، نہ ئي نہ ٿيندي. نہ جاڻ نہ سڃاڻ، نہ ڪا دعا نہ سلام، جي 'آءٌ سڱ گهرڻ آيو آهيان!" پونگر الائي پاڻ ئي کيئن ضبط ڪيو، ۽ هن کي گهوريندي چيائين: "ابا، ڪير مڙس آهين؟"

"آءٌ پاڻ سوڍيو آهيان. سنگهار نالو اٿم، عبدالله سوڍي جو پٽ آهيان." سنگهار هن جي گهور کان لهرائيندي چيو.

"ابا، واه جو ٻڌين جو نالو ڪيو اٿئي. چگو مڙس ئي ڪري وڃ نہ نہ...." پونگر کان هاڻ پاڻ جهليو نہ ٿيو. ڪاوڙ کان هن جو آواز گهگهو ئي ويو. هن جون اکيون جنسي رت چڙڻ لڳيون.

"تکڙ ڪاڻهي، سيان سانجهي نائين جي مون کي سٺون سٻتو جواب نہ ملیو تہ آءٌ پاڳل کي ڪلي ويندس!" ائين چئي،

هو گهوڙي تي چڙهي وري هاجهرين ۾ لهي ٻيو. پونگر حيرت مان ڏسندو ئي رهجي ويو.

ٻئي ڏينهن سانجهيءَ ٽائين هو انتظار ڪندو رهيو. اڳ ۾ سندس اچ وچ لڳي ٻيٽي هئي. ڪيڏي مهل گهوڙيءَ ۾ ٽي هٽ وڌائين ته ڪيڏي مهل اندران ترار ڪڍي ٽي آهو. ٽئس ڪي من ۾ چير پوڻ لڳا ته چورو الائي ڇا ڪندو. ڪيس سنگهار جي طبيعت جي خبر هئي، سندن هوڏ جي خبر هئي. پر جيئن جيئن سانجهي ٽرندي ويئي، تيئن تيئن هن جي طبيعت ۾ سانتيڪي ٽيندي ويئي. ٽيهريءَ کان پوءِ، هن تڙ ڪري وڃي گهوڙو سنپرايو هو. سانجهي هالڪ آئي، ته گهاڙي هني ۾ هٿي چڙهائين. پالي جي منهن تي ڦائل رليءَ مان موٽرو ٽاهي ويڙهي چڙهائين. ٽوبري ۾ باهه، هارڻ جو سامان رکي، گهوڙي تي چڙهي، وري سمن جي هاجهرين ڏانهن رخ ڪيائين.

جڏهن ڪجهه اوندهڙو ٽيو ته اڃي ان هٿ ٻيلو، جتي پاڳل کي ڏٺو هئائين. ٻيهي جي پٽيان ٻڌهه جون ۽ دٽون لنبيل هيون. هن گهوڙي تان لهي، ٻڌهه تان مٽيءَ جو ليپو ڪڙڙي ڪوٽي لاهي چڏيو، ۽ اتي ٽي باهه هارڻ ٻاري رهيو. باهه ڏڪائي، پالي ۾ ٻڌل موٽري کي ساڙڻ لڳو. جڏهن موٽرو مچڻ لڳو، تڏهن وٽي ٻڌهه کي باهه ڏنائين. ڏکڻ ٻئي لڳو. ٽوريءَ ديرَ ۾ باهه آسمان سان گالهيون ڪرڻ لڳي. پاڻ هاجهرين ۾ لڪي ٻهي رهيو. گهڙيءَ کان پوءِ باهه جي شعاع ۾ هن ٻهارو مڙسن کي گهاڙين ۽ ترارين سان باهه ڏانهن ڊوڙندو ڏٺو. همراهه هرندڙ باهه ٽائين ٻهتا ته هو گهوڙي کي آهستي آهستي هاجهرين مان ڪڍي آيو. باهه جي آواز ۽ سمن جي رڙين ۾ هن جي گهوڙي جي سنبز جو آواز دهڇي ويو، ۽ جڏهن پونگر جي لوڙهي وٽ پهتو تڏهن ميدان خالي ڏنائين. گهوڙي جي رفتار ڊري ڪري هو لوڙهي اندر هليو آيو. گهر جون زالون ۽ باهه ڏسي پڏر ۾ نڪري آيون هيون. جيسين زالون پاڻ سنڀالين، تيسين هن پاڳل کي ڪڍي اکيان ٻهاريو، گهوڙو مولائي باهر نڪري ويو.

گوٺ وڃڻ بدران ، هن شهر ڏانهن واڳ ورائي . ڇهه مهيناگم هو . انهن ڇهن مهينن ۾ سما به روز هن جي راهه ڏسندا رهيا . جي هو ڪين ڪٽي ملي وڃي ها تہ گيراگيرا ڪري ڇڏينس ها ، ۽ لاش به ڪونہ ملیس ها . ڇهين مهيني ڪان پوءِ هوگوٺ موٽيو تہ سمن کي چوائي موڪليائين تہ 'پاڪل منهنجي نڪاح ٻڌي جوه آهي ؛ جي اوهان کي اڃا به خارون هجن تہ ٻل اڃي پنهنجي ٻانهن وٺي وڃو !' سما ميڻي ٻڌ ماٺ تہ مٺي ٻ ماٺ ڪري ، دل من هٺي ويهي رهيا .

پنهنجي پراڻي زندگيءَ جي ارڏاين البيلاين کي ياد ڪري سنگهار پنهنجي منهن کاڻ لڳو . چيا تہ ڏينهن هٽا! پر اوچتو ڪيس هڪ اهڙي گاله ياد آئي ، جنهن ڇڻ مرڪ سندس چپن تان روڙي ڪيڊي چڏي . ٿون ٿون شهرکان موٽيو هو ، ۽ وري پيءَ سان گڏ ڪم ۾ جٽيل ويو هو . گوٺ ۾ جيڪڏهن کو دوست ۽ سنگتي هوس تہ ناڪ سنڀاڻيءَ وارو روپو . روپي جو پيءَ مٺائيءَ جو دڪان هلائيندو هو . سندس مٺائي ٿٽي تائين مشهور هٽي : ٿٽي جا امير اُمراء ۽ نواب ارباب مٺائيءَ جي ٿالهن جا ٿالهه وٺائس گهرائيندا هٽا . سندس موٽيون ، ميسو پاڪ ، ڪيون ، جمون گُنبيت ڏسندي ئي ماڻهوءَ جي دل هرڪجي ويندي هٽي . جهڙي هس مٺائي ، اهڙو ئي مٺڙو ماڻهو هو . هڪڙو ئي پٽ هوس روپو . روپي کي پتلين ناهڻ ۽ ناڪ ڪرڻ جو مرض هوندو هو . شام جو دڪان تان اٿي ، ڪائي جي پرواري ميدان ۾ ، يا پنهنجي گهر جي وڏي دالان ۾ دوستن يارن سان پتلیون نچائيندو هو يا ناڪ رچائيندو هو . سندس پوپريون تہ ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويون هيون ، ۽ ڪتان ڪٽان جا ماڻهو انهن کي ڏسي لاه ڪهي اينداهٽا . سندس رام لهلا ، مومل راڻو ، لاڏي ۽ ڏاهر ايترو تہ مشهور هٽا ، جو سال ۾ هڪڙو پيرو سڄي سڏ اڇي انهن ناڪن کي ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيندي هٽي . روپو جيڪڏهن پئسو ڪمائڻ گهٽي ها ، تہ هوند الاهي ڪمائي ها . پر هو سنگهار کي چوندو هو تہ

ڀرَ پنهنجا مٿا ماٿهو آهن سپ پورهيت ۽ پورهٽي کان پوءِ جيڪڏهن گهڙيءَ لاءِ کين کا سُرڪ سُرڪ ۽ وندر ورونهن ڏيٽي سگهون ٿا ان کان وڌ ٻيو کهڙو انعام اڪرام ٿي ٿو سگهي؟' پر جڏهن کان سڌ آزادي وڃائي هٿي ، روپي ۽ سندس جيڏن يارن رام ليلا ۽ ٻن داستانن بدران سڌ جي سورهين ۽ ٻرڀَن مڙسن جا ڪردار نائڪن ذريعي ماٿهن کي ڏيکارڻ شروع ڪيا هٿا . ٿٽي کان ملتان تائين هر شهر هرگوٽ ۽ نائڪ منڊلين ۽ پگهٽن جي ڏُم لڳي ويٽي ۽ ۽ سڌ جي ڇڇي ڇڇي تائين وندر ورونهن ذريعي گهالهه پهتي ٿا سڌ غلام آهي ، سڌي غلام آهن، سڌن هولي ٿَ ٻنهنجي هولي ڪانهي . سنگهار پهرين ٿا انهن گهالهن کان پري هو ، پر روپي جي زور پرڻ ٽي هو ٻ اهي کيل ۽ نائڪ ڏسڻ هليو ايندو هو . روپي جي دالان ۽ هشام ماٿهن جا اچي ڪٺا ٿيندا هٿا . تير چٽڻ جي جاءِ نه بچندي هٿي. روپو ۽ سندس ساٿي سڌ جي تاريخ جا اهڙا اهڙا واقعا نائڪن ۽ پيش ڪندا هٿا ، جو پيرسن ۽ پوڙها ٻڙڪ اگهندا ائندا هٿا ، ۽ جوانن ۽ ڇڻ ٻڻ ۽ سرگوشيون شروع ٽي ويندڙون هيون. اهڙيون گهالهيون لڪٽيون نه آهن ، ۽ ويندي ويندي گهالهه وڃي ترخان عامل ٿائين پهتي . هڪڙي ڏينهن روپي جي منڊليءَ جا همراهه دولهه دريا خان ۽ شاهه بيگ ارغون جو ڏنڪ ڪري رهيا هٿا ٿ پليان آهستي آهستي ترخان عامل ٻن ٽن سپاهين سان اچي ميڙ ۽ شامل ٿيو. هن ڪ مهل ٿ ڪجهه نه چيو ، پر جڏهن ماٿهن نائڪ ختم ٿيڻ ۽ ٿت هن کي پنهنجي وچ ۽ ڏنو ، ڏڏهن کن کي گهالهه ڪنڪڻ نگي ٿ هن مان کو وڏو خلل هرندو . ٿيو به ائين. عامل ان ٽي ڏينهن ٿٽي چڙهي ويو . ٻن چٽن ڏينهن کان پوءِ روپي کي ترخان جهلي ويا. سنگهار ۽ ٻن جوانن ۽ ڏاڍو تاءُ هو . سنگهار روز روپي جي پيءُ وٽ وڃي ويهندو هو ۽ ڪيس دلداري ڏيندو هو . ماٿهو آخوند نور محمد وٽ به دانهين ٽي ويا. هن کن ترخانن کي اشارو ڏنو ٿ جوڪڏهن روپي کي ڪجهه ٿيو ٿ کوڙن جا

جوان ٻڪڙي ٿيندا. سنگهار ۽ ڪليو ڪلاپو ترخان کي چوندو هو ته روپي جو وار ۽ ونگو ٿيو ته ترخان عامل جو خير ڪونهي.

هڪڙي ڏينهن شام جو هو روپي جي گهر ويٺو هو. روپي جي ماءُ ۽ ميڻا لولا ۽ پاڙ آڻي سندس اڳيان رکيا. نماشام جي مهل هئي؛ روپي ۽ سندس سنگتين جي عادت هئي ته ڏندڙ سڄ ڪي ڏسي، لولا ۽ پاڙ ڪائي پوءِ ناڪ منڊيءِ ڏانهن ويندا هئا. سنگهار اڃا لولي ڏانهن هٿ وڌايو ته گهوڙن جي سنين جو آواز ڪن تي پيو. هندن جي محلي ۾ گهوڙن جي سنين جو آواز هميشه ڪنهن فتمي ڪ اڻاريندو هو. روپي جو ٻيڙ ٿي بهي ر هو. هن ويچار ن ڪنهن وسوسي ۽ پرم ڪان ڏڪڻ لڳو. روپي جي ماءُ ڪ ڏسي ڏڪڻي ويئي. گهوڙا اڃي روپي جي دروازي اڳيان ٻڌا ڪاوڙي ٻي ڪڙو لڳو ته روپي جي ٻيڙ پاڻ ٿي وڃي در کوليو. ڪوٽ جي عامل سان ڪ ٻي سپاهي، سي وڏا ڏاڪون ڪنيو ٻيٺا هئا. عامل ڪيلي چيو: "ٿي جي عامل ٻڌا گهرائي هئي، سي ڏاڪون واپس ڪيا اٿس. خالي ڏاڪون موڪلڻ ڪي بدسوڻ سمجهي، اوهان لاءِ سوڪڙيون پاڪڙيون موڪليون اٿس!"

اٿين چئي هن سپاهين کي اشارو ڏنو. سپاهين ٽيئي ڏاڪون دالان ۾ پيل صندل تي آڻي رکيا. عامل ۽ سپاهي ڪلندا ٻاهر ويا. روپي جي ٻيڙ جي منهن تي مرڪ موڪي آئي، ۽ ڪلندي چيائين: "موڻ چيو ڪون ٿو ته منهنجي ٻڌائي ڪائيندڙ ڪٿي ارغون هجي ۽ ترخان نه منجهس ٻڌهيو موڪي ٻاهر! روپي ماءُ، ڏسي ته سهي ٻه ڪهڙيون سوڪڙيون موڻ آهن!"

روپي ماءُ صندل وٽ اچي، وڏي ڏاڪون جو پڙ مٿي ڪنيو، ۽ پوءِ هڪ دل ڏاريندڙ ڪيڪ ڪري اتي ڏندڙجي ڪري ڪيئي. روپي جي ٻيڙ ۽ سنگهار ۽ ڏٺو: روپي جي وڏيل سيسي سڌي سٽين، ڏاڪون جي پڙ ٽان هن ڏانهن نهاري رهي هئي. روپي جي ٻيڙ ڪان ۽ ڏانهن نڪري ويئي، ۽ ويچارو

پنهنجي اکيلي پٽ جو اهو حال ڏسي ڪپڙا ڦاڙڻ ۽ وار پٽڻ لڳو. سنگهار کي سمجهه ۾ نه آيو ته چا ڪري. نيٺ ٻاهر نڪري ڏيي سوناري جي گهر وارن کي سڏي ورتائين، جن اڇي روپي جي ماڻ پيءُ کي سنياليو. ڳوٺ ۾ جڏ راڪاس گهمي ويو. هرڪنهن جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو. ٻوڙهن کي پنهنجا ٻچا ياد آيا ۽ جوانن کي پنهنجو هميشه کلندو ٽهڪندو يار روپو ياد اچڻ لڳو. روپي جي ارٿيءَ ۾ ڳوٺ جو هر ماڻهو، مسلمان، هندو ۽ ٻوڌي ائين شامل ٿيو جڏ روپو هرڪنهن جو پنهنجو پٽ، پنهنجو سڳو ٻاهڙ هو. مساڻڪان موتندي، سنگهار پنهنجي سموري سنگت کي اشارو ڪري، ڦٽل ڏوري ۽ لهي پيو. ويهارو مڙسن جو هو. سنگهار کي لفظ ڏاڍه نه ٻڌا اچن، جن سان هو همراهن کي پنهنجي ڳالهه سمجهائي: رڳو ايترو چئي سگهيو ته "اسين سنڌي آخر هي ڳالهيون گهڻو وقت سهنداسون. اڄو ته هميشه هميشه لاءِ هنن ڏوڪيڏڻ ترخانن جو خاتمو ڪريون!"

سڌ ۾ جتي ڪٿي جوانن ۾ اڳيئي غلاميءَ خلاف ڇڻ ٻڌي رهيا. صلاح اها ٻڌي ته هڪڙو هڪڙو همراهه سڌ جي ڳوٺن ۾ وڃي، سڀني سرويچڻ کي سڏ ڏئي ته ان ڏينهن کان پورا ڏهه ڏينهن ٻوه، سانجهيءَ ٻهر هر ڳوٺ، هر شهر ۾ سنڌي ترخانن جي چونڪين تي راتاهو ڏين ۽ سڌ مان سنڌن نالو نشان ميساري ڇڏين. جتي جتي اهو نياپو پهچي، اتان جو ڪو ماڻهو وري پنهنجي پر واري ڳوٺ، واهڻ وسيءَ ۾ اهو سنيهو پهچائي. ڪن جو خيال هو ته ڏهه ڏينهن به صبر نه ڪجي. پر سڀني جي آخري صلاح اها ٻڌي ته جيڪڏهن هڪڙي ٻا ٻن هنڌن تي اڳواڻ ڪو قدم کڻيو، ته شهرن ۽ چانوڻين مان ترخانن جا لشڪر ڳوٺن ۾ باهيون هاري ڏيندا.

سنگهار جا ساٿي سنگتي سڌ ۾ ڦڙي پکڙي وڃا. ڏٽي، سموهڻ، بکر، بديڻ ۽ امرڪوٽ تائين بغاوت جي اها چڻنگ ماڻهن جي دلين ۾ ڇڻ هاريندي رهي. جتي ڪٿي ماڻهن لاءِ ان

ڏينهن جو اوسيڙو ڏکيو ٿي ٻيو. هاري ناري، ڪمي ڪاسبي ۽ پورهيت پنهنجو ڪم هاج وساري ويٺا. ماڻهن جي منهن ۾ سرهائي اچي ويئي. وسين واهٽن ۾ هار به ٽوليون ٺاهي بيت ڏيندا لنگهندا هٿا.

"بديسي بچڑا ، ساري ڪنداسين مَنجَ ،
ڏونگرا ڏرندا ڏيهه ۾ ، لهندي سنڌوءَ آج ،
نه ڪي ٻاپ نه ڪي ٻُڇَ ، ڏسندا ڏيهه ـ ڏٽي !"

ان ڏينهن جي اوسيڙي ۾ آپ به آگمجي آيو. صبح کان ئي سنهي سنهي بوند پوڻ لڳي. ماڻهن ٽپهريءَ کان اڳي ئي مال ڀهرائي ڇڏيو. ڪوٽن ۽ شهرن ۾ جن کا ڏرتي ڏهن واري هئي: ٻهرن کان پوءِ هر هنڌ هٽ تاڙ ٿي ويئي. زالن زائفائن سوهري ٿي درن ۾ ڪي ڪڙا ڏيئي ، ٻارن کي جن ٻوٽڑا چاڑهي اندر ويهاري ڇڏيو. سنڌن دلين ۾ آڃاتو ڊپ هو ، پؤ هو ، ۽ ان سان گڏ ڪي آسون اميدون ۽ ڪي آسرا هٿا. هو ڏٽيءَ در دعائون گهرنديون رهيون ته ڏيهه تان هي ڏاريون ڪٽ لهي ٻوي ، نه وري ڪي ساوڪون ۽ سڪار ٿين ، نه جيئن وري ونيون پنهنجن ورن سان ملي مرڪ سان کا رهاڻ ڪن.

سنگهار ۽ سنڌس سائي سانجهيءَ کان اڳي وري ڏوري ۾ لهي ٻيا. ڪنهن کي خبر نه هئي نه ڪين چا ڪرڻو هو ، ڪين چا ٽيڻو هو. اوچتو سموري آسمان ۾ گاڑهو گاڑهو سوجهرو ڦهلجي ويو ، جن ته آپ به رت سان رڱجي ويو هو. ماڻهو سنڌ جي هن رت سان گاڑهي آپ ڏانهن ڏسي، دل ئي دل ۾ ڪي ٻاسون ٻاسڻ لڳا. ڏکائن ۾ ٻاوا پرارٿائون ڪرڻ لڳا ، مسجدن ۾ جهور ٻوڑها ويهي ڏٽيءَ در آرائيءَ لاءِ ٻاڌائڻ لڳا. اوچتو ترخانن جون رڙيون ۽ ڪوڪون آسمان ڏارڻ لڳيون. سنگهار ۽ سنڌس سائي ڏورو ٽپي ، ترخانن جي چونڪيءَ ٿي چڑهي آيا. ڪن وٽ پالا هٿا ، ته ڪن وٽ ڪهاڙيون. هڪ ٻن وٽ نه رکو ڏگهيون ڳريون لوڙهيون هيون. پر سڀني جي ڪمربندن ۾ ڪٽارن جا ڳن صاف چمڪي رهيا

هٿا. جڏهن هنن چونڪيڻي حملو ڪيو، تڏهن ترخانن کي سمجهه. پر نه آيو ته هي آسماني آفت ڪٿان ڪڙڪي هئي. ترخانن وٽ به سؤکڻ سپاهي هٿا. هڪي طرف سنڌي، سانوڪي ڪان ستر مڙسن جي هئي. ٽئرا ۽ ڪلاهه پٽ تي ليٽڻ لڳا. ڪنڊ ڪڇي، ڪورجي دروازن جي چائٽن اڳيان ڊهر ٿيڻ لڳا. سنگهار پاڻي سان ترخانن جا سهنا ڏاريندو عامل جي دروازي تائين پهتو. دروازي تي بيٺل ٽي سپاهي تراريون آپهون ڪري هن تي چڙهي آيا. سنگهار کي ان وقت چڱ سڳ چمي پيا هٿا، ۽ هو مست سانڍ وانگر چڱ ٽونا هٽندو اڳتي وڌندو ويو. ٻن سپاهين کي ٻنهنجي پاڻي جو ڪاج ٻڌائي، ٽئين کي ڪڇيء کان جهلي ڪٽي مٽيو ڪيائين ترخان سندس هٿن ۽ ڪڙي وانگر ڦٽڪڻ لڳو، ۽ ٻوه کيس ٻنهي هٿن سان ڪٽندي، پنهنجي مٿان ورائي کيس دروازي ڏانهن آڇل ڏنائين. دروازو زور سان ڏڪ لڳڻ سان ڪٽلي پيو، ۽ سپاهي عامل جي قدمن ۾ ليٽڻ لڳو. عامل پنهنجي تراڙ سنياڻي، ان کان اڳ سنگهار وٽس پهچي ويو. عامل هن ديوَ جهڙي مڙس کي پنهنجي سامهون ڏٺو ته سچو ٽڙڪڻ لڳو، ۽ بجاءِ وڙهڻ جي سنگهار اڳيان هٿ ٻڌي، پنهنجي جان بخشيء لاءِ آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳو. سنگهار کي الائي ڪهڙو خيال آيو: هن پاڻ هڪ ڪنڌ ۾ اڇلائي ڇڏيو، ۽ خالي هٿين عامل ڏانهن وڌيو. عامل کي چڱ پنهنجي جيئڻان جي اميد نظر اچڻ لڳي، ۽ هن هڪندي چيو: "هيء پيتي هيرن جواهرن سان پري پيئي آهي. جي سهنجي جان بخشين ته اها تنهنجي ميلڪ آهي!"

سنگهار کان ڪيل ڪري ويئي، ۽ هن ويڇهو پهچي پيتيء جو تاڪ مٽي ڪنيو. ان ۾ پيل سون چانديء جي زيورن ۽ هيرن موتين کي ڏسي هن جون اکيون ڪهريون ٽي وهون. هن عامل الائي ڪيترن سنڌين کي ڦريو ڇڏيو هو جو پيتي منهان منهن ڏٺي پيئي هئي. سنگهار جو ڌيان پيتيء ۾ هو، تڏهن عامل موقعو ڏسي تراڙ کڻي سنگهار تي وار ڪيو. سنگهار چيتي وانگر

ٿيو ڏيڻي هٿي وهو، ۽ ترخان وار خالي وڃڻ ڪري اونڌي منهن وڃي زبورن مٿان ڪريو. سنگهار سڀ ڏيڻي کي ڪٽڻ ڪان جهليس. "ڪميڻا ڪنهن جاه جا!"

ائين هن کي ڪنڌ ڪان جهلي، ڪيس هٿ وٽي آيو. ڊپ کان عامل جي منهن تي ڇڻ هيڊ هارجي ويڻي هئي. هن کي پنهنجي موت جي ايتري پڪ ٿي ويئي، جو هاڻ پاڻ بچائڻ لاءِ ڪوشش به ڇڏي ڏنائين. ترخان جو پنهنجي عملدار جو اهو حال ڏٺو، تن وڙهڻ ڇڏي ڪڍي ڪڙين تي زور رکيو. ترخان پڇندا ٿي ويا، پر سنگهار جي سائين سندن پٺ نه ڇڏي. جڏهن ڪوٽ کان گهٽو پري نڪري ويا، تڏهن همراهه موٽي آيا.

سنگهار جي چوڻ تي سندس سائي، ڪوٽ جي سمورن ماڻهن کي مسيت واري چونڪ ۾ ڪڍڻ جو چئي آيا. مشعلون هاري، عامل کي چوکيو ٻڌي، هڪ گهمرو ٿاهي بيهي رهيا. فيصلو ڪوٽ جي ماڻهن تي ڇڏيائون ته عامل کي ڪهڙي سزا ڏني وڃي، جو هن جي چرچ تي روپي کي ترخانن قتل ڪيو هو. ڪن اهو چيو ته عامل جو پٽ امير خان جهلي آڻجي، ۽ عامل جي سامهون ڪيس ڦاهيءَ تي چاڙهجي. پر جيئن ته امير خان ننڍي ويل هو، ان لاءِ ترسو اجايو هو. ڪوٽ جي ماڻهن اها سزا مقرر ڪئي ته ان چونڪ ۾ ٽياس کوڙي، عامل کي ان ۾ ابتو ٽنگي ڇڏجي. جيڪڏهن صبح تائين جيئرو رهيو ته سندس جان بخشي ويندي. ڪوٽ جي چوڪرن هاڪرن کي رونشو ٿي آيو. ٽياس کوڙي جڏهن عامل کي ابتو ٽنگيائون ته چوڪرا ديڙ تائين کيس چيڙائيندا رهيا.

ان رات سنڌين سک جو ساهه کنيو هو، ۽ بي اونا ٿي سمهي رهيا. پر صبح جو اوچتو گهوڙن جي آواز تي سڀني جي اک کلي. ائين ٿي ڀانيو جڻ درياءَ آٿلي ٻيو هو يا ڪو زلزلو اڇڻ وارو هو. ڪوٽ جي ڪنڌ جي يونڪن هيڪاري ان هڪل هنگامي کي ٽکو ڪري ڇڏيو؛ ۽ پوءِ هن نئين ڪوٽ کي

هزار کن هٿياربند ترخان لشڪري گهيرو ڪري آيا. سنگهار ۽ سندس ساٿي هڪڙي گهر کان ٻئي گهر ٽاڻين 'هشيار، خبردار' جو هوڪو ڏيندا، گوٽ کي بچائڻ جو بيلو ڪرڻ لڳي ويا. پر هنن اندازو لڳايو ته جي هنن مقابلو ڪيو تہ گهڙيءَ ۾ ترخان هنن جي لاش کي لتاڙيندا گهرن ۾ ڪاهي پوندا. ان ڪري ضروري هو ته ڪنهن طرح سان زالن ٻارن کي محفوظ ڪجي. ايتري ٿوري دير ۾ ترخانن جي گهيري کي ٽوڙڻ به محال هو. فقط اهوئي سڃهي آهين ته ڪنهن طرح سان ٽڙ ٽڪڙ ۾ زالن ۽ ٻارڙن کي گوٽ جي مسجدن ۾ پهچائجي. سنگهار پنهنجي ماڻ ۽ زال پاڪل کي چيو ته هو پاڙي جي ٻين زالن ٻارن سان گڏ واري مسيت ۾ هليون وڃن. ٻيا به پنهنجي پنهنجي زالن کي ائين ڪرڻ لاءِ چئي آيا. جڏهن زالون ٻار ۽ ٻڍا ٻيرسن مسجدن ۾ پهتا، تڏهن سنگهار پنهنجو جٿو ساڻ ڪري ترخانن جي مقابلي لاءِ تيار ٿي ٻيٺو. ۽ مقابلو ڇا هو: هڪ سنڌيءَ جي مقابلي ۾ ڏهن کان به مٿي ترخان هٿا ـــ تراريون، ٻالن ۽ ڍالن سان سينگاريل! سنڌين وٽ ته ڪهاڙيون به پوريون سوريون هيون. ڪن وٽ ٻالا ۽ تراريون به هيون، ۽ جهڙيون الڳ ۽ ٽوڙ. سنگهار پنهنجي سرخي ٿي سوار شينهن وانگر ٽنگوڙ ڪندو ترخانن ٿي ڪڙڪندو رهيو. سندس ساٿين به جڏ مرڻ يا مارڻ جو سنهن ڪنيو هو. وڙهندي وڙهندي پهر ٽپ جو چڙهي آيو. نيٺ سنڌي ديرا پوندا ويا، ڪرندا ويا. سنگهار جو سڄو بدن رت ۾ گاڙهو ٿي ويو هو. اوچتو پري کان اچلاپل هڪ ٻالو هن جي ڪلهي جي ڦڻ ۾ ڪٽي ويو، ۽ هو هٿي ٿي لٽڪي ٻيو. سرخي جي رهڻ کي جهٽڻ ٿي دير ملي، ٽيٽڻ هوا سان گالهيون ڪرڻ لڳو. سنگهار جي ڪلهي مان رت وهي، سنجن مان ٽپندو، گهوڙي جي پٺ تان لار ڪري وهڻ لڳو. گهوڙي، ديوري ۽ لهي، سمن جي ٻنهين ڏانهن ڪٽي رخ رکيو. ان هاهوڙ جو پڑاڏو سمن ٽاڻين اڳيئي پهچي چڪو هو، سي به پنهنجي بچاءَ ۾ هٿيار کڻيو ٻنهين حه

کپ ڏيو ٻڌا هئا. سرخو پنهنجي مالڪ کي ڪٿي، ڪنڌ نمائي سمن اکيان اڇي ٻڌي رهيو ، جڏ چوندو هجي: "هي منهنجو سائين آهي، هن جي پارت آڏو !" جڏهن سمن هن کي سڃاتو، ۽ هن جي حالت ڏٺائون ، تڏهن سندن دلهن ۽ هن لاءِ نفرت جڏ هن جي رت سان ڏوپجي لڪري ويئي، ۽ چاچو پولگر هن کي گهر ڪڍي آيو .

ان بغاوت ۽ ترخانن سوين ڪوٽ ساڙي جلائي ڇڏيا. آن جي ڪرن ۽ گاهه جي دڻين تان به نه لڌيا. جيڪو جوان، ٻار يا ٻيڙو سندن راهه ۽ آيو، تنهن کي ٻوزي جي نوڪن ٿي چاڙهي ڇڏيائون . سندين جي رت سنڌوءَ جي ڌارائن ۽ گڏجي ، درياءَ کي گاڙهي ڪنوار بنائي وڏو هو. اهو گهر نه هو، جتان هڪ ماڻهو نه ڪٽو هجي . هزارين سنڌي ڪنوارون ناريون ترخانن جون ٻانهيون بنجي وبون. سنگهار جڏهن چڱو ٻلو ٿي گهٽ موٽيو تڏهن ڪيتريون جاتل سڃاتل شڪليون هن کي نظر نه آيون . جيڪي ساٿي سنگتي بچيا هئا، سي به هن ۽ انگر چڇرجي ويڃي وري جيئرا ٿيا هئا. جانڪ به انهن مان هو. اهي گالهيون ياد ڪري هن وري پنهنجي پراڻي نام ڏانهن نهاريو. پر جانڪ ، اڏامندڙ ذ ۽ ڪڇ، نهارينڊو ، ڪوليندو رهيو ، ۽ سنگهار سمجهي ويو ته جانڪ پنهنجي ڪوندر پٽ کي، اندر ئي اندر ۾ وري جيئارڻ ۽ ساڻس رهاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو .

○

۴

جانڻ جو راج صدين کان وڙي ۽ ٻني جي وچ ۾ وسيل
هو. گهڻو ڻڻو سڀ هڙ ها ي هٿا يا مالوند ۽ پورهيت. پنهنجا
کير مکڻ ، پنهنجي اُن پنهنجي ڏاس ، پنهنجي ڪڪ پنهنجي
ڪپهه : هنن کي خدا جو ڏنو سڀ ڪجهه هو. ڪائي ٻي ، واڌيهه وڻون،
ملهون، ٻاهاڙا وڙهي، وري وڃي هر چوليءَ جي پر جهلينڊا هٿا.
زالون به سگهڙ — پنهنجو ست ٻاڻ ڪنهن ، پنهنجي ڏاس مان
ڪرزينون پاڻ ڏي ڏاهين ، پنهنجي اُن مان ڪٽا ۽ لوڙيون ڏاهين .
آنَ ٻيهي، گهر هاج لاهي، پاڙي جون زالون ائٽ ۽ چرخا ڪڻي،
ڪنهن هڪڙي گهر اچي گڏ ٿيندڙون هيون، ۽ ٻوءِ ائٽ به ٻيو
هلندو هو، ۽ رهاڻ به ٻيٽي رڙهندي هٿي . جهان جي ته هٿيءَ
۽ نه ڪٽيءَ ۽؛ جيڪڏهن ڏک سور هٿن، تڏهن به پنهنجي راڄ
جا . ڪٽائون ڪهاڻيون به پنهنجون، پنهنجي مال جون، پنهنجي
کير پٽن جون، پنهنجي نياڻين سماڻين جون، پنهنجي ٻنين جون،
نصلن جون، گهائي ماهي ڦرن ڏڪرن جون .ڪهن جي ڪا گڏتي
۽ اونَ هٿي ته بس اجهو اها ته گوٺ سان ڪڏهن چار ڪڏهن
ڇهه مڙس اوچتو وڃي ڪنهن لشڪر سان شامل ٿيندا هٿا. جڏهن
سومرا هوندا هٿا ته سومرن جي سما ۽ ، جي سما هٿا ته سمن
جي ڪاموڙين سان . ڪي ورندا هٿا ته سون سان ڪرزينون پري
اينداهٿا، پٽ ۽ ريشم جا ٽاڪيا ، ڪنجهي جا وڻا، ٽامي جا
ٽالهه ٽالهوون ، چاندي مڙهيل جتيون ۽ هٿا، پرٽ پريل ٽل ۽
جهلون.... ۽ پنهنجن سنگتين جي سورهيائين دلاورين جون ڪهاڻيون،
اهي جهانگي مانجهي جوان جڏ ته گوٺ جو نت نئون داستان
هٿا ؛ هنن پاڻ ۾ ٻرهه جون ڳالهيون ڪٿيون هيون

ٿھ سياري ۽ سوڙين ۽ پرڙجي ، پوڙھيون پکيون ، جوان ۽ جوانڙين کي اھي نينھن جا داستان وَر وَر ڪري ٻڌائيندڙيون ھيون ، ۽ جوان اھي ٿي داستان ٻڌي وڃي لشڪرن ۽ شامل ٿيندا ھئا ، ۽ جوانڙيون اھڙن ٿي جوانن جا ويھي اوسيڙا ڪيندڙيون ھيون .

پر جڏھن کان قنڌاري ، مڪڙن جھان سڏ ٿي وريا ھئا ، تڏھن کان ڇڻ انھن داستانن جي ڪاڪڙي وڃائجي ويئي ھئي . قصا ڪھاڻيون ۽ داستان آڻي ٿي ڪھي رھيا ، اڳتي وڌي نہ سگھيا . انھن جي اڳ جي خير ھئي ، پر پچاڙيءَ جي ڪنھن کي خبر نہ ھئي . پوڙھيون پکيون ھاڻ فقط پراڻا قصا ، پراڻيون ڪٿاڻون ڪٿندڙيون ھيون ، جن ۽ سڏ جي مانجھي مڙس جون رس رھاڻيون ھوندڙيون ھيون ، ۽ پوءِ ڇڻ ٽوڪ ھئي چوندڙيو ھيون تہ ھاڻ اھڙا مانجھي مڙس ڪٿي ؟ اھي قصا ڪھاڻيون ۽ ڪٿندڙيون ٿي ويون ، زندگي ھلندي رھي ، فقط پوڙھئي تائين محدود رھجي ويئي . ظاھر تہ ڪنھن کي سمجھ ۽ ڪونہ ٿي آيو تہ ڇو زندگيءَ جي ڪھاڻين جي ڌارا روڪجي ويئي ھئي ، ڇو زندگي مائي ٿي ، ڪٿي ٿيندي ٿي ويئي . مڙس جي منھن ۽ سرھائي ڇو نہ ھئي ؟ اوسيڙن ڪيڏ جھڙا جوان ڇو نہ ھئا ؟ پر ھنن کي ھڪ گالھہ ضرور اڇاڻ طور ياد ٿي آئي . اڳي سڏ ۽ قنڌاري ڪونہ ھئا ، پنھنجا ھئا ڌاريان ، پراوا ، اوپرا ڪي ب نہ ھئا ، ۽ ھاڻ سڏ ۽ جي ڪٿي قنڌاري ھئا ، جن پاڻ کي ڪڏھن ارغون تہ ڪڏھن ترخان ٿي سڏايو ؛ ۽ ھنن جي ڪري قنڌار جي رستي ڪان ، يا ملتان جي رستي ڪان ڪڏھن ايراني ٿي آيا تہ ڪڏھن تواني ، ڪڏھن تيموري تہ ڪڏھن مغل ، ڪڏھن عراقي تہ ڪڏھن شيرازي . کي مولوي بنجي ٿي آيا تہ کي مسجدن جا پيش امام ، کي سوداگر بنجي ٿي آيا تہ کي سوداڻا ، کي لشڪري ھئا تہ کي ھزاري ۽ پنجھزاري . ھنن سان ھر ڪنھن ترخان ۽ ارغون سردارن سان پنھنجي مٽي مائٽي ٿي ڏيکاري ، کي ماما تہ کي چاچا ، کي چاچي جا پٽ تہ کي صاحبي جا ، جنھن بہ فارسي ٿي گالھائي سو سرڪار جو مائٽ ھو !

نئين سرڪار جي سائي ۽ جانڻ جو راڄ ۾ اهين پوزهيتن سان ساڪوڑين وانگر پورهيو ڪندو رهيو. راڄ جي وڏڙن کي ڪنهن ڪن‌ريڦوڪ ڏيڻي ڇڏي ته جوانن کي گهر کان ٻاهر نه ڪيندا ته حوالي ائين ئي بنان ڪنهن باهه ٻرڻ جي گذري ويندي. ٻيڙن ۾ اها گاله ڪٿي ڪنڌ ٻڌي هئي. جوانن کي ٻاهر جي هوا کان روڪڻ کاڻ، اڇا مڇن جي ساوڪ ٿي نڪتن ته کين پراڻائي ٿي ڇڏيائون، ۽ ننڍا نيٽا جونڙا پنهنجي ونين سان خوش، پنهنجي هڙ پنهنجي ڪيڙ ۽ جنبي ويندا هئا. پر جوانن جي منهن ۾ اها سرهائي نه هئي، جا هنن جي پنهنجي منهن ۽ جواني ۽ پوري هوندي هئي. هنن جي عمر جيڻن جهڻن گذرندي ويئي، ٽيڻن ٽيڻن سندن منهن وڏيڪ آڻيا ۽ ٻڌا ٿيندا ٿي ويا، ۽ ٻيڙا کين چئي ڏيندا هئا ؛ "ابا، ڪو اهڙو واهه وريو آهي، جو اوهان ۽ اها گاله ٿي ڪانهي، جا اسان ۾ هوندي هئي!" هو کين سمجهائي ٻ نئي سگهيا، جوتوڻيڪ گاله هميشه سندن چپن تائين اچي ٿي ويندي هئي.

پر رت بدلي، ۽ وايو منڊل ۾ رت جي بوءِ پرجي ويئي. ڪڪڻ جا لابارا هئا. ڪرا آن کان بنهه ڦاٽا ٿي. ڪوٽ جا سمورا ٻرس اچي ڪرن اڳيان ٻيٺا. جنهن جيتري ٻني کيڙي، اهو اوتري آن ڪٽندو. پورهئي جي ورڇ هئي، آن جي ورڇ ڪاڻ هئي - ۽ داڻا هيڏانهن ڪي هوڏانهن. ساڳئي ابي ڏاڏي جو اولاد هئا. آن جي داڻن نان ڪهڙيون لٽيون ڪهاڙيون ڪٽيون. لٽهار کي وادي کي، رازي کي، ۽ مسيت جي مُلي کي وَٽ ڏيئي، باقي آن ڪوٽ وارا پنهنجي پنهنجي ورڇ آهر گهر ڪٽي ويندا هئا. هيلوڪو نصل ٻ پل پلان جهڙو ٿيو هو. هاڪ پئي ٻيئي راڄن ۾. پوڙها پيرسن پاڻ ۾ چرچا ڪهيا ڪري رهيا هئا ته، پريان مٽي جو هڪ واڇوڙو هنن ڏانهن وڌندو آيو. واڇوڙي ۾ گهوڙن جي سنبن جو آواز هو، جن کو لشڪر چڙهندو ٿي آيو. جن پرسن جنگين وارا ڏينهن ڏٺا هئا، تن انهن سنبن جي آواز مان ٿي سڃاتو

تہ هي ڪي وبري وريا آهن. ڪين اها آلڻ وڻي وئي تہ نندو رت آهي، جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ ٽان بحثا بحثي ٿي تہ رتو چاڻ ضرور ٿيندي. ان ڪري نندن نيڻن ڪي وڏڙن اها هدايت ڪري ڇڏي تہ ڪير بہ هجي، هنن مان ڪو سوال جواب نہ ڪري پاڻهي وڏا ڳالهائيندا.

اڃا هنن جوانن کي اها صلاح مس ڏني، تہ پهريون سوار ڪين نظر آيو. ترخان پري کان ئي ٻڏرو. هن جي پوبان پنجاهي ڪن ٻيا بہ ترخان هئا. هو همراهہ وڏي آڇي ڪرن اڳيان لٿو، ۽ فارسيءَ ۾ ڪجهہ چيائين.

"اسين اها ٻولي ڪانہ ڄاڻون، جوان! سندي ڳالهاہ تہ سمجهون!" هڪڙي ٻڌايو چيو.

سپاهين مان هڪڙو ڇٽو وڏي اڳيان آيو، ۽ گهڙيءَ لاءِ هو پنهنجي سردار سان ڪجهہ ڳالهائيندو رهيو، ۽ پوءِ هنن ڏانهن منهن ڪري چيائين: "هي زمينون امير ڪوڪلتاش ارغون جون آهن؛ انهن جي پيدائش بہ هن جي آهي. اسين اهاڪٽي آيا آهيون."

هڪڙي ڳالهہ نہ ٻڌي نہ سڀي؛ نہ ئي نہ ٿيندي. هي هڪڙو واءُ وريو هو جو مالهن جو داڻو پالي بہ محفوظ ڪونہ هو. هڪڙي پيرسن ڇڻ ڳالهہ نہ سمجهندي چيو: "ابا، اسين هتي ايامن کان ويٺل آهيون؛ ابي ڏاڏي هتان جا آهيون. اسان کي تہ سڌ ئي ڪانهي تہ هي ٻهون کي ٻئي ڪنهن جون آهن!"

"هي زمينون اصل ۾ سمن جون هيون. سمن کان حڪومت اسان ورتي آهي، ۽ ان زمينن جا مالڪ سما ڪيچ لڏي ويا آهن. ان ڪري حضور جن هيءَ سڄي جاگير امير ڪوڪلتاش کي عنايت ڪئي آهي،" سپاهيءَ چيو.

"ابا، الله الله ڪريو. هي ٻهون سمن جون وري ڪٿان آيون؟ هنن ٻهن جي نہ ڪا اڳي ڪنهن اسان کان گهر ڪئي آهي، نہ ڪو گهرندو بہ. اسان جي ابن ڏاڏن هنن زمينن کي ڪيٽون ڏيئي، جهنگ صاف ڪري سٺون ٻڌ ڪيو. اسان جي

وڏڻ هٿي هر کيڙيا، پوکون پوکيون؛ تنهان پوءِ اسان انهن کي ٻنهنجو رت ست ڏنو، ۽ هاڻ اسان جو هي اولاد پيو انهن کي سنڀالي. هر کيڙيون اسين، ٻي کنهن ٻڌي جي، سا گاڏهه کيئن ٿيندي؟" ٻيڙي ۾ ڪچهري مچائڻ واري ڊنگ ۽ ڇو.

سپاهي وري ٻنهنجي سردار سان ٻڌ ٻڌ ۽ لڳي ويو، ۽ پوءِ سڏو ڏي چيائين: "سرڪار اوهان جي حقن تي ويچار ڪندي. ٻر هيءَ زمين امير ڪوڪلتاش جي جاگير آهي، سو پيدائش مان آڏ آن جو آهي. باقي اڏ مان به اڏ اوهان جو، اڏ سرڪار جوا"

ڳوٺ جي ماڻهن ۽ چوڌاڙو ٽي ويو. نوجوانن جي ڪاهن ۽ ڇڻ ته ڇڪي پوندي ٽي ويئي. سڏن هٿن ۽ ڪنهن ٻانهي گهوڙاڻي ڪڍي لاه ڪه ٽوڙ لڳي. پر ٻيڙن کين اکين ٽي اکين ۽ ميڙون مٿون ڪون، ان ڪري لاچار هو چپ ڪري ٻيٺا رهيا. سڏن نظرون سپاهين ۽ ڪنڊل هيون. هو اهو ٽي سوچي رهيا هئا: مڙس مڙس جو مٽ آهي، اهڙا هي ڪهڙا آسمان ٽاڻ ايندا آيا آهن، جو اڄ زوريءَ اسان جو آن ڪڍي ويندا.

ٻيڙا ٻنهنجي ٻاڻ ۽ ڇڻ ٻڌ ۽ لڳي ويا. هو ايترو سمجهي ويا ته سپاهي جنهن مقصد لاه آيا هئا، تنهن کي پوري ڪرڻ ٻاڻ رهندا ڪونه، ۽ پوءِ نڀاڻن نيڻن کي ڪيترو جهليو. آخر هڪڙي پيرسن سپاهيءَ کي سڏ ڪندي چيو: "ابا، اها گاڏهه اڄ ڪاڻ نه ٻرندي. اوهين ٻري کان پنڌ پياڻا ڏسجو. لهو. چاڏو پاڻي ڪريو، ٽڪ پيجو. گاڏهه گاڏهه سان چڱندي. پوءِ به آن اهو پيو آهي، پڇي ڪونه ٿو وڃي!"

سپاهيءَ سمجهيو ته ڳوٺ جا ماڻهو ڊڇي ويا آهن. هو واقعي وڏي منزل هٿي آيا هئا، هڪڙي صلاح لاه ڇڻ اڳيئي آڏا هئا. هن پنهنجي سردار کي فارسيءَ ۾ اها گاڏهه سمجهائي. آن کڏي وڃڻ لاه کين ڊڳي گاڏين جي ۽ وهڻ جي به ضرورت هٿي، سي به ته ڳوٺ وارن کان ٽي ونڻا هٿن. ان ڪري سياڻت کان ڪم وٺڻ بهتر هو. اها صلاح ڪري هو اهي ٻيا، ۽ اتي ٽي

تمو هڻڻ کي لڳي ويا. ٻيڙن گهرن ڏانهن منڍهو ڦوڙايا نه گهوٽان مانيءَ ٿهرائي ڪڍائي اڇن. مهمان نوازي ته هنن جو مرڪ هو. مٿان ڏاريان اڀن سمجهن ته ٻيلي سڏين وٽ ويا سون ته مانيءَ جي صلاح ۽ ڪاڻ هنيائون.

ديگيون چڙهي ويون، ڦمڙون ڪڇڻ لڳيون، ۽ گهوٽ جون زائفائون ٿوهين تي ڏگڙ مٿان ڏگڙ لاهڻ ويهي رهيون. پوڙها مڙس مهمانن کي مانيءَ ڪارائڻ کي لڳي ويا، پر گهوٽ جا جوان ڇڻ اڄ خود پنهنجي وڏرن کان باغي ٿي پيا هٿا. سيني مان جاڻڻ جي پٽ عمر کان، ويڙو ٿي نڪي ٿيو. عمر کي گهوٽ ۽ هونئن ٿي اربيلو بيپرواهه سڏيندا هٿا. ڪنهن کي وٽ ٿي نه ڏيندو هو. وڏن جي نه چوڻ ۾ ٿي ڪونه هو. خود جاڻڻ ۽ ڪيس ڪونه جهليندو هو. چاچهنس نبو نه ڪليو ڪلايو چوندو وتندو هو نه "ادا، جڏهن کان چورو ۽ ٻي ٻيرا شهر گهمي آيو آهي، اصل وڻ گهوڙو ٻڌڻ نڏو ڏٺي. رڳو سڏ سڏ ڪري منڇهي پيو آهي—سڏي هيڻن، سڏي هونئن، ڇڻ سڏ جو ڪاج مڙس ڇُهلي پيو آهي!"

اڄ ۽ عمر اڪ هٿي، پنهنجن سائين جيڏن کي وڃهه وڻي ۽ واري پٽ تي گڏ ٿيڻ جي نيٺ ڏني. هڪڙو هڪڙو ٿي، وڏڙن جي نظر گسائيندو، کسڪندو ويو. جڏهن ويهارو مڙسن جو گڏ ٿيو، تڏهن عمر چيو: "آءٌ اوهان کي اڳي ٿي چوندو هوس ته هي ڏاريون نانگ ڪڏهن نه ڪڏهن اسان کي ۽ ڏنگيندو. هاڻ ته پنهنجي ڪنهن ٻڏوَ، پنهنجي اکين ڏاوَ— هاڻ چا صلاح آهي؟"

"جيڪا صلاح سچي سنگت جي، پر وڏا چا چوندا؟"

"وڏا اهوئي چوندا جيڪي ترخانن کي چيائون. ميئر اڄ ڏيڻ تي راضي ٿيندا، سپاڻي هو ٿي پتيون ڪٽي ويندا، ۽ پرينهن .... پرينهن اسان جي اکين اڳيان اسان جي ننگن کي ڪاهي ويندا؛ انهن جي ۽ ٻڌي ٿيندي وهرم ڪاڻ لڳندي!" عمر جي اکرن مان جنسي باهه جا ألا نڪري، سيني ساڙڻ لڳا.

"ڏرني اسان جي، پرهمو اسان جو، آن آپايون اسان

ڪي وڃن ڏاريان، آن کان ڏڻي مرڻ پلو،" ھڪ ٻئي جوان خفي ٿيندي چيو.

"سچ پچ جي اڄ ماڻ ڪري وڃي رھياسون تہ ھر لاباري مال، ٻرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي، ترخان اچي سيڪجھ ٻھاري ويندا،" ھڪڙي ٻئي ھمراھ چيو، جنھن کي اڃا مڃن جي ساوڪ مس آئي ھئي.

"ڀوھ .... ڀوھ وارو اينڊو مال جو، وھٽن جو. جوڪا گھٽون مينھن پسند آھن، سا ٿيندي سرڪاري مال...." عمر کان صبر ڪيو نٿي ٿيو. ھو اڃا ڪجھ چوڻ ٿي ھو، پر ڪجھ سوچي چپ ٿي وئو.

"ھي تہ ٻُڌو پر، پٽجي ھيل' واري گالھ ٿي— چي سما ھتان لڏي ڪڇ ھليا وڃا، ان کري ھيءَ زمين سرڪار جاگير ڪري ڪنھن کي ڏني آھي؛ ۽ اسان جي وڏڙن جا ھڏا، جي پورھيو ڪندي ڪندي ھن ڌرتيءَ ۾ گڏجي مسجي وڃا آھن، کھڻون ڏيندي، ھر ھلائيندي، گڏون ڪيندي، آرھڙن سمارن ۽ جو اسان پنھنجو رت ست ھن ڌرتيءَ کي ڏنو، سو ڪنھن کي ياد ٿي ڪونہ ٿو ٻوي!" ھڪڙي جوان ڇڻ شڪايت پيش ڪندي چيو.

"ٻيلي گالھ ڏڻي اٿو: مڙس اھي جي پنھنجي لڄن تان ڪھورجي وڃن. ھيءَ ڌرتي اسان جي لڄ آھي، اسان جي جيجل ماءُ آھي، جيسين منھنجي سريءَ ۾ ساھ آھي، تيسين تہ ڪو ترخان ھجي ڪٽي ترخان جو بابو ھجي، ان داڻي ۽ ھٿ ڪونہ وجھندو. اوھين جي مون سان سات نہ ڏيندا تہ آءٌ اڪيلو بہ ھنن سان وڙھي ڪان نہ مڙندس!" عمر پنھنجو فيصلو ڪندي چيو.

جوانن ۽ چوٻولو پٽجي وڃو. "اسين سڀ سات آھيون. آن اسان جي لاش تان لنگھي ڪڍدا!"

"تہ ڀوھ اڇو تہ ڪو نبيرو ڪريون، يا ھو اسان کي ماري آن ڪٽي وڃن يا اسان جون ڪھاڙيون ھنن جي رت سان رڱجي سراڻ چڙھنديون!" عمر آڻندي چيو.

سيڪو پنهنجي گهران وڃي کهڙي ڪئي آيو. زالن جو پنهنجي پٽن، پاڙن ۽ گهوٽن کي کهڙيون ڪنڊو ڏنو، تڏهن سندن منهن ۾ ڳاڙهون مائون ٿيڻ لڳا. يا الاهي خير، هي ويڻي ويڻي نيڪرن کي چا ٿيو؟ هي کهڙيون چا لاه؟ هو پلئه ڪٿي ڏاڙ ۾ پاڏائڻ لڳيون. ڏٺي منهنجا، پنهنجي رسول جي صدقي هن کي هر وهري ڪان بچائج!" هن الائي ڪيتريون ڀاسون ڀاسيون. الائي ڪيترا سوڙ آپسوڙ ڪيا، رڳو ان لاه ته نيڪر صحيح سلامت موڪلي اچن.

جڏهن ترخان مانيڪائي واندا ٿيا، تڏهن سنڌي گهاڻيندڙ سپاهيءَ ڪنڙن کي چيو ته آن ڪٿي وڃن لاه ڳاڏيون به هنن کي ڏيڻيون پولديون؛ ۽ هنن اهو به فيصلو ڪيو هو ته ٽن پٽهن ۾ران رڳو اڌ ان کي ويندا جو هارپ جو حق جتي ڪٿي اڌ حصو هو. پير مڙدن جا ڪڏ هيٺ ٿي ويا. هن انڌير جو هنن وٽ سواءِ صبر جي ڪوبه جواب نه هو. جڏهن سپاهي ان جي ڪرن ڏانهن وڌيا، تڏهن هنن ويهارو مڙسن کي کهڙين سان اڳي ٿي اڻي ويڙهل ڏنو، جن هنن کي اهڙين نظرن سان ڏٺو، جن ۾ هاڻ ڪابه مهماننوازي نه هئي.

پير مردن به پنهنجي نيڪرن کي کهڙين سان ڏنو ته هو به حيران ٿي ويا. جانڻ پٽ ڪان پڇيو "ابا عمر، هي چا آهي؟"

"بابا، اسان هي جيئري جي ترخان آن ڪٿي وڃن ته اهڙي حياتيءَ تي حيف آهي!"

جانڻ ۽ ٻيا به منجهي بيهي رهيا. ڪالهه جوانن جي سچي هئي. ڪو وقت هو جو هنن به ترخانن سان چوڻ ون ڪاڏيون هيون. وهي چري چوندا آهن هت ته چمار چري ٿي پئي هئي. هن کي منجهيل ڏسي، سنڌي گهاڻيندڙ سپاهيءَ چيو، "اجائي رتو چاڻ ٿيندي مڙي وڃو!" من آهستي چيو، پر سندس لفظن جو ڏڪو ڪنهن کان ڳجهو نه هو.

اوچتو سردار پنهنجي ترار آپي ڪنديءَ کهوڙي کي اڙي

هئي. هوڏانهن کهاڙيون آيون ٿي پهنجا نشانا گوائڻ لڳيون. پيرسٽن مان هڪ ۽ ٽي اڳ ۽ هڻڻ ڪري پهرين وارن ۽ اڇي ڏکجي ڪري ٻيا. ٻين هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ، ٻيو ڪجهه نظر نه آيو ته تنهن جا ڪلا ، ۽ سڪل بانڪاڪٽي ورتا ۽ پنهنجن ڇڻ سان گڏ وڙهڻ ٻهي رهيا. راڙو راڙ مچي ويئي. گهوڙن جي هٽڪارن، تراربن ۽ کهاڙين جي ٽڪرائڻ جي آوازن ، ترخانن جي رڙين ، ۽ ڪوٽائڻ جي هڪلن اهڙو هنگامو ٻڌا ڪيو ، جنهن جا پڙاڏا دور دور پهچڻ لڳا. عمر جي کهاڙي باهه جي رڇي وانگر ترخانن تي ڪڙڪڻ لڳي. جوانن کهاڙيون ائين ٿي هلايون ، جڻ کهاڙين ۽ ساهه پنجي ويو ، ۽ باز وانگر هڪڙي شڪار کي ڏسي هٿندي، ٻي ٽائهن ٿي پهتيون. جاڻ وٽ ڪوبه هٿيار ڪونه هو. هڪڙي ترخان جو وار بچائي ، هن ڪٽي چيلهه ۽ هٿ وڌس ، ۽ ٻوه کيس ٻهي هٿن ۽ ڪٽي ، ونئي ٻين ترخانن جي وچ ۽ اڇلايائين. ترخان جي ترار هيٺ ڪري ٻئي ، سا جهٽن نڙي ٿي ڪنيائين ، ته ٻئي هڪڙي ترخان جي ترار سندس ڏورو ڪپي ويئي. سورڪان هو وري آپو ٿي ويو. ان ترخان وري مٿس ٻيو وار ڪيو ، پر هن جي ٻانهن مٿي رهجي ويئي. هڪڙي سنڊي جي کهاڙي سندس چيلهه ڪپي ويئي. ۽ هو رئب ڪري منهن پر زمين ۽ گڏجي ويو. جاڻ جهٽ هٿي سندس ترار کسي ورتي ، ۽ ٻاسي ۽ هڪ ترخان جي پٺ ۽ لنگهائي ڏني. ترخان اهڙي ڪيڪ ڪئي ، جو خود جاڻ جا وار آيا ٿي ويا. هن ترار ڇڪي ڪڍي ته ترار سان گڏ ترخان به اچي مٽائنس ڪيو. ٻي ٻانهن ڏکيل هڻ ڪري هو ٻاڻ سنڀالي نه سگهيو ، ۽ آڏڙجي ڪيري ٻيو. جوانن مان عمر ۽ سندس ٻه سائي سردار ڏانهن وڌيا ، ۽ سردار جي چوڏاري ترخانن اهڙو گهيرو ناهيو هو ، جو جيڪڏهن کو ترخان ڪيو ٿي ته هڪدم ٻئي ان جي جاه ٿي والاري. عمر اڳهان وڌي بجاه ترخان تي وار ڪرڻ جي گهوڙي جي پٺ تي وار ڪيو. گهوڙي کي ڏک لڳو ته اڳهون ٻئي ٽنگون مٿي

ڪڍي ، پوين ٽنگن ۾ ويهي، وري اٿڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. گهيري ڪي ٽوڙڻ لاءِ اهو وجهه ڪافي هو. عمر ۽ هو هما همراهه گهيري جي وچ ۾ پهچي ويا. عمر جي ڪاڙي سردار جي ٻانهن هلهي وڃان ڪپي ويٺي. سردار ڪريو ، ته ترخانن ۾ ڏاڪوڙو پئجي ويو ، ۽ وار ڪندا، روئڻي هٿ لڳا. گهڙي به نه گذري ته گهوڙن ڪي اڙيون هٽندا پڄڻ لڳا. پڄڻ ۾ هما ته ڪڏ ورائي پويان ڪونه نهاريائون.

زالن جو، هاهوڪار ۽ رڙيون ڪوڪون ٻڌيون، سي پيرين آگهاڙيون ڪرن ڏانهن پگهون. اتي پهچي، جيڪي ڏٺائون، تنهن هنن جي هنيان ۾ چڪ وجهي ڇڏيو، ۽ سيڪا پنهنجي ياهه يا مڙس کي ڪريلن ۽ ڏکيلن ۾ گولن ۾ لڳي ويٺي. ٿي پيرسن، ۽ ۽ جوان سندين جا آڦٽ مري پيا هٿاڻ پنج ڇهه ڏکجي پيا هٿا. عمرڪي جنهن ٿي ڏٺو، تنهن ٿي سمجهيو ته هو ڪو سچو ڏکيو پهو هو، پر هن کي رڳو ڪلهي وٽ هڪ ترار جو ڏڪ لڳل هو. باقي ٻين جي رت هن جا ڪپڙا رت ورنا ڪري ڇڏيا هٿا. ترخانن مان نوَ ڇٽا ته مٿا پيا هٿا ، ڇهه ڇٽا اهڙا ڏکيل هٿا، جو بچڻ جو آسرو ڪونه هو. ٿي چار ڇٽا پنهنجن ڏکن ڪان ڪجهندا ڪرڪندا نظر آيا. انهن مان هڪڙي جي ٽنگ سٽر وڃان ڪپجي ويٺي هئي. اهو سندي ڪالهائيندڙ ترخان هو.

جوان ٻوڙي گهرن مان ڪٺون ۽ نڏا ڪٽي آيا، ۽ لاشن ۽ ڦٽيلن کي گهر پهچائڻ لڳا. سڀني جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ هئي، جنهن سندن منهن ٿي هڪ عجيب رونق آڻي ڇڏي هئي. سندن دليون پنهنجي ٿي سورهيٽي ڪان سرشار هيون. ڪي البت اهو سوچي رهيا هٿا ته هيل ته ان جا ڪرا بچي ويا، پر آئيندي ڇا ٿيندو؟ ڪوڪلتاش ڪي اهو نياپو مليو ته سانڊي واڳر گاڙهو ٿي ويندو ۽ بدلي وٺڻ لاءِ ضرور ڪاهي ايندو. ڦٽيلن کي گهر پهچائي، وري جوانن به پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ شروع ڪئي، ۽ پهچي واهڻ کي راتاهي ڪان بچائڻ جون رٽون رٽڻ ويهي رهيا.

ڳوٺ ڏانهن اينڊر رستن تي پهري ڏيڻ جون صلاحون ڪندي، هنن عمر جي هڪ رٽ تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ان رستي کي هيڻان ٿي هيڻان سرنگهه وانگر کوٽي، مٿان وري ٻڌه ۽ ڪڪ اهڙيءَ طرح سانداري چڏهائون، جو هريان ڪنهن کي به شڪ نه ٿيو ته انهن ڪڪن هيڻان کي ڪاهيون کوٽيل هيون.

جانڻ جي ڏوڪ تي ڳوٺ جا ٻوڙڙ به هاڻ صلاح بدران پنهنجين زمينن ۽ پنهنجي آبروءَ لاءِ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا. جانڻ ته ترخانن سان جهيڙي چڪو هو، تنهن کي ڪي هڻي نه ڪوڪلناش حملو ضرور ڪندو. هن ويجهيءَ چڪ ۾ پنهنجن سمورن سنگتين کي چوائي سوڪليو ته سڄيٽي ڏيڪارڻ جو وقت اچي ويو آهي، ۽ جنهن کي واءُ ڪرڻي هجي، سو هليو اچي. ٽورن ڏينهن ۽ هي ننڍڙوڪونڙو چڱي سوچاري چانوٽي ٻڌجي ويو. مالهن ۽ هاڻ ڊپ ۽ هراس بدران ايمان ۽ گهمند موڪي آيو هو. رات جو پهري وقت همراهه ڪچهريون ڪندي، ترخانن سان ڪڏل چوڻن جون ڪهاڻيون ڪڍي ويهندا هئا. چار پهر گذارڻ لاءِ سنڌ جي سورهين بابت نڙ بيت، ڳجهارتون ۽ پرولهيون سر ڪرڻ ويهي رهندا هئا. ۽ پوءِ جڏهن فجر جي رنگ اينديءَ هئي، تڏهن سڀڪو ڪلمو پڑي مسجد جو رخ ڪندو هو. پنهنجي وڏڙن جون ڳالهيون ٻڌي، ننڍن جوانن جا حوصلا جيڻ پوءِ ٽيڻ وڌندا ويا. هو روز آڏسنا ٿاهيندا هئا، مورچن تي ويهي دشمن جو انتظار ڪندا هئا، ملهون ۽ ٻاهاڙا وڙهندا هئا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن دشمن جي حملي جا سانگ ڪري، پنهنجي رڻائن جي اوٽاڻن کي ظاهر ڪندا هئا.

زائفائون پنهنجي سُهڻن سڻهن جوانن ۽ وڏڙن جون چوهولهون ٻڌي پنهنجا آڏسنا ٿاهيندون هيون. پٽارن کي ڏهي، سڌون ڪڍي، ۽ نوَ، چار چار ڪڍجيُ ڏڌ ولوڙڻ ويهندون هيون ته بجاءِ سڀيءَ سيبي، يا سگهن ۽ مٿن مائٽين جي ڳالهين جي، پنهنجي مڙسائن جي سورهائين جون ڳالهيون ڪنديون هيون. ڏڌ مکڻ کان واندڪائي ۽ کان پوءِ، هو هٿيارن کي هٽ مهٽ ڪرڻ ويهي رهنديون هيون.

ڪهاڙين، تراڙين ۽ پالن جون ساراهون هلندڙون هيون، ڳڻ جي چيڙن، ۽ ڦاڙن جي ڦجاين جون ڪهاڻيون ڳائيندڙ هيون.

هر دشمن هنن کان وڏيڪ خوفناڪ هو. ڪي مهينا گذري ويا پر ڪوڪلتاش جا ماڻهو جڏ ته آيا ئي ڪونه هئا. سندس سپاهي، جيڪي ڏيڪجي ويا هئا، سي به ڇڪا پلا ٿي، معافيون گهري روانا ٿي ويا. ڪن جوانن جو خيال هو ته ڪين واپس وڃڻ جي موڪل ئي نه ڏجي، هر وڏڙن ان کي سندي سورهين جي شان وٽان نه سمجهي، ڪين ڪير مڪمل ڪارائي، رضا خوشيءَ سان موڪل ڏني ته وڃي پهنجن پڇن پيڙا ٿين. هنن به وڃي ڪوڪلتاش کي گوٺ وارن جي تيارين، ۽ هري پري کان آهل سندي پرويڇن جون خبرون ڏنيون هيون. ايترو وقت جو گذري ويو ته گوٺ جي ماڻهن کي ڪي ٿيندي ويئي ته ترخانن شايد پنهنجي غلطي محسوس ڪئي هوندي، يا سرڪار به ڪين اهڙي ظلم تي لعنت ملامت ڪئي هوندي، ان ڪري ترخان وري گوٺ جو رخ نه ڪندا. هنن جون چونڪيون ۽ پهريدارين هري هري ٿي سست ٿيندڙيون ويون. ٻاهرين يار دوست سائي سڄڻ به موڪلائي وڃڻ لڳا، ۽ ڳوٺڙو وري آمن ۽ سڪون جي حمائتي گدارڻ ۽ پنهنجي پورهئي ۾ مست رهڻ لڳو.

محرم جي ڏهين تاريخ هئي، گوٺ جي ماڻهن مان اڪثر مٿي ماڻهو روزائتا هئا. ڏٺي مان هڪ وڏو مولوي وعظ ڪرڻ لاءِ گهرايو هئائون. سانجهي ڀانگ ڪان ٿورو اڳ، ماڻهو هري هري ٿي مسجد ۾ گڏ ٿيڻ لڳا. جن جوانن کي چونڪين ۽ مورچن تي رهڻو هو سي به اڄ ڏٺي جي مولوي صاحب جو وعظ ٻڌڻ ڪاڻ مسجد ڏانهن رڙهي آيا هئا. سڄ جو آخري ڪيرٽو، روزائتن جي منهن تي شڪراني جو ٻاڇو وجهندي مسجد جي ڪنڊن ڪان گهڻو دور، سڌ ساگر ۾ سمائجي ويو، ۽ ڏينهن ڀانگي پنهنجي پرسوز آواز ۾ ٻانگ شروع ڪئي: "اللّٰه اڪبر، اللّٰه اڪبر، اللّٰه اڪبر اللّٰه اڪبر، اشهد ..... " اوچتو ڏينهن جو آواز روڪجي

ويو. ۽ گھوڙيءَ ساهت کان پوءِ "لاالٰه" جي آواز جو سوز ۽ نئين معنيٰ سان سمورن ماڻھن ني ڄاڻجي ويو، ۽ ڏينو ڇاڙھيءَ جي ڏاکي ڏان ڏونڊو ٿاھڙندو اچي ڪن نمازين جي وچ ۾ ڪريو. ھڪ تير سنسڪ نڙ گھٽ ۾ ڪتل ھو، ۽ ھن جو ساھ ٻانگ جا آخري حرف آلاپڻ جي ڪوشش ڪري رھيو ھو. ان ساڳيءَ گھڙيءَ ۾ زالن ۽ ٻارن جون ڪوڪون آسمان ڏارڻ لڳيون. گھوڙن جون ھٽڪارون، ھٿيارن جا شپڪا، ۽ سوارن جون ھڪلون، ڏز ۽ مٿيءَ جي غبار سان گڏجي، قيامت ۽ محشر جو غوغاءَ بنجي ويون. جوان ھڪدم پنھنجن مورچن ڏانھن پڳا؛ ڪي پنھنجي گھرن ڏانھن ڊوڙيا؛ ۽ ڪي پيرسن اتي ئي سجدي ۾ ڪري ڏڻيءَ در ٻاڏائڻ لڳا. ڪنھن ڪي به پنھنجو ھوش نہ ھو: پيرين اڳھاڙا، ھٿيارن بنا ھرڪو پنھنجي منزل ڏانھن وڌي ويو. ۽ ترخان ھيل ڪنھن ڪوٽ تي ڪاھ ڪرڻ بدران وڌيءَ جنگ لاھ سڪيري آيا ھٿا. مسجد مان نڪرڻ تي ئي ماڻھن ڏٺو تہ ترخان ماڪڙ وانگر ڪوٽ ۾ ڦھلجي ويا ھٿا، ۽ جيڪو ٿي سامھون آيو، ان تي ھڪ ئي وقت ڏھ ڏھ تہ تراريون ۽ ڀالا ڇڪي ٿي پيا. جوان مورچن تي پھچڻ کان اڳ ڏکجندا، ڦٽجندا، ڪرندا ويا. ڪن جوانن مڙسي ڪري ڪنھن نہ ڪنھن ترخان کي گھوڙي تان لاھي، ڪو ٻالو ڪا تراڙھ ڪري وڌي، ۽ ان طرح سان وڙھندي وڙھندي پنھنجن مورچن ڏانھن وڌڻ لڳا. ۽ ترخانن جي ڪٽ خلق ھزارن جي تعداد ۾ ھئي. انھن سان وڙھي پوري ٻوڙ اڻ ٽيٽي ھئي ..... ۽ پوءِ جڏھن ترخانن گھرن ۽ لوڙھن کي باھيون ڏيڻ شروع ڪيون، تڏھن سيڻي جون ھمٿرن جواب ڏنو ويون. پنھنجن ڇڇن کي بچائڻ لاھ ھرڪو پنھنجي پنھنجي گھر ڏانھن پڳو. ھڪڙو ترخان گھوڙو ڊوڙائيندو وڌي واڪ چوندو ويو: "سنڌيو، پنھنجي زائفائن ۽ ٻارن جي جان پياري اٿوَ تہ پيش پئو .....!"

جڏھن ھاميرَ ڊري ٿي، تڏھن امير ڪوڪلتاش اڳيان ويھارو ڪن جوان، ۽ ڪوٽ جا سمورا پيرسن ڪنڌ جھڪايو بيٺا

هٿ. ستر آسي مڙس ته ترخان جي قتل عام جو شڪار ٿي چڪا هٿ. ڪوڪلتاش جي منهن ٿي عجيب مرڪ هئي. هن هڪڙي ترخان کي اشارو ڪيو. ترخان اڳيان وڌي سندس ڪ چيو: "اوهان جي ڳوٺ جو پرهو مڙس ڪير آهي؟"

ڳوناڻن جون نظرون جانڪ کي ڳولڻ لڳيون. پر ميڙ ڪ جانڪ ڪونه هو. پاڻ ڪ سس پس ڪندي هنن پهرسن حاجي خالقڏني کي ڪڍي اڳيان ڪيو.

"سو تون آهين هتان جو پرهو مڙس؟" ترخان ڇڻ ٽوڪ هڻندي چيو.

"ابا، جيڪا سينهي جي صلاح، سان منهنجي ....."

ترخان فارسي ڪ امير ڪوڪلتاش سان گهالهائڻ ڪ لڳي ويو. ڪجهه ديرکان پوه وري ڳوٺ وارن ڏانهن منهن ڪري چيائين: "حضور جن اوهان جي اڳين سرڪشي تي سخت ڪاوڙيل آهن. پر خدا جي خوف ، ۽ حضور قبلا مرزا باقي بيگ جي رعيت پروري ڪي خيال ڪ رکي، هي فيصلو ڪيو ويو آهي ته يا ته اوهين سڀ هي ڳوٺ ۽ زمينون خالي ڪري هتان هليا وڃو، يا هت رهي، حضور جن جي زمين تي هارين وانگر رهي، اڄ پيدائش جو سال بسال حضور جن کي نٿي پهچائي وجو!"

ڪنهن به جواب ڪونه ڏنو. جوانن مان ڪيترن چيو ته هو لڏي وڃڻ لاء تيار آهن، پر پهرسن ان تي راضي نه ٿيا. ابائا ڪک چڏي ڪٿي دربدر ٿبو! نمٽ صلاح ٻڌي ته اڄ آن ڏيڻ لاء راضي ٿجي. حاجي خالقڏني چيو: "ابا، آهي ته انڌير، پر امين اڄ آن جو پهچائي ڏيندا سون!"

سپاهي وري امير ڪوڪلتاش سان گهالهائڻ ڪ لڳي ويو- ۽ پوه وري چيائين: "حضور جن اوهان جي جواب کان خوش ٿيا آهن. پر اڳين شورش جي عيوض، پنج ڪنواريون نينگريون حضور جن جي حرم لاه پيش ڪريو!"

هن اڃا پنهنجا لفظ ٿي پورا مس ڪيا ته عمر لوهڻ پاڻي

ڪٿي هڪ وڏس. اهو سيڪجهه ايترو اوچتو ٿيو، جو ڪنهن کي به سمجهه ۽ نه آهو ته ٿيو ڇا. ترخان جي رنپ ڇڻ وري سڀني کي هوش ۽ آڻي ڇڏيو. ترخان جي پنهنجي ترار سندس پوٽ جي آرهار لنگهي ويئي، ۽ هو آتي ئي ڪنل ڏڪي جيان ٿڌي ۽ ليٽڙيون پائڻ لڳو. جيڏيءَ مهل عمر ترار ڇڪي ڪڍي ته ڏٺم پالا سندس سڀني جو گهيرو ڪري بيٺا هٿا. عمر پنهنجي چوطرف نهاريندي، ترار ڦٽي ڪري ڇڏي.

گهڙيءَ لاءِ مات ٿي ويئي. ڪوڪلاش جو منهن ڪاوڙ کان اودو ڪارو ٿي ويو، ۽ هو فارسيءَ ۽ گاريون ڏيڻ لڳو. هن جي حڪم تي عمر کي رسن سان چوڪنيو ڪٿي ٻڌائون. ٻوه هڪ ترخان اڳيان وڏي چيو: "حضور جن اوهان تي رحم ڪائي. اوهان کي گوٽ ۽ رهڻ جي اجازت ڏني. هي ان جو بدلو نا ڏيو. هن ڪميڻي هاڻ حضور جي دل مان رحم پاڙون پٽي ڪيي ڇڏيو آهي. هن کي سزا خود حضورجن تجويز ڪندا. اوهان لاءِ هي حڪم آهي ته گوٽ ۽ جيڪو به آن آهي، سو آڻي پيش ڪريو. سون کي حضورجن نوازش ڪري هن گوٽ جو عامل مقرر ڪيو آهي. آڳ سو سپاهين سان هت چانوٽي ڏني رهندس. جيئن آڳ اوهان سڏڻ کي اطاعت ۽ فضيلت سمڪاريان. ياد رکو، منهنجو نالو شهباز خان آهي، جنهن کان شيطان به پناهه گهرندو آهي. هاڻ وڃو، ڪرن ۽ گهرن ۽ پاڏن ۾ جيڪو به آن آهي، سو گاڏين تي لڏي حضور جن سان روانو ڪريو. جنهن به گهر ۽ کو هٿيار هجي، سو به چانوٽيءَ تي پهچايو، ۽ ياد رکو، کنهن به ماڻهو کا سرڪشي ڪئي آهي، سرڪاري حڪم جي انحرافي ڪئي آهي، تہ ان جي گهر جي سمورن ماڻهن، زالن ۽ ٻارن کي آڳ ڏئي جي بازارن ۽ نيلام ڪندس. وڃو، ڪتؤ! اڃا بيٺا آهيو!"

هن جي اشاري تي ترخان سپاهين، پالن جي نوڪن سان گهرن ڏانهن وڏن جو اشارو ڏنو. سڀ ڪنڊ هيٺ ڪري پنهنجي

پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ لڳا. عمر جا ڪي ساڻي سنگتي ڪجهه وقت بيٺا رهيا، پر ترارين ۽ پالن جي چوڪن هنن ڪي، ۽ پنهنجي بار ڪي چڏڻ لاءِ مجبور ڪري وڌو.

ڪهڙا گهر سڙي ويا هئا. گهٽين مان لاشن ۽ قتيل همراهن کي کڻندي ٿي کين فجر ٿي ويئي. جانڻ ايترو ڏکجي پيو جو پهرين ته سيني سمجهو ته وڃي ڏٺي در پرتو. سڄي رات مختلف گهرن مان دانهن، ڪوڪن ۽ رڙين جا آواز ايندا رهيا. ڏاڍي قيامت جهڙي رات ته هنن شاهه بيگ واري واردات پيري به ڪانه ڏٺي.

فجر نماز تي جڏهن نمازي آيا، تڏهن مسجد جي ٻاهران ڪوهه تي هنن جيڪي ڪجهه ڏٺو، تنهن سندن ڏٺن تي نسورو لوڙ ٻرڪي چڏيو. ڪوٽ جو شهزور جوان عمر ڪوهه ۾ آيتو ٽنگيل هو. جڏهن ڪيس ڪوهه مان ڪيڙائون تڏهن هن ۾ اڃا ساهه باقي هو. پر هن جي بدن تي جتي ڪٿي ڏنين جا نشان هئا، جتان ڪچو گوشت ڏڙي نيرو ٿي ويو هو، ۽ ڪٽان ڪٽان ان نوري رنگ مان رت جا ڦڙا ٻڙڪي ٻاهر ٿي نڪتا. جتي سندس اکيون هيون، اتي هينئر ڪچي گوشت جا ٻه ٻوٽ ٻاهر ڏڪي پيا هئا. هن کي مسجد جي هڪ ڪنڊ تي سمهاري، حڪيم ڏانهن ماڻهو ٿي ڊوڙايائون، تڏهن هن پنهنجو ڏکندڙ هٿ متي ڪڍي کين منع ڪئي، ۽ پوءِ هنن جي ڏسندي ڏسندي، عمر جي چپن مان "جيئي سڏ!" جو جهيڙو سڏ، هن جو ساهه بڏجي، عرش آڏامي ويو.

جڏهن جانڻ پنهنجي هن ڪوندر پٽ جو اهو حال اکين ڏٺو، تڏهن الائي ڇو هن آه به نه ڪئي. هو ايترو قتيل هو، جو هن لاءِ انڻ به محال هو. پر ان جي باوجود هو سٽ ڏيئي اٿي بيٺو، ۽ جهڪي سندس نرڙ تي چمي ڏيندي، آهستي آهستي پڪندي چيائين.... ..."ابا، سڏ ڪي پرتين..... ڏٺي ڪي پرتين!"

○

۵

پرهه جي ڏڙي هير ڏٽي مٿان ائين گهلي رهي هئي جڏ
کا سڄڻ پنهنجي ننڍاکڙي ساجن کي پلڻ سان واءُ ڪري رهي
هجي. مٿا مٿا سيءُ وڻن جي پنن کي ماڪ جي موتين سان رهاڻ
ڪرائڻ لڳا ۽ سنڌ جي وڻ ۽ اهي ماڪ جا موتي جڏ سنڌ
جي دکن ڏي آسمان جي مالڪ جا لڙڪ ٻڏجي وڃا هئا. ٻوڙهي
بيبي خانم امير خان جي خواب گاهه ڏانهن ويندي، چپن ۽ ٻڪندي
ڏي وئي. ديوانخاني ۽ غالڇي ڏي جميل رت ۽ ٻڪل جامن
صراحين جا ٽڪر ڏسي هن کي راتوڪي رات ياد اچي وئي
سليمان جو ڏاڏو ٽيل مڙهه جڏهن پهريدارن کنيو هو ، تڏهن ائين
ڏي پاڻيو ، جڏ ته هو ڪو سالن جو مڙل هو . منجهائس هڪ
ڪندي بانس سڄي محلي ۽ ڦهلجي وئي هئي. سندس اکيون ڪنهن
اچرج کان ڦاٽل هيون ، جڏ مڙدي کي پنهنجي مڙل هجڻ جو
يقين ڏي نه هو. سندس چپن ڏي ڪنهن ڪجوراڙيءَ جون ڪڙيون
ٻڏ جي وڃون هيون. امير خان هڪ ـ ٽڪ هن جي منهن ۽
نهاريندو رهيو هو . خود امير خان جي منهن ڏي جڏ ڪنهن
تازي هيڊ هاري ڇڏي هئي. سندس اکيون، جڪي هونئن ڏي
انگوريءَ ڪان پوهه، اڏو کاريون بند رهنديون هيون، سي اڳئين کان
اڳريون کليل هيون . ٻيڙي بيبي خانم کي مٿس ڪهل اچي وئي
هئي . هن امير خان کي ڪڏهن به ايترو ڊنل نه ڏٺو هو. هن جي
پرسان پهچي، جڏهن کيس هٿ لاڏو هٽائين ، تڏهن هو سرهه جي
سڪل ٻن جيان ٽڙڪن لڳو هو ، ۽ بيبي خانم ڏٺو هو ته هن
اکين جي ڪندن ۽ لڙڪ پرجندا ڏي آيا. بيبي خانم جي هيٺئي

۽ ڪو ڪهڙو سور جاڳي ٻيو، ۽ هن دل ئي دل ۾ ڏئي ۽ در ٻاڏائيندي، هن جي وڏي ۽ عمر لاه دعا گهري هئي. هن جي ٻڌڻ ۽ هن ترخان لاه مامتا جوڻ لطيف لهرون جاڳي اٿون هيون، ۽ سندس هٿ وئي ڪيس خواب‌گاهه تائين وئي آئي هئي. ڪيس پلنگ تي ويهاري، هو ليلي ۽ ڪي وئڻ لاه، هن جي ڪمري ڏانهن وڏي آئي. ليلي پنهنجي ڪمري ۽ پنهنجي پلنگ تي اڏ ليٽيل هئي ـــ سندس ڏڳها وار وهاڻي تان وري، پلنگ کان هيٺ لڙڪي رهيا هئا، سندس اڏ ڪليل آرهه جڏ ته سياڻي کان ڏڪي رهيو هو، سندس اکيون چت ۽ ڪنگيل فانوس ۽ ڪتل هيون، سندس هڪڙو هٿ هڏ جي ريشمي چادر تي بيسڏ ٿيو پيو هو، ۽ ٻيو هٿ سندس ڏن تي اونڌو رکيل هو. بيبي خانم هري هري ٿي، اڇي سندس سيراندي ۽ کان ٻيهي رهي، ۽ آهستي آهستي پنهنجي جهور پوڙهي گهنجيل هٿ سان هن جي وارن ۽ آڱرين قيرائڻ لڳي هئي.

"ڏي ۽، اڄ هو بيحد اداس آهي. وڃ، وڃي سندس دل وندراه!" ٻڌڻ بيبي خانم جي آواز ۽ التجا هئي.

"آڃ نه ويندس هن وٽ! هو ڪافر آهي، بزدل آهي؛ هن مون‌کي هڪ سنڌي ۽ اڳيان بي‌ردو ڪيو آهي؛ آڃ نه ويندس ....." ليلي ۽ جي اکين ۽ لڙڪ اڇي وبا.

بيبي خانم منجهي پئي. هن‌کي ليلي ۽ جي هوڏ جي خبر هئي. هن جيڪڏهن ڪيس وڃڻ لاه زور ڀريو ته هو ۽ خنجر پنهنجي پيٽ ۽ ڏنبي ڏيندي. ۽ اميرخان اداس هو، سندس دل گهايل هئي، ان ئي دلداري ۽ جو ٻهو رکڻ فقط ليلي ۽ جي هٿ ۽ هو. هن جي اندر جي عورت جاڳي پئي، ۽ هن چيو: "اڄ تنهنجي اکين ۽ جهڪ پئي ڏسان؛ تنهنجي آرهه جي هي ۽ مونجهه. مون اڳ ڪڏهن به نه ڏٺي آهي؛ متان چوري، سنڌي ۽ کي دل ڏيئي ويٺي آهين؟"

ليلي ۽ کي جڏ ڪنهن نانگ ڏنگي وڌو؛ جنهن ٻوڙا کي اڃا هوء سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، سا هڪ تير

بنجي هن جي دل ۾ چيڙ لڳي، هڪ جَرَ بنجي هن جي جسم کي ساڙيندي وئي، ۽ هوءَ ان جي لهس کان آپي ٿي وئي. سندس اکين مان ڇڻ نظر گم ٿي وئي، ۽ بنا کنهن ڏيڊ جي هوءَ بيبي خانم کي گهورڻ لڳي. پر هن جي اکين ۾ ترکستان جا وسيع ميدان هئا، تناور وڻ هئا، وحشي اڻ پاليل گهوڙا هئا، موکرين چاتين، مضبوط هانهن ۽ نيرين اکين وارا دلاور مڙس هئا ــــ ۽ پوءِ هن جي اکين ۾ سوڊل موٽي آيو. هن جي اکين ۾ لڙڪ موٽي آيا، ۽ چپن تي ٻهه ٻهه، ڪنڌ مرڪ موٽي آئي. هن جي اکين ۾ ڏيڊ به موٽي آئي، ۽ هن بيبي خانم جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو هو: "ها، بيبي خانم! آءٌ چاهيان ٿي ته ان سنڌيءَ جي چاتيءَ ۾، مضبوط هانهن ۾ ۽ نورين اکين ۾ سمائجي گم ٿي وڃان. بيبي خانم، جيجل! مون کي اهو سنڌي آڻي ڏي، يا مون کي ولس ڇڏائي اڇ!"

"آهستي ته ڳالهاءِ چوري! امير خان جي ڪن تي پڪ پئي ته توکي مون کي گهاڻي ۾ پيڙائي چڏيندو!" ڀيڙيءَ کي ڀَوَ کان ڏڪڻي وئي وئي. ترخانن جي ڪاوڙ ۽ غضب کان هو واقف هئي. چنگيز ۽ هلاکوءَ جي اولاد کي هن پاڻ ۾ ته لوليون ڏيڻي، مڇن جي ساوڪ ڏني هئي.

"هون ..... ، ڀڏندو ته ڇا ڪندو، اهو بزدل!" ليليءَ نفرت مان چيو؛ ۽ پوءِ پنهنجي آرهه سان ارڏائي ڪندي، ان کي ڪنڊائيندي هن چيو هو: "اڄ کان پوءِ هي آرهه، هي هانهون هڪ ٽئين انتظار، ٽئين اوسيڙي ۾ رهندون؛ امير خان هاڻ هن کي هٿ به نه لائي سگهندو ....."

هن اڃا جملو پورو مس ڪيو هو ته دروازي تي امير خان کي ٻيڙ ڏٺائون. بيبي خانم سڪل ۾ جهان ڏڪڻ لڳي، ۽ هن کي ليليءَ جي سر جو خير نظر نه آيو. امير خان اندر اچي، اکين ٿي اکين ۾ بيبي خانم کي وڃڻ جو اشارو ڏنو. هوءَ باهر هلي وئي هئي، ۽ هينئر جڏهن هوءَ موٽي هن جي خواب گاهه

ڏانهن وڌي رهي هئي، نڊهن دل ٿي دل ۾ مرڪڻ لڳي هئي.
هوءَ روز ليلي جي سينءَ تي امير خان کي ستل ڏسڻ جي عادي
ٿي وئي هئي ۽ اهو منظر هن کي ڏاڍو ولندو هو. ڪيترو وقت
ٿن خوبصورت جسمن کي پاڻ ۾ ويڙهيل سيڙهيل ڏسندي رهندي
هئي، پوءِ اڳتي وڌي، چادر سان ڪنن ڏيڪيندي، سڌ ڪري
جاڳائيندي هئن. اڄ به ساڳئي منظر ڏسڻ لاءِ هوءَ مرڪندي،
خواب گاهه ۾ داخل ٿي، پر هنڌ خالي ڏسي، ڪمس راتو کي ڳالهه
ياد اچي وئي. هوءَ ليلي جي خواب گاهه ۾ پهتي ته اتي ليلي
کي به اڪيلو ستل ڏٺائين. هن کي هڪ ٻڌجي ويو: متان سنڌين
وري کا بغاوت ڪئي آهي، ۽ راتو رات مرزا باقي بيگ ڪيس
سڏاءِ هجي. پهريدارن کان پڇ ڪان سواءِ، هن گهوڙن جي
ڪڙهه ڏانهن رخ ڪيو. امير خان جو اصيل سينءَ گهوڙن کان جدا
هڪ خاص ڪڙهه ۾ هڏل هوندو هو. اتي پهچي، هن ڪڙهه
جو ڪرسٽ هٽايو. گهوڙن جي پيرن وٽ، ليڊ جي ديوار تي امير خان
ستل هو، ۽ سندس پيراندي کان ادراڪي ويڙهيو سيڙهيو ستو
پيو هو. امير خان جي وارن ۾ ڪپڙن تي لڏ ٽڪيل هئي؛ سندس
هڪڙو ڪيل نه تازي ليڊ سان ليٽل هو. بيبي خانم ويجهو وڃي
پهرين ادراڪي ۽ کي اڀاريو. ادراڪي چرڪ پري آئي ويٺو.
بيبي خانم کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي، سندس هوش حواس
درست ٿيڻ لڳا. هن بيبي خانم کي ٻڌايو ته رات امير خان اوچتو
هن جي ڪوٺي ۾ آيو هو، ۽ هو وري ديوان خاني ۾ موڻي
آيا هئا. ڪجهه دير امير خان انگوري پيئندو، راڳ ٻڌندو رهيو؛
پوءِ ڪڙهه ۾ اچي گهوڙي جي ڪڇيءَ ۾ ٻانهون وجهي، ڳالهيون
ڪرڻ لڳو هو، ۽ ڪيس ائين ٿي آتي ننڊ اچي وئي هئي.

بيبي خانم ادراڪي کي موڪلي، هڪ صاف چادر ڳهرائي
ورتي. پنهنجي ڳنديءَ جو پلاند آڻي ڪري، هن آهستي آهستي
امير خان جو منهن ۽ وار صاف ڪرڻ شروع ڪيا. ٽڏي ٽڏي
پاڻي لڳڻ سان، امير خان پاسو ورائي وري سمهي رهيو. بيبي خانم

لاچار کيس ڏونڊاڑي جاگهائڻ جي کوشش ڪرڻ لڳي. ليٽ امير خان اکيون کولينديءِ، پنهنجي چوڌاري نهاريو، پاڻ کي ڪڙهه ۾، ليڊ مٽان ستل ڏسي، هن چيو: "اسان کي هت ڪنهن آندو"؟

بيبي خانم کوبه جواب نه ڏنو ۽ فقط صاف چادر ڪڍي سندس ڪلهن آڏو ڏنائين. هري هري ڪري رات جا سمورا واقعا امير خان جي دل تي هڪري آيا ..... ۽ ڪاوڙ کان هن جون ميون پيڙجندڙون وينءِ. هو چادر ڏيڪي، هلي ديوانخاني ڏانهن آيو. غاليچي تي پهل رت کي ڏسي، ۽ هن کي پنهنجي وفادار خواجه سرا سليمان جي يادگيري اچي وئي، ۽ هن نڙي جميل رت مان چٽي پري، نرڻ ۾ ملوندي، پنهنجي منهن تي مکي چڏيو، ۽ پڪندي چيائين ته "آءٌ پنهنجي پيءُ جو ۽ ننهنجو بدلو ضرور ونندس، سليمان! مون کي قسم آهي پروردگار جو، آءٌ بدلو ضرور ونندس!" هن تاڙي وڄائي، ٻهريدارن کي گهرايو، ۽ کين ڪهوڙو سنبرائڻ لاءِ چئي، پاڻ نڙ ڪرڻ هليو ويو.

مرزا باقيءَ جي محل ڏانهن وهندي، هو پوئين رات بابت سوچڻ لڳو. جيئن جيئن سوڀل ياد ايندو ويس، تيئن تيئن هن جي رت جو دورو تيز ٿيندو ويو. هن کي ليلي ياد اچي وئي، جنهن چيو هو ته "آءٌ توکي پاڻ وٽ سمهڻ ڏيندس، جڏهن ان سنڊيءَ کي گرفتار ڪري منهنجي اڳيان پيش ڪندين!" ۽ پوءِ ڏکار مان خنجر جي نوڪ سان هن کي پنهنجي خواب گاهه مان ڪڍي، دروازي کي ڪڙو ڏيئي چڏيو هئائين.

مرزا باقي بيگ اڳي ئي هن جي انتظار ۾ هو، ۽ پريان ئي چيائينس: "امير خان توجهڙن دلير سردارن جي هوندي، ترخانن ارغون کي هيڏيون بي عزتيون سهڻيون ٿيون پون. ترخان اميرن کي جاگيرن تان آن ڪونه ٿو ملي. ڪوڪلتاش جهڙي سردار کي گهر ويڻي سنڊي بيعزتو ڪيو ٿا وڃن. هت نٿي ۽ اسان کي ڪلاڏو ڪلاڏوگاربون ٿيون مان. آخوند صالح دارالعلوم ۽ فارسي پڙهائڻ کان انڪار ڪرڻ جي جرات ٿو ڪري، ۽

اسان جي فرمان جي جواب ۾ اسان کي نصيحتون ٿو ڪري!"

امير خان ڪنڌ جهڪائي ٻڌي رهيو. ٻڌي ۽ اڪ سان ڪوڪلتاش ارغون، خسرو خان، برق انداز خان ۽ مرزا باقي بيگ ڏانهن ڏنائين. سڀ ڊپ ڪان چپ هئا. مراز باقي پنهنجي ڏاڙهي ۾ منڊ وجهندي چيو: "اسان کي سلطنت جون گاهيون سنياڻيون آهن، اسين ڪهڙو وقت انهن ننڍين ننڍين شورشن کي منهن ڏيندا سون، جڪڏهن اهي حال رهيا ته سنڌي اسان کي جوتا هڻي وري قندار پهچائي ايندا. هوڏانهن شهنشاه ڏن نه مان ڪري چڪو ٿي ٻيو آهي، ۽ ڪالهه ايلچي آيو آهي، ته ظل سبحاني لاهور ۾ منزل انداز آهي ۽ اسين وڃي سندس قدم بوسي ۽ لاه حاضر ڏيون. هن کي ڪهڙي خبر ته ترخانن ۽ ارغونن جو خون پاڻي ٿيندو وڃي، ۽ هو گاربون ڪائي چپ ڪري ويهي ٿا رهن، ۽ هر گاله، جو تدارڪ اسان کي ڪرڻو ٿو پوي. امير ڪوڪلتاش جي جاگير جي بحالي ۽ لاه اسان کي ڪمس لشڪر ڏيڻو پيو، نٽي جي سڌن جي ايڏي مجال ٿي آهي، جو ترخانن کي پنهنجي محلي مان نٽا لنگهن ڏين جو هو دارون پي گهرن ۽ گهڙي ٿا پون. ويندي ڪافرن جي ايڏي همت ٿي آهي جو پنهنجا فيصلا نبيرا اسان جي قاضين اڳيان ڪرائن بدران آخوند صاحب وٽ ٿا وڃن. امير خان، اسين نٽي جي عملداري توکي ٿا سونهيون. اسين ڏسڻ ٿا چاهيون ته تون ڪيئن ٿو شورش کي منهن ڏين!"

ڪوڪلتاش ارغون ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو، پر مرزا باقيءَ جي منهن ٿي ڪاوڙ جا ڪڙ ڏسي، وري چپ ٿي ويو. هن کي خبر هئي ته مرزا جي ڪنهن گاله ٿي اعتراض ڪرڻ جي معني سڄي خاندان کي مارائڻ هو.

"۽ امير خان اسين توکي پنج هزاري مرتبو ٿا بخشيون. اسان کي اميد آهي ته اسان کي مايوس نه ڪندين!"

چوڏاري "مبارڪ سلامت!" جو شور برپا ٿي ويو. امير خان ادب مان ڪنڌ جهڪائيندي چيو: "حضور جن جو هر حڪم پورو ٿيندو!"

اوڏي٭ مهل توشي خاني جو نائب عامل حاضر ٿيو ، ۽ چيائين، "حضور جو اقبال بلند هجي! حضور کڻڪ جو ذخيرو ختم ٿيندو ٿو وڃي. سڙن هڏي سموري کڻڪ جو هڙو هوڙي چڏيو آهي، ۽ سڄي کڻڪ مٽي بڻجي ويئي آهي، ۽ کاڏي جي لائق نه رهي آهي. عملدار ۽ سپاهي اها کڻڪ کائڻ کان انڪار ڪرڻ لڳا آهن. حڪم هجي ته اهو آن٘ اڇلائي چڏيون!"

"هون ..... هون! اڄ ٻپهري٭ تي انهي٭ کڻڪ جون مانيون ناهي پيش ڪيون وڃن، ۽ توشيخان جا عملدار اسان سان مانيڪائيندا ؟ ..... ۽ اهو به حڪم ڏنو وڃي ته ڪجهه مانيون مٽي٭ جون پچائي آنديون وڃن!"

توشيخاني جو نائب "جي حضور" چئي هلو ويو. گهڙي٭ کان پوء چوبدار عرض ڪيو "ترخان جي محلي ۽ شورش ڪندڙ ٻ سنڌي حاضر آهن!"

"پيش ڪيا وڃن!" مرزا باقي بيگ جي اکين ۽ خونخوار چمڪ پيدا ٿي ويئي.

گهڙي٭ کان پوء به اڏوڻت عمر جا سنڌي چوڪنيا ٻڌل پيش ڪيا ويا. مرزا باقي کين ڏسي تخت تان هيٺ لهي آيو ، ۽ چرپن وانگر رڙيون ڪندي پي تحاشا کين ٽڪرَ ۽ مڪرن هڻڻ لڳو. جڏهن سندس هٿ ٽڪجي پيا ، تڏهن هن چوبدار ڏانهن منهن ڪري چيو: "هنن کان ڪو سنڌي٭ ۽ پڇي ته ڏوهه قبول ڪن ٿا يا نه ، ۽ آئيندي اطاعت لاء اقرار ڪن ٿا يا نه؟"

هڪڙي ترخان امير، اڳتي وڌي سنڌي٭ ۽ چيو: "اڙي ڏوهه قبولهو ته جهيڙان ملندوَ!"

سنڌي خاموش رهيا ، فقط هلڪي مرڪ سندن چپن تي کيڏڻ لڳي. هڪڙي ٻوڙو ڏاڏايان کلندي چيو: "ترخانن جي محلي مان لنگهڻ جي ڏوهه آهي، ته اسين ٻروبر ڏوهي آهيون."

"پر اوهان هڪ ترخان امير زادي٭ سان هٿ چراند ڪئي آهي ....." ترخان امير کاوڙ ۽ چيو.

"هن پاڻ اسان کي سڌ ڪيو، ۽ پنهنجو آرهه ڏيکاريندي چيائين ته هٿ لائي ڏسو ته هي قنڌاري ڏاڙهون پڪل آهي يا نه .... اسان ته رکو هن جو چوڻ مڃجو: هوءَ به ته ترخان آهي، ۽ ترخانن حاڪمن جو حڪم ڪيئن نه مڃون!" هن پنهنجي ڪيل روڪيندي چيو.

ترخان امير پنهنجي ڪاوڙ روڪيندي، مرزا باقي ڏانهن منهن ڪري چيو: "حضور هي پنهنجو ڏوهه قبولين ٿا."

"هون .... چئن ته آئيندہ وري ترخان امرن جي محلي ۾ نه ايندا، ۽ اسان جي اطاعت جو قسم کڻن!"

ترخان امير وري سنڌين ڏانهن منهن ڪري چيو: "ڇورا ڇو ته حضور جو سر سلامت، اسين اوهان جا غلام آهيون ته جان بچي پوندوَ نه ته ...."

"ڏاڙهن جي حڪومت تي لک لعنت .... مرزا باقي سڳ است!" ٻنهي سنڌين هڪ زبان ٿي فارسيءَ ۾ چيو.

سيني امرن کي ڇڏيو ڇنڊڻي وڃا. مرزا باقي به تخت تان آيو ٿي وڃو، ۽ هن ڇڏ وڪلندي چيو: "هنن جي جوڙي ڪل لاٿي وڃي .... اسان جي سامهون .... هيٺر جو هيٺر .... چوبدار .....!"

چار سپاهي ترارهون ڪڍي سنڌين اڳيان اچي بيهي رهيا. ترخان امير مزو ڏسڻ لاءِ اڳتي وڌي، گهيرو ڪاهي بيهي رهيا. هڪڙي سپاهيءَ اڳتي وڌي ترار جي نوڪ هڪڙي سنڌيءَ جي نرڙ تي رکي وڏي چڪ ڏنو. رت جي ٽڪي ڪوسي ڏار سڌيءَ جي نرڙ تي مان ٽڪري سپاهي جي سفيد جامي کي رنگي ڇڏيو. هڪڙو سپاهي هري هري ترار جا چڪ ڏيندو ويو، ۽ ٻيو ڪل کي چڪيندو لاهيندو ويو. جڏهن ڪلن جو ڪچو ڪچو ماس ظاهر ٿيو، تڏهن هڪڙي ترخان امير کان دل جهاڻي نه ٿي، ۽ هن اني ٿي پيٽ کي هٿ ڏيئي التي ڪري وڌي. مرزا باقي هن کي اهڙين نظرن سان ڏٺو جڏ سندس ڪل لاهرائڻ جو حڪم

ڏيڻ ڌارو هو. امير کي پنهنجو ڊپ وٺي ويو، ۽ هو وات آگهندو، ڳالهه ڏيندو، ٻوٽڻي هٿندو ويو.

جڏهن منهن جي سڄي کل لهي ويئي، ۽ ڪچي گوشت جي بوءِ ماحول ۾ ڦهلجي ويئي، تڏهن ٻئي سنڌيءَ کان رهيو نه ٿيو، ۽ هن ٻاڻ چڙائڻ لاءِ زور لائڻ شروع ڪيا، ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو. "اوهين انسان نه ڪيڇهون آهيو! حرمخور، آدمخور، گوشتخور... !" هڪ سپاهي خنجر کڻي سندس نرڙ ۾ رکيو، ۽ عيٺ چهڪ ڏنائين. هن جو نرڙ ويڄي ۽ ڦاڪون ٿي ٻيو، ۽ رت جو هڪ ڦوهارو سامهون بيٺل امرن جي ڪپڙن کي گاڙهو ڪري ويو. اوڏيءَ مهل، پنهنجي ٻاڻ کي ڪجهه سمهندي، سنڌيءَ پنهنجي وات ۾ ڏڪ گڏ ڪري، زور سان مرزا باقيءَ ڏانهن اڇلائي: "ڪ جو ٻوٽيندو مرزا باقيءَ جي ڏاڙهيءَ ۾ وڃي ڪتو. هڪ ترخان امير هڪ ٿي ڏڪ سان ان سنڌيءَ جي سسي ڏر کان جدا ڪري چڏي.

مرزا باقيءَ جي اکين ۾ وحشت نچڻ لڳي، ۽ انهيءَ امير جو ڏسرو لاهيندي، ان سان پنهنجي ڏاڙهي صاف ڪرڻ لڳو. سڀ امير ششدر ٿي، کسڪڻ جي وات کولڻ لڳا. عين ان وقت چوبدار عرض ڪيو: "حضور، ٻهريءَ جي مانيءَ لڳائي ويئي آهي: حضور جن قدم رنجه فرمائين!"

هو سڀ ديوانخاني ڏانهن وڌيا. دسترخوان تي قسمين قسمين طعام سجايل هئا، ۽ هڪ طرف انگوريءَ جون گاڙهيون، گلابي ۽ قرمزي صراحيون سجايل هيون. سهڻن سهڻن ترڪ چوڪرن وڏي سهڻي جا هٿ ڏنارها. امير ۽ سردار انهن چوڪرن جي گيلن ۾ چهنبيون پائيندا، کلندا، مذاق ڪندا، مرزا باقيءَ جي خوشامد ڪندا، صراحين ڏانهن وڌيا. ترڪ ساقين نازن نخرن ۽ ادائن سان جام پري پري پيش ڪيا. جڏهن انگوريءَ جو دور ختم ٿيو، تڏهن هنن مالءِ ڏانهن هٿ وڌايو. مرزا باقي هٿ مٿي ڪڍي سڀني کي منع ڪئي، ۽ پوءِ توشي خاني جي اعليٰ عامل ڏانهن منهن ڪري چيو: "پهرين تون!"

سامهون ٽن قسمن جون مانيون رکيل هيون: سڀ کان ٿهيل اڇا کير جهڙا ڊگهڙ، سڀ کان ٿهيل کارسريون مانيون ۽ ڇيڪي مڙس ٿهيل کاريون پوريون منهون. عامل سڀ مانيءَ ڏانهن هٿ وڌائيندي، جيئن هڪڙي مانيءَ کي مرزا باقي ڀانهن ۽ ڏک هٺندي چيس: "اها نه، هيءَ مانيءَ کاءُ!" ۽ مڙسِ جي مانهن ڏانهن اشارو ڪيائين.

توشي خاني جي عملدارن جي منهن جو رنگ لهي ويو. هن مرزا باقيءَ ڏانهن رحم طلب نگاهن سان نهاريو. مرزا باقيءَ جي چپن تي هڪ خونخوار مرڪ نچڻ لڳي. لاچار هن هٿ وڌائي، مڙسِ جي مانيءَ مان پورو پگهو، ۽ وات ۾ وجهي چٻاڙڻ لڳو. مڙسِ هن جي وات ۾ ڪاري گپ بنجڻ لڳي، ۽ هو آڏوڙڻ لڳو. سندس چپن جي ڪنڊن مان ڪاڙي ڪاري ڳجي نڪري، هن جي ڇهراڻ تي ڪرڻ لڳي. سندس اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. هن ڳهيت: "هي گپ جو ڏڪ هيٺ لاٿو. سڀني اميرن جو ساهه ان وقت مٺ ۾ اچي ويو هو. امير خان به ششدر ٿي، ذري مرزا باقيءَ ڏانهن ٿي ڏٺو ته ذري هن مڙسِ کائيندڙ عامل ڏانهن. جڏهن عامل پاڻ ٿي جبر ڪري، گپ جو گراهه هيٺ لاٿو، تڏهن مرزا باقي سريل مانيون هن ڏانهن وڌايون. هن سريل مانيءَ جو ڇيو وات ۾ وجهي چاٻا ڏيڻ شروع ڪيا، ۽ گپ جو سواد وات ۾ نڙيءَ مان ڪيڻ لاءِ ٽڪرا ٽڪرا گرهه ڪڍڻ شروع ڪيا. مرزا باقي هن جي منهن ۾ نهارينڊو، هن کي جاچيندو رهيو؛ ۽ پوءِ کلي چهائين: "ڪيئن ڪهڙي مانيِ بهتر آهي؟ مڙسِ جي يا سريل ڪڪ جي؟"

عامل ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيو. سيني جا ڪنڌ هيٺ هٽا. مرزا باقيءَ غضبناڪ آواز ۾ چيو: "قندار ۽ ته اوهان کي ڪائڻ لاءِ ڇيڪي مڙسِ نه ڪاڌ ملندي هئي، ۽ هت سريل ڪڪ ڪائڻ کان عار ٿو ڪيو! خبردار، آڳ وري شڪايت نه ٻڌان!"

توشي خاني جو عامل "جي حضور، جي سرڪار!"

ڪندي، ٻوئين پير اڃان نڪري ويو، ۽ باقي آمير ۽ سردار مرزا باقيءَ سان گڏ پڪل گوشت، ڪڪ جي ڏڪڙن، پلائن ۽ نٽي جي آچارن تي ڪري پيا. جڏ تہ هنن ماني زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڏني هئي، يا جڏ تہ هو آخري پيرو ماني کائي رهيا هئا. امير خان کي الائي ڇو هنن هيڪي ترخانن کان بچان اچڻ لڳي. هو سوچڻ لڳو: جيڪڏهن سنڌين کي سنئين دڳ لائڻو آهي، تہ پهرين هنن ترخانن ۾ وري تنظيم آڻڻ جي سخت ضرورت آهي.

جڏهن ماني کائي لاٿائون، تڏهن مرزا باقي امرخان ڏانهن منهن ڪندي چيو: "اسان قندارکان ۾ سؤ مولوي ۽ استادگهرايا آهن. ان جو بندوبست ٿيڻ گهرجي تہ آخوند صالح واري مدرسي ۽ ٻين سمورن مدرسن ۽ دارالعلومن ۾ هو شاگردن کي فارسي پڙهائين. سنڌي جيسين خيام، حافظ ۽ روميءَ کي نہ پڙهندا، تيسين هو بغاوتن کان ڪونہ مڙندا. زندگيءَ جي لذيذ شين، شيرازي ترکن، ۽ صراحين جامن، ۽ زندگيءَ جي بي ثباتيءَ ۽ لامڪاني منزلن جي ڄاڻ کان ٻوءِ بغاوت جو خيال اڇن محال آهي. ان ڪري ضروري آهي تہ سنڌي ٻنهنجي ڇڏي زبان، فارسيءَ ڏانهن مائل ٿين!"

"جي، حضور جن سچ ٿا فرمائين!" امير خان ڪنڌ ڏوڪيندي چيو.

جڏهن مرزا باقي محل اندر هليو ويو، تڏهن امير خان سمورن سردارن کي چيو تہ قيلولي کان پوءِ سڀ ترخاني ساڳيخاني ۾ گڏ ٿين تہ جيئن نٽي جي انتظامي ڪمن بابت ڪي صلاحون ڪجن. هيتري ساري ماني کائڻ کان پوءِ، سڀني سردارن کي اوباسيون اچڻ لڳيون هيون، ۽ مرزا باقيءَ جي موجودگيءَ ۾ اوباسي ڏيڻ موت کي سڏ ڪرڻو هو. مرزا باقيءَ جي وڃڻ کان پوءِ، هنن دل کولي اوباسيون ڏيڻ ۽ ڪر موڙڻ شروع ڪيا هئا. امير خان هنن جي اها حالت ڏسي، ٻنهنجي ڇپن ۾ پٽڪندو، ٻنهنجي محل ڏانهن روانو ٿيو.

٦

ترخاني ساقي خاني ۽ هر ڪنهن ارغون ۽ ترخان سردار لاءِ جدا جدا مسند ۽ تخت ٺهيل هو. ڦوي خاني جو مالڪ آنش خان ڇڻ هر امير جو ذاتي دوست هو. هن ڪي هڪ امير جي اندر باهر جي خبر هئي. هن ڪي اها به خبر هوندي هئي ته اڄ فلاڻو امير ڪهڙي هانيءَ يا هانهي سان صحبت ڪندو. هن جي جاسوسيءَ جو انتظام ايترو پختو هو، جو هن ڪي اهي خبرون پهچندڙون رهنديون هيون ته ڪهڙي امير جي ڪهڙي زال ڪهڙي هانهي يا ڪهڙو غلام ڪهڙي امير سان قتل هو، سندن ملاقاتون ڪٿي، ۽ ڪيئن ٿينديون هيون. هر خبر پڌي، هو پنهنجي مٺبي ٺنگ تي ٽيڪ ڏيئي، ٽهڪ ڏيئ لڳندو هو. امير به هن کان ڏاڍو ڊڄندا هئا؛ هنن ڪي هميشه اهو ڪٽڪو رهندو هو ته آنش خان سندن راز مرزا باقيءَ يا ٻئي ڪنهن سردار ٽائين نه پهچائي؛ ۽ سڀ کان وڏي گهاڻه اها هئي، جو هن جا ساقي بيحد حسين هوندا هئا. هر مهمي ايران، ترڪستان، افغانستان ۽ قندار کان هارهن کان سورنهن ورهين جا خوبصورت مست اکين وارا ڇوڪرا غلامن طور وڪاڻ پهرين آنش خان وٽ آندا ويندا هئا، ۽ هو خريد ڪرڻ وقت انهن ڇوڪرن جي جانچ جونچ بلڪل ائين ڪندو هو جڻ ڪو وهٽ خريد ڪرڻو هوس: سندس ڏند، سندس چپلهه، سندس اکيون، سندس ڳاڙها گل، منهن ٽي تير ۽ سڀ کان وڌيڪ سندس ددّا جانچي پوءِ خريد ڪندو هو. ترخان امير ان ڏينهن جي انتظار ۾ هوندا هئا، جنهن ڏينهن نوان ساقي ڦووياانگوري پيٽارڻ ايندا هئا، ۽ پوءِ ڪنهن نه ڪنهن ساقيءَ تي امير پاڻ ۾ وڙهن لڳندا هئا. هن جي ساقي خاني ۾

انهن گالهين تان خون ٽپڻ تہ معمولي گالهہ هئي ؛ ۽ جڏهن ہ ترخان پاڻ ہ کنهن ساقيءَ تان وڙهندا هئا، تڏهن آتشخان ہ ڏسي کي، ساقي خاني جي پٽيان هڪ ڏڙي دالان ہ وڻي ايندو هو ، ۽ هر هڪ کي هڪجهڙو خنجر ڏيئي، مرکندو وري ساقيخاني اندر موڪلي ايندو هو. جيڪو امير سوپ کڻي موڪلي ايندو هو ، ساقي ڏاڍي نياز ۽ ادب سان ان کي قهوو يا انگوري ٻيئارڻ لڳندو هو، ۽ هارايل ترخان کي، جيڪو اڪثر مئل هوندو يا مرڻ ہ هوندو هو ، ننگ کان گهلي، پنهنجي ہن ٻهربدارن هٿان ، سڏو سندس گهر موڪلي ڏيندو هو. اهي ساقي ڏيڻهن جو ساقي خاني ہ امرن جي خدمت ڪندا هئا، ۽ رات جو ڪنهن خاص امير جي خوابگاهہ ہ پنهنجا فرض بجا آڻيندا هئا.

پر اڄ آتش خان ڪنهن ڪوڙهيءَ سوچ ہ گرفتار، پنهنجي سنڊيءَ تنگ ٿي ٽيڪ ڏيئي ، چٽ ہ تنگيل فانوسن ہ نهاري رهيو هو. هن جي جاسوسن هن تائين اهو نياڻو اڳي ٿي پهچائي ڇڏيو هو تہ امير خان کي ڏڻي جو عامل مقرر ڪيو ويو هو. امير خان هوڻڻ تہ آتش خان ٿي خاص طرح مهربان هو؛ جڏهن کان هن ڪيس ليلي کي وڪيو هو، امير خان مٿس وڏيون نوازشون ڪرڻ لڳو هو، ۽ هاڻ تہ ڏڻي جي حاڪم جي حيثيت ہ اڇا ہ وڏيڪ مهربانيون ڪري ٿي سگهيو، پر ان ہ هڪڙيءَ گالهہ خلل پيدا ڪري وڌو هو. مرزا باقيءَ کي امير خان جو ترڪ ساقي ادراکي بيحد پسند اچي ويو هو، ۽ هن آتش خان کي گهرائي حڪم ڏنو هو تہ ادراکيءَ کي کنهن ہ طرح هٽ ڪري وٽس پهچائي. امير خان ادارکيءَ کي وڪڻ لاءِ ڪڏهن ہ تيار نہ ٿيندو، سا آتش خان کي پڪ هئي، ۽ هو سمورن ترخان امرن ہ نرالو سردار هو. جيڪڏهن مهربانين ٿي اڇي تہ لک مهربانيون ڪندو، پر جيڪڏهن ڪاوڙيو تہ هن جهڙو خونخوار ترخان ٻيو نہ هو. اڳيان مرزا باقي ٻرڪٽ نہ هو. امير خان کي ڏڻي جو عامل مقرر ڪري، هن هڪ ٿي تير سان ہ شڪار ڪيا هئا: هڪ طرف

سڏين جو زور ڇڄ لاه امير خان کان بهتر مالهو نه هو ؛ ٻئي طرف اميرخان انتظامي گالهين ۽ ابترو ۽صروف هو، جو اداركيء کي مرزا باقيء جي خدمت ۽ پهچائڻ آتش خان لاء ڏکيو نه ٿيندو. پر آتش خان لاه مسئلو اهو هو ته جيڪڏهن سڏو سنئون امير خان کان ادراکيء کي خريد کرڻ جي گالهه کندو ته ممکن هو ته اميرخان پالو سندس چاتيء ۽ لٽبي ڏئي؛ ۽ جيڪڏهن لکچوريء ادراکيء کي مرزا باقيء تائين پهچائي ته اهو امکان هو ته ادراکي مرزا باقيء کي اهڙو پسند اچي وڃي، جو هو کيس موتائڻ کان انکار کري وجهي. ان صورت ۽ ۾ اميرخان غوراً تازي ويندو ته ان ۽ آتش خان کان سواه ٻئي کنهن جو هٿ ئي نٿو سگهي. اڄ اميرخان کيس اکي ئي چوائي موڪليو هو ته هن کي لٽي جي انتظامي مسئلن لاه اميرن سان صلاح کرڻي هئي، ۽ هو شام ڏاري ساقي خاني ۽ مجلس کندا. بيبي خانم به کيس هڏائي ويئي هئي ته امير خان سخت ٽنل آهي: سندس خاص خواجه سرا سليمان کي هڪ سنڊي سندس اکين آڏو خون کري ويو هو، ۽ وري ليليء به رات کيس پنهنجي خوابگاهه مان ڏکا ڏيئي باهر کيدي ڇڏيو هو. اهڙي موقعي تي ادراکيء جي گالهه ڇيڙڻ به موت کي سڏ کرڻو هو. هو اڃا انهن ئي خيالن ۽ هو ته ترخان اميرن ساقي خاني ۽ اچڻ شروع کيو.

جهڻ جيئن امير ۽ سردار پهچندا ويا، ساقي خاني ۽ هڪل هنگامو وڌندو ويو. ساقي قهوي جون پيالهون ۽ انگوريء جا جام کڻندا، مٽکندا، چيلهه چپي کندا، نازنخري سان امرن اڳيان پيش کندا رهيا، ۽ امير به هنن سان خوش طبعي کندا، چهنڀين ۽ چمن جي کوشش کندا، جام پيئندا ويا. جڏهن اميرخان ساقي خاني ۽ داخل ٿيو، تڏهن کيترا امير احترام کان اٿي بيهي رهيا. پر سرکش قسم جي ارغون سردارن پنهنجي انگوريء ۽ پنهنجي ساقيء ۽ مکن، هن ڏانهن نهاريو به کونه. آتش خان، اڳتي وڌي، کورنش کري، امير خان جي ٽئين سند ڏانهن

اِشارو ڪري. هٿ ٻڌي بيهي رهيو. اها مسند هوڻڻ امير ڪوڪلتاش ارغون لاءِ هوندي هئي. ڪوڪلتاش جو نندو پاڻ خسرو خان پاسي واريءَ مسند تي ويٺو هو. سو اميرخان کي انهيءَ مسند ڏانهن وڌندو ڏسي گهنڊ پائي ڪيس گهورڻ لڳو. اميرخان انهن نظرن کان بي نياز نڀن مسند تي اچي ويٺو. هڪ ڀڳوڙي قد جي ساڦيءَ پنهنجي چپن تي ميٺي مرڪ آڻيندي، سندس اڇيان ڪئي: "خوش آمديد آقايءَ من!"

امير خان جي چپن تي به مرڪ اچي ويئي، ۽ سندس ڳل ۾ چيٽي وجهندي چيائين: "تنهنجا ڳل ته ڏاڙهونءَ کان به ڳاڙها آهن، ساڦي! تون شايد نڀون ٿو ڏسجين!"

"ادراڪيءَ جا ڳل ته هن کان به ڳاڙها آهن، اميرخان!" خسرو خان ٿهڪ ڏيندي چيو. سمورا امير خسرو خان سان گڏ ٿهڪ ڏيڻ لڳا. امير خان جو منهن ٽاٽي هڻي ويو، ۽ هن رڙ ڪري چيو: "خسرو خان، ادراڪيءَ جو نالو وٺڻ کان اڳ، پنهنجو وات عطر عنبير سان ڌوئي اڇ! تنهنجو وات ته گوبر سان ڀريل آهي!"

امير وري ٿهڪ ڏيئي ڪلهه لڳا. خسروخان ڪاوڙ کان آپو ٽي ويو، ۽ هن پنهنجي خنجر جي منڇي تي هٿ رکندي چيو: "اميرخان، زبان سنياڻي ڳالهاءِ! نڀي جو عامل هوندين، ته پنهنجي لاءِ هوندين!"

اميرخان جي اڳيان نندي خوبصورت ٽپائيءَ تي انگوريءَ جو جام رکيو هو. هن اک چنيڻ کان سواءِ اهو کڻي، خسروخان جي هوٽ ۾ آڇلايو. خسروخان جو منهن ۽ ڪپڙا ڳاڙهي انگوريءَ سان رڱجي ويا. خسرو خان ٽپ ڏيئي اڇي ويٺو ۽ ٻي گهڙيءَ خنجر ڪڍي اميرخان ڏانهن وڌيو. سڀ امير آڇي بيهي رهيا. آتش‌خان منڊڪائيندو، هنن ڄائين ڇهتو، ۽ڪين منڊون آزمون ڪرڻ لڳو ته مڙي وڃن. پر خسروخان ڪيس هٿ سان هٽائيندي چيو: "هن منهنجي بيعزتي ڪئي، آن جو حساب ڪيس هينئر ئي ڏيڻو

پوندوا! مون کي قسم آهي پنهنجي پيءُ جي ڏاڙهيءَ جو ته ادراکي اڄ رات منهنجي بغل ۾ هوندين!"

امیرخان به اڻي ٻڌي رهيو. هن جو هٿ پنهنجي خنجر ڏانءُ نيٺ جي ڏکڻ ۾ هو، جيڪو مٿئين وٽان گولائي ۾ ورهل هو. هن لڪ کي پڇڙيءَ کان جهلي، تيزيءَ سان ان جو هٿيو خسروخان جي ڳچيءَ ۾ وڌهي، زور سان چڪ ڏني. خسروخان پاڻ سنياڻي نه سگهيو، ۽ هو ٽاڙجي ٽي. امیرخان جي مسند جي پاڻ ڀرسان اڇيان اڇي منهن پر ڪريو. امیرخان لت کڻي سندس سيءَ تي رکي، ۽ زور ڪري چيائين: "اوهان جهڙن ذليل ارغون سردارن جي ڪري اڄ سڏين جو من وڏي ويو آهي. اوهان ۾ پنهنجي عزت ۽ شرافت جو هاڻ ذرو به نه بچيو آهي. پر ياد رکو، سڏين کان اڳي آءٌ اوهان کي سڏو ڪندس!" خسروخان اٿڻ جي ڪوشش ڪئي ته امیرخان وري لت هڻي زمين ۾ ڳڏي ڇڏيس.

آتش خان امیرخان کي آزمون نيزارهون ڪرڻ ۽ صدقا وڃڻ لڳو، تڏهن وڃي امیرخان جي ڪاوڙ ڏري ٽي، ۽ ٻن ترخانن کي سڏي چيائين: "هن حرامخور کي ڪٿي ڪنهن ڳند جي ڏير تي ڇڏي اچو! ۽ آتش خان، مون هن کي وري تنهنجي ساڻي خاني ۾ ڏنو آهي ته. آءٌ تو کي اگهاڙو ڪري لٽي کان انڌار موڪلينديس!"

خسروخان جي ڪاوڙ شرمساريءَ ۾ بدلجي وئي. ۽ جڏهن هن کي ٻن ترخانن اڇي اڌاريو، تڏهن سندس ڪنڌ هيٺ هو. سندس منهن سچوڪپ ٽي ويو هو، ۽ زرديءَ جا ڪپڙا مٿس ۽ انگوريءَ ۾ لڳجي ويا هئا. هن خنجر سمائ ۾ واپس رکندي چيو: "اميرخان، ارغوان سان هٿ چراند ڪرڻ جي سزا، اڄ نه ته سيان، تو کي ضرور ملندي...."

ائين چئي، ترخانن کان پنهنجي ٻانهن ڇڏائيندي، هو تيزيءَ سان دروازي ڏانهن وڌيو. دروازي تي هڪ پريت جيڏو مڙس بيٺل هو، ۽ هو دروازي کي ائين والاري بيٺو هو، جو باهر

ڪرڻ ۽ اندر اچڻ جيتري جاه به نه ڇڏي هئائين. سنڌس ويڪري ڇاتيءَ ۽ ڏگهن شهپرن ڪي ڏسي هيبت وٺي ٽي ويئي. هڪ وڏو ڪنڊارو سنڌس ڪمربند ۽ ڪنڊل هو، پر سنڌس هٿن ۽ رسي جي هڪ ٽڪر کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. خسروخان ڪي ويندو ڏسي، سڀ امير دروازي ڏانهن نهارڻ لڳا هئا. هن ڪي دروازي اڳيان ٻيڙل ڏسي سڀ حيرت مان هڪٻئي جو منهن تڪڻ لڳا.

آتش‌خان به حيرت مان هن شخص ڪي ڏسندو رهيو. هيءَ ٻهرٻون ٻيرو هو جو ڪنهن سنڌيءَ ساقي خاني ۽ اڇڻ جي جرات ڪئي هئي. هو به پنهنجيءَ منڊي ٽنگ ڏي ٽاڪندو دروازي ڏانهن وڌيو.

"ڪير آهين تون ڙي؟" آتش‌خان پريان ٿي واڪو ڪري چيو. "ترخانن جو موت!" هن شخص ڪلندي چيو.

خسروخان ڪي وري پنهنجي ارغوني ترخاني ياد اچي ويئي، ۽ هن خنجر ڪيندي، گار ڏيندي چيو: "اوهان سنڌين جي هاڻ اها همت ٿي آهي جو...." ائين چئي هن خنجر جو وار ڪيو. هو شخص پنهنجي جاه تان ڏرجيترو به نه هٽيو. جيئن ٿي خسروخان وار ڪيو، هن ڪٿي خنجر واري ٻانهن ۾ هٽ وڌس. ٻئي هٽ سان رسي جو ٽڪر زور سان سنڌس ٻوٽ ۾ ڦهڪائي ڪيڏائين. تڪ کان خسروخان جي اکين ۾ اوندهه ڇائنجي ويئي، ۽ هن جي خنجر وارو هٽ نستو ٿي ويو. آتش‌خان ڪي به ڪاوڙ اچي ويئي، ۽ هن به پنهنجو خنجر ڪيڏي جيئن وار ڪيو، تيئن هن شخص خسروخان جي ٻانهن مروڙيندي، ڪٽي ڪيس اڳيان ڪيو. آتش‌خان جو وار خالي نه ويو، ۽ خنجر خسروخان جي ڇاتيءَ ۾ ڪپي ويو. خسروخان جي اکين ۾ ان ڏڪ جي ايذاءَ کان وڏيڪ آتش‌خان جي ڪيل وار تي حيرت جهلڪڻ لڳي، ۽ هو هڪ ڏگهي "آ.... آ" ڪندي اڳيان جهڪي ٻيو. ان گهڙيءَ هن شخص خسروخان ڪي زور سان ڏڪو ڏنو. خسروخان جڏهن جي هٿن ۾ ڪينهون هو، جنهن سان مرضيءَ مطابق ڪيڏڻ لڳو هو.

خسرو خان جو مٿو زور سان اڇي آتش‌خان جي سيني ۾ لڳو آتش خان پنهنجي منڊيءَ ٽنگ کي سنيالي نه سگهيو، ۽ پٺ ڀر وڃي ڦهکو کيائين. اهو سيڪجهه ايترو جلد ۽ تيزيءَ سان ٿيو جو هين ترخانن کي سمجهڻ جو وقت نه ملیو نه ڇا ٿي رهيو هو.

"نڪرو هتان باهر، اوهان جي کور کي ...." هن شخص رڙ ڪري چيو. هن اڳيان وڌي هڪ وڏي صندل کي پڪي هٿ ۾ کڻي، اڳيان بيٺل اميرن ڏانهن اڇلايو. ترخان پاڻ بچائڻ لاءِ هيٺ جهڪي ويا. ۽ صندل زور سان اڇي ٿن ڪريو. راڙو زاڙ مچي ويئي. اميرخان چپ چاپ اهو سيڪجهه ڏسندو رهيو. هو پنهنجي جاءِ تان چريو به ڪونه. هن سنگهار کي سڃاڻي ورتو هو، ۽ هن تي هڪ ئي گهڙيءَ ۾ ٻه احساس ڇائجي ويا: هڪ بدلي وٺڻ جو، ۽ هڪ ڊپ جو. انگوريءَ هن جي ٺهڪندڙ رت تي ڇڻ پاڻيءَ وارو ڪم ڪرڻ لڳي، ۽ ڊپ هن جي ڪاوڙ ۽ بدلي وٺڻ جي نيت تي غالب پوندو ويو. هن شخص سان مقابلو ڪرڻ موت کي سڏي سڏڻ دعوت ڏيڻي هٿي. هن کي مارڻ لاءِ ڪنهن دغا دولاب کان سواءِ کو چاروئي ڪونه هو.

"نڪرو باهر .... اوهان کي چيم، رڍ جا پٽ، هڪدم باهر نڪرو ...." سنگهار وري رڙ ڪئي، ۽ هڪ ٻئي صندل کي کڻي پنهي هٿن ۾ ڪنيائين. ترخان پاڻ کي ڏڪ کان بچائڻ لاءِ وري هيٺ جهڪي ويا. اميرخان به اڃي بيهي رهيو، ۽ هن فارسيءَ ۾ ترخانن کي چيو ته اتان هليا وڃن. ترخانن کي ڇڻ سامت جو ساهه کڻڻ جو موقعو ملي ويو، ۽ هو هڪڙو هڪڙو ٿي باهر نڪري ويا.

اميرخان ڦڪي مرڪ چپن تي آڻيندي چيو: "سنگهارخان، ڇ ٿڪڻجي انگوري ٻيٺون!"

سنگهار چپ‌چاپ هن ڏانهن وڏندو رهيو. هن جي ويجهو ٻيجهو، رسي جو هڪڙو ڇيڙو، جنهن ۾ سرڪساهي ٺهيل هٿي،

هن ڏانهن اچلايائين. سرڪساهي هن جي ڪچي ۽ ٻوندي ٿي ، ڪجي ڏاڍي ٿي ويئي، ۽ سنگهار نوڙي کي پاڻ ڏانهن ڇڪ ڏني. امرخان ٻوٽ پر ڪري، گوڏن پر رڙهڻ لڳو. هن جي خون ۾ بدلي جي باهه وري ٻڙڪڻ لڳي ؛ ۽ هو جڏ ته ڇڏي واڻي اها بيعزتي سهندو ويو ، جيئن اها باهه ايترو ٻڙڪڻ لڳي ، جو ڊپ جو ان ٿي ڪوبه غلبو نه ٿي سگهيو. 'هي منهنجي ٻيءَ جو قاتل آهي .... هن منهنجي ٻيءَ کي ڪاس ۽ ايترو تنگي ماريو هو.... ان جي عوض اسان سندن جو سڌ سڌ ڪيو، تازي ڪتن کي کارايو هو. ۽ سنگهار بچي ويو هو .... يا خدا، مون کي ايترو صبر ڏي ، جيئن آءٌ هي بيعزتيءَ جا لڙڪ ان حد تائين ٻيٺندو رهان، جيسين منهنجي بدلي جي آگ جڏ سراڻ ٿي وڃي ٻيڙ ٻڏجي ، سندن جي بچي کچي کي ساڙي جلائي ڦلهار ڪري ڇڏي .....!'

هن گهٽيل گهڪهي نڙيءَ سان چيو : 'سنگهار، مون ته توکي انگوريءَ جي دعوت ڏني .... ۽ تون ....'

سنگهار هن کي چڙب ڏيندي چيو : "مون کي انگوري ٻيٺي هوندي ته آءٌ هت اچي حڪمان حڪم ٻي ويندس — ڏسان ڪهڙو ترخان تو مون کي روڪي. ۽ هينئر آءٌ خاص ڪم سان آيو آهيان."

امرخان کوبه جواب نه ڏنو. سنگهار سرڪساهيءَ جي مهڙ کي جهليندي، امرخان کي پنهنجي سامهون اڏاري ٻهاريو. هن جي هٿ جي هر جهٽڪي سان امير خان جو اکيون ڇڻ باهه نڪرنديون ٿي نظر آيون.

"سرزا باقيءَ قندارکان وڏيڪ لشکر ڇوگهرايو آهي؟" هن امرخان جي اکين ۽ اکيون وجهندي چيو.

"مون کي خبر نه آهي،" امرخان گهڪهي آواز ۾ چيو.

"هون... ، توکي خبر نه آهي ...." هن سرڪساهيءَ جي قندي کي هڪ زوردار جهٽڪو ڏيندي چيو. "تون ائين ڪوڙ

پڌائيندين .... امير خان ٿون مون کي سچائين ٿو. آءُ ڪنهن ترخان کي مارڻ وقت ٻيهر سوچيندو ڪونہ آهيان." سنگهار جي آواز ۾ ايترو يقين ۽ پختگي هئي، جو امير خان تي نہ چاهيندي به ڊپ وري چاڻجڻ لڳو. پر هيءَ گجهہ نہ ترخان جي موت ۽ زندگيءَ جو گجهہ هو. ان لاءِ هو هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هو ، ۽ هن ميڙ مَيڙ ڪندي چيو: "مون کي ڪا خبر نہ آهي . جيڪڏهن مون کي خبر هوندي به ته ٿون اهو ڪيئن ٿو سوچين نہ آءُ حڪومت جو راز توکي پڌائيندس..."

"چڱو، نہ پڌاءِ..." سنگهار گهڙيءَ لاءِ ويچار ۾ پئجي ويو. هي راز اهڙو هو، جو امير خان کي ساهہ کان وڌيڪ پيارو هو. پر اهو راز جاڻڻ هن لاءِ به ضروري هو. هو ۽ جاڻ آخوند نور محمد سان وعدو ڪري نڪتا هئا تہ نہ رکجو اهو راز هٿ ڪري ايندا، پر اهو خط به هٿ ڪندا جيڪو قندار موڪليو ويو هو. هن پنهنجي چوڌاري نظر ڊوڙائي. اوچتو هن جي نظر هڪڙي ڪپرو ساڻيءَ تي پئي، جو هڪ ميز هيٺان ڪرونڀڙو ٿيو اهو سيڪجهہ ڏسي رهيو هو، ۽ ڊپ کان ڏکي رهيو هو. هن کي هڪ ترڪيب سجهي آئي، ۽ هن رڙ ڪري ان ساڻيءَ کي سڌ ڪيو. ساڻي ڪنبندو، ڏکندو، ڪورنشون ڪندو، ٻانهون ٻڌندو اڳيان آيو تہ سنگهار کي کل اچي ويئي. ساڻيءَ هن کي کلندو ڏٺو تہ هن جو ساهہ به گجهہ سامت ۾ آيو، ۽ هو گجهہ امڙيءَ ادا سان مرڪڻ ۽ اکين ٽي اکين ۾ ڪي ڏيکا ڏيڻ لڳو، جو ڪو ترخان هجي ها تہ هو ان هڪڙيءَ ادا تي سيڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ها. هن سنڌي جٽ ٿي ان جو اثر بلڪل ابتو ٿيو ۽ هو وڌا وڌا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. هن جي بيخبريءَ جو فائدو ونندي، امير خان نوڙيءَ ۾ ٻيٺي هٿ وڌهي وڻي ڇڪ ڏني . نوڙي سنگهار جي هٿ مان نڪري ويئي ، ۽ امير خان ٽپو ڏيئي دروازي ڏانهن ڀڳو. سنهگار جا ٽهڪ اڃا جو اڃا بند ٿي وبا ، ۽ هو ششدر ٿي دروازي ڏانهن ڀڳو. پر عين

ان وقت جانڻ پالي جي نوڪ سڻ امير خان کي پوئتي هٽائيندا، ڪيس سنگهار تائين آڻي پهچايو.

"واه جانڻ پائو واه ... مون تہ سمجهيو هو تہ سڄو ڪم خراب ٿي ويو! پر تون اڻين دروازي تان هٽي نہ اچين ها تہ چڱو. الائي ترخان ڪتا، پنهنجي ڪتڪ سان ڪيڏيءَ مهل اچي نڪرن، ۽ اسين بيخبرا ڦاسي پئون. تون وري وڃي دڳ جهلي ٻهہ!"

سنگهار جو هڪڙو هٿ امير خان جي منهن تي اهڙيءَ طرح ورهو جيئن سرڻ ڪنهن ننڍي پکيءَ تي لاماروڏيندي آهي. امير خان پنج- آٺ قدم پوئتي ٽڙندو وڃي هڪ موڙي مٿان اچي ڪريو. سندس نڪ ۽ چپن مان رت ٽمٻڙون ڪري وهڻ لڳو، ۽ پوءِ سنگهار ساقيءَ کي فارسيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ چيو، انهن لفظن تي ساقيءَ کي تہ ڇا، خود امير خان کي بہ اعتبار نہ آيو. امير خان اڻين چرڪيو جڏ ڪنهن نانگ ڏنگي وڌس. ساقي بہ اهو حڪم ٻڌي اچرج ۾ پؤ ڪان سنگهار جي اکين ۾ ڏسڻ لڳو. سنگهار ڪٽارو ڪڍي، ساقيءَ جي نڙڪهٽ تي رکندي چيو: "چورا، جي چوڻ نہ ڪيو اٿي تہ هيءَ خنجر تنهنجي نڙڪهٽ جي پار هوندو!"

اڻن چئي هو وري امير خان ڏانهن وڌي آيو. هن جي هانهن کي پويان مروڙيندي، ڪيس اڳيان وڌائيندي، هن ساقيءَ کي اشارو ڪيو. ساقي ڊڄندو، ڪنبندو، لڙکندو اڳيان وڌيو ۽ پنهنجو ننڍڙو خنجر ڪڍي، هن امير خان جي شلوار ڏانهن هٽ وڌايو.

امير خان ڪرڙيءَ وانگر ڦٽڪڻ لڳو. اڃا ساقيءَ هن جي شلوار ڏانهن هٽ وڌايو تہ امير خان مٽل آواز ۾ چيو: "سنگهار خان، واسطو اٿئي رب جو، ان کان نہ مون کي ختم ڪري ڇڏ"

سنگهار وري ساقيءَ کي اشارو ڪيو، ۽ ساقيءَ امير خان جي شلوار ڏانهن هٽ وڌايو. امير خان ڊانهن ڪري چيو: "بس بس .... ٻڌايان ٿو!" پوءِ هن جي ڙڙ تان وهي اکين ۾ پوڻ لڳو. هن جو منهن سڪل ٻن جهڙو اودو اودو ٿي ويو هو.

"مرزا باقيءَ کي مرزا جان بابا ۽ شاهہ قاسم ارغون جي بغاوتن جي ڪڙڪ پڄجي وئي آهي، ۽ تنهن کان سواءِ شهنشاهہ

اکبر ۽ سڏ ٿي چڙهاين جون تيارين پيو ڪري. ان ڪري مرزا قندار مان ڪُمڪ گهرائي آهي!" امير خان ڪنڌ هيٺ ڪري گهگهي آواز ۾ چيو.

"ڪير ويو آهي آها ڪمڪ وٺ؟ سنگهار سوال ڪيو.

"امير کوکلتاش ارغون ...."

"ڪڏهن نڪتو آهي کوکلتاش؟"

"اڄ صبح جو....!" امير خان ۾ ڇڪ ساهه ٿي ڪونه هو.

"هون ..." ائين چئي سنگهار ساقيءَ کي اشارو ڪيو. ساقي پوئتي هٽي ويو.

سنگهار امير خان کي اکيان ڪري دروازي ڏانهن وڌيو. جانڪڙڪو ٻڌي، اندر لنگهي آيو، ۽ اکين ٿي اکين ۾ سنگهار کي ڪو نياپو ڏنو. سنگهار ڪٽارو امير خان جي پٺ تي رکندي دروازي کان ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر ويهارو ڪن ترخان پالن ۽ تراربن سان ڇڪ هنن جي انتظار ۾ هٿا. سنگهار امير خان کي اکيان ڪندي چيو: "اوهان مان ڪوبه اڳتي وڌيو آهي ته آڳ هي خنجر هن جي پٺ ۾ ٿي ڏيندس!"

سڀ ترخان خونخوار اکين سان هنن کي ڏسندا رهيا. امير خان ــــ مٿي اکاڙو، نڪ ۽ وات مان وهندڙ رت سان، ڪنڌ هيٺ ڪريو، اڳتي وڌندو رهيو. سنگهار ۽ جانڪ پنهنجي گهوڙن تائين وڌي آيا. امير خان جون ٻانهون ڇڏي، سنگهار وري سرڪساهيءَ جو چيڙو هٽ ۾ جهلي، گهوڙي تي چڙهيو. جڏهن جانڪ به سوار ٿيو، تڏهن سنگهار چيو: "امير خان، تون ٿئي جو نئون عامل مقرر ٿيو آهين. سنڌين تي ظلم ڪرڻ وقت پنهنجي پيءُ جي پچاڙي ياد رکجانءِ .... ظلم ڪنهن کي به نه ڪيندو!"

ائين چئي پنهنجي گهوڙي کي آڙي هنئي، ۽ سرڪساهيءَ واري رسي کي ڇڏي ڏنو. هنن جا گهوڙا دڙڪ، جو هڪ واڇوڙو بويان ڇڏيندا نظرن کان اوجهل ٿي ويا. امير خان پنهنجي سامهون بيٺل ترخانن تي نفرت پري نظر وجهندي چپن ۾ ٻڏ ٻڏ ڪئي؛ ۽ ساقي خاني ۾ اندر گهڙي ويو.

٧

شهر-لنکهي جڏهن هر پاڙي ۾ اهو پڙهو ڏنو ته اڄ کان اميرخان نڻي جو عامل مقرر ٿيو آهي ته کيترن جون دليون دهلجي وينون. هنن کي پڪ ٿي ته هن جي عامل ٿيڻ سان شهر ۾ اهي ظلم ٿيندا، جو اڳي کڻهن ڪڏهن به کوڻ هوندو. اڇرن جو شهر جي جامع مسجد جي بلڪل پاهران چوسول تي ، بڙ جي وڻ ۾ ٻن سنڌين جا ڪَل لٿل جسم ٽنگي ڇڏيائون . جنهن ٽي هنن کي ڏٺو ، سو آت ڏيندو ٽيون ڪندو، دل ٽي دل ۾ ترخانن کي گاريون ڏيندو، پٿيندو ٽي ويو. اميرخان جي عملداريء جي هي اهڙين سوکڙي هٿي سنڌين لاءِ. جڏهن ٻوه ماڻهو سانجهي نماز پڙهڻ لاءِ مسجدن ڏانهن ٽي ويا ته اميرخان کي پنجاهي کن سوارن سان آخوند صالح جي مدرسي ڏانهن رينديءَ ڏٺائون . ماڻهن ۾ ٽئين هورا کورا جاگڻ لڳي. جيڪڏهن آخوند صالح جي مدرسي کي هٿ لاٽائون ته شهر ۾ بغاوت ٿيڻ لازمي هٿي. سمورن مدرسن جا شاگرد ترخانن ۾ کاهي پوندا. ٻوءِ چا ٿيندو، سو کڻهن به سوچڻ نڻي چاهيو. ٻيڙا ماڻهو، ٽکڙا ٽکڙا مسجدن ۾ داخل ٿي، وقت کان اڳ نفل پڙهي، دعائون گهرڻ لڳا ته "الله سائين نڻي ۽ سموريءَ سنڌ کي هنن ظالمن جي شر کان پناهه ۾ رکج! اڄا اڳيان گهاءِ ٿي کوڻ ڇٽا آهن ته نڻون کوس ٿيڻ نه ڏج!" هندو پنهنجي مندرن ۽ ٽکائن ۾ پنهنجي مورتين اڳيان ٻاڌائڻ لڳا ته نڻي ڄان آفت ڪري.

اميرخان پنهنجي سوارن سان اچي آخوند صالح جي دارالعلوم اڳيان لٿو. هن سان چار پنج قنداري مولوي گڏ هٿا، جن کي

مرزا باقيءَ قندار کان سندين کي فارسي ۽ صحيح اسلام پڙهائڻ لاءِ گهرايو هئو. دروازي اڳيان نديءَ منجيءَ ٽي هڪ ٻيڙو ماڻهو چلم جو نڙ وات ۾ وجهي، جڏ دنيا کان بي خبر پنهنجي ئي خيالن ۾ غرق هو. گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ ٽي ٻ هن ڪنڌ ورائي ڪونہ نهاريو. جڏهن امير خان بلڪل سندس پرسان اچي گهوڙو جهليو، تڏهن ٻ هو پنهنجي چلم مان گرڙاٽ ڪيندو رهيو. امير خان ٻيڙي ٽي ويو، ۽ نهزو ڪيي، هُن ٻيڙي کي چوڪ ڏني ته ٻيڙو ڇرڪ پري اٿي ٻيٺو، ۽ ترخانن کي حيرت مان ڏسڻ لڳو.

"بي ادب گڏهه، توکي اها مجال جو اسان جي اڳ جو ٻڌي، پنهنجي چلم ۾ لڳو پيو آهين؟" امير خان ڪڙڪو ڪندي چيو.

ٻيڙي ڏند ڪيندي، پنهنجي ڪنن ڏانهن اشارو ڪندي چيو: "ڏاڍيان گالهاه، آڳ ڪنن کان بنهه ٻوڑو آهيان. ڪهڙ مڙس آهين؟"

ترخان کلڻ لڳا. هنن کي کلندو ڏسي، امير خان جي کاوڙ هيڪاري تيز ٿي ويئي، ۽ هن واکو ڪري چيو: "خاموش! آڳ آهيان، امير خان، ٿتي جو ٿئون عامل!"

"هوندين، پر هت ڪهڙو ڪم اٿئي؟" ٻيڙي لاپرواهيءَ مان چيو.

امير خان کي پرئي مڙس تي ايڏي کاوڙ آئي، جو هن نيزي سان ڪيس زور سان ڏکو ڏنو، ته پرسن ٽپڙ ڪائيندي وڃي منجيءَ جي هوبان ڪريو. ۽ هو ڪپڙا چنڊيندي وري اٿي ٻيٺو "ابا، مڙس ٿو مارين! ٻاڻ وڏن سان اڻين هلمو آهي. واه جو ٻڌين سيکاريو اٿئي!" ٻيڙي جڏ رنج ٿيندي چيو.

امير خان هن کي بنهه مارڻ وارو هو، پر هڪ قنداري مولويءَ ڪيس فارسيءَ ۾ چيو: "هينئر ٽي سختي ڪبي ته شاگرد ۽ استاد اسان سان ڪهي ڪين هلندا. سياست کان ڪم وٺ: سڀ ڪم خراب نہ ڪر!"

ٻيڙي جڏ ڪجهه ٻڏو ئي ڪونه. وري پنهنجي ڪٽ تي ويهي رهيو، ۽ پنهنجي چلم جي نڙ ۾ ڦوڪون ڏيڻ لڳو. اميرخان ٻڏ ٻڏ ڪندي، ٻيڙي کي سزا ڏيڻ جو اِرادو ترڪ ڪري چڏيو، ۽ نرميءَ سان چوائين: "پوڙها، در کول، اسان کي آخوند صالح سان ملڻو آهي. هي عالم سگهورا قندار کان هلي سڌس ملڻ آيا آهن."

"جي، چا چيئي؟ ٿورو ڏاڍيان ڳالهاءِ، مون ڪونه ٻڌو،" هن وري پنهنجي ڪنن ڏانهن اِشارو ڪري پنهنجي ٻوڑاڻ ظاهر ڪئي.

امير خان پنهنجي ڪاوڙ کي روڪيندي، ڏاڍيان پنهنجي ڳالهه ورجائي چئي.

"پوه ائين چئو نه!" ائين چئي، ٻيڙو اڏيو، ۽ اچي مولوين کي هٿ ڏنائين، ۽ سندءِ ۾ ساڻن خوش خير و عافيت ڪرڻ لڳو. هاڻ ته امير خان کي به ڪل اچي ويئي، ۽ چوائين: "پريا مڙس، هي اڇا ڪالهه قندار کان آيا آهن. سي تنهنجي سڏي ڪيئن سمجهندا!"

"ابا، قندار کان آيا آهن، پلي ڪري آيا، جيءُ ڪري آيا!" ۽ پوه آهستي چوائين: "جڏهن تڏهن ڙي سڏڙي، توکي قندارئون جوکو!"

"امير خان رڙ ڪري چيو: پوڙها، چا چيئي؟"

"ابا، چهه ته دين جا عالم سگهورا آهن. سڏ جي قسمت، جو قندرائون هلي آيا آهن!"

"چڱو، هاڻ درکول!" امير خان وري حڪم ڏيندي چيو.

"هي مدرسو آهي علم جوگهر. هن ۾ هٿيار ٻهري لنگهڻ ڪبيروگناهه آهي، ۽ هتن سپاهين جو وري علم سان ڪهڙو واسطو؟ هي دروازو دين جي عالمن سگهورن لاه بيشڪ کلندو، پر هتن سپاهين لاه هرگز نه کلندو!" پوڙهي ۾ الاڻي ڪٽان جان اچي ويئي. هن جو سمنو اڳيان وڏي آيو، ۽ سندس اکين ۾ هڪ نئين جوت جاڳي آئي.

امير خان قنداري مولوين سان هري هري مشورو ڪرڻ لڳو. هو فقط پنهنجون ڏاڙهيون لوڏيندا رهيا. آخر ڪنهن ڳالهه تي هو پاڻ ۾ ڪاوڙ ٿيا، تڏهن امير خان ڏاڍيان چيو: "تون دروازو کول. فقط آڻ هنن عالمن سڳورن سان آخوند صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيندس. سپاهيو، اوهين چاليهه قدم پوئتي هٽي بيهو، ۽ اسان جو انتظار ڪريو!"

سپاهي هڪدم گهوڙا موڙي پوئتي هٽي وياء امير خان دروازي ڏانهن وڌيو. ڀيڙي تي ڇڻ ڪو اثر نه ٿيو، چيائين "ڇڻ ڇڻ، هٿيار لاهي هٿ رکو، دروازو پوه کلندو!"

امير خان لاچار ٿي ترار ميان سان ڪيڙي، پوڙهي جي ڪٽ تي رکي، ۽ نهزو هيٺ زمين تي رکي ڇڏيائين. ڀيڙو پاڻ اڳتي وڌي آيو، ۽ ڇڪ ڏيئي امير خان جي ڪمربند سان خنجر ڇڪي ورتائين. پوء ڏاڍيءَ نڙڻ سان قنداري مولوين ڏانهن وڌي آيو، ۽ هڪ هڪ ڪري مولوين جي ڪمربندن سان خنجر ڪڍي ورتائين. مولوي حيرانيءَ سان هن پهرين جي چستيءَ ۽ ڦرتيءَ کي ڏسندا رهيا. خنجر پاڻ وٽ قابو ڪري، پوڙهو دروازي تائين آيو، ۽ دروازي تي هٿ سان ٽڪ ٽڪ ڪيائين. اندران کو هلڪو آواز آيو. ڀيڙي چيو: "دين جا عالم سڳورا قندار کان پنڌ پيا آهن. هنن جي آڇمان لاه دروازو کوليو!"

ڀيڙي جا لفظ پورا ٿيا نه وڏي دروازي ۾ هڪڙو ننڍڙو دَرُ ڪلي پيو. اهو دروازو اڌرو هو جنهن مان هڪ ٿي وقت فقط هڪڙو ماڻهو لنگهي ٿي سگهيو، ۽ ان کي به هيٺ جهڪڻو ٿي پيو. ڀيڙي چيو: "هيءَ علم جو در آهي. هت جهڪڻ قسمت وارن کي نصيب ٿيندو آهي!"

امير خان دل ٿي دل ۾ خار کائيندو، مولوين جي پويان اندر داخل ٿيو. اندرئين پاسي ننڍي قد جو هڪ همراهه کين ويٺي، آخوند صالح جي حجري ڏانهن هلي لڳو. اتي پهچي، هن سيني کي جتيون لاهڻ جو اشارو ڪيو. جتيون لاهي هو اندر داخل

ٿيا ته هڪ ٽڏي تي هڪڙي ڪرڙيڊ ماڻهوءَ کي ويٺل ڏٺائون ، جنهن جي چهچ کار ڏاڙهيءَ ۽ ڪٽي ڪٽي اڇا وار به ظاهر ٿيڻ لڳا هئا. سندس منهن ۾ عجيب چمڪ ۽ ڏيا هئي. هو ڪنهن ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول هو. هنن کي ايندو ڏسي هو آڻي ٻيٺو، ۽ سندن آڇمان ڪندي، کين ويهڻ لاءِ چيائين. امير خان کي پٽ تي ٽڏي تي ويهڻ ڏاڍو ڏکيو لڳو. زمين سندس دڏن ۾ چيڻ لڳي، ۽ هو ذري ذري پاسا بدلائي سڌو ٿي ويهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

قندارين مان هڪ مولويءَ پنهنجي اڇڻ جو مقصد بيان ڪندي چيو: "حضور مرزا باقي بيگ جن جي راءِ آهي ته سنڌ ۾ تعليم جو خاطر خواه بندوبست ڪرڻ لاءِ، ملڪ جي سمورن مدرسن ۾ فارسي ۽ دينيات پڙهائي وڃي. ان ڪري هن قندار کان دين جا عالم گهرايا آهن. جن کي درس تدريس جو ڏيگهو تجربو آهي. هن دارالعلوم ۾ اسان پنجن ڄڻن کي پڙهائڻ جو حڪم ملیو آهي."

آخوند صالح ڪنهن گوڙهي خيال ۾ ٻڏي ويو ؛ ۽ پوءِ ڪجهه سوچيندي چيائين : "گهڻو ڏکو سپ مدرسا ۽ دارالعلوم آهن ٿي ديني تعليم لاءِ ، ۽ اسان جي مدرسن ۾ ڪي شاگرد هونئن ٿي فارسي پڙهن پيا."

"سرڪار چاهي ٿي ته فارسيءَ جي تعليم عام ڪئي وڃي. هر شاگرد ضرور فارسي پڙهي، علم جي دنيا سان روشناس ٿئي!" مولوين مان هڪڙي چيو .

"فارسي هتان جي ماڻهن جي ٻولي ڪانهي. انهيءَ ڪري ان کي فقط ڪي اهڙا شاگرد پڙهڻ گهرندا جن کي ان جي سکڻ جو شوق هوندو. تنهن کان سواءِ سرڪاري طرح فارسي پڙهائڻ جو ڪهڙو ضرور آهي ، جڏهن اسان وٽ فارسي سيکارڻ جا استاد اڳي ئي موجود آهن." آخوند صالح نهايت آهستي ۽ ڏبرج سان ڳالهائي رهيو هو .

هڪ مولويءَ کي شايد جوش اچڻ لڳو هو: "فارسي

هتان جي حاڪمن جي زبان آهي، اسلامي حڪومت جي زبان آهي، اسلامي زبان آهي. ايران، افغانستان ۽ هندستان جي مسلمانن جي واحد سڌريل زبان آهي. قندار کان دهليءَ تائين فارسيءَ جو چرچو آهي. فارسي سکڻ سان سنڌي پنهنجي حاڪمن جي قريب ايندا، منجهن اسلام جو درد پيدا ٿيندو. ترڪن ۽ سنڌين جي وچ ۾ هن وقت جيڪي غلط فهميون آهن، سي دور ٿي ويندیون."

آخوند صالح فوراً کوبه جواب نه ڏنو. پوءِ چئن ٿي مولوين تي هڪ نظر وجهندي، امير خان جي اکين ۾ اکيون اڪائيندي، ڪيس گهورينديءَ چيائين: "سنڌين جي مٿان سرڪاري طرح سان زور زبردستيءَ سان ڪابه زبان مڙهي ويندي ته هو هرگز هرگز ڪونه پڙهندا. هنن کي پنهنجي زبان سان بيپناهه محبت آهي. هنن جي هولي دنيا جي قديم هولين مان آهي — فارسيءَ وانگر هزارين سال پراڻي، ۽ فارسيءَ جهڙي ٿي مالدار ۽ ملي هولي آهي. اڄ تائين هنن کابه باهرين زبان قبول نه ڪئي آهي. برهمڻ کين پنهنجي ڌرم سان گڏ سنسڪرت پڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو نه پڙهيا. عربن اسلام آندو، پر هو سنڌين تي عربي مڙهي نه سگهيا. تاريخ شاهد آهي ته هنن ڪڏهن به زور زبردستيءَ سان ڏارين زبان قبول نه ڪئي آهي. فارسيءَ کان هنن کي کابه نفرت نه آهي؛ فارسيءَ کي هو ڪ ملي زبان سمجهن ٿا، فارسيءَ جي علم، شاعريءَ ۽ ادب کي هو ڏاڍي چاهه سان پڙهن ٿا، پر جيڪڏهن فارسي هنن تي زوريءَ مڙهي ويئي، ته هنن ۾ ان جي خلاف نفرت پيدا ٿي پوندي!"

"هي سرڪاري حڪم آهي، ان جي تعميل سنڌين کي ڪرڻي پوندي. سرڪاري ڪاروبار لاءِ به ضروري آهي ته سنڌي فارسي سکن، جڏهن هو حڪومت جو سات ڏيئي سگهن. جيڪي فارسي سکيا آهن، سي فارسيءَ ۾ شاعري ڪرڻ لڳا آهن. سرڪار طرفان اهڙن ماڻهن کي وظيفا ملي رهيا آهن. هنن ٿي عام بخششون ڪيون وڃون آهن،" امير خان گالهه کي ختم ڪرڻ لاءِ چيو.

"اهڙن ماڻهن کي کو به سنڌي عزت جي نگاهه سان نٿو ڏسي، جيڪي محض سرڪاري خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ فارسيءَ ۽ ٽڪيندي ڪرڻ لڳا آهن. اوهان کي خود خبر آهي، ۽ آڳ به چگهيءَ پر چاڻان ٿو ته ايراني، مغل ۽ خود اسان جا حاڪم پرپٽ سنڌن فارسيءَ تي ڪيئن ڪلهدا ٿا رهن. ان ڪري جيڪڏهن فارسيءَ خلاف نفرت پيدا ڪرڻ نٿا گهرو، ته ان هوڏ نان لهي وڃو!" آخوند صالح نهايت نرم لهجي ۾ ڳالهائي رهيو هو، مگر سندس اٽل ارادي ۽ اڏول شخصيت مولوين تي رعب طاري ڪري ڇڏيو هو.

"پر سرڪار جي حڪم جي انحرافي ڪرڻ جي مجال ڪنهن کي ٿيندي؟ جيڪو فارسي سکڻ کان انڪار ڪندو، ان جي زبان کڻي ڇڏي ويندي،" امير خان ڪاوڙجندي چيو.

"ته پوءِ سرڪار کي هر سنڌيءَ جي زبان کڻي پوندي: فارسي پولڻ کان هو گونگا رهڻ وڌيڪ پسند ڪندا!" آخوند صالح ساڳئي ڌيرج سان چيو.

"پر اوهين ته ڪين صحيح صلاح ڏيندا ته. شاگرد اوهان جو چوڻ ضرور مڃيندا،" ٻڪڙي مولويءَ مرعوب ٿيندي چيو.

"اوهان شايد وساري ڇڏيو آهي ته آڳ به سنڌي آهيان. تنهن کان سواءِ آڳ ڪڏهن به پنهنجي شاگردن کي غلط صلاح نه ڏيندس،" آخوند جواب ڏنو.

امير خان اٿي بيهي رهيو. هو ڪجهه وقت غور سان آخوند صالح ڏانهن نهاريندو رهيو، ۽ پوءِ آهستي چيائين: "آڳ نٿي جو عامل آهيان. يا نٿي ۽ هر شاگرد فارسي پڙهندو يا سمورا مدرسا بند ڪيا ويندا!" ائين چئي هو حجري کان ٻاهر نڪري آيو. قندهاري مولوي به چپ چاپ امير خان جي پويان نڪري آيا.

امير خان جنهن به مدرسي ۾ ويو، اٿي اهڙو ئي ڪٽو جواب ملڻس. هر ملاقات کان پوءِ ان جي ڪاوڙ جو مچ ٻيهٽ ٻڌجندو ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو ساجهر هو وري سؤ ڪن سپاهي ساڻ

ڪري آخوند صالح جي دارالعلوم ڏانهن وهو. قندارِي مولوي هن سان گڏ هئا. ٻيڙي وري دروازي کولڻ کان انڪار ڪيو؛ پر امير خان مولوين جي صلاح تي نه هليو، ۽ هن پنهنجو پالو ٻيڙي جي نڙ گهٽ ۾ ٽنبي ڇڏيو. سپاهين کي حڪم ڏنائين ته دررازي کي ڇڄي کولين. سپاهي ڪامون ڪٽي دروازي کي ڇڄ ڏيڻ لڳا. پراڻو دروازو ائن ڏهن ڏڪن کان پوء ڇيرجي پيو. دروازي ڇيرجڻ سان نئين در هڪدم چوڙن کان ٽڪري ويو. سپاهي اگهاڙين ترارين سان مدرسي ۾ گهڙي پيا. امير خان مولوين سان گڏجي پڙهڻ جي ڪوٺين ڏانهن وڌيو. پهرين ئي ڪوٺيء ۾ آخوند صالح درس ڏيئي رهيو هو. امير خان جي اشاري تي هڪڙو مولوي اچي آخوند جي پر ۾ ٻڌي رهيو.

آخوند صالح جڏهن کي ڏنوئي کونه، ۽ هو شاگردن کي چئي رهيو هو: "اڄ شايد آءٌ اوهان کي آخري درس ڏيئي رهيو آهيان. هي قنداري مولوي، اوهان کي ترارين جي زور تي فارسي پڙهائڻ آيا آهن. منهنجي اوهان کي ڪ٦ٻو اها صلاح آهي ته ..."

هن اڃا جملو ختم ئي نه ڪيو ته امير خان جي اشاري تي ٻه سپاهي هن کي ڪمري مان گهلي باهر ڪڍي ويا. هيءَ درس نندين ڇوڪرن جو هو، ۽ کنهن جي به عمر پندرهن سورهن ورهين کان مٿي نه هئي. قنداري مولويء امير خان ڏانهن ڏٺو، ۽ منبر تي چڙهي چيائين، "طفلانِ من...."

اڃا هن ايترو چيو ته ٻه ڇوڪرا اٿي بيٺا، ۽ ٻنهي گڏجي چيو: "اسين فارسي کونه پڙهنداسون!"

امير خان وري ٻيو اشارو ڏنو، ۽ ٻن سپاهين اڳتي وڌي ڇوڪرن کي گهلي باهر ڪڍيو، ۽ گهڻي وقت کين ٽڦڙن سان ڪٽيندا ويا. ٻارڙا هيسجي ويا. ڪمري ۾ موت جهڙي خاموشي ڇانئجي ويئي. ڇوڪرا هراس ۽ ڊپ کان سپاهين ۽ قنداري مولوين کي ڏسندا رهيا. امير خان کين سنڊيء ۾ چيو: "ڇوڪرا، هي عالم اوهان کي پڙهائڻ لاء قندارکان آيو آهي. جيڪو ڇوڪرو

فارسي نہ پڑھندو، ان کي اگھاڙو ڪري، هن نيٺ سان ڪٿيندس ... ٻڌايو اوهين فارسي پڑھندؤ يا نہ ؟"

ٻار اڳيئي هيسيل هٿ، ان ڪري ڪنهن به جواب نہ ڏنو. امير خان ڪجهہ سوچي، قنڌاري مولويءَ کي اتي ئي ڇڏي ٻاهر نڪري آيو. سپاهين کي پنهنجي ٻوپان اچڻ جو اشارو ڪري، هن گهوڙي کي جامع مسجد واري چونڪ ڏانهن موڙيو. سپاهين کي چيائين تہ قاضيءَ جو ڦندو تيار ڪن. قاضيءَ جو ٽپاس ٻڌندو ڏسي، آسپاس کان ماڻهو اتي گڏ ٿيڻ لڳا. امير خان جا سپاهي ٽپاس جي چوڌاري هڪ وڏو گهيرو ٺاهي بيهي رهيا. گالهہ شهر ۾ باهہ جيئن ڦهلجندي ويئي تہ ترخان آخوند صالح کي قاضيءَ تي ٽا ڇاڙهين. ماڻهو پنهنجا ڏندا ڏاڙيون چڏي، اگهاڙين ٻيرن، ٿي اگهاڙي جامع مسجد ڏانهن پڳا.

جڏهن قاضي تيار ٿي ويٺي، تڏهن امير خان آخوند صالح جي اڳيان اچي بيهي رهيو، ۽ چيائين: "آخوند، توکي ماريندي مون کي خوشي کانہ ٿي ٿئي. اڇا به ڙي وڃ : پنهنجي مدرسي ۾ قنڌاري مولوين هٿان فارسي پڑھائڻ جو رضانامو لکي ڏي تہ توکي چڏي ڏينداس، نہ تہ...."

آخوند صالح جي منهن تي عجيب نور ٻهڪي رهيو هو، ۽ هن چيو: "نو جهڙا هزارين جاهل مون ڏٺا آهن. جيڪڏهن مون کي قاضيءَ تي چاڙهيندين تہ سنڌ فارسي بولڻ لڳندي ڇا؟ اوهين هڪڙي هڪڙي سنڌي استاد کي قاضيءَ تي چاڙهي چڏيو. تڏهن به سنڌي مدرسن ۾ فارسي زوريءَ پڑھائي نہ سگهندؤ!"

امير خان هڪ سپاهيءَ کي اشارو ڏنو، جنهن وڌي قاضيءَ جي سرکساهي آخوند صالح جي ڪچيءَ ۾ وڌي. ميڙ ۾ چريو ٿيڻ لڳي. ۽ ماڻهن جي دلين ۾ وَڏَ پوڻ لڳا. پر سپاهين جي پالن هنن کي اڳيان وڌڻ نہ ڏنو. امير خان وري ٽپاس واري سپاهيءَ کي اشارو ڏنو: هن هڪ ٿي ڏڪ سان قاضيءَ وارو تختو آخوند جي ٻيرن هيٺان کڏي چڏيو. آخوند جي وات مان ذرو به آواز

نہ نکتو، الائي ڪيئن هن جي لڙکندڙ جسم جي منهن تي اهائي نوراني مرڪ اڇا تائين قائم هئي. امير خان حيرت مان هن کي ڏسندو رهيو. هن سوچيو ته ڪاهيءَ جي تختي تي هن سڏين مرڪ ڪٿان سکيو آهي؟

هن وري چوڪرن ڏانهن ڏٺو، ۽ هڪ ٻيرو وري هن کان پڇيائين: "اڑي چورا ڀڏايو، فارسي پڑهندؤ يا نہ؟"

چوڪرن جواب نہ ڏنو. هو ته پنهنجي استاد جي لڙکندڙ جسم کي ڏسي روئندا رهيا. امير خان وري سپاهين کي اشارو ڪيو. سپاهين چوڪرن کي چوڪيو ڀڏي، پهرين هڪ چوڪري جي، ۽ پوءِ ٻئي جي جيب ۾ پاڙون وڌي ڇڏي، چوڪرا ڪرن جيان رانيات ڪرڻ لڳا. رت سندن واڇن مان وهڻ لڳو. ڪجهه رت نڙيءَ ۾ وڃڻ ڪري، هو اٻوڙجڻ ۽ کنگهڻ لڳا؛ کنگهي وري ٻاڪارڻ ٿي لڳا. ميڙ ٽيل مائهن کي ڇڻ ڪو نانگ ڏنگي ويو هو، ۽ هو پنڌ پهڻ ٿي هن ڪيس کي نہ ڏسندڙ اکين سان ڏسندا رهيا.

امير خان ڏهاڪو ڪن سپاهي اتي ڇڏي، اتان هليو ويو؛ ۽ شهر ۾ پڑهو ڏهاريائين ته جيڪو آخوند پنهنجي مدرسي ۾ فارسي نہ پڑهائيندو، ان جو حشر آخوند صالح جهڙو ٿيندو؛ جيڪو شاگرد فارسي پڑهڻ کان انڪار ڪندو، ان جي زبان کڻي ويندي، ۽ جيڪو مائٽ فارسي پڑهائڻ کري هارن کي مدرسن مان اڻاريندو، ان جو سمورو مال متاع ضبط ڪيو ويندو.

شام تائين آخوند صالح ۽ ٻهي شاگردن کي ڏسڻ لاءِ هشام سڏين جا اچي گڏ ٿيا. هڙو ڪيس نہ ٿيو نہ ٿيندو. مائهن جي آندن ۾ وڌ پوڻ لڳا. هزارين مائهو اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳا، ۽ کي خاموش هنن تن قربان ٿيندڙن کي ڏسندا، اندر ئي اندر ڪڑهندا، گوڙها گاڙيندا رهيا. ٻيڙا ۽ ٻيرسن پنهنجن آندن کي مهٽيندا مسجدن ۾ وڃي پنهنجي رب سان شڪايتون ڪرڻ لڳا. چونڪ ۾ جيڪ وڌيل شاگردن جا منهن سڄندا ويا. سندن ڪنڌ هڪڙي پاسي لٽڪي پيا، ۽ مکيون مڙي سندن رت پريل واڇن تي گڻ ڻڻ لڳيون!

٨

ڏڻي جي سينڌ اڇا ستارن سان سينگاريل هئي. ڏڏي ڪير جهڙي چانڊوڪي ۽ چولن سان راند ڪندي، سوڍل جي دل جيئن ٽلڪڻ لڳي هئي. ترخانن جي محلي ۽ سپاهين ۽ چوڪيدارن جي هوڪن کان سواءِ سڄو ڏڻو بي خبريءَ جي ننڊ ستل هو. سوڍل سوچڻ لڳو هي ننڊ پيل مائيڻو ڏڻي جو شهر الائي ڪهڙن اندر ڪهڙن ماڻهن ۽ روڇن کي لڪايو ستو پيو آهي. سنڌ جي هن سونهاري شهر جي گهٽين مان اڪيلو لنگهندي هن کي عجيب لڳي رهيو هو. هن ڏاڍي ڀيار مان ڪميت جي بشڪن ڏي ڏڪي هئي، ۽ ڪميت سراءِ جي اڳوان ڪنڌ نمائي بيهي وئي. سوڍل ڪڙوڪڙ ڪايو. کو جواب نه ملڻ تي وري ڏاڍيان ڪڙو هٿ شروع ڪيائين. ٽهٽ ڏڇندي ڏڇندي ٻيڙي علوءَ اچي دروازو کوليو. هيڏيءَ رات جو ڪنهن مسافر جو اچڻ هن کي همينه ڏيڇاري ڇڏيندو هو. ترخان پنهنجي پڇي ويل ترڪ چوڪرن يا ماڻهن جي ٽولا ۽ اڪثر آڏيءَ ويل اچي سراءِ جو دروازو کولائيندا هئا، ۽ مسافرن ۽ ڪيس مارڪٽ ڪري هليا ويندا هئا.

"ڪير؟" ٻيڙي علوءَ ڏڇندي ڏڇندي سوال ڪيو.

"آءٌ آهيان سوڍل!" سوڍل مختصر جواب ڏنو.

"سوڍل، تون؟ هن محل؟ اڇ، اڇ، ٻاهر ڇو ٻيٺو آهين؟ تون هل اندر تہ آءٌ گهوڙي ڪڍ ۽ هڏي ٿو اچان.... داڻو ڏوانس؟" ٻيڙي گهوڙيءَ جو لغام هن کان ونڊي پڇيو.

سوڍل سراءِ ۽ اندر اچي، ڏڻي جي وٽ کي ٽورو ڇڏي

رت سندس مغز ۾ ڪنهن درياءَ وانگر چولين هڻي رهيو هو. هن جو سمورو بدن ڪنهن عجيب آگ ڪان جلي رهيو هو. هن جي اکين اڳيان رکي رکي ٻه ڳاڙها چپ چميءَ جي شڪل ڏاهي آپري ٿي آيا، ۽ هن جڏ ان تصور کي هٽائڻ لاءِ پنهنجيون اکيون مهٽڻ ٿي شروع ڪيون.

ڀيڙو علو موڻي آيو. هن کي ائين ڪنهن سوچ ۾ ويڙهل ڏٺائين، تہ ڏاڍي پاڇو، مان چمائين: "چو سوڀل، ڪهڙين ڳڻتين ۾ آهين؟"

"ڪجهہ نہ ڪونهي. تون منهنجي لاءِ ڪا ڪوڙي ڪول،" هن جڏ سوال ڪان پاڻ بچائڻ ڪاڻ چيو.

ڪوڻيءَ ۾ وچايل هنڊ تي، هو جٽي لاهڻ بنان ٽي ليٽي ڇيو. علو ٻہ سندس آڏو بهي، غور سان سندس منهن ۾ نهاريندو رهيو. هو سوڀل کي ورهين کان سڃاڻندو هو. ترخان خلاف هن جي ڪارنامن ڪان ڪير واقف ڪونہ هو؟ هرڪنهن بغاوت جي منڌ مهاڙ ۾ سوڀل هوندو هو. چاچي وريام واري راڪهي ڪان پوءِ تہ سمورا مالهو سوڀل کي پنهنجو سڳو ميٽ سمجهندا هٿا ۽ وڏي گهالهہ تہ ترخان ۾ جيترو ڊپ سوڀل جو هوندو هو، ايترو ڪنهن جو نہ هو.

سوڀل جڏهن ٻہ ٽئي ايندو هو، رهندو علوءَ جي سراءَ ۾ هو؛ علو ٻہ هن جي خاص ڪوڙي هن لاءِ خالي رکندو هو، چاهي هن کي مسافرن کي پٺر ۾ سمهاڙو پوي. مسافرن جي خدمت چاڪريءَ لاءِ هن وٽ ٻہ-ٽي ماڻهو هٿا، پر سوڀل لاءِ ماني ڏکي هو پاڻ ڪٽي ايندو هو، سندس هنڊ پنهنجن هٿن سان وچائيندو هو، سندس گهوڙي کي داڻو پاڻي پاڻ ڏيندو هو. سوڀل جي باغي هجڻ جي خبر هونڊن تہ سڄيءَ سنڌ کي هئي، پر سندس اندر جي آدمن ڪان ڀيڙو علو وڌيڪ واقف هو. هن کي هن جي طبيعت، هن جي مزاج جي چڱيءَ طرح خبر هئي. اڄ ٻہ هو سمجهي ويو تہ سوڀل ڳالهائڻ نٿو گهري. پر ڪانئس رهيو نہ ٿيو. ۽ پڇائين "سوڀل، ڪيو هنڊين؟ ڪجهہ تمار ڪرائي ڪاڻ؟"

"نہ چاچا، البت آڇيو آهيان. اڄي ڪجهہ رکيل ؟" سوڊي آهستي چيو.

"بابل، تنهنجي لاه سيڪجهہ آهي. ڪالهہ اڇي جي ماڻي ڪلاڪ ڏيڻي ويڻي آهي، سا تنهنجي ملڪ آهي !"

گهڙيءَ کان پوءِ هو ماڻي ۽ وڃي سوڊي اکيان رکي، چپڙي ڪري باهر نڪري ويو. سوڊي وڃي پري سرڪ پيتي تہ جڏ تہ مڇ تي چنبو پئجي ويو. هو الائي ڪيتري دير پيئندو رهيو: جئن جئن پيئندو ويو، تئن تئن نشو هن جي اکين کان ڪوهين ڏور پڇندي ويڻي. هو پنهنجي ڪوڙيءَ ۾ اڇ وڃ ڪندو رهيو. هن جي ذهن ۾ واڇوڙا ورندا رهيا، ۽ هو انهن مان جند ڇڏائڻ لاءِ وري ماڻيءَ ڏانهن موڙي ٿي آيو. ليڪيءَ جو هر انگ هن جي جسم ۾ ڪنڊ وانگر ڪنوندو رهيو: هن حا چپ، هن جون اکهڙيون ٻانهون، هن جو آرهہ، هن جو ڏڻ، هن جي جسم جي جهڪ، هن جي آواز جي لئ رکي رکي هن جي ذهن کي ڏينهن وانگر ڏنگيندا رهيا، ۽ هن کي پنهنجي ٻاڻ ٿي ڪاوڙ اچي ويئي. 'آءٌ ايترو ميٺو ٿي ويو آهيان، جو هڪ زال منهنجي جسم، دل ۽ دماغ تي چائنجندي ٿي وڃي. آءٌ هڪ ترخان زال جو مقابلو ٿي نٿو ڪري سگهان تہ سڏ ترخان کان ڪيئن آزاد ٿيندي !'

اوچتو 'سڏ' جو نالو زبان تي ايندي ٿي، هن جي ذهن ۽ جسم جي چڪ ۽ ٽڪ لهي ويئي. واڇوڙا بيهي رهيا. هن وري اهو نالو اچاريو "سڏ !" ۽ هن کي اڻين محسوس ٿيو جڏ تہ هن جي بدن ۾ نشون رت اوتجندو ٿي ويو. هن کي اڻين محسوس ٿيو جڏ هن کي امرت جو پيالو ملي ويو. هن هڪ دفعي وري سڏ جو نالو زبان تي آندو، ۽ هن کي اڻين محسوس ٿيڻ لڳو جڏ هن جي اندر ۾ جيڪا به چڪتاڻ هئي، جيڪا به ڪشمڪش هئي، سا بيهي رهي هئي. ان نالي جڏ نانگ جي مڻ وانگر، هن جي جسم مان زهر چڪي ڪڍي ورتو هو، ۽ هن اڻين پاڻيو تہ

ان پارس جي سندس زبان سان چهاءَ جي ڪري، هو سڄو سونو ٿي ڀيو هو. هن جو هر انگ، هن جو لڳ لڳ سونو ٿي ڀيو هو، ۽ هن کي پڪ ٿي ته هن جو رت به سونو ٿي وڃو هو. جيڪڏهن هن جو رت وهيو ته هر رت ڦڙي مان هڪ نئون سونو سنڈي پيدا ٿيندو. هن جي هر انگ وڍ سان سوين انگ پيدا ٿي پوندا، ۽ هن کي سڏ جي آسر هيڻ جو يقين ٿي ويو، پنهنجي امر هيڻ جو يقين اچي ويو، ۽ هن چئ نعرو هڻندي چيو: "جيئي سڏ، سدا جيئي سڏ!"

ان نعري لحظي ۾ هن جا سڀ دک دور ڪري ڇڏيا، ۽ هو من ئي من ۾ تجويزون ۽ رٿائون ٺاهيندو، بستري تي ليٽي پيو. هن سوچيو ته سنگهار کي امير خان جي نياپي ڏيڻ جي بهاني پنهنجي رت ۾ شامل ڪري، جبل هليو ويندو ۽ لشکر گڏ ڪري ٿئي ٿي چڙهي ايندو. سنگهار جي گهر جو سوچيندي هن کي سانول ياد اچي ويو. سانول جو معصوم مکڙو ياد ڪندي هو آٿي ڀريو. چاچي علوءَ کي گهوڙي سميرائڻ لاءِ سڏ ڪيائين.

جڏهن ڀيڙي علوءَ ڪمس گهوڙيءَ جي تياري جو ٻڌايو، تڏهن الائي ڇو سوڍل کيس پاڪر پائيندي چيو: "چاچا علو، آءٌ گهرڻان ٿي ٿو اچان، ڏينهڪ موڪلس. پر ان وچ ۾ ٿئي سنگهار جو ٻڌين ته ماٺهو موڪلي، ڪمس منهنجي لاءِ ترسائج!"

ڀيڙو علو سڏ جي هن جوڌي جوان کي پيار ۽ سڪ مان ڏسندو رهيو، ۽ جڏهن سوڍل جي ڪميت سندس نظرن کان اوجهل ٿي ويئي، تڏهن هن آسمان ڏانهن نهارينديِ، ٻڌ ٻڌ ڪندي چيو: "ڏٺي منهنجا، اسان بروبر سڄي عمر گناهن ۾ گذاري، پر تون اسان جي گناهن ڏانهن نه ڏس.... هڻڻ سوڍن کي سلامت رکج.... مَنَ سڏ وري منهن ڪٿي موچاري ٿئي." ۽ پوءِ دل ٿي دل ۾ ڪجهه پڙهندي، هڪ ڊگهو شوڪارو ڀري، سوڍي جي ڪوڙيءَ ۾ داخل ٿيو.

سنگهار جي زال، پاڪل چاڏيءَ مان مڪمل تاريندي هڪ وڏو چاڙو ٺاهي ڪڍي ونيءَ ۾ رکيو ۽ پاڻ وري ٻيهر سڌي ڪري، سڌيءَ کي ڦيرائڻ ويهي رهي. ڏڏ ولوڙيندي ۽ خود هن جي دل ۾ ولوڙجندي ٿي ويئي. سنگهار کي اڄ ٽيون ڏينهن ٿيو هو: پاڻ چئي ويو هو ته ڏينهڪ موٽندو، ۽ مٿان هي چوٿون سج چڙهي آيو هو. "ڏڻي منهنجا، تون خير سان ورائينس!" هن دل ئي دل ۾ ڪا پاس پاسيندي چيو. منڊي ڦيرائيندي هن جون آڱرون اڪيون، هر هر در ڏانهن ڪجهو ٿي ويون. هن جي دل کي وسوسا کائڻ لڳا هئا. مڙس سان ۾ ي ڪاڻ سگهندي هئي نه ته هوند ڪيس شهر ڏانهن ڪڏهن به نه چڏي ها. هن ڪڏهن به مڙس سان هوڏ ڪاڻ ڪئي هئي ۽ هوڏ ڪري ها ته به سنگهار مڇيس ٽورو ٿي ها. هو پاڻ هوڏ ٿي چڙهندو هو ته پنهنجي سر جو ٿي سانگو نه ڪندو هو، ۽ شهر ۾ هن جي هوڏ ته همیشه ڪنو نئون رنگ لائيندي هئي. پاڳهيءَ جي مڙس علو پنوهر ڪيس ڪڍا ٿي پيرا چيو هو ته "ماسي، چاچو سنگهار جڏهن ٽئو شهر وڃي ٽڏس ٽو ارغونن ۽ ترخانن سان وڙهي. تون نٿي سمجهائينس؟ ترخان ته نيٺ به ملڪ جا والي آهن؛ لڏائينس نه ته منهنجو نالو لاهي چڏجانءِ!"

پاڪل زڳو هڪڙو پيرو ڏنو ڏپ ڪري ڪيس چيو هو: "آ، سڻين ٿو: علو پنوهر ٽو چئي ته تون ترخان سان ٽوڪوٽسين، ۽ ترخان مرڳو اسان کي لڏائيندا!" سنگهار جو جواب ٻڌي هن جا ته تاڪ لڳي ويا هئا. "ترخان لڏائيندا منهنجي آڳوٽي کي! آڳ کو علو پنوهر ٽورو ٿي آهيان، جو پيءُ کي جهلائي، جاگير پنهنجي نالي لکائي آيو آهي. هو ته ترخانن جو نمڪ ويٺو کائي. سو هن کي پنهنجي لڏائڻ جو پؤ ڏو ٿي! علو ٽنهنجي ماروٽ جو پٽ آهي ته ڇا ٿيو، سمجهائي چڏينس ته منهنجي گهر ۽ اهڙيون کانئرتا جون ڳالهيون نه ڪري. هون، ترخان لڏائيندا جو آڳ سڏن ڪڙئي ٿي ويندو آهيان! سنگهار کي لڏائڻ وارو ماڻهو پٽ اڃا ڄائو ئي ڪونهي!"

هوءَ وري نيهر لاهي ، مکڻ آگهڻ لڳي . وڻيءَ ٿي نظر پيس تہ مکڻ جو چاڙو غائب ٿي ويو هو . هن حيرت مان پنهنجي ڏيراڻيءَ ڏانهن نهاريو، جا پڌر ۽ سوڙ سبي رهي هئي. هيڏانهن هوڏانهن نهارڻندي هن چيو: "اڀي هڑي، ڏٺئي ! رڳ هلي منهنجي اکين اڳيان مکڻ جو چاڙو چٽ ڪري ويٺي !"

ڏيراڻيس منهن مٽي ڪري هن ڏانهن نهاريو ، ۽ ڪجهہ ڏسي چيائين: "ادي، هلي تہ ڪانهي: البت تنهنجي پٺيان هڪ نور ويٺو پنهنجا چپا صاف ڪري. پاڻهان ٿي تہ مکڻ انهيءَ نور کنيو آهي !"

پاڳل حيران ٿي پويان نهاريو، ۽ پويان سانول کي ويٺل ڏسي ، اچي ٿهڪڙن ۽ پيٽي. "گهوري وڃاءِ ، اها چٽ وٽار توکي پاراتو ڏيارينديءَ. آءٌ تہ سچ سچ نوز کي ٻڌ واري هيس. اچي هاڻ، هي ٻيو چاڙو به کائي چڙهہ ڪر !" هن وٽي سانول ڏانهن وڌائيندي چيو. سانول سندس لنڊي ڏهر جو اڪيلو پٽ هو. گهر ۾ ٻار به اهو هڪڙو ٿي هو، ۽ پنهنجو اولاد به ڪونہ هوس، ان ڪري سانول ٿي هن لاءِ سيڪڇهہ هو. ماڻهکان وڌيڪ گهرندي هيس. سانول سندس لاڏ جي ڪري، تنگ، به ڪيس ٿي ڪندو هو، ۽ هوءَ سدائين گهوري پيٽي ويندي هئس. چنچل به حد درجي جو هو . ڪنهن کان ڪونہ ڊڄندو هو . سڄو ڏينهن گهٽ جي ٽينگرن سان ڪنهن نہ ڪنهن کيچل ۾ لڳو پيو هوندو هو.

"جيجي، چوريءَ جي مکڻ ۾ جيڪو مزو هو ، سو هن ۾ ڪٿي. پر جيجي تو مکڻ لاهي ڇڏيو ، اڄ منهنجي مهي به وسري ويٺي ؟"

"صدقي وڃاءِ، هوءَ رکي آئٽي جاري ۾. وڻو پريل اٽي، جي بچائي آئيٽي تہ پاڻ ٿو چاڻين!" پاڳل کلندي چيو. گهڙيءَ لاءِ هن کي سنگهار جي اونَ به وسري ويٺي .

سانول ٽينگ ڏيندو جاري ٽائين ٻڌو ، ۽ ٻيءَ جو وڻو گٻٽ گٻٽ ڪري پي ويو. پاڳل ۽ مائس کيس پيار مان ڏسندي رهي

رهيون. جڏهن وڏو خالي ڪري هن جاري ٿي رکيو، تڏهن ماڻس سڀ ۽ ڏاڪو پوڻيندي چيو: "ابا، اڄ ڪتاب ڪان سوڀري ڪيئن آيو آهين؟"

"اسان آخوند کي گهاڻ ٿي اهڙي ڏٺائي، جو سڀني کي موڪل ڏنائون،" سانول سادگيءَ سان جواب ڏنو.

"پلا اسان کي ڪونہ ڏٺائيندين چا اها گهاڻ؟" پاڳل ننڊيءَ تان اٿندي چيو. سانول ڪلي ڏنو. هن کي اڃا ٿائين آخوند جي ڊپ ني ڪل پئي آئي. هن سڄي گهاڻ ڪري ڏٺائي تہ ڪتاب ۾ نڪون قنڌاري مولوي آيو هو. سڀني چوڪرن گڏجي "ترخاني ٽرا، وات ني؛ جيئن گڏهہ هلن گهات ني!" گهائي، ترخاني مولويءَ جي آجيان ڪئي؛ ۽ آخوند قنڌاريءَ جي ڪاوڙ جي ڊپ ڪان سڀني کي موڪل ڏيئي ڇڏي. سانول اها گهاڻ ڪئي تہ پاڳل کي وڙي سمجهار ياد پيو. تڏهن چئيو تہ اهي گهاڻهيون سڄيون هيون تہ سڄيءَ سنڌ ۾ ترخانن خلاف سنڌين ۾ وري ناءَ ٻيدا ٿيڻ لڳو هو، ۽ وري ڪا هلچل ٿيڻ واري هئي. هن جو تہ هيون ئي هڄي وڃو. اڳين هلچلن ۾ به هن جا به ڪوندر ياءَ ۽ هڪڙو پائٽيو قربان ٿي چڪا هئا. اڳين بغاوت ڏاري تہ پٽس به ڏکجي پيو هو، ۽ مري ڇڏيو هو. "اي ڏٺي منهنجا، اسان سنڌين کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ ملڪ اسان جو، جڏهہ اسان جي، پورهيو اسان جو، پوءِ به سر ڏيڻ لاءِ سنڌي اڳ ۾! هي کهڙو انڌير آهي، منهنجا مالڪ! ترخان تہ پرائي مال ني، ٿوپي ڦراڙ ني، رڳو ترارهون تڪيون ڪندا وٽن!"

"ابا، تو وري هي ڪا ڪيچل تہ ڪانہ ڪئي آهي؟" ماڻس به هن جي گهاڻهہ ٻڌي، ڪنهن ڪوڙهي ويچار ۾ پئجي وئي هئي. هن کي سانوڻ جي ڪيچلن مان هميشہ ڊپ ٿيندو هو. اڳئين ڀيري به هڪڙي ارغون کي ذري گهٽ ڪوهہ ۾ ٻوڙي ماريو هئائون. هڪڙي ٻوڙي گونگي فقير کي اڳيان ڪري ارغون کہ جهائون تہ مسجد واري پائڻي ۾ خزانو پوريل هو، جنهن جي ٻوڙگي

فقير کي خير آهي. ارغون خزاني جو نالو ٻڌي هرکجي ويو ، ۽ گونگي کان پڇائون ڪرڻ لڳو. گونگو رڳو هٿ جا اشارا ڏيڻ لڳو؛ ڏاڍن سائول ۽ سندس سائين کيس چيو ته هي درويش ڏاهن جو وات سان کوندڪاهائيندو آهي ، ير چوي ٿو ته جيڪڏهن اکيون ٻڌي احسان سان هلين ته توکي هلي خزانو ڏيکاريون. ارغون جهٽ راضي ٿي ويو. سائول هڪڙي چوکري جي پٽڪي سان اکيون ٻڌڻون ۽ کيس مسجد واري کوهه وٽ وٺي آيا. کوهه جي ڪڍيء وٽ پهچي ، چوکرا گونگي فقير کي وٺي اڏان کسڪي ويا ارغون به خزاني جي لوپ ۾ جهڙو اڇتي وڏيو ٿهڙو ڏٺو وڃي کوهه ۾ ڦهڪو ڪائين. شڪر جو کوهه کاري پائيء ڪري لڏي چڪيو هئڻون نه ته ارغون ٻڌي مري ها. هن کي ڏاڍا ڏڪ لڳا ، ير مٿو ڪونه. رڙڻ تي کن نمازين اچي کيس کوهه مان ڪڍيو. ارغون ترخان عاقل وٽ دانهين ٿي ويو. ير سچي ڪهن نه ڪئي ، ۽ گالهه لڪ مٿي ٿي وهي.

"نه امان، اڄ رڳو نامدار خان چرڪس جي ڪوترن جي وڏي پڇري ۽ ٻه هليون وڃي چڏونسون!" سائول ڪلندي چيو.

"آ ابا، اهو ڪهڙو ڪيس ڪيو؟ ويچارا آوايا بکيڙا انهن کي چو ٿا ڏکوئو!" پاڳل کي ڪوترن تي رحم اچي ويو. هن اڃا گالهه پوري مس ڪئي نه پريکان گهوڙي جي سنئن جو آواز ويجهو پوندو ويو. پاڳل دل ئي دل ۾ دعا گهرڻ لڳي ته شل اهو سنگهار هجي. پر هيءَ چال سنگهار جي گهوڙي جي ڪانه هئي. جڏهن آواز ويجهو ٿيو تڏهن گهوڙي جي هلڪار مان پاڳل سمجهي ڪيو ته هي سندس ڏير سوديل جي ڪمت اڇي در تي جهلي هئي. سوديل جو اڇ هميشه پاڳل کي کو آڏکو ڏيئي چڏيندو هو. سوديو ۽ سنگهار ٻاڻ ۽ ٺهندا ئي کين هٿا ، ۽ پاڳل هميشه سوديل جو طرف وٺندي هئي. سوديل جو اڇ سڀائين کنهن ٻيلڙ وئي جيو اڇاڻ هوندو هو. هن جي ڏاڻي اک زور سان ڦڙڪڻ لڳي ، ۽ دل ئي دل ۾ هوءَ وري ٻاسون ٻاسڻ ۽ دعائون گهرڻ لڳي.

سويل چاڻ ڪري اندر هلهو آيو. سانول جو سويل کي ڏٺو ته ڊوڙي سندس ٻڌن تي چڙهي ويو. "چاچا.... چاچا!"

سانول کي ٻڌڻجڻ سمورن چاچن مان سويل سان دل هٿي: من جي ڏاهه، هن جي هيبت ۽ هن جي ٺاهوڪي شڪل ڪان سواءِ من ماڻهن ڪان سويل جي ٻهلوانيءَ ۽ سورهائيءَ جون ايترون ڳالهيون ٻڌيون هيون. جو هن دل ئي دل ۾ ڪيس ٻڌڻجو سورمو بڻائي ڇڏيو هو. سويل کي به ٻڌڻجي پائڻهي سان ڏاڍي محبت هئي. هن ۾ ڪيس شايد ٻڌڻجي ئي طبيعت جي ارڏائي نظر ايندي هئي — اها ئي ٻهڻپائي، جا ئي پروسو، ۽ سپ ڪان وڌيڪ سندس سوڪري چاڻي، ڪشادو نرڙ، نيزيون پوريون اکيون ۽ ڳٽيل جسم ڪمس ڏاڍو وڻندو هو. هو جڏهن به ايندو هو تڏهن ڳهڻو ٿئو وقت سانول سان گذاريندو هو. سانول سان گڏجي ڪيترن ۽، درياه جي ڪپ تي يا ٽڪرين تي گهمڻ هليو ويندو هو، ۽ هن کي هن سر زمين جي ذري ذري جي ڪهاڻي ٻڌائيندو هو. يونانين ڪان وٺي چام فيروز تائين سنڌ جي سموري تاريخ مان سنڌين جي بهادري، قربانين ۽ بغاوت جا قصا ٻڌائيندو هو. سنڌين جي ٻاڻ ۾ نا اتفاقيءَ، ڌارين جي دغابازين، خونريزين ۽ ڦرلٽ جا واقعا هن کي ٻڌائيندو هو. هو هن کي آزاديءَ ۽ غلاميءَ جو فرق ٻڌائيندو هو. هن ڪمس ڪمترا پيرا اهي ڳالهيون ٻڌاوڻ هيون ته سومرن ڪان اڳ جڏهن ڌارين سنڌ کي هڙپ ڪري ويٺا هئا، تڏهن هر ٽئين سال ڏڪر ٿيندو هو. سومرن ۽ سمن جي راڄ ۾ هڪ ڀيرو به سنڌ ڏڪر نه ڏٺو. وري جڏهن قنڌاري ڪڙڪيا ۽ سنڌ وري غلام ٿي ته سنڌ ۾ هر ٻئي ٽئين سال ڏڪر ٿيڻ لڳو. ماڻهن جو رت ست سڪندو ٿي ويو. سنڌين جوکي ٿي آياڻو، سي پرمار قنڌاري مڙهندا ٿي ويا. ماڻهو ٻڌڻجو پورهيو، ٻڌڻجو آڻ هوندي، ٻيٽ سان ٻڌون ٻڌڻ لڳا هئا. سپ ڪان وڌي ڳالهه ته جڏهن به سنڌ غلام رهي، تڏهن ماڻهن کي ٻڌڻجي ٻولي ڳالهائڻ ئي نه ٻڌڻون سکيون ٿي ٻيون. عرب آها ته عربي ڳالهائڻي

ٿي پين، قنڌاري آيا تہ فارسيءَ جو غلام ٿيڻو پين! جنهن قوم جي زبان تي تالا لڳايا وڃن، ان قوم لاءِ سر ڏيڻ جو وقت اينڊو آهي، چاڪاڻ تہ زبان ئي آهي جا ماڻهوءَ کي ماڻهپو ٿي ڏئي، ۽ ڏاريون ماڻهپو، اوبرو ماڻهپو ائين آهي، جيئن ڏڙ ريڍو سسي پاکري! سانول کي الائي چو اِهي گالهيون ايتريون وڻنديون هيون، جو انهن ڏينهن ۾ هن کان هرکوڇل وسري ويندي هئي. هن کان مڪتب وسري ويندو هو، پنهنجا سنگتي ساڻي وسري ويندا هٿا، ۽ هو اهو ئي چاهيندو هو تہ سوڍل سان گڏ هو سڏ جي وسين واهڻ جا سير ڪندو رهي!

پر اڄ سوڍل کنهن اهڙي اونهي ويچار ۾ هو، جو پاڇاڻ سان خوش خير عافيت ڪرڻ کان ٻوهڪٽ ٿي ويهي، هو ڪيتري دير چپ چاپ ڏرتيءَ ۾ نهاريندو رهيو. ڪافي وقت ائين ويهڻ کان پوءِ، هن پڇيو، "پاڇاڻي. سنگهار ڪٿي آهي؟"

"ادا، اڄ ڇوٽون سڄ ڇڙهيو آهي پر اڄا نہ وريو آهي— ڇڻي ويو هو تہ ڏينهڪ مولندس،" پاڳل پنهنجي شوڪاري کي روڪيندي چيو.

"ويو ڪيڏانهن؟" سوڍل مختصر سوال ڪيو.

"ننگر ٺٽي. ڏاس ڪٽائي ويو هو. چيو هيائين تہ مولندي ۾ ٿي ڪيس ۽ اجرڪون وڻيون آهن."

"هُون....!" ان هُونءَ ۾ هن جي دل جي سموري واردات اونجي آئي هئي، پر پاڇاس سهي هٿري نہ سگهي.

سوڍل اڻي ٻيٺو، ۽ باهر وڃڻ لاءِ در ڏانهن وڌيو. پاڳل جي هينئين ۾ هڻڪ پڄجي ويئي. سوڍل اڄ پهرين ڀيرو ٽکر ڪائڻ کان سواءِ وڃڻ لاءِ سنيريو هو. هن وسوسي کي دور ڪرڻ لاءِ چيو: "ادا، مانيءَ تہ کائين ها!"

"نہ پاڇاڻي، مون کي سنگهار کي نهارڻو آهي، ۽ اڳهان پربت جهڙو پنڌ آهي. چگو، سانول، هيل پنهنجي ڪڇهري نہ

ٽي. وري آئيندي.... ڏٺيءَ کي پرتوءَ!" ۽ هو دروازي کان ٻاهر هليو ويو.

....

ٻهريءَ کان ئي آتر لڳڻ شروع ٿيو هو ۽ اوچتو ئي اوچتو آسمان تي نيرا نيرا ڪڪر ٻ ڊوڙڻ لڳا، جن جي روءَ جهڙن ٻوءَ نيڻن ڪاري ٿيندي ويئي. هوا ٻ ٻ ٽکائي اچي ويئي، ۽ منگهن ٻ هوا لڳي، سوسات ڪندي ماڻهن جي ڪنن ٻ پڙاڏا پيدا ڪندي ويئي. ماڻهن اجرڪن ، لوئين ۽ شالن سان ٻنهنجا ڪن ڍڪڻ شروع ڪيا. شهر ٻ جيڪي مسافر هٽا، سي سويري ئي ٻنهنجن گولن ڏانهن ورڻ لاءِ تکڙا تکڙا وهٽ پلاڻ لڳا هٽا. شهر جا دڪان ڏڙا ٻ سوير بند ٿيڻ لڳا ۽ هٽ-ٽاڙ ٽي ويئي. ٻر هٽ-ٽاڙ جو سبب سيءَ ڪونہ هو. ماڻهن جي دلين کي سيئي ٽپ اچي ورتو هو: ٽٽي جو نڪ ، آخوند صالح ، جهڙن جي نيڪيءَ جو قسم کڻو ويندو هو ، اڄ جامع مسجد واري چونڪ ٻ ڪاميءَ تي لڪيل هو. سنڌين جا پراڻا گهاءُ وري چڪڻ لڳا هٽا. زالون ٻارن کي ٻوتاڙي، گهرن کي ڪڙا ڏيئي ويهي رهيون، ۽ ٻنهنجي مڙسالن جي صحيح سلامت اچڻ لاءِ ڏٺيءَ در ٻاڏائڻ لڳيون. ڪو سوار تکو تکو ڪٽان لنگهيو ٽي تہ سوين اکيون دروازن جي ٻوکهن مان ان کي ڏسڻ ٽي لڳيون. هين آتر واءُ ، سيءَ سان گڏ رت جي ٻوهه ٻ ٻاڻ سان آندي هٽي. دڪان ڏڙا بند ڪري ماڻهو ٻنهنجن گهرن بدران جامع مسجد واري چوسول ڏانهن وهي رهيا هٽا ـــ هتن ٻنهنجي ٻاءُ ، آخوند صالح، جو آخري ديدار ڪرڻ ٽي گهرهو. اهو آخوند صالح جنهن وٽ سڀ ڇڙا نبيرا ٿيندا هٽا؛ ڪهن لڇ جي سزا کان وٺي مرٽي پرٽي جون گالهيون آخوند صالح سان اوريندا هٽا ، ۽ هو هرڪنهن سان ڪلندو، ڇرچا پوڪ ڪندو، جيڪو فيصلو ڪندو هو، اهو سڀني کي وٺندو هو. لڇ کان ايڇ ماڻهو ٻ آخوند صالح جي ڏنل سزا کان ٻوکيندو هو. هاڻ ماڻهو ڪنهن وٽ ڇڙيندا

نهيرهندا؟ هن جي هوندي ته ترخانن جا مقرر ڪيل قاضي رڳو مڪيون ويٺا مارهندا هئا. هن جي هوندي شهر ۾ ڏوهه گهٽ ٿيندو هو؛ هن جي هوندي نيائيون سمالين ٻنان ڪنهن ٻوڙ جي بازارن سان سودو وڻڪ ايندڙين هيون؛ هن جي هوندي ماڻهو پنهنجا دڪان ڏڙا ٻنان ٽالي جي ڇڏي نماز پڙهڻ هليا ويندا هئا. هن جو ڏڪو ايترو هوندو هو، جو ترخانن کي به پنهنجي محلي کان باهر کا لچائي ڪندي ڊپ ٿيندو هو؛ ۽ اهو آخوند صالح اڄ هزارين سنڌين جي اکين اڳيان ٽياس ۽ ٽنگيل هو. هو چپ چاپ ٻن معصومن جي ويڙهل زبانن کي، رتو رت ٿيل وات کي ڏسندا رهيا. هنن جي اندر ۾ مڇ دکندو رهيو: ان مڇ کي پنهنجي ٻانهن ۾ آتر واهه بهڪار هو، پيڙ پڙڪائڻ لاءِ ته ڪنهن چرهي جي گهرج هئي، ڪنهن طوفان جي ضرورت هئي.

چاچو علو به هنن کي ڏسي آيو هو، ۽ ڏري ڏري پنهنجي ڏاڙهي وات ۾ وجهي، چڪ هڻي پنهنجا لڙڪ روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. واپس ويندڙ مسافرن سان گالهائڻ بدران سنڌن اکين ۾ ڪجهه گوليندو رهيو: ستان ڪا جوت، ڪو ٻارن، ڪو مڇ مچندو هجي. ۽ هن انهن ۾ به پنهنجي اکين واڱڻيان رڳو لڙڪ چمڪندا ڏٺا. سنڌن اکيون وسائل هيون، سنڌن منهن ني هيڊ هارهل هئي، ۽ هو چپ چاپ پنهنجا آت، پنهنجا گهوڙا پلاڻي رهيا هئا—واپس وڃڻ لاءِ، پنهنجي ڇن پيڙو ٿيڻ لاءِ، ڪنهن گوشالهٔ ۾ ڪنڌ ۾ منهن لڪائي روئڻ لاءِ!

اوچتو ڪنهن تيز گهوڙي جي ٽاپ ٽاپ ٻڌي، چاچو علو باهر نڪري آيو. هن پرهان ٿي سوڊل ڪي سڃاتو: هو حميران ٽي ويو ته سوڊل ايترو ترت ڪيئن موٽيو هو. ۽ سنڌس دل جي هڪ ڪنڌ ۾ اميد جو ڏيئو ازخود ٻري ٻجهو. 'اسان جو سوڊل ضرور ان جو ڪو تدارڪ ڪندو!' ٻڌي علو جي سنڌس انتظار ۾ هو، ۽ هن ٻوڙندي وڃي ڪميت جي لغام ۾ هٿ وڌا. ڪميت ٿهي، ٻهي ٽرا ڪئي ڏري گهٽ ڪنهن ماريو هو.

"ڇا، خير ته آهي؟" سوديل هن جي منهن جي رنگ ۽ هن جي ناولائي ڏسي چيو.

"بابل، کڙو خير ٿو ٻڌين! مدرسن ۾ فارسي پڙهائڻ جي ماسري تان، ترخاڻن آخوند صالح کي ڦاهيء چاڙهي ڇڏيو آهي، ۽ ٻن معصومن جي ڇپ ڪڍي. ڪهن جامع مسجد واري چونڪ ۾ لڙڪائي ڇڏيو اٿن!"

سوديل اڻين پائيو ڇڻ ڪنهن کيس منهن وارو ڇهڪ وهائي ڪيو. ۽ ها هٽ گهوڙي جي زين تي ايترو ڇڪجي ويا، جو ڪموت کان به دانهن نڪري ويئي. هن چپ ۽ چڪ هڻندي چيو: "سمگهار ته شهر ۾ ڪونهي؟"

پڏو هوم ته آخوند نور محمد ڪيس ڪنهن ضروري ڪم سان موڪليو آهي."

سوديل ڇڻ ته هن جو جواب پڏو ئي ڪونه. رت هن جي هٿن پيرن مان چڙهي هن جي لوٿن ۽ اکين ۾ چلڪ لڳو. رت جي انهيء چوهي هن جي اکين ۾ ڪوهيرا پيدا ڪري وڌا، ۽ لڙکن کان بچڻ لاء هن وري گهوڙيء جي لغام کي اهڙي سٽ ڏني، جو ڪميت جو ڏري گهٽ ڪنڌ ڀڳو هو؛ ۽ هوء پنهنجي الڪ جي اشاري سمجهڻ واري هن تنبيهه تي حيران ٿي ويئي. پر هن جهڪا وک ڪئي، اهڙي وک هن ڪڏهن به نه ڪئي هئي. گهڙيء ديڙ کان پوء سوديل پريان ٿي آخوند صالح کي ڏياس ٿي ٽنگيل ڏٺو. هشام مائهن جا سندس چوڌاري مڙيل هئا، فقط هڪڙو پاسو خالي هو جتي سپاهي پنهنجا پالا تيار جهليو بيٺا هئا. سوديل گهوڙي کي هلکو اشارو ڏنو، ۽ ڪميت هڪڙي سپاهيء جي گهوڙي جي پر مان ڪنوڙ وانگر لنگهي ويئي. ان وقت سوديل جو ڪتارو گهوڙيسوار جي چپاهه ڪپندو ويو، ۽ هو رڙ ڪري اڳيان جهڪي پيو. سوديل ساڳيء گهڙي هن کان پائو کسي ورتو هو. ڪميت تيزيء ۾ گهٽو اڳيان نڪري آئي هئي، ۽ وري سوديل جي اشاري تي پڙڪو ڏيئي، واپس وري سپاهين جي وچ مان مرڙيل نڪري [illegible]

سپاهين جي چانين کي ڏاريندو وڃو. هن آسماني آفت ترخانن جا اوسان خطا ڪري ڇڏيا. ۽ جيسين هو پاڻ سنڀالين، تيسين سوديل جي ڪميت وري هڪ پيرو ڪاوڙ وارو وڙ ڪاڍو. ۽ هڪ ترخان جي دانهن آسمان ڏارڻ لڳي. باقي ترخاڻ سپاهين، گهاڻ کي نه سمجهي، گهوڙن کي ٻوٽي عثمانڪ شروع ڪيو. ۽ ٻوٽن ٻڌ ڇڏ جي وات نهارڻ لڳا. سوديل ٿي ڇڏ کو جن پوت سوار هو، ۽ هن سندن ٻوڙان ڪميت کي ڇڏيندي، ٻن ترخانن جي ٻانهن ۽ واري واري سان ٻالو ٿنبي ڏنو؛ ۽ ٻوه ڪميت کي وڙائي، اڇي آخوند صالح جي لڙڪندڙ لاش اڳيان بيهي رهيو. ماڻهو حيرت ۽ پيو ڪان هن موت جي فرشتي جي اڇ ٿي سوچي رهيا هئا. سوديل آخوند صالح جي ڪڇي مان رسو ڪيهندي، سندس لاش کي آهستي آهستي ٻڌجي گهوڙيءَ ٿي لاهي، ميڙ ڏانهن منهن ڪندي چيو: "سڌو حيف هجوا! اوهان ترخانن کان سٺوٽا هوندي به مات ڪريو تماشو ڏسي رهيا آهيو. اوهان جي دل جي ڏکڻ جي جپ وڌي ترخانن اوهان کي به گونگو ڪري ڇڏيو آهي. اوهين جيڪڏهن خالي هٿين ترخانن تي وڙي ٻڌو ها ڏڌهن به آخوند صالح هيٺرو جوڙو هجي ها! هان، هي ونو آخوند صالح جو لاش، وڃي ڪوس دفن ڪريو. ۽ ٻوه زاڻن ۽ منهن ڏيئي وڃي رو!"

هو لاش کڻي ماڻهن جي ميڙ ڏانهن موڪي آيو. ٻن چئن چٽن وڏي لاش کي هيٺ لاٿو. سوديل وري گهوڙي ورائي، ٻيهي چوڪرن وٽ آيو. چوڪرا اڃرو رت چڙڻ ڪري ٻنهه زرد ٿي ويا هئا. انهن مان هڪڙي جو جسم سڄو سيڄجي ويو هو؛ سوديل سمجهي ونو ته نينگر جهان چڙي ٻو هو. ٻئي کي به هوش ڪونه هو. سوديل ٻن چئن کي اشارو ڪري، چوڪرا سندن حوالي ڪيا.

اوچتو ماڻهن جي ٻوڙان جي درياه جو بند ٽٽي ٻيو. گهوڙن جي ٽاپن جو هڪ سمنڊ هنن ڏانهن وڌي رهيو هو. رخ مان ئي ماڻهن سمجهيو ته گهوڙا ان طرف ئي وڌي رهيا هئا. هنن کي [illegible]

نہ ھو: پرياڻن مٿن ڪن شاگردن کي ٻوڙي ايندو ڏٺو. سوڀل ۽ ان ايندڙ ... ان جو انتظار ڪندو رھيو. شاگرد رڙھون ڪندا آيا: "مرزا جان بابا جو لشڪر ٿٽي ۽ ڪاھي ٻيو آھي، ۽ مرزا باقيءَ جي ڪيڏ آھي ... مرزا باقيءَ جو لشڪر ڇانوٽھون ڇڏي ڇڏيندو ٿو وڃي .... سڏيو، وقت اڇي وبو آھي! مرزا باقيءَ جھڙي ظالم مان جند ڇڏائڻ جو وقت اڇي وبو ....!"

ماڻھو ڇڻ ان اعلان جي انتظار ۾ ھئا، ۽ ھزارين سڏين جو ھي عجوم طوفان وانگيان ترخانن جي محان ڏانھن وڌڻ لڳو: ڪنھن کي لٽ ڪٺي، ڪنھن بانڌو، ڪن ٻنھنجي ڪمربندن مان ڪٽارا ۽ خنجر ڪڍيا تہ ڪي خالي ھٿين اڳيان وڌڻ لڳا. ٿوريءَ دير ۾ مرزا جان بابا جو لشڪر به اڇي ساڻن گڏبو، ۽ سڏين نعرو ھنيو: "مرزا جان بابا زنده باد!" "مرزا باقي ڪتو مرده باد!"

مرزا جان بابا لشڪر جي اڳيان ھو: اھي نعرا ٻڌي ھن جي ھمت ٻيڻي ٽي وئي، ۽ ھن زور سان چيو: "شاباس بھادرو، مرزا باقي ٻيگ جون برٽيون ٻوٽيون ڪري ٿٽي جي ڪتن کي ڏيو .... الله اڪبر، وڌو ۽ مٿن عقابن وانگر ڦھاڙي وڃو ....!"

گھ ن جي ھٽڪارن، ھٿيارن جي ڇڪي، گھوڙن جي ھنبن جي آوازن، ٻوبان ايندڙ ٻھادي لشڪر جي قدمن، ماڻھن جي نعرن ۽ رڙين ڇڻ قيامت جو شور برپا ڪري وڌو. ائين ٻاڏو ڇڻ ڏرتي ڏھي، ڦاٽڻ تي ھئي، ڇڻ سمند شھرکي ٻاڏي رھيو ھو، ڇڻ آسمان ٽڪرا ٽڪرا ٿي ٿٽي تي ڪرڻ وارو ھو.

سوڀل منجھي بيھي رھيو. ھن کي ڪجھ سمجھ ۾ نہ ٿي آئي. سڏين جي ان بغاوت کي ھو بلڪل سمجھي نہ سگھيو. شھنھن جي خلاف بگھڙ کي ٻنھنجي واڙي ۽ آڻڻ جي سڏي مت ھن جي من کي کائڻ آڏي، ۽ ھن جو شرم کان ڪنڌ جھڪي ويو. ھن کي ٻنھنجي ھن قوم جي بيوقوفيءَ تي کاوڙ بدران اڇ اڇڻ لڳي. اھي سڏي، جن کي ترخانن کي سڏ مان لوڏي ڪڍيو ھو، سي اڇ انھن ٽي ترخانن مان بانھن ٻيلي ٽي

ٻيلا هٿا. الائي ڇو هن پاڻ کي ڀريون ڀيرو ويچارو ، ٻيوس ۽ نستو محسوس ڪيو، ۽ ان ڀيرميءَ مان ڪميت جي بشڪن ۽ منيون وڃنديءَ، هن جي دل مان دانهن نڪري ويئي: "هيءَ جنگ منهنجي جنگ نه آهي!" هل هنگامي جو طوفان، ۽ هي لشڪر جڻ هن جي دل مڪان لنگهي رهيو هو، ۽ هو چپ چاپ اڻ ڏسندڙ اکين سان هن کي ڏسندو رهيو. جڏهن هو اکيلو رهجي ويو، تڏهن هن کان زندگيءَ ۽ ڀريون ڀيرو ٿڏو شوڪارو نڪري ويو، ۽ هن ڪميت کي علوءَ جي سراءَ ڏانهن موڙي ڇڏيو.

○

٩

رات جو پهريون پهر گذريو تہ سنڌ جو سهڻو آسمان ۽ جن ننڍاکڙو ٽي اکيون ٻوٽڻ لڳو هو. رکي رکي تارن پاڻ کي سڃاڻڻ لاء ٽمڪڻ ٽي شروع ڪيو. چند ۽ تارن کي اوجاڳي جا وڻ ڏيڻ لڳو هو. ان ٽڏيري ننڍاکري وايو منڊل ۾ گهنگهرن ۽ دف جو اوپرو آواز وراکا ڏيندو، پڙاڏا ڪيندو سنگهار جي ڪن ٽي پيو. جاڻڻ ۽ اهو آواز هڏو هو، ۽ ڪنهي جن تہ هڪڙيءَ ٽي دل سان سوچيندي، گهوڙن کي اڙي هٿي. گهوڙن پڙڪو ڪائي، رهيل رت ست سنياري وک وڌائي. پربان سنڌ پنڌ ٽي هنن کي مشعلن جي روشني ٽمڪندي نظر آئي. جٽن جن ويجهو پوندا ويا، ٽئن ٽنبن جا پاڇولا مشعلن جي سوجهري ۾ ويڇندا نظر آيا. وٽن جي هڪ جهڪٽي اکيان اڇي، هو لهي پيا جي پرينءَ پر، ڪيترن ماڻهن جي ڪلهن ۽ ٽهڪ ڏيڻ جا آواز ٻڌي رهيا هئا. جاڻڻ ۽ سنگهار ڪجهہ وقت گهوڙن کي ٽنبن ٽهلائيندا رهيا، ۽ ساڳئي وقت پنهنجي اڳئين قدم ٽي چپ چاپ سوچيندا رهيا. ڪجهہ سوچيندي جاڻڻ چيو: "سنگهار، پاڻو، ڪوڪلتاش تي سهنجو حق آهي، تنهن جو خيال رکجانءِ!"

سنگهار پهرين تہ جواب ڏي نہ ڏنو، پر پوءِ هڪ ڏگهو ساهہ ڪڍندي چهائين: "جاڻ پنهنجي ذاتي ويرکي سنڌ جي جهيڙي کان متانهون متان سمجهون!" .

"سنڌ جو جهيڙو به تہ اسان جو ذاتي جهيڙو آهي، ادا!"

"چئين سچ ٿو، پر اسان کي پهرين اهو خط هٿ ڪرڻو آهي، جيڪو ڪوڪلتاش قندار ڪٽيو ٿو وڃي. جڏهن ڪوڪلتاش

مري پيو تہ اهو خط ملڻ ڏکيو ٿي پوندو ،" سنگهار کيس سمجهائيندي چيو .

جانڪي ڪجهہ سوچ ۾ پئجي ويو. هو چپ چاپ گهوڙن کي ٻڌي، آهستي آهستي هنن ننڍن ڊانهن وڌڻ شروع ڪيو. هنن ۾ لاح اها ٻيهاري تہ لڪندي لڪندي هو ڪوڪلتاش جي ننڍوءَ ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪندا، ۽ ڪوڪلتاش کي مارڻ جو ڊپ ڏياري، خط هٿ ڪري انڪل سان نڪري اينداَ. پر ننڍن جي ويجهو پهچڻ تي هنن جيڪي ڏٺو، تنهن وري آمالڪ هنن جي دلين ۾ ذاتي ويڑ جو اهڙو زهر ڦهلائي ڇڏيو ، جنهن ۾ انسان سر جو سانگو وساري ويهندو آهي . اهو ذاتي ويڑ ذاتي نفرت کان به وڌيڪ چيچلائيندڙ هو ـــ اهڙو ويڑ جو انسان جي انسان تي ظلم جي رد عمل طور پيدا ٿيندو آهي. هنن ڏٺو تہ هڪ گول دائري ۾ ويهاروڪن ترخان ويٺل هٿا. هڪڙيءَ مسند تي ڪوڪلتاش ويٺل هو: سندس هٿ ۾ انگوريءَ جو جام هو، ۽ سندس گوڏي تي هڪ خوبصورت ساقي ليٽل هو ، جنهن جي ڳلن تي هٿ ڦيري رهيو هو. سندس نظرون دائري جي وچ تي ڪٽل هيون. دائري جي پوري وچ تي ننڍل ٽانڊا پکڙيل هٿا، جن تي ۽ سندي ٽپ ڏيئي رهيا هٿا. ٻ- تي ترخان ٻانڊن جي چوڪن سان هنن کي ٽانڊن تي نچائي رهيا هٿا ، ۽ ٻ گهيرو ساقي گهمگهرن ٻڌل دف وڄائي رهيا هٿا. باقي ويٺل ترخان ٽهڪ ڏيئي ڪلي رهيا هٿا. ڪن جي بغل ۾ گهيرو ساقي ليٽيل هٿا ، جي هنن جي ڪل ۽ ٽهڪن کي وڌائڻ لاءِ هنن کي ڪتڪتائيون ڪري رهيا هٿا. انهن ٽهڪن جي شور ۾ سندي پاڻ کي ٽانڊن جي سيڪ کان بچائڻ لاءِ ٽپ ڏيندا ٿي ويا اهو منظر ايترو چيچلائيندڙ هو ، جو سنگهار پنهنجي چپ کي هٿي ڏئي وڌو، ۽ خود پنهنجو ٿي رت هن جي نڙيءَ ۾ ڪنهن جر وانگر سڙيندو محسوس ٿيو. جانڪي حا هٿ ۾ پنهنجي ٻانهي ۾ ڪپي ويا ۽ پوءِ هڪ ٿي وقت ۾ ٻالا هوا کي تير وانگر گهمائيندا، ڪوڪلتاش جي سيني

ھ کپي ويا. سنگھار جاڻ کي ھلکو اشارو ڪري، پاڻ ڄاڻڻ
پر ھ بيٺل ھڪ ترخان ڏانھن اڳين لٽوه وڌي، جو ذري گھٽ
ڀاڪ ۾ ڄاڻڻ ھ ڪريو ھو. ترخان ٻوٽ پر وڃي ڄاڻڻ ۽ ڪريو،
ف ھن جي وات مان نڪرندڙ ڪيڪ ۾ ڇڻ ڄاڻڻ ٿي سيکجي
نڪتي. اھو سيکجھ ايترو جلد ٿيو، جو ترخانن کي کجھ
سمجھ ھ نه آيو. کيترا ته نشي ھ ايترا چور ھٿا جو ھنن ان
کي به تماشو سمجھي وڌيڪ ٽھڪ ڏيڻ شروع ڪيا.

سنگھار ڪيريل ترخان کي انسي ٿي چڏي، ٻئي ترخان
ڏانھن رخ رکيو. اھو ترخان کجھ ٻيھرو بيٺل ھو، ف خطرو
محسوس ڪندي جئن پالو پوئتي ورايائين تئن سنگھار جو ھڪڙو
ھٿ پالي جي وچ ٿي ڪپي ويو. ٻئي ھٿ جي ٻٽ کھاڙيء
وانگر ھن جي کلھي جي ڦ ھيٺان اھڙي زور سان ھنيائين جو
ترخان سوزکان ٻيٺو ٿي ويو. پالي مان سندس ھٿ چڏائجي ويو،
ف اني ٿي ڊيري ٿي ڪيري ھيو. سنگھار ڇ ته اکيون پوري
اھو سيکجھ ڪندو ٿي ويو. کاوڙ کان ھن جي اکين اڳيان
لالي کھڙا ڏند چائجي ويا ھٿا، جن مان ھن کي فقط ترخان ٿي
رخان نظر اچي رھيا ھٿا. جيڪي ترخان نشي ھ ھٿا، سي پاڻ
ڇاڻڻ کاڻ، ڇڻ بدران اني ٿي کروندڙا ٿي ڏرتيء ھ لکڻ
جي کوشش ڪرڻ لڳا. سنگھار جو پالو ڪنوڻ وانگر سندن
نڙگھٽ ڦاڙيندو، سينا چيريندو، ھڪ ٽئين ورڇا سان چمڪندو
رھيو. جن ترخانن ھ اڃا کجھ ھوش ھو، تن مان ڪي ڇڻ
جي کوشش ھ وڃي تتل ڄاڻڻ ھ ڪيريا. ترخانن جي زڙين
ف دانھن سان گڏ، سندن ھنج ھ ليٽيل ساڪين جون ڪيڪون
آسمان ڏاڙ لڳيون. سنگھار ٿي ڇ کو پوت سوار ھو، ف پالي
سان گڏ، ھن ٻنھنجي لتن ۽ ٽڪڙن سان ترخانن ف ساڪين کي ڄاڻڻ
ھ ڏڪ شروع ڪيو.

ڄاڻڻ ٿي نڇ وارا سڏي حيرت مان ھي خواب جھڙو
منظر ڏسندا رھيا. پوه ٻنھنجي واھروءَ کي اکيلي سر ڏسي، پاڻ

ٻ ٽالڻ کان ٻاهر نڪري، ويهي رهيو بدران کريل ترخاڻ جا ٻالا کڻي، پنهنجي دل جون ٻاهيون ڪيڻ بيهي رهيا. هن کي پهنجا ٻڙي اگر ٽول پير ٻ وسري ويا: پيرن جي چالن کان وڌيڪ هو ڊاڙين جي چالن جي باه. چنڊ بيهي رهيا. جنهن ترخان کي هن ڪجهندو ڪرڪندو ٿي ڏٺو، انهيءَ جي ڪنجهه ڪرڪ کي هن هميشه لاءِ بند ڪري ٿي ڇڏيو.

جڏهن جانڪ ڪوڪلاش جي تنبوءَ مان هڪ شاعي پيٽي کڻي ٻاهر نڪتو، تڏهن هن جيڪي ڏٺو، سو اعتبار جوگو نه هو. مشعلن جي ڦڙڪندڙ روشنيءَ ۾ سنگهار کي هڪ سسيءَ بدران ڏهه سسيون ٿي نظر آيون. ڏهاڪو ڪن ترخان آفت مٿا ٻها هٿاءُ ڪي ترخان ڳاڙين مان نڪرڻ جي ڪوشش ۾ هٿا ٽ نڇڻ وارا همراهه انهن کي دڳ لاڏيندا ٿي ويا. ٻ-چار ترخان شايد جان بچائي ڇڪتا هٿا ٻ-ٽي ساڻي پنهنجي منهن کي ٻانهن سان ڍڪي سڏڪا ٻري روئي رهيا هٿا.

سنگهار جانڪ کي ڏسي ٻوبان ٿي سوال ڪيو: "جانو، خط مليو؟"

"ڪٿو، هن پيٽيءَ ۾ سمورين سوڪڙين پاڪڙين سان خط ۽ موجود آهي!" جانڪ جواب ڏنو.

سنگهار جي منهن جي ٽڪ ڏري ٿي ويئي، ۽ هو وڏي ڪوڪلاش جي ٻر ۾ اڇي بيهي رهيو. ڪا گهڙي هو پيٽي هڪ ٽڪ ڪوڪلاش جي مڙهڪي ڏسندا رهيا. جنهن جي سيني مان رت وهي سڄيءَ سسڪي گاڙهو ڪري ڇڏيو هو. سنگهار جانڪ جي ڪلهي ۾ ٻانهن وجهندي چيو: "ادا، سڏ جي ويرين مان هٽڻو ته گهٽ ٿيو!"

هن ٻڙي هن ٻن سڏي همراهن ڏانهن ڏٺو، جن کي ورې پيرن جي چالن ۽ ڦوٽيندين پٽ ٿي ويهاري ڇڏيو هو، ۽ هو ڏڏي ڏڏي مٿي پيرن ٿي وڃي رهيا هٿا. حال احوال ڏيڻ ٿي هن ٻڌاڻو ته هو پيٽي ٻاڻر هٿا. هيءَ سڏن ٿي ٻني هٿي. ۽

ٿورو ٿي پريان سندن آن جو ڪرو هو. ترخانن جي آن ڪٽي وڃڻ جو ڏپ کان هوڪري ٿي چونڪي ڏيٽي رهيا هٿا تہ اوچتو هنن ترخانن هتان لنگهندي ڪين ڏسي ورتو. بس پوءِ تہ ري گناهہ ڪين جهلي آيا، ۽ رونشي خاطر چيائون تہ سندي ترخانن جا غلام هٿا ان ڪري هو ٻيٽي سمورن ترخانن جا پير ڏاريون. انڪار ڪرڻ ٿي هنن پهريون تہ ڪين لتن ۽ مڪن سان ڏاڍي مار ڪيي: پوءِ گوشت ڇڪائڻ وارن ڏانڊن ٿي ڪين اڇائڻ شروع ڪيائون.

جانڻ کان رهيو نہ ٿيو، ۽ چيائين: "پاڻو، جيسين سڏ غلام هوندي، تيسين سڏين کي عقوبتون سهڻيون پوندیون. شل ڏٽي سڏين کي ڪا ساڃهہ ڏئي!"

سنگهار ترخانن جا ٻہ گهوڙا پلاڻي، هنن ٻنهي پاڻرن کي ڏنا تہ چڙهي گوٺ پهچن. هلندي وقت ڪين چيائين: "ادل، جيڪڏهن پنهنجي ڪٽنبن ۽ آنَ جي آلڪي کان ڪا وار ڪائي ملنوَ تہ پنهنجي ڏيهہ کي هنن ڏکارين کان ڇڏائڻ ٿي ٻہ ٿورو وڃجو. پاڻ وٽ چوندا آهن تہ ٻہ تہ ٻارهن. هر ڪونڙي جا ماڻهو ٻو ٻهہ پڇائين تہ هنن ڏارين کي تڙي ڪيڄي، تہ اهو ڏينهن بري ڪونهي جو سڏ هنن کان آجي ٿي پوندي!"

هو ٻيٽي پاڻر هڪ نئين ساڃهہ پاڻي، ڪو اونهو ويچار ويچاريندي پنهنجي گوٺ ڏانهن هليا. سنگهار ۽ جانڻ ٻہ ترخانن جا ٻہ پلا گهوڙا پلاڻي، وري نٽي ڏانهن رخ رکيو. هنن جون دلهون ڇڻ ڪنهن بار کان هلڪيون ٿي پيون هيون. سڏ جي آسمان جي دل ٻہ ڇڻ هلڪي ٿي ٻيٽي، ۽ چند تارن کي اک هٽي، ڪين جاڳائي وڏو، ۽ هڪ نئين جوت تارن جي آڇي پٽي ۾ ڦهلجندي ويٽي.

....

نٽي کان ٿي-چار ڪوهہ پري هٿا تہ جانوءَ جو گهوڙو ٺاهو کائي منهن پر وڃي ڪيريو. جانو پاڻ تہ سنياڻي ها تہ پاڻ ٻہ گهوڙي جي هيٺان آڇي وڃي ها. پهر سڄ جو چڙهي آيو هو،

۽ هو الائي ڪيڏي منزل ڪري آيا هئا. گهوڙا پگهر کان ڇڻ وهنجي ويا هئا. هنن جي پنهنجي جسم ۽ به ٽڪ تنبو ڪوڙيندو ٿي ويو. جانڀ پاڻ سنياڻي گهوڙي کي آٽارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گهوڙو جيئن ڪيريو، تيئن وري چريو به ڪونه.

سنگهار به گهوڙي تان لهي ڀيو، پنهنجي گهوڙي کي پاڻهه سان مٽي تي هٽ رکندي چيائين: "جانڀ، وڇاروگگدام وڃي ٽڻيءَ سان ملبو. ان ۾ به ڪا چگائي هوندي. ڪاگهڙي اسين به ٽڪ پيچون نه چگو!"

"جيڪا تنهنجي صلاح!" جانڀ جو آواز به ننداکرو ٿيل لڳو هو.

ٿوهرن جي ڏگهن هوڙن جي وچ ۽ ٿورو پٽ صاف ڪري ڪنڊ عيبان هانهن ڏيئي ڀئي ليٽي پيا. ٽڪ هنن جي بدن مان نچوڙجي اکين ۽ اچي وهو، ۽ نه چاهيندي به هنن جون آکيون پورجي ويون. هنن اڃا ائين پانيو هو نه سنڌن اک مس لڳي هئي نه پريان گهوڙي جي ٽاپڙ ٽاپڙ جي آواز تي ڌرڪ ڌري آئي ويٺا. سڄ لڙي وڃي درياءَ جي پرهن پر ڪنبي هئي. ڪونڊ آيتا ٿي جهڪا ٿيل لڳا هئا.

"ٻڙڪ پاڻ کي نه سنڀها ٿي ويئي،" جانڀ اون مان چيو.

سنگهار کي پاڻ تي ڪاوڙ اچي ويئي. ڀيڙ نه نظر پوندي، هن کي آخوند صالح جي هدايت ياد اچي وئي، جنهن آخوند نور محمد جو نياپو ڀڏي، کين چيو هو: "پاڻو، ان ڏينهن ٿي سڄو دارومدار آهي. جي ترخانن جو اهو خط قندار پهچي ويو نه سمجهه نه سنڌ ڪڏهن به آزاد نه ٿيندي. ڀئي طرف جيڪڏهن خط ملي ويو نه گهٽيون گاليهون صاف ٿي پونديون. پانهان ٿو نه قندارين شهنشاهه اڪبر خلاف ايران جي بادشاهه ڏانهن لکيو آهي. اهو خط اڪبر ٽائين پهچايوسين نه اڪبر ترخانن جو سنڌ مان ٽڏو پتائي چڏيندو، ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي ڪا مڙئي صورت نڪري پوندي. ڏئي سوپارو ڪريو: ٽڪ ٽئي اچي پيچجو!"

شرمساريءَ کان سنگهار جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو. ٽوهرن کان ٻاهر ٽڪري ٻڇڙي جي منهن ٿي ٻيهي رهيو. گهوڙيسوار کي ٻريان ٿي هٽ ڪئي ٻيهڻ لاءِ اشارو ڪيائين. گهوڙيسوار به ان ٻڌڻ ۽ هو ته هي الائي ڪير هو؟ ٻيهي يا نه ٻيهي! پر کجهه سوچي هو ٻيهي رهيو.

"ٻاڏو، ڪير مڙس آهين؟ ايترو ٽڪڙو ڪيڏانهن سنيت آهي؟ سنگهار پڇيو.

"آءٌ ٻاڻ سيد آهيان ـــ شورازي سيدن مان! ٿئي ۽ محشر متو پيو آهي؛ ڏٺي پيو پناهه ڏي. آءٌ ٻنهنجي ڳوٺ پيو وڃان!" سيد سهڪندي چيو.

"چو، خير ته آهي؟ ٿئي ۽ ڪهڙو محشر متو پيو آهي؟ وري ڪا شورش ٿي آهي چا؟" سنگهار آٿڻ مان وري پڇيو. حاڻ به اڃي سنڌس پر ۽ ٻيهي رهيو.

"اوهان کونه ٻڌو آهي چا؟ ڪالهه ٿئي جي عامل آخوند صالح کي مارائي وڌو آهي. مرزا جان بابا جو لشکر ٿئي ۽ ڪاهي پيو، پر شورش کامياب ڪانه ٿي .... ۽ اڄ مرزا باقي چتو ٿي پيو آهي، ۽ جوکو ٿو سامهون اچيس تنهن کي هاڻيءَ جي ٻيرن ۽ ٿو لٿري .... لشکر کي چوٽ چڏي ڏنو انس ته ٿئي جي گهرن ۽ گهڙي پون ۽ باغين کي جهلي اچن...!" سيد ويچارو ڏاڍو ڏنل ٿي ڏٺو.

"هان! چا چيئه؟ امير خان آخوند صالح کي مارائي وڌو اهي ..." سنگهار جي دل مان دانهن نڪري وئي، ۽ هن جا ٻئه گهوڙي جي بشکن ۽ ٻيڙجي وڃا.

"هاڏو، فارسي پڙهائڻ ٿي آخوند صالح راضي ٿئي ٿيو.... جامع مسجد واري چونڪ ۽ ڪيس ٽياس ٿي ٽنگي چڏيائون .... ادا، هنن ڪميٽن کي...." مسافر کجهه چوڻ ٿي هو، پر سنگهار سنڌس گاله ڪٽيندي چيو: "شاهه سائين، بخش ڪجاءِ ۽ ر اهو گهوڙو چڏڻو پوندو. اسان کي ٿئي پهچڻو آهي، ۽ اسان جو هڪڙو وهٽ مري پيو آهي...."

سنگهار جڏ ته پنهنجي پاڻ سان گهالهائي رهيو هو. هن کي ته اها به خبر نه پيئي ته شاهه سائين گهوڙي چڙڻ کان صفا نابري واري ٻيئو. هن کي اهو به ياد نه رهيو ته هن شاهه کي هڪ هالڪ جيان چيلهه کان جهلي کڻي هيٺ لاٿو ، ۽ ٻيءَ گهڙيءَ هو شاهه جي گهوڙي تي سوار ٿي، ٻيئي گوڏا گهوڙي جي ڪڪين ۾ هٿندو ويو. هن کي ته پنهنجو ساڻي جاڻڻ به ياد نه ٻيو. جاڻڻ ٻيڙي ساڻ ڪري هن جي ڪيڏ لڳو آيو. هن جي اکين مان ته اڙڪن بنهه بس نٿي ڪئي. آخوند صالح کي ڪيئن ماريو هوندائون.... نٿي جو نڪ ، آخوند صالح ... نٿي جي آبرو ، نٿي جي لڄ .... جاڻڻ الائي ڇا ڇا سوچيندو رهيو.

درياءَ تي پهچندي، شهر ڏانهن وڃڻ بدران سنگهار ترخانن جي اڻ محلي ڏانهن رخ رکيو، جنهن ۾ ترخانن جون حويليون هيون. مرزا باقيءَ جي حويلي ته بنهه درياءَ جي ڪپ تي هئي.

ترخانن جي حويلين تي سخت پهرو هوندو هو ، پر اڄ ته جتي ڪٽي سپاهي ٻيڙل ٿي نظر آيا. پريان شهر مان گوڙ گهمسان، نعرن ۽ نوبتن جو هڪل پڙاڏو پيدا ڪندو هن جي ڪن ۾ اچندو رهيو، پر اڳين ئي پاڻيو جڏ ته سنگهار جي ڪن ۾ تاڙيون پٽجي وڃون هيون. محلي جي منهن تي ڇٽو ته پري کان ڏهاڪو ڪن ترخانن کي پهرو ڏيندي ڏٺائين. جاڻڻ به ڪيس هڪل ڪئي. سنگهار کي اوچتو وري پنهنجو يار جاڻڻ ياد اچي ويو. گهڙيءَ لاءِ هو ٻيهي رهيو ، ۽ پوءِ ترخانن ڏانهن ڏسندي جاڻڻ کي چيائين "جاڻڻ، آخوند صالح سان انجام ته ڪونہ پاڙيوسون. هاڻ تون خط ڪٽي وڃي آخوند نور محمد کي پهچاءِ ... ڏاڍيءَ کي پرتين، جيئرا هونداسون ته جدائيون ڪونهن!"

جاڻڻ ۾ خود ۾ وڌيڪ ٻڌڻ جي طاقت نه رهي هئي. هن جي اندر ۾ وڍ پوندا ٿي ويا. پر خط آخوند نور محمد کي پهچائڻ ته ضروري هو. هن سنگهار جي اکين ۾ نهارڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: "سنگهار پنهنجو خيال رکجانءِ .... سڌ کي اڃا

تو جهڙن مڙسن جي گهرج آهي .... چڱو، وڪلائي ڪانهي ..... جيئي سڏ !"

جانڻ گهوڙو موڙي پوئتي موٽي ويو ، ۽ سنگهار وري گهوڙي کي اڙي هٿي . محلي اڳيان بيٺل ترخان جيسين پهنجا پالا سنڀالين، تنهن کان اڳي سنگهار جو گهوڙو سندن وچان ڪري ويو . جتي ڪٿي پهريدار هن سوار کي حيرت سان ڏسندا رهيا. سامهون هڪ وڏي حويليءَ اڳيان چوبدار پالن جا ويهارو منڊيڙا ڏاهيو بيٺا هٿ ۽ شاهي دروازي اڳيان وڏيون مشعلون ٻري رهيون هيون. سنگهار سمجهي ويو ته هجي نه هجي پر اها حويلي باقي بيگ جي هٿي . ان حويليءَ ۾ داخل ٿيڻ ناممڪن هو . ان ڪري هو آسپاس جو جائزو وٺندي اها حويلي به ٽپي ويو. ان سان گڏ جيڪي لاکو حويليون هيون ، تن جي ڪنگرن کي ڏسندو هو اڳيان وڌندو رهيو. جڏهن هو حويلين جي هڪ قطار کان اڳتي نڪري آيو، تڏهن هو گهوڙو جهلي لهي پيو. ان هنڌ تي اونداهه ۾ هن ايڪڙ ٻيڪڙ ترخانن کي ٻهرو ڏيندو ڏٺو. حويلين کان پوءِ گهوڙن جون ڪڙهيون هيون، ۽ ان کان پوءِ چانوڻي شروع ٿي ٿي. مرزا باقيءَ جي حويليءَ ۾ داخل ٿيڻ جو هڪڙوئي طريقو هو : ٻر واري حويليءَ ۾ داخل ٿي، حويليءَ جي پٺين پاسي درياهه ۾ ٽپي، اتان مرزا جي حويليءَ جي پٺين ديوار ذريعي داخل ٿجي . ٻر واري حويليءَ تي به سخت پهرو هو، ۽ الائي پٺيان ڪهڙيان تي پهرو آهي يا ؟ اها ڳڻ ڳوٽ ڪندو ، اونداهه مان هلندو ، هو مرزا باقيءَ جي حويليءَ کان اڳيان نڪري، ساڄيءَ قطار جي اڳئينءَ حويليءَ ڏانهن هلي لڳو. پهريدارن ڏانهن اکين وڌيو، جڏ ته هو ڪنهن ڪم سانگي هنن ڏانهن اچي رهيو هو.

پهريدارن مان ٻه ڇڪا هڪ سنڌيءَ کي اڳيان وڌندو ڏسي، پاڻ اڳيان وڌي آيا. هڪڙي پهريدار خونخوار اکين سان کيس ڏسندي چيو: "ڪير آهين تون؟ ۽ ترخان امير جي محلي ۾ اڄ جي توکي ڪهڙن جرات ٿي ؟"

"هيءَ حويلي ڪنهن جي آهي؟" سنگهار ڇڻ ۽ جي گاله هڏي ٿي ڪاڍ.

"ٿٽي جي عامل، امير خان جي،" پهريدار جواب ڏنو.

"تہ پوءَ آءٌ صحيح جاءِ تي آيو آهيان،" ائين چئي، سنگهار اکيان وڏڻ لڳو. ڪيس جاڻ ڪريو تہ سنگهار خان ملڻ آيو آهي، ۽ کو خاص پيغام آندو اٿس...."

"امير خان حويليءَ ۾ موجود ڪونهي،" پهريدار هن جي گاله ڪاڻيندي چيو.

سنگهار ڇڻ ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو؛ ۽ پوءِ پهريدار کي گهوريندي چيائين: "پوءِ کو اهڙو ماڻهو هجي، جنهن کي آءٌ اهو پيغام پهچايان...."

پهريدار به ڪجهہ سوچ ۾ پئجي ويا. "ڪنهن جو پيغام آهي؟" هڪڙي پهريدار چيو.

"اهو تہ اوهان کي ڪونہ ٻڌائيندس.... پر آهي مرزا جان بابا بابت...." سنگهار ڏاڪو هڻندي چيو.

پهريدارن ڪان چرڪ ڏکري ويو. مرزا جان بابا سنڌين وڏ وڄي لڪو هو، ساڪين خبر به هئي. ڪٿان هي ماڻهو اها خبر ڪٿي آيو هجي. پهريدار هڪٻئي جي منهن ۾ ڏسندا رهيا. پوءِ هڪڙي پهريدار چيو: "ڪٿي آهي مرزا جان بابا؟"

"نہ بابا نہ، اوهان کي ڪونہ ٻڌائيندس. مون کي پنهنجي سسي پياري آهي، آءٌ گاله ڪندس به تہ امير خان جي ڪنهن خاص ماڻهوءَ سان... نہ تہ ٿيو!" سنگهار سمجهي ويو تہ ڏاڪو صحيح لڳو هو. مرزاجان بابا جي سسيءَ جي قيمت لکين اشرفيون لڳي هوندي. ان جو ڪو آتو پتو وٺڻ لاءِ امير خان جا ماڻهو سولا گاله کي ڪونہ ڇڏيندا. گاله ڪري هو واپس موٽڻ لاءِ پوئتي موٽيو تہ هڪ پهريدا ڪٿي هانڻهن مان ورتس. "چگو اڄ، مهر منشيءَ کي سڏي ٿا پچون!"

هو ڪيس وٺي دروازي تائين آيا، جتي چار ٻيا به پهريدار موجود هئا. تن به پڇيو تہ گاله چا هئي. ٿيٽ هنن به اها صلاح

ڏني تہ ميرمنشيء سان صلاح ڪجي ، جيڪڏھن نياپو ضروري ھجي تہ سنڊيء کي زوريء ترسائجي . سنگھار اھڙو ڏيڪ ڏنو جڏھن جي ڪا گالھ ڪانہ ٿي سمجھيائين. ھڪڙي پھريدار دروازي ٿي ڏاڪ ڏئي. دروازي مان ھڪ نديڙي تاکي ڪلي پئي ، ۽ اندرئون پھريدار ٻچيو ٿ. چا ھو . پھريدار کيس سڃي گالھ سمجھائي .

"چڱو بيھ، تہ آءٌ کيس سڏائي ٿو ونان !" ائين چئي ، ھن وري تاکي بند ڪري ڇڏي .

پھريدار مرزا جان بابا بابت چرچاگھپا ڪرڻ لڳا. سنگھار اھڙيء طرح ھنن سان گڏ بيٺو ھو، جڏھن جي گالھين سمجھڻ جي ڪوشش پئي ڪيائين. ھنن کي ڪلندو ڏسي ، پاڻ ھڪلڻ شروع ڪيائين. ڪجھ دير کان پوء، تاکي وري ڪلي ۽ اندرئين پھريدار چيو ، "ميرمنشي پيو اچي !"

پھريدارن ھڪدم گالھيون بند ڪري، پالا سنڀاليا. سنگھار ھنن جي اکيان ائين بيٺو ھو، جڏھن پھريدارن کيس اڻي بيھڻ لاء مجبور ڪيو ھو. ٿوريء دير کان پوء، شاھي دروازي ۽ ھڪڙي نديڙي دروازي کان جو آواز آيو، ۽ ان نديڙي در مان نديڙي قد جو ھڪڙو ماڻھو ٻاھر نڪرڻ لڳو. مشعلن جي روشنيء ۽ سنگھار پھرين ھن جي ٻچي ڏاڙھيء ۽ ھڪ ڪاڻي اک ڏٺي . ھو اڳا دروازي جي تاکن جي وچ ۽ ٿي ھو تہ سنگھار ھڙ وارو چال ڏيڻي دروازي ڏانھن ڏوڪي ويو. ميرمنشي ھڪ نديڙي ٻار وانگر ھن جي ٽنگ ۽ وڇڙي، وڇي ٻوٽ پر ڪريو، پر ايتري ۾ سنگھار دروازي جي اندر پھچي چڪو ھو، ۽ اندريون پھريدار جھسين ڪجھ سوچي، تنھن کان اڳ سنگھار جو ڪٽارو سندس پٺ ۾ کپي ويو ساڳئي وقت ھن ڌڪو ڏيڻي ، دروازي جي تاکي چاڙھي ڇڏي. ٻاھريان پھريدار دروازي تي آواز ڪندا رھيا. سنگھار ميرمنشيء کي سندس جامي کان ڇڪي آڌاريو، ۽ کيس اکيان وڃڻ جو اشارو ڪيائين. ميرمنشي ڪُوڙيء وانگر ڪنبندي، ليڏيء اک سان ھن پربت جھڙي مڙس کي ڏسندو رھيو .

حويليءَ جي ايوان ۾ ، اڪيان گهوڙن جي ڪڙهه هئي ،
جنهن ۾ پنج- ڇهه ٻلاگهوڙا ٻڌل هئا. انهن کان اڳتي هڪ پٽراڻون
رستو هو جو اڪيان ديوانخاني ، ۽ زنانخاني ڏانهن ٿي ويو. ميرمنشيءَ
کي اڪيان ڪندي سنگهار هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو اڪيان وڏندو
رهيو. جڏهن حويليءَ جي چمن ۾ پهتا، تڏهن خوبصورت پٽ جي
مرتبانن ۾ ٻرندڙ مشعلن جي روشنيءَ ۾ هن جيڪو ڏٺو ، تنهن
هن کي خيالن ٿي خيالن ۾ اندر جي آکاڙي ۾ پهچائي ڇڏيو.
اڇي گاڙهي پٽ سان ٺهيل سهڻيون سهڻيون آپسرائون جڙ تہ
جيڙيون جاگهنديون هن جي آجيان ڪري رهيون هيون. انهن
خوبصورت مجسمن ۽ بتن کي ڏسڻ ۾ هو ڪجهه اهڙو محو ٿيو
جو ميرمنشي وڃه ڏسي، گهٽ هنئي، ۽ زنانخاني ڏانهن پڳو.
من جي ڊوڙڻ جي آواز ٿي سنگهار جڙ خواب مان جاڳي پيو،
۽ هن کي پنهنجي پاڻ ٿي ڪاوڙ اچي ويئي. ميرمنشي زنانخاني
جي دروازي تي ٽڪ ٽڪ ڪندي ٽڪڙو ٽڪڙو فارسيءَ ۾ رڙيون
ڪندو ٿي ويو. جڏهن سنگهار ٻاهر آيو، پائي هن ڏاڍين پهتو تڏهن
دروازو کلي ويو ، ۽ ٻه ڪارا ديو جهڙا خواجه سرا هن ڏانهن
وڌيا. هنهي جي هٿ ۾ ڊگهن گهن وارا خنجر هئا. گهڙيءَ لاءِ
سنگهار ٻه هنن جي ٽولهه ڏسي هيبت ۾ پڄجي ويو. هو پاڻ ٻه
ڪافي گهري بدن جو هو ، ۽ هنن مان هرهڪ هن کان ٻيڻي
بدن جو هو. سيءَ جي باوجود ، پيٽ کان مٿي هنن جو جسم
اگهاڙو هو ، ۽ ڏياڻين ۽ مشعلن جي لڏندڙ سوجهري ۾ هنن جا
ڪارا بدن تيل جي ڪري چمڪي رهيا هئا. سندن اکين ۾
بگهڙ جي اکين واري بيرحمي ۽ خونخواري جهلڪي رهي هئي،
۽ هڪ پل ۾ هنن کي منهن ڏيڻ جا ڪنيئن الستاهن جي اکين
اڪيان لنگهي ويا ، ۽ ڪجهه سوچيندي هو پوئتي هٽڻ لڳو.
خواجه سرا جڙ ٻي اونا ٿي هن ڏانهن وڌندا رهيا. هنن کي اهو
يقين ٿي چڪو هو تہ سندن شڪار ڏجي ڇڏ جون راهون ڳولهڻ
لڳو هو ، ۽ هنن جي اکين اڳيان اهي شڪار لنگهي ويا، جن

کي ٻان کنهن هٿيار جي ، سکڻ هٿن سان چوري ڦاڙي ماريو هو. پوئتي هٽندي، سنگهار هڪ وڏي مشعل وٺان لٽڪيو تہ جهٽ ڏيئي اها کڻي ورتائين، ۽ ٻي گهڙيءَ مشعل جو ٻيٽ هڪڙي کڙڪي جي منهن ۾ ٽنبي ڏنائين. سنگهار پنهنجي چمار ۾ اهڙي دل ڏاريندڙ ۽ اينگهندڙ دانهن کاڌ پڙي هئي، جو کنهن وهٽ کي ٻوٽ پڌڻ کان سواءِ کاساڻيءَ کاڌي ٽنبي ڏني هجي. ان رڙ سڄي حويليءَ ۾ ڏيڇارينڊڙ پڑاڏو پيدا ڪري وڌا. ديو جهڙو خواجہ سرا پنهنجي منهن تي هٿ ڏيئي اڏي ڏي ويهي رهيو. ٻيو خواجہ سرا پنهنجي ساڻيءَ جو حال ڏسي، مشعل کان چرکو لڳو هو ، ۽ هاڻ سنگهار ٻدران پوئتي هٽڻ لڳو . زنانخاني جي دروازي وٽ پهچندي ، دکين اکيان سنگهار مشعل ڏانهس وڌائي. خواجہ سراکي دکين جو خيال ئي نہ رهيو ، ۽ جهڙو پاڻ بچائڻ لاءِ پوئتي هٽيو تہ ٽاپڙجي وڃي ٻئيان ڪريو. خنجر سندس هٿ مان ڇڏي ويو. سنگهار مشعل جو ٻيٽ سندس منهن ۾ ڪنيندي، ڪريل خنجر کڻي ورتو، هن جي رڙ ۾، رنپ ٻدران زناني چيٽ جو آڱ هو، ۽ هو اونڌو ٿي دکن تي ڪِٽڪ لڳو .

سنگهار مشعل هٿ ۾ جهلي دروازي ڏانهن وڌيو. دروازو ٻيڪ ٻل ڏسي، هن کي شڪ پئجي ويو، ۽ نہ ٻيو پوئتي هٽي، وار کان جهلي، دکين تي ڪريل خواجہ سرا کي هڻن آڌاري ٻاهاريو، ۽ کيس آهستي فارسيءَ ۾ چيائين: "جي کا حرڪت ڪئي اٿئي، تہ خنجر ٻيٽ ۾ ٽنبي ڏيندوسانءِ !"

هن ديو الائي ڪاڪاهہ سمجهي يا نہ ، پر هو خاموش اڌن وانگر اکيان هٿ وڌائي، اکيان وڌندو رهيو. دروازي جي ويجهو، سنگهار خواجہ سراکي زور سان ڌڪو ڏنو. دروازو چرڙاٽ ڪري کلي ٻيو ، ۽ جئن ئي هو ٽاپڙي اکيان ڪرڻ تي هو تہ هڪ ئي وقت ۾ خنجر سندس جسم ۾ کپي ويا. خواجہ سر جي دانهن سندس نڙگهٽ ۾ ئي ٻورجي ويئي. سنگهار مشعل جي روشنيءَ ۾ ٻن نون خواجہ سرائن کي پنهنجي همراهہ تي حملو ڪندو ڏٺو.

جيسين هو پنهنجي غلطي محسوس ڪن، تنهن کان اڳ سنگهار جو خنجر هڪڙي جي ٻيٽ ۾ ڪپي ويو. هو دانهن ڪري پنهنجي ڪپريل سائيءَ مٿان جهڪي ٻيو. ٻئي خواجہ سرا جڏهن هن نئين حملہ آور ڏانهن ڏنو ڏڏهن هن باهہ جو هڪ ڇڪ پنهنجي منهن ڏانهن وڌندو ڏٺو. اهو ڇڪ، ويجهو اچڻ تي ايڏو وڏو ٿيندو ويو، جو خواجہ سرا کي پنهنجي اکين ۾ مرڻ پوندا محسوس ٿيا، ۽ هن اکين کي آن ڇڪ کان بچائڻ لاءِ پنهنجا ٻيئي هٿ مٿي کڻڻ جي کوشش ڪئي. پر هن جا هٿ اکين تائين پهچن، تنهن کان اڳ هن جي اکين ۾ همهشه لاءِ اونداهہ ڇائنجي ويئي، ۽ هو ٻارن وانگر سڏڪا ڀري، اوچنگارون ڏيڻ لڳو.

سنگهار هن کي اتي ئي ڇڏي، اندر وڏي ٻيو، ۽ ڪيترن ڪمرن مان ٿيندو، ترخاڻن جي گڏ ڪيل دولت تي، دل ئي دل ۾ کين گاريون ڏيندي، هو اهڙي ڪمري اگهان اچي ٻڌي رهيو، جنهن لاءِ هن سوچيو تہ اهو ڪمرو ئي سڳهي ٿو، جتان درياهہ ۾ لهي سڳهجي ٿو. ان ڪمري جي در مان، هڪ ڀيڙي عورت هٿ ٻڌندي، ڊپ کان ٽڙڪندي باهر نڪتي: "رحم، آقا، رحم!"

ڀيڙيءَ جي آواز ۾ اهڙي نيزاري هئي جو سنگهار جي دل ۾ رحم ڇڻ ٻهريون ٻيرو موڪي آيو هو. ڀيڙيءَ کي مٿي تي هٿ رکندي چيائين: "امان، اسين سنڌي، وس پچندي، زائفائن تي هٿ نہ کڻندا آهيون!" ائين چئي هن دروازي کي هري هري ڏکو ڏنو. دروازي کلڻ سان هن جهڪي ڪجهہ ڏٺو، سو جهڪڙهن هو ڪوشش ڪري ها ڏڏهن بہ بيان نہ ڪري سگهي ها. هن جي بلڪل سامهون اندر سيما جي ڪا آهسرا، آرسي ۾ ٻارن جهلي، پنهنجي ڏڳهن وارن کي ڪٽي ڏيئي رهي هئي. سندس هانهون کلهن تائين اگهاڙيون هيون؛ سندس اڏ منهن وارن ۾ اچي ويو هو، ۽ باقي اڏ منهن ۾ جا سونهن هئي، سا سنگهار جي دل ۾ ڏاڍو وجهندي ويئي. نيم شفاف ململ جي پهراڻ مان هن جو جسم ائين جهاتيون پائي رهيو هو جڻ هن جي، انگ انگ ۾ ڪا هلڪي

مشعل ٻري رهي هئي، جنهن جي روشني ماڻهن جي اکين ۾ ڪوڙا پيدا ڪرڻ لڳي. سندس ڇاتيءَ کي ڏسندي ئي کيس محسوس ٿيو ڄڻ سندس جي لهرين ۾ ڪا ٻيڙي هلڪا لوڏا کائيندي، هن کي پنهنجي پناهه ۾ وٺڻ لاءِ سڏي رهي هئي، ۽ حڏهن هن گاليهايو، تڏهن ته سنگهار پنهنجي پاڻ کان ڇڄي ويو: هن جو آدرش هن جي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"سندي، تون اچي وئين! مون کي پڪ هئي ته تون ضرور ايندين: پر ايترو انتظار ڪرائيو آهي....!"

هن جي آواز جو جادو، هن جي ڪنن ماڻ ٿيندو، دل ڏاڪين ڀڃڻ، ۽ هن کي اڃين محسوس ٿيو ڄڻ ان جا ماحول کي لوري ڏيئي سمهارڻ شروع ڪيو هو. هو به انهيءَ نڊ ۾ ٻڏ ٻڏ ٿيندو ٿي ويو. پوءِ من وڙي ان جادوءَ کي پڪڙيو ڏنو، ۽ ان ڀڻ ۾ ڪجهه غير يقيني ڪ ميٺيت هئي: "نه نه... تون ته اهو ڪونه آهين .... پر هيءَ دل ڇو تو ڏانهن مائل ٿيڻ لڳي ... اڇ، منهنجي ويجهو اڇ ... يا خدا، مون کيترو نه انتظار ڪيو آهي.... هو نه سهي، تون سهي.... تو ۾ به مون کي هو ئي نظر اچي رهيو آهي....!"

هوءَ آرسي رکي، آئي ٻيٺي. سنگهار هن کي ڏسندو ئي رهيو. هن جي دل ڪنڊري ڪنڊري ٿيندي، پرڪڻ لڳي. پر اوچتو ٻاهران ماڻهن جي اچڻ جا ٽڪرا ٽڪرا قدم ٻڌي، سنگهار پنهنجي نڊ ۾ ماڻ جاڳي ٻيو. ساڳئي وقت هن جادوءَ به چيو: "ڦريدار ٻيا اچن.... اهو دروازو بند ڪر!"

سنگهار وري حقيقتن جي دنيا ۾ موٽي آيو، ۽ هن وڏي دروازي جي ٽاڪي ڇاڙهي ڇڏي. دروازي کولڻ لاءِ ماڻهن دروازي کي زور سان ڏڪا ڏيڻ شروع ڪيا. سنگهار هڪڙي نظر هن ٽي وجهندي، مٽي نهاريو. آها نهار ۽ آها نگاهه، هڪ نياپو هئي، جڏ چوندي هجي: "جاني، جيئرو ٻچيس ته موٽي ايندس. منهنجو انتظار ڪجان!"

ٻوءِ آسپاس نهارڻندي، هن ڇت ۽ ڪنگل جهليءِ جي ريشمي رسي کي ڇڪ ڏيئي لوڙي وڌو؛ ۽ ان مان سرڪساهي ٽاهي، هن پٽ جي ڪنگرن مٿان اڇلائي. سرڪساهي هڪڙي ڪنگر ۽ ڦاٿي ته رسي جي آڏڪ تي هو پٽ تي چڙهي ويو. مٿي چڙهي، هن چوڌاري نظر ڦيرائي. مرزا باقيءِ جي حويليءِ جي هڪ ڪوٽ پري هئي. وچ تي ڀورو به سخت هو. هن رسي ڇڪي پٽ جي ٻئي پاسي لڙڪائي، ۽ آهستي آهستي لهندي، درياءَ ۽ ٽپي ٻوءِ. ٻاڦ ۽ اندران ٿي اندران هو مرزا باقيءِ جي حويليءِ جي فصيل ڏانهن ترڻ لڳو.

حويليءِ جي ٻنهه هيٺان هن ٻه- چار ٻڙبون ٻيڙيون ڏٺيون: هڪ ڇڪيءِ موچاريءِ سينگاريل ٻڙيءِ جي پر ۾ ان، رسي جي هڪ ڏاڪ هڪ ڏيءِ دريءِ نائين پئي وئي. پر اتي ٻ ٻهريدار، جا پاڇولا نظر اچي رهيا هئا. هو ٻاڦ ۽ اندران ٻڙبون ٻ ٽپي ويو — ۽ اتان وڃي منهن ڪيائين، جتي ٻهريدار ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ٿي نظر آيو. حويليءِ جي ان ڇيڙي ٿي ٻهچڻ کان پوءِ، فصيل تائين چڙهڻ اڻڙو مسئلو هو، جنهن ٿي سنگهار اڇا نائين ڪونه سوچيو هو. فصيل ڇڪي موچاري اوچي هئي، ۽ رسيءَ کان سواءِ ان ٿي چڙهڻ ممڪن نه هو. لاچار هو وري ٻنان ڪنهن آواز جي ٻيڙين وٽ ٻهتو، ۽ هڪڙي ٻيڙيءِ جي ٻڌيان ڪنڊ مٿي ڪنهائين. ان ٻيڙيءِ ۽ هڪڙي ترخان جو مٿيون ڏڙ هن کي نظر اچي رهيو هو. سنگهار سوچيو ته جي زوريءِ ٻيڙيءِ ٿي چڙهي، سڙهه مان نوڙي هٽ ڪبي، ته ٻين ٻڙبن ۽ فصيلان وارا ٻهريدار هوشيار ٿي ويندا، ۽ ٻوه حويليءِ ۾ داخل ٿيڻ ناممڪن ٿي پوندو. اهو سوچي هو ٻيڙيءِ کي ڦري آيو. اها ٻڙي ٻي هڪ وڏي ٻيڙيءِ سان ٻنهه سنهي رسي سان ٻڌل هئي. ٻنان ڪنهن آواز جي، هن ڪٽاري سان رسي ڪپي ڇڏي، ۽ ننڍي ٻيڙيءِ کي هلڪو لوڏو ڏنائين. ٻيڙي لهواري ٿي هري هري ٿي لڙهڻ لڳي. هو ٻ ٻيڙيءِ جي ڪيڙ ڳو آيو. جڏهن ٻيڙي چڪي موچاري

اڳتي نڪري، وهڪري جي ٽوڙيءَ ٿي نڪي ٽيڻ لڳي، تڏهن رکا ڻ ڪي هوش آيو هو اٿي ٻاڏو، ۽ پاڻ کي ٻن ٻڙين کان ايترو پري، لهواري ٿي لڙهندو ڏٺائين، تڏهن هن پنهنجن همراهن کي سڏ ڪرڻ شروع ڪيا. پر ٽيسين ٻڙي ايترو پري نڪري چڪي هئي، جو هن جي سڏ ٿي ڪنهن به ڏان نه ڏنو. ترخان سڏن کي بيڪار سمجهي، وڃهه ڪڍي ٻڙيءَ کي موڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. وڃهه ٿي نظر پوندي ٿي، سنگهار جهٽ ڏيئي ڪڍي منجهس هٿ وڌو؛ ۽ چڪ جو ڏٺائين ته ترخان وڃهه سوڌو اڇي مٿاسس ڪريو. هن پاڻ بچائيندي، ترخان کي ڪچيءَ کان جهلي، کسي هيٺ ٽوڙيو ڏنو. ڪهڙيءَ کان پوءِ ترخان بدران رکو پاڻيءَ جي بڙ بڙ ٻڏڻ ۽ آئي، ۽ هن ترخان کي چڏي ڏنو. ٻڙي ٽيسين اڳوان وڌي ويئي. هو ٽوڙيءَ ٻان ٻڙيءَ ڏانهن وڌيو. ٻڙيءَ ۽ هن کي چڱي ڀڱي نوڙي هٿ اچي ويئي، هو ٻڙيءَ کي ائٽن ٿي چڏي حويليءَ جي ڪوٽ جي پٽ ڏانهن ترڻ لڳو.

ڪوٽ جي پٽ تان هاندو هو هڪڙ ٿي لهي ٻيو. اتان سمورا ڪڏ هڪٻئي سان ڳنڍيل هئا. اوندهه جو فائدو ولندي، سنگهن جي پويان لڪندي، هو ان ڪڏ ٿي پهتو، جتي هن سمجهيو ته اتان رسي جي ڏاڪڻ ٻڙين ٽائين ٿي پهتي. ان ڪڏ جا سمورا سنگهه ڳاڙهي پٿر ۽ ساڳ جي ڪاٺ جا ٺهيل ٿي پائيا. سنگهن ٿي ٽپاميندو، هو هڪ اهڙي وهڪري سنگهه وٽ پهتو جنهن جو پڙ مٿي ڪنيل هو. هن هيٺ نهاريو: ڪمري ۾ هلڪي زرد روشني ڦهليل هئي، سنگهه جي بنهه هيٺان هڪ ٽپائيءَ ٿي صراحيون ۽ جام سجايل هئا، ۽ ان مٿ جي پر ۾ ڇڻ ڪنهن ڪٽ جي پاسي ۾، هڪ ترار ميان ۾ پيل رکي هئي. اهو جائزو وٺي، سنگهار ڪ پڇ لاءِ سنگهه کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو هو. آسمان ۾ تارا ٽمڪندا ڇڻ هن کي مٿي اڏامڻ جي دعوت ڏيندا رهيا. پنل ڪپڙن، ۽ ڪلهل هوا ۾ هن کي سيءَ به ڏکيو لڳڻ لڳو؛ ٽڪ ۽ سيءَ کان نند هن جي اکين ۾ مورچا هڻڻ لڳي. جڏن

ٿڻن ڪري هوءَ پاڻ کي جاڳائڻ جا جتن ڪرڻ لڳو. هن سمجهيو
ته رات اڃا آڏي ٿي هئي ، ۽ پهريدارن جا آواز به ڊرا ٿيندا
ٿي ويا.

هن ننگهه جي ٽلهي رسي کي وٽ ڏيئي مٿي قاسائي چڏيو،
جيئن رسي ٿي زور آڻ ڪري ننگهه جو پڙ نه بند ٿي وڃي؛
۽ پوءِ هو آهستي آهستي رسيءَ جي ذريعي هيٺ لهڻ لڳو.
هيٺ پهچڻ تي هن جهڪي ڏٺو، ان لاءِ هو بلڪل تيار نه هو.
اهڙيءَ صورتحال ۾ سنڌ جي هن قاتل تي حملو ڪرڻ به هن
کي ڪانئرتا نظر آئي. مرزا باقي بيگ هڪ ٿي بلڪل سٽون
سڏو سٽل هو؛ سندس جوءِ جي هڪڙي لنگ هن جي مٿان
وارهل هئي ، ۽ هوءَ هن کي اهڙيءَ طرح ياڪر ۾ جهلو سٽي
پيئي هئي، جڏ نڊ ۾ به هن مٿان پنهنجي پاڻ کي قربان ڪرڻ
لاءِ تيار هئي. پلنگ جي پر ۾، هڪڙي سوني ٽالهيءَ ۾ هڪ
نديڙي شمع ٽم ٽم ڪندي ، هلڪي زرد روشني پکيڙي رهي
هئي. هو دل من هٿ لڳو: ان نظاري هن کي انسان جي من
ڪمزور پهلوءَ ٿي سوچڻ تي مجبور ڪري وڌو.

هو اڃا دل من هٿي رهيو هو ته اوپتو ڪنهن هنگامي
جو هَل در جي باهران ٻڌائين. هن جهٽ ڏيئي، مرزا باقيءَ جي
ترار ميان مان ڪڍي ورتي. عين ان وقت دروازو وڏو ڇيڪاٽ
ڪري کلي ويو ، ۽ هن ٻن ترخانن کي اگهاڙين تراربن سان
مرزا باقيءَ جي پلنگ ڏانهن وڌندو ڏٺو. دروازي کان سان شمع
پڙڪو ڏيئي وسامي وئي، ۽ ڪمري ۾ ٻٽ اوندهه چاڻجي وئي.
سنگهار ترار سنيالي پلنگ ڏانهن وڌيو. اڃا وڪ اڳتي وڌائين
ته سندس هٿ شمع واري ٽالهيءَ کي وڃي لڳو. ٽالهي زور سان
ٻٽ تي ڊهڻ سان وڏو ٽڙڪاٽ ڪندي، ڪنهن ڪمد ۾ هلي
وئي. عين ان وقت هن هڪ زنانيءَ رڙ جو آواز ٻڌو. اهو آواز
ٻڌندي ئي هن پلنگ تي وار ڪيو ، پر سندس ترار خالي هنڌ
کي ڪپي وئي. جيسين هن پاڻ سنيالي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ

جي ڪوشش ڪئي. تيسون کو ماڻهو، پٽ ۽ لڳل درياءَ جو تاڪ ڪولي، درياءَ واري پاسي ٽپي ويو. هن به درياءَ ڏانهن لٿو. ورڊي— ۽ ٻوه هن مائيٽي سنڊوءَ ۽ ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪيرڻ جو ٻڌاڻو پڙاڏو ٻڌو. هن درياءَ ۽ منهن وجهي هيٺ نهاريو: هڪ ٻيڙي ٽڪڙو ٽڪڙو ان هنڌ ڏانهن وڏڻ لڳي، جتي ماڻهوءَ جي ڪيرڻ جو آواز آيو هو. ان وقت سنگهارڪي ٻنهنجي ٻوبان ڪنهن ماڻهوءَ جي ساهه ڪٽڻ جو آواز ڪن ٿي ٻيو، ۽ هو اچانڪ ڏيئي درياءَ ڪان ٻري هٿي ويو. ايندڙ ترخان جو وار د ۾ ۽ جي چائنٽ ۽ ڪٽيو ويو. سنگهار ٿورو اڳهان وڌي، هن ڪي ٻنهنجي پير سان هلڪي ٽوڪر ڏني. ترخان، درياءَ تان ٽاهڙجي، هوا ۽ هٿورابون ڏيندي، وڃي درياءَ ۽ ڦهڪو ڪيو.

ڪمري ۽ ماڻ ٿي ويئي. سنگهارڪي پڪ ٿي ته گهڙيءَ ڪان پوء مرزا باقيءَ جا واهرو پهريدار يا انهن منملي ڪندڙن ترخانن جا سائي ڪمري ۽ ڪاهي پوندا. هو تيزيءَ سان دروازي ڏانهن پڳو. دروازي مان ايندڙ هلڪي ڳاڙهي روشنيءَ ۽ هن مرزا باقيءَ جي زال کي هوٽ پر ڪيرهل ڏٺو، سندس سهسي ٻيٽي ٿي سندس ڏڙ هيٺان اچي ويئي هئي. هاڻ هن ڪي پڪ ٿي ته درياءَ مان ڀڄي ويل ماڻهو خود مرزا باقي هو. هن ڪي ٻنهنجي بيوقوفيءَ تي ڪاوڙ اچي ويئي. اڄ سنڊ جو قاتل، آخوند صالح جو خوني، هڪ ڪوڙي جذبي جي ڪري هن جي هٿن مان نڪري ويو.

هن اونداهه ۽ ٻئي ترخان ڪي نهارڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻنهنجي ٻوبان ڪڙڪو ٻڌي، هن ٻئيان نهاريو. ترخان اڳهان وڌي مرزا باقيءَ جي زال جي لاش کي سڌو ڪري، سندس ڇڇيءَ ۽ ڪنن مان زيور ٽڙي لاهڻ جي ڪوشش ۽ لڳل هو. هن سوچيو ته لالچي ڪتا، ڇڇهن وانگر لاشن تان به نٿا ڦرن. ۽ ٻوه هڪ ٽي ڏڪ سان هن جهڪيل ترخان جي سيسي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. گهڙيءَ لاه ڪمري ۽ ماڻ ٿي ويئي، ٻوء

ترخان جي هڪ انبوهه جو ان ڪمري ڏانهن وڌڻ جو آواز هن جي ڪن تي پيو، ۽ هو وري منگهه هيٺ پهچي مٿي چڙهي ويو.

درياءَ ۾ ٽپندي، هو اهو ئي سوچيندو رهيو ته هو اڄ پنهنجو آدرش ڪن ڪوڙن جذبن ڪري وڃائي ويٺو هو. شرمساري ۽ لڄ کان هن جي اکين ۾ لڙڪ مڙڻ لڳا. جيڪڏهن هو مرزا باقيءَ کي ختم ڪري چڏي ها ته دنيا ائين ئي سمجهي ها ته ترخان پاڻ ۾ وڙهي مئا هئا، ۽ سندين تي اهو الزام ڪونه اچي ها. گهڙيءَ جي غلطيءَ مرزا باقيءَ کي حياتي موڪلائي ڏني. امير خان جي حويليءَ جي ديوار تي چڙهندي، الائي ڇو هن کي بار بار اهو خيال اچڻ لڳو ته هاڻ جيئڻ جائز آهي. آخوند صالح جي ويڑ وٺڻ جو موقعو هٿ مان نڪري ويو. آخوند صالح جو نالو زبان تي ايندي ئي، هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ هن جو روح هن کي ملامت ڪرڻ لاءِ جي چوڌاري وسڻ لڳو هو، ۽ پوءِ الائي ڇو هن کي سوڀيل ياد اچي ويو. شل، سوڀيل اهو بدلو مرزا باقيءَ کان وٺي، پر سوڀيل به هن جي ناڪاميءَ جو ٻڌي چا سوچيندو؟ پر سوڀيل ڇو ٻڌي؟ هو ڪنهن اهڙي طرف نڪري ويندو جتي هن جو ڪوبه سائٽي سنگتي نه پهچي سگهندو! اهو سوچيندو هو ليليءَ جي ڪمري ۾ ٽپي پيو!

○

١٠

آخوند نور محمد فجر جي نماز پڙهائي، واندو ٿي جماعتين ڏانهن ڏسڻ لڳو. سندس بلڪل سامهون هڪڙو ٻيڙو ترخان ڏور ڪندي، اڀرندي طرح جهومي ۽ جهولي رهيو هو جڏ ته وجد ۾ اچي ويو هو. ڪل آٺ ڏهه جماعتي وڃي بچيا هئا، جڪي تلاوت ڪرڻ لڳا هئا. ڪهڙا نٽا نماز پڙهي هليا ويا هئا. جيڪي ڏور ڪري رهيا هئا، تن مان ڪهڙو ٽٽو سمورا ترخان ٿي هئا. آخوند پاڻ به تسبيح پڙهندي، سوچڻ لڳو ته نمازون هي پڙهن، مذهب جو هر ڏڻ هي ڏوم ڏام سان ملهائين، مذهب جي نالي ۾ حڪومت هي ڪن، دين جو نالو ڪٽي زڪواتون ۽ ڏڻ هي وصول ڪن، ۽ ظلم ۽ ڪوس ڪرڻ ۾ به سڀ کان خونخوار جانور هي آهن. هر قسم جي ذلت هنن ۾ آهي، شرابي، زاني منافق هي آهن، ۽ الله سائين به هنن جو سات ڏيندو اچي. "نعوذ باالله... استغفرالله!" هن جي وات مان ڏاڍيان نڪري ويو. "ڏٹي منهنجا، بخش ڪجان، منهنجي وات مان ڪفر جا ڪلما نڪري ويا!" ۽ هو وري اتي ٿي سجدي ۾ ڪري پيو، ۽ ڪيترو وقت ڏٹيءَ در ٻاڏائيندو رهيو. سجدي مان آئي، هن وري ان ترخان ڏانهن ڏٹو، جنهن جي دور ڪرڻ جو آواز سڃيءَ مسجد ۾ ٻرڻ لڳو هو. آهستي آهستي ٿي ماڻهو دور ختم ڪري، آخوند کان موڪلائي، آئندا ويا. آخر ۾ فقط آخوند ۽ اهو ٻوڑهو ترخان رهجي ويا.

ٻوڑهي ترخان مسجد خالي ڏسي قرآن مجيد بند ڪري، رحل سوڙو، سامهون جاري ۾ رکي موڪي آيو. آخوند وٽ پهچندي ٿي هن هوريان چيو: "جيئي سنڌ، سائين!"

آخوند نورمحمدڪان چرڪ نڪري ويو. هو پنهنجن خيالن ۾ محو، گذريل ڏينهن جي حالتن تي سوچي رهيو هو، جيتوڻيڪ تسبيح سوريندي، سندس وات مان 'الله هو، الله هو' جو ٻڌڪو نڪرندو رهيو. مرزا جان بابا جي شورش، شاه قاسم ارغون جو راتاهو، مرزا باقيءَ جو پنهنجي محل مان ٽپو ڏيئي پڄي وڃڻ، ۽ ترخان لشڪرڪڏ ڪري مرزا جان بابا ڏانهن وڃڻ، ۽ ٿئي ۾ لشڪرين هٿان عام ڪوس جون گاهيون وڙ وڙ ڪري من جي دل ۾ چير وجهندڙيون ٿي ويون. سنڌين جو رت ٻڏيءَ وانگر وهي رهيو هو؛ سنڌين جون لڇون ۽ شهر ۾ لڏجي رهيون هيون؛ ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ محلي ۾، جي سنڌين مقابلو ٿي ڪيو ته انهن گهرن کي باهيون ٿي ڏنائون. مرزا باقي ڇڻ ته ڇڏي ڪٽي وانگر ڇڪ وجهي رهيو هو. رڳو پنهنجي ڇڏي رت تي سنڌين جي رت سان چنڊي وجهڻ لاءِ، سنڌي محان ۾ مست هاڻي هڪلارائي ڇڏيا هٿائين؛ ۽ ڪترا سنڌي، هار ٻڌا، وڏا نندا، انهن جي ٻيرن ۾ چيالڇي ڇڇرجي ويا هٿا. آخوند نورمحمد جي اکين ۾ درياءَ آڻلندو ٿي آيو. "اي سنهنجا مولا سائين، هي ڪهڙو انصاف آهي!" هو ورد ڪندي پنهنجي ڏڏيءَ سان شڪايتون ڪندو ٿي ويو؛ ۽ جڏهن هن "جيئي سنڌ" جو سلام ٻڌو، تڏهن هن کان چرڪ نڪري ويو. هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي، ڏيڏي ترخان ڏانهن ڏٺو. ڏيڏي ترخان جي اکين ۾ ٿئون ڇڪ مرڪي رهي هئي، ۽ هو آخوند جي سامهون اچي، سندس پير چمڻ لاءِ هيٺ جهڪي ويو. آخوند حيرت سان ترخان جي حرڪت ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ سندس ڪنن ۾ اهو آواز آيو: "آ دادن آهيان، سائين!"

آخوند جي مغز ۾ ڇڻ ڦيري پئجي ويئي، ۽ هن الڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: "دادن.... تون!" پوءِ هن ڪي ٻاکر ٻائيندي، نرڙ تي چمي ڏيندي چيائين: "چريا، هي ڪهڙو وهس ڪيو اٿئي. مون ته ڏري گهٽ، تو سوڌو هنن ترخانن جماعتين کي ٻاراتو ٿي ڏنو!"

"سائين هن وٺس کان سواه سلامت پهچڻ به ته مشڪل هو،" دادن پنهنجي منڊي تان ڪلو لاهيندي چيو. پوه هٿ وڃي هٿرادو اچي ڏاڙهي ۾ لاهي ورتائين.

"چئو ته اهي خبرون چئني پاسي ڦهلجي ويون آهن،" آخوند تسبيح پنهنجي صدريءَ جي کيسي ۾ وجهندي چيو.

"ها سائين، مون کي اها خبر سيوهڻ ۾ پئي ته مرزا جان بابا جي شورش ناڪام ٿي ويئي، ۽ ترخانن ننڍي ۽ ٻين شهرن ۾ سنڌين کان ويڙ ونڊ شروع ڪيو آهي. مرزا باقي سمجهي ٿو ته مرزا جان رڳو سنڌين، خاص طرح سميجن، انڙن ۽ جاڙيجن جي جرڇ ٿي بغاوت ڪئي آهي."

"مون کان هن پيري وڏي ڇڪ ٿي ويئي. اڳئين وانگر سنڌين جا جٿا، شهرن ۾ سنڊي پاڙن جي بچاءَ لاءِ گڏ ڪون ڪرايم. مون کي الائي ڇو پڪ ٿي ويئي هئي ته خود ترخان لشڪري مرزا باقيءَ جي ظلمن خلاف آٿي کڙا ٿيندا. پر ائين نه ٿيو. مدرسن جي شاگردن کان جيڪي پڳو، سو ڪاڻون. ۽ آخوند صالح کان پوه شاگردن جي به دل ٿئي پئي آهي!" آخوند نورمحمد کان ٻڌو شوکارو نڪري ويو.

"آخوند صالح کان پوه؟.... ڇو سائين، خير ته آهي؟ آخوند صالح کي ڇا ٿيو؟" دادن کي ڪو وسوسو ويڙهي ويو.

"ظالمن آخوند صالح کي ان ڏينهن ئي ڦاهيءَ چاڙهي ڇڏيو، جنهن ڏينهن مرزا جان بابا جو لشڪر ٺٽي ۾ داخل ٿي رهيو هو."

"۽ به ڇو؟"

"مرزا باقيءَ قندارکان کي مولوي گهرايا آهن ته مدرسن ۾ زوريءَ فارسي پڙهائين. آخوند صالح کين پنهنجي دارالعلوم ۾ فارسي پڙهائڻ جي اجازت نٿي ڏني... الا، هاڻ اهڙو مالهو ڪٿان آڻيندا سون... ٻڌ دادن، تون هاڻ سڀ ڪم ڪارون ڇڏ ڪري، وڃ ٺٽي، ۽ وڃي آخوند صالح وارو دارالعلوم سنڀال. آڳ ڇڻي لکي ٿو ڏيان...." آخوند دادن جي اکين ۾ نهاريندي چيو.

"پر سائين، دهليءَ وارو ڪم اڌ پورو آهي.... هي خط ملتان مان نواب سعيد اوهان لاءِ ڏنو آهي." دادن صدريءَ اندران خط ڪڍندي چيو.

"منهنجي نظر هاڻ ويئي.... تون ئي پڙهي ٻڌاءِ." آخوند ڪيس حڪم ڪيو.

دادن خط پڙهڻ لڳو، ۽ آخوند اکيون بند ڪري ٻڌندو ويو. نواب سعيد لکيو هو ته شهنشاه اڪبر سڏو سنئون سنڌ جي معاملن ۾ دخل ڪرڻ ڏيندو. البت هو شهنشاهه اڪبر کي مرزا باقيءَ جي ظلمن کان آگاهه ضرور ڪندو. جيڪڏهن قندار بابت مرزا باقيءَ جون ايران سان گالهيون ٿيوت سان اڪبر اڳيان پيش ڪجن ته ڪم ٿيي پوندو. شهنشاهه شايد اينڊر بهار ۾ لاهور اچي، اني هو قدمبوسي حاصل ڪري سنڌ بابت سڀ ڏس ذکر چوريندو. آخر ۾ هن ملهل نحفن جو شڪريو ادا ڪيو هو.

"هون .... چئبو ، اسان جون سوڪڙيون پاڪڙيون هاڻ نواب سعيد تي ڪيئن اثر ڪونه ٿيون ڪن .... پلا ملتان ۾ عام ماڻهن جو چا خيال آهي؟" آخوند ڪجهه سوچيندي چيو.

"ملتان وارا ظاهر آهي ته ترخانن جي حڪومت کان دهليءَ جي ڀانهپ کي وڌيڪ پسند ٿا ڪن. مغل شهنشاهت سان هن وقت جهيڙو بلڪل ڪونه گهرندا. البت جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪا تحريڪ شروع ٿي ته هو هميشه وانگر پنهنجي وطن جي ماڻهن کي مدد ڏيڻ کان ڪونه لهرائيندا: سومرا، لانگاهه ۽ ٻيا راج ته پنهنجا ماڻهو به ڏيڻ لاءِ تيار آهن...!" دادن جواب ڏنو.

"سنڌ ۾ تحريڪ.... سنڌ ۾ تحريڪ! جڏهن به سنڌ ۾ ڪا تحريڪ ٿي هلي ته سنڌين جو جيئڻ مشڪل ٿيو پوي. هنن کي نڏڪو ڏسي، ترخان سندن ڇڻ کي گهاڻن ۾ پيڙايو ڇڏين. رهي مغلن کان سڏو سنئون مددگهرڻ، سو سنڌ ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي هڪڙي غلاميءَ مان نڪري ٻيءَ غلاميءَ ۾ وڃڻ نٿا گهرن. هو اهو ٿا چون ته ترخان ته سنڌ اندر محدود

آهن. جيڪڏهن سنڌين ۾ ڪا منظم ۽ ڪي پختي بغاوت، ٿئي کان ملتان تائين، پڙڪي آئي ته ترخانن کي ٽڏي ڪيڻ ايترو ڏکيو نه آهي، جيترو ان وقت ٿيندو، جڏهن مغل لشکر ترخانن کي کيڏي، چانوٽي هٽي سڌ ۾ ٿي وڃي رهندو .... هڪ طرح سان هنن جو چوڻ به صحيح آهي: مغل شهنشاهت سان وڙهڻ سنڌين کان زور آهي !"

"پر سائين، ترخان ته خوني آهن، ظالم آهن. مغل وري به مٿاهين طرح حاڪم رهندا: هي روز روز جي رتو چاڻ ته بند ٿي پوندي. سنڌين کي ڪا گهڙي سامت جو ساهه کڻڻ جو ته وجهه ملندو ...." دادن جڻ خفا ٿيندي چيو.

"پر مغل هڪڙو پيرو جمي ويا ته ڪين ٽڏڻ ناممڪن ٿي پوندو. ترخان ته پاڻ ۾ وڙهڻ ۾ پورا آهن: ڪين ڏکي ڪيڻ ايترو ڏکيو ڪونهي. هونئن به هو ايترا مضبوط نه آهن. جڏهن به ڪو حاڪم ظلم ڪرڻ ٿي سندرو ڇڏي ٻهندو آهي ته اها سندس ڪمزوريءَ جي نشاني آهي؛ بلڪ ائين سمجهه ته هن جو موت ويجهو اچي پهتو آهي. هو ائين ٿو سمجهي ته ظلم ڪرڻ سان هو ماڻهن کي هميشائي سگهندو. پر اصل ۾ اهو ظلم ٿي عام ماڻهن کي هڪٻئي جي وڌيڪ ويجهو آڻي، آخري ڏڪ لاءِ تيار ڪندو آهي. رڳو سنڌين ۾ ٿوري تنظيم نه پيدا ٿي پوي، ته ڪا پنهنجي فوج ناهي وجهن، ته هنن ظالمن کي قندار جي واٽ ڏيکارڻ ڏکيو نه آهي." آخوند دل ئي دل ۾ آٿسٺا ناهندي چيو.

"جيسين تنظيم جو اوسڙو ڪداسون، تيسين ترخان به ته قندار کان مڪڙن وانگر لهندا ٿا اچن. ايران سان اندروني طرح ته سنڌن به ڪاڻ ٿي پوي. سنڌ ۾ سٽيو ٽڪر ڏسي، قافلن جا قافلا ٿا روز اچن !" دادن ڏند پيڙهندي چيو.

"مون کي خبر آهي. قندار ۽ ايران بابت نواب سعيد واري ڳالهه به سچي آهي. مغل قندار هٿ ڪرڻ جا بهانا پيا ڳولين، مغلن ٽائين رڳو اها خبر پهچي ته مرزا باقي شاهه عباس

سان کڻڻا ٻيو آلسنا ڪري، تہ مغل هڪڙو ڏينهن بہ ترخانن
کي رهڻ کونہ ڏين.... ہر بيهہ، هي خط پالهين سنگهار امير
ڪوکلتاش کان هٿ ڪري موڪليو آهي، مون کي تہ ياد ڪونہ
ٻيو. آخوند صالح پنهنجي ڪنهن ماڻهوءَ کان ان خط جي
باري ۾ پڇو هو: .. !"

آخوند نورمحمد آڻي، قرآن رکي واري جاري مان قرآن
هيٺ منبر تي رکندي، جاري جي پوئين کاٽ جي تختي کي
هڪڙي پاسي سيريو تہ آن ۾ هڪ ٻيو جارو نظر اچي لڳو.
هٿ وجهي آخوند ان مان هڪ فرمان ڪڍي، دادن کي ڏنو،
۽ چمائين: "پڙهہ، متان ڪا ڪم جي ڳالهہ هجي."

دادن فرمان کولي پڙهڻ لڳو. خط قندار جي حاڪم ڏانهن
مرزا باقيءَ جو لکيل هو. ان ۾ حاڪم جي سوکڙين سان گڏ،
ايران جي بادشاهہ لاءِ بہ سوکڙين جو ذڪر هو، ۽ منجهس مغلن،
خاص طرح اڪبر لاءِ، نفرت جو دل کولي اظهار ڪيل هو.

آخوند خط پڏي، هڪدم آڻندي چيو: "دادن، هي خط
ضرور اڪبر ڏانهن پهچڻ گهرجي. تون اڄ ئي دهليءَ روانو ٿي
وڃ. کهن طرح دربار ڏانهن پهچي، شهنشاهہ کي سنڌين جي اطاعت
جو يقين ڏيار. ترخانن تي اڪبري لشکر ڪڙڪيو، تہ پوءِ
سنڌ جي آزاديءَ جو ڪو بلو ٿي پوندو!"

دادن کو جواب نہ ڏنو. هو سنڌ جي آئيندي جي خيالن
۾ محو ٿي ويو. ايترو وقت سنڌ کان ٻاهر رهيو هو، جو هن کي
اهو اندازو ٿي ڪونہ هو تہ سنڌ ۾ ڪهڙو محشر متل هو. هو
محض ترخانن کي ڪيڏ لاهہ، ۽ سنڌ کي هڪ ڏڻون دور، سانت،
سانهن ستيءَ ۽ امن جي دور ڏيڻ لاءِ، مغلن جي مدد وٺڻ لاءِ
تيار هو. سال جا سال ملتان، لاهور، دهليءَ ۽ آگري ۾ رهي
مغلن کي ترخانن جي ظلمن بابت ٻڌائيندو رهيو هو. مغل پنهنجي
کامرانيءَ جي نشي ۾ چُور، فقط همدرديءَ طور هن کي ٻہ - چار
اکر همت افزائيءَ لاءِ چوندا رهندا هئا. دادن کي خار تہ ڏاڍا

اينداسين، پر وقت جو خيال ڪري، هو ٿيڻ وڌيڪ سندن خوشامدون ڪندو هو. درٻارين کي نت نوان تحفا، ۽ نيون نيون سوڪڙيون پيش ڪندو هو. آخوند نورمحمد جا شاگرد هن لاءِ ڪتان ڪتان جا عجائب آڻي گڏ ڪندا هئا. هن کي الائي ڇو اڪبر ۾ اميد هئي ته هو سڏ لاءِ ضرور ڪجهه ڪندو. اڪبري درٻار تائين پهچڻ لاءِ هن طرح طرح جا نسخا آزمايا هئا. سوڪڙين پاڪڙين کان وٺي سڏ جي عملداريءَ جون لاڇون آڇ جي باوجود هو اڪبري تخت تائين نه پهچي سگهيو. ان راهه ۾ هن کي جيڪي تجربا ڏسڻا ۽ سهڻا پيا، تن کي ياد ڪري اڄ به هن جا وار ڪانبارجي ٿي ويا. خاص طرح هڪ واقعو اهڙو هو، جنهن هن جي زندگيءَ کي هڪ نئين موڙ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان جي ياد اينديءَ ٿي، هن جي دل الائي ڇو زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. وري آگري وڃڻ جو ٻڌي، هن جو ذهن سڀڪجهه وساري ويٺو، ۽ ٻيخيالو ٿي، هن آخوند نورمحمد کان موڪل ورتي. رستي ٿي هن کي وري اهو واقعو سربستو ياد اچڻ لڳو.

هو نئون نئون آگري ويو هو، ۽ هڪ سنڌي سوداگر جي ويس ۾، هن اڪبري درٻار تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هن ڪيترائي ڪيس، آجرڪون، لونگهون ۽ پٽ پٽيهر آن راهه ۾ نثار ڪري ڇڏيا، پر ڪتان به ڪو اميد جو ترورو نظر نه آيس، ۽ هو دلشڪسته ٿي واپس ملتان وڃڻ جو سوچڻ لڳو. آگري جي آخري سير ڪرڻ ۽ گهوڙن جي بندوبست ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي سراءِ کان ٻاهر نڪتو. آگري جي نين عمارتن ۽ محلاتن کي اچرج سان ڏسندو، پنهنجي ٿي خيالن ۾، هڪ ڇڻ ۾ گهڙي آيو هو. ڪاگهڙي ٽڪ پڇڻ لاءِ، سنگمرمر جي هڪ ڦوهاري جي ڏڪيءَ ٿي ويهي رهيو. پنهنجي سفر ۽ هن مهم جي ناڪاميءَ ٿي سوچيندي، پنهنجي خيالن جي وهڪري کي جڏ ڇڏي ڏسڻ لاءِ ڦوهاري جي ٻاڦيءَ ۾ هٽ سان لهرون پيدا ڪرڻ

لڳو. اوچتو هن پنهنجي پٺيان، ٽڪڑن ٽڪڑن قدمن جو آواز ٻڌو، ۽ پريان ڪنهن جي ڊوڙڻ جو آواز به هن جي ڪن تي پيو. ڦوهاري جي پٺيان سروَ جي وڻن جي هڪ گهاڻي قطار پريان، ڪنهن جي ٽڪڑي ٽڪڑي ساهڪ ڪٽ جو آواز اچڻ لڳو، ۽ پوءِ ڊوڙي ايندڙ قدم به اڃي اچي روڪجي ويا.

"هاڻ ٻڌاءِ، تون ڪٿي لڪندينءَ؟" ڪنهن مردڪلندي فارسيءَ ۾ چيو.

"هيبت خان، توکي رب جو واسطو آهي، منهنجي پڇر ڇڏ!" ڪنهن زناني آواز ليلائيندي چيو.

"اڄ مس مس تہ اڪهڙو ملڻ جو موقعو ملیو آهي، سو ڪيئن وڃڻ ڏيو. بس، هڪ چمي عنايت ڪر، ۽ آءٌ ڪٿي وانگر بچ لوڏيندو هليو ويندس." مردانو آواز ڪلندي چيو.

"خدا جي واسطي، شرم ڪر! ڪا ڪنهن، يا ڪو خواجہ سرا اچي ويو تہ اسان ٻنهي جي سڀسين جو خير ڪونهي!" زال ليلائيندي چيو.

مون سڀ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. هت هن وقت ڪوبہ ماڻهو ڪونہ ايندو. ڏس زيبا، آءٌ تنهنجي محبت ۾ ڪباب وانگر ٻيو ٻچان، ۽ توکي خيال ٿي ڪونهي؛ ۽ تنهن کان سواءِ هن نوروز ٿي اسان جي مڱڻي جو به اعلان ٿي ويندو!" مردانو آواز اڳيان وڌندو رهيو. ان جي وڻڻ ٿي سروَ جي هڪ وڻ ۾ سرڙاٽ ٿيو، ۽ زناني آواز ۾ هلڪي ڪيڪ ان سروَ ۾ لڪي ويئي.

"تہ پوءِ ايترو بي صبر ڇو ٿيو آهين. حضور خان دوران کان اڳواٽ ٿي ڇو نٿو سڱ گهرين؟"

"لاهور واري واقعي کان پوءِ آءٌ خان دوران ۽ خود شهنشاهہ جي نظرن ۾ اچي ويو آهيان. سو جي هن وقت سڱ گهريم تہ جواب ملندم. پر حضور بادشاهہ بيگم وعدو ڪيو آهي تہ هن نوروز ٿي شهنشاهہ کي راضي ڪري، مڱڻو ڪرائي ڇڏيندي...."

"تہ پوءِ نوروز تائين ترس.... آءٌ پڇي، کانہ ٿي وڃان. هاڻ وچ، ڏاڙهِ جي واسطي ڇڏ: جيڪڏهن ڪنهن ڏسي ورتو تہ منهنجي ۽ جان ويندي تہ تنهنجي ب ...."

"هڏ زبيا، هاڻ مون کان انتظار نٿو ٿئي. مون سمورو انتظام ڪري ڇڏيو آهي. باهر منهنجا خادم ۽ گهوڙا جهليو بيٺا آهن. ٿون مون سان گڏجي هل تہ هميشہ لاءِ خان دوران ۽ شهنشاهہ ڪان محفوظ، ڪنهن اهڙي پرڳڻي ۾ هليا هلون جتي شهنشاهہ يا خان دوران جي ماڻهن جو پاڇولو ب ڪونہ پهچي سگهندو. اڇ، جانِ من ...."

"هيبت خان، ڏس، منهنجي ويجهو ايندين تہ آءٌ وٽي رڙيون ڪنديس! ڏس ... پري ٿي.... اٿي الا ...!"

هن جي ڪيڪ هڏي، مرداني آواز ٺهڪ ڏيئي چيو:

"جيترين ڪيڪون ڪرڻيون هجنئي، سي ڪر.... محل ۾ هن وقت ڪير ٿي ڪونهي: جي آهن ب تہ منهنجا ماڻهو! اڇ تہ"

زنالي ڪيڪ وري سروَ جا وڻ ٽپي، دادن جي ڪنن ۾ پهتي. هاڻ هن‌کان ب رهيو نہ ٿيو. هو سمجهي ويو تہ غلطيءَ کان ڪنهن محل جي چمن ۾ گهڙي آيو هو، ۽ پاڻ‌کي ظاهر ڪرڻ موت کي سڏڻ هو. پر هن عورت جي ڪيڪن هن‌کي پاڻ ظاهر ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو. هو ٽپ ڏيئي آيو، ۽ سروَ جي وڻن وچان لنگهي، آتي پهتو جتان آهي آواز اڇي رهيا هئا. هڪ جامڙد مغل، هڪ نهايت حسين نازنين جي پاڻهن پويان وراڻي، ڪيس چمي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. دادن‌کي ڏسي، هن‌کان چرڪ نڪري ويو، ۽ هن چوڪريءَ‌کي چڏيندي، ترار چڪي ڪيڊي.

"ٿون ڪير آهين، مردود؟ پاڻهان ٿو تہ توکي ڪٽيءَ هٿي آندو آهي...." هيبت خان غضبناڪ آواز ۾ رڙ ڪري چيو.

"مسافر آهيان. رڙيون هڏيم تہ هليو آيس،" دادن مختصر جواب ڏنو.

"هتان هڪدم هليو وڃ، نه تہ ...."

"آءٌ پاڻهي هليو ويندس؛ پهرين تون هن کي وڃ ڏي تہ آءٌ بہ هليو ويندس،" دادن فارسي اهڙيءَ طرح ڳالهائي رهيو هو، جو مادري زبان هُيس.

"هاڻ سمجهيم زبيا، تہ تون ڇو مون کان لهرائيندي آهين! تو پنهنجي لاءِ اڳي ٿي چڪهه چونڊي رکيو آهي، ۽ سو بہ هڪ ڏاريون ...." کاوڙ کان هيبت خان سچو ڏڪڻ لڳو هو. هن ترار آڻي کنڊي چيو: "آءٌ تنهنجي هن يارکي هميشه لاءِ دوزخ جو منهن نہ ڏيکاريان تہ منهنجو نالو هيبت خان نہ آهي!" ائين چئي هن دادن تي وار کيو.

دادن ڦرٽيءَ سان هڪ پاسي هٽي ويو. هيبت خان لڳاتار هن تي وار کندو ويو، ۽ دادن هر وار خبرداريءَ سان بچائيندو پوٽي هٽندو ويو. سروَ جي وڻن مان ٽپندو، هو ڦوهاري تائين هٽي آيو. هيبت خان پنهنجا وار خالي ويندا ڏسي، جڏ ڇتو ٿي ٻيو، ۽ اڳي کان اڳرو ٽپ ڏيئي وار ڪرڻ لڳو. چوڪري ڊپ کان ٻهلي ٿي ويئي، ۽ دل ٿي دل ۾ ڪنبندي، مسافر جي جان وڃڻ جو منظر ڏسندي رهي. هيبت خان خود اڪبر جي شهزور دوستن مان هو. ٻيئي گڏجي نپنا هٿا. هن جي نيزي بازيءَ ۽ تلوار جي وار جي هاڪ سموري ملڪ ۾ ڦهليل هئي. هوءَ اهوئي سوچيندي رهي تہ هن جي ڪري، هڪ غريب مسافر جي جان قربان ٿي رهي هئي.

دادن پاڻ بچائيندي، ڦوهاري جي دڪي جي آڏ وٽي بهي رهيو. هيبت خان هن کي دڪي ۾ ڦاڙل ڏسي هڪ پرپور وار کيو. دادن وري بہ ڦرٽيءَ سان هٽي ويو. هيبت خان جي ترار ڪڙڪاٽ ڪندي، سنگمرمر جي دڪيءَ ۾ وڃي ڪٽي، ۽ دڪيءَ جا ڇوڪا چورو ٿنجي آسپاس اڏامڻ لڳا. ان مهل دادن پنهنجي ٽنگ اڳتي وڌائي، هيبت خان جي پير کي هلڪي اڙي هنئي. هيبت خان جون ٻيئي ٽنگون مٿي کڄي ويون، ۽ هو دڪي تان

آٿلي وڃي ڦوهاري جي پاڻيءَ ۾ هوت پر ڪريو. ترار سندس هٿ مان ڇڏائجي ويئي. دادن جهٽ ڏسي ترار کڻي ورتي.

هيبت خان پاڻيءَ ۾ ڪرڻ سان گهبرائجي ويو، ۽ هاڻ مسافر جي هٿ ۾ ترار ڏسي هيڪاري اوسان خطا ٿي ويس، ۽ هو ٽکرو ٽکرو ٿي، ٽمندڙ ڪپڙن سان، حوض جي ٻئي پاسي کان نڪري وڃي پڳو. هن کي اٿين پڇندو ڏسي، چوڪريءَ کي به ڪل اچي وئي، ۽ هوءَ وڏي دادن ڏانهن آئي.

دادن ڪنڌ هيٺ ڪري ترارکي غور سان ڏسندو رهيو. سون چاندي سان مڑهيل مٺي سان خوبصورت ترار هن جي هٿ ۾ عجيب ڏکڻي وجهي ڇڏي. ڪاش، سنڌين وٽ هجڻون ترارون هجن، ته ترخان کڏهوکا لنگون کلهي تي رکي قندار وڃي ساهه ڀڃين ها. چوڪريءَ جو پاڇو پنهنجي پيرن تي پوندو ڏسي، هو جڏ ڪهن خواب مان جاڳي ٻيو. هن ترار ٻنهي هٿن سان هن کي پيش ڪندي چيو: "اجازت هجي ته هيءَ خوبصورت ترار آءٌ اوهان کي پيش ڪريان. منهنجي هيءَ ڪنهن ڪم جي ڪانهي!"

نازنين غور سان هن کي ڏسندي رهي. هن جي اکين ۾ ته ڪي اڻاهه گهرايون هيون، ۽ هن مرد جي منهن تي ڪنهن عجيب دک جي ڇاپا هئي، جنهن هن جي منهن کي هڪ نئون حسن، نئين مردانگي بخشي ڇڏي هئي. زيبا ڪنهين حسين ۽ ڪپرو مغل ڏٺا هٿا، پر جيڪا پلائي هن منهن ۾ هئي سا هن ڪڏهن نه ڏٺي هئي. الائي ڇو هن جي دل چاهيو ته پنهنجي خوبصورت هٿن سان ان منهن تي ڪراڙي پائي، ان دک جي ڇاپا کي هٽائي ڇڏي. ۽ اهي خيال پاڻ تائين رکندي هن چيو: "ترارون مڙس کي سونهن! ۽ هيءَ ترار ته هيڪاري توکي وڌيڪ سونهندي، مسافر!"

"ترار پاڻ وٽ رکي، سڄي مغل لشکرکي پاڻ ٿي ٻر ڪرڻ کونه ٿو چاهيان. آءٌ سيلاڻي مالهو آهيان، موں کي ترار

سان کڻڻو کم. ڇڏو، آڻون هلان ٿو،" هن وڃڻ لاءِ وک کڻندي چيو.

چوڪريءَ هن کي ويندو ڏسي، کڻي پاڻهنجي کان جهليس. "مسافر، تو مون ٿي ايڏو احسان ڪيو آهي؛ ٻڌاءِ ته آءٌ تو کي آن جو کهڻو انعام ڏيان...."

دادن هن ڏانهن نهاريو. مغل حُسن ۽ هندي آميزش جو هيءَ شاهڪار پاڻ ٿي هڪ وڏو انعام هو. ڪنڌيون اکيون، گلاب جي پنکڙين جهڙا سنها چپ ۽ هيءَ اڇلون ڪائيندڙ چاتي! پر عورت جو تصور به هن جي خيالن کان ڪوهين ڏور هو. هن ڪٿي چيو "احسان انعام لاءِ ڪيو وڃي ته اهو احسان ڪيئن ٿيو؟ تنهن کان سواءِ مون اوهان تي ڪوبه احسان نه ڪيو آهي. پاڻ ڏوهاري آءٌ آهيان جو هڪ عام باغ سمجهي آءٌ اوهان جي محل جي چمن ۽ کهڙي پيو آهيان!"

"نه نه، تنهنجو کهڻو ڏوهه؟ دروازي ٿي پهريدار به ته ڪونه هو. اڄ شهزادي جي سالگره جي جشن ۽ سڀ ڪنهڙون ۽ پهريدار به وڃا آهن...

"مون کي اتي هيبت خان سان ملڻ جو ڏپ هو، ان ڪري نه ويس. مون کي اتي نه ڏسي، هت هليو آيو."

دادن ڪجهه سوچيندي چيو: "جيڪڏهن پڇڻ ۾ نه لڳي ته پلائي ڪري اهو ٻڌاءِ ته اوهين ڪير آهيو، ۽ هي محل ڪنهن جو آهي؟"

"آءٌ زيبا خانم آهيان. حضور خان دوران نواب مجاهد خان جي ڌڻ جي ڌيءَ، هي محل حضور جن مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي بخشي ڇڏيو آهي...."

دادن ڪجهه سوچ ۾ پئجي ويو. خان دوران مجاهد خان جي ڌيءَ ـــ اهو مجاهد خان، جو اڪبر جي ساڃي پاڻهن چيو وڃي ٿو، جنهن جي ڪالهه تاڻ خود شهنشاهه کي ڏکي لڳندي آهي.

"اجنبي، تون چا پيو سوچيءَ؟" زيبا جي آواز ۽ ميٺاڻ اوتجي آهو.

"توهان مون کي انعام جي آڇ ڪئي آهي: مون کي ڪهڙن انعام اڪرام جي خواهش ڪانهي، پر توهين مون تي به ڪ احسان ڪري سگهو ٿيون!"

زيبا خوشيءَ کان ٽڙي پئي، ۽ هن دل ئي دل ۾ چيو: "اجنبي، الائي ڇو، تون مون کي ڏاڍو وڻي ويو آهين. تون جيڪڏهن چاهين ته منهنجي جان به حاضر آهي؟" پر هن ڏاڍيان چيو: "جيڪي چوندين، سو ٿيندو...."

"حضور خان دوران سان هڪ ملاقات!"

"بس؟" هن حيرت مان چيو، ۽ پوءِ ڪجهه سوچيندي چيائين: "پر ڇا جي لاءِ؟"

"ائين ئي.... مون ٻڌو آهي هن جي سيني اندر هڪ انسان جي دل ئي ڌڙڪي، جنهن ۾ انسان لاءِ پيار ۽ ظالمن لاءِ نفرت جا خزانا آهن. اهڙي انسان سان ملڻ خوش نصيبي آهي!" هن پنهنجي اصل مقصد کي زال ذات کان لڪائڻ ئي مصلحت سمجهي.

"پر تون آهين ڪير....؟ ڪيڏن ۽ ڪٿي مان ته تون ڪهڙن دور ديس جو ماڻهو ٿو لڳين. مسافر، مون تي پروسو ڪر ته آءٌ به توتي پروسو ڪرڻ لڳان!" هن دادن جي اکين ۾ نهاريندي چيو. انهن اکين ۾ هاڻ ڪنهين گهاڻيون پاسا وراڻي رهيون هيون.

"مون تي پروسو ڪرڻ مان مطلب....؟" هن پڇيو.

"حضور خان دوران جا ڪيترائي دشمن آهن...." ۽ پوءِ هن آهستي چيو:

"شاهي درٻارن ۾ حسدکان ڪوبه ماڻهو بچيل نه آهي. آءٌ نٽي چاهيان ته بنان پڇاڪاڇا جي، ۽ اڳواٽ معلومات جي آءٌ حضور جن سان گهاڻهه چوريان. تون مون‌کي پنهنجي متعلق ٻڌاءِ." زيبا هن‌کي لڳاتار جاچيندي، دل من هٺندي چيو.

دادن به ڪنهن اونهي خيال ۾ سمائجي ويو. خيال جي سونهن هن جي لفظن ۾ اوتجي آئي: "آءٌ ان ديس کان آيو آهيان، جتي هڪ سونو درياءُ ٿو وهي، جنهن جا ڪيت سون آپائين ٿا، جتي جا ماڻهو پاڻ ۾ پيار ۽ قرب وندڻ کان سواءِ، جانورن— ڏڪين، مينهن، گهوڙن ۽ آڻ کي پائين ٿا، چاڪاڻ ته پيار ۽ محبت کان سواءِ هنن کي ٻئي ڪنهن جذبي جي خبر ئي ڪانهي. اهي محبتي، سپاجها ماڻهو هينئر قندارکان آيل ترخانن ۽ ارغونن جي غلاميءَ ۾، محبت کان وانجها ٿيندا وڃن، نفرت سکندا وڃن، هنن کڏهن به اهو نه سوچيو هو ته انسان ٻئي انسان تي ظلم به ڪري سگهي ٿو. پر ارغونن ۽ ترخانن هنن اڳيان ڪجهه اهڙا مثال قائم ڪيا آهن، جيڪي آئيندي هلي شايد هنن کي به آزمائڻا پون. آءٌ چاهيان ٿو ته ان کان اڳ آءٌ مغل سلطنت جي ضمير کي جهنجوڑي جاڳاڻان، ۽ کين ان تي آماده ڪريان ته هو منهنجي ديس جي ماڻهن کي، غلاميءَ جو ڪٻٽ ڪڍيءَ مان لاهي ڦٽو ڪرڻ ۾ مدد ڪن...."

هو جذبات جي انهيءَ ڌارا ۾ ائين وهي لڳو، جڏهن جي اڳيان هڪ زائفان بدران سموري انسانذات موجود هئي، جنهن کان هو سڏ لاه مدد گهرڻ آيو هو. سڏ جو نالو، سڏ جا ڪيت ۽ سڏ جا وڻ ٽڻ ياد ڪري، هن جي اکين ۾ هڪ نئين جوت جاڳي آئي هئي، ۽ ان جوت مان ان لکا لڙڪ ليڀا پائڻ تي هئا.

زيبا هن رُخ لاه بلڪل تيار نه هئي. اجنبيءَ جو آواز هن تي ڪابه ڪندو هن کي پنڌ پهڻ ٻڌائيندو ويو، ۽ هوءَ اها دعا گهرندي رهي ته خدا ڪري هو پنهنجي ڪهاڻي ائين بيان ڪندو رهي، ۽ هوءَ هن کي ائين ڏسندي ٻڌندي رهي، ۽ ائين رات پٺجي وڃي؛ ۽ پوءِ هوءَ هن ٽڪل دڪي مسافر کي سجابل سيج تي ويهاري، پاڻ سندس پيراندي ڪان ويهي، ڪمس پنهنجي ڪنهن درد جون حڪايتون ٻڌائڻ لڳي: هوءَ حڪايتون ٻڌائيندي

رهي، ۽ هو اهي حڪايتون ٻڌندو رهي— ۽ ائين سموري زندگي گذري وڃي. هر درد جي حڪايت بند ٿي ويئي، ۽ هن ڏنو ته اجنبيءَ جي اکين ۾ دڪ جا پاڇولا وڌيڪ گهرا ٿي ويا هئا.

"ڪٿي آهي محبتي ماڻهن جو اهو ديس؟" هن مرڪندي پڇيو

"دور، آسمانن جي هڪ پار .... ۽ اڄ جو نالو آهي سڏ!" دادن به مرڪ جو جواب مرڪ سان ڏنو.

"۽ ان ديس جا ماڻهو، تون ڇٽين ٿو ته محبت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ڄاڻن؟ مون اتان جو هڪڙو ئي ماڻهو ڏٺو آهي، ان کي الائي محبت جي ڪيتري خبر آهي...." هن جي ڇڻن ٿي هڪ شوخ ۽ چنچل مرڪ ڦهلجي ويئي.

"ظلم خلاف وڙهندي، هن کي به سيکڻ، وسري ويو آهي ..." دادن جواب ڏنو.

زيبا هن اجنبيءَ جي منهن ٿي ڏڪ جا پاڇولا وري ڏسڻ ٿي گهريا، ان ڪري هن شوخي ڇڏي چيو: "آڃ اڄ رات ٿي حضور سان گالهه ڇيڙيندس. تون سڀاڻي صبح جو مون کي وري هت ملج .... چوبدار توکي ڪونه روڪيندا!"

دادن هن ڏانهن نهاريو. زيبا جي اکين ۾ هڪ نئين گهرائي ٻي ويئي هئي، ۽ دادن کي اهي اکيون ڏاڍيون پياريون لڳيون. ن جي دل ۾ اها آرزو جاڳڻ لڳي ته هو انهن اکين کي هٿ لائي، چمي ڏسي، انهن گهرائين کي محسوس ڪري سگهي.

اوچتو پريان ٽن- چئن ماڻهن جي ٻوڑڻ جو آواز ٻڌي، ٻهي ڪنڊ ورائي نهاريو. هيبت خان ٻهنجن ٽن ماڻهن سان هنن ڏانهن وڌندو ٿي آيو. زيبا خالم گهبرائجي ويئي، ۽ هن ٽڪر مان دادن جي پاڻهن ۾ هٿ وجهندي چيو: "آڃ هنن کي روڪڻ جي ڪوشش ٿي ڪريان. تون ڪنهن طرح ڪسڪي وڃ جي ڪوشش ڪر!" هوءَ سڄي ٽڙڪي رهي هئي، ۽ هن جو آواز گهرو ٿي ويو هو.

الائي ڇو دادن هن کي ڪاهن ۽ ٻانهن وجهندي ڏيو :
"خانم، منهنجي ڳٽتي نه ڪر. تون منهنجي اکيان هجين ته مون
کي هيبت خان جي سموري لشکر جي به پرواه ڪانهي."
"پر تون وڙهي ڪيئن سگهندين ؟ هي اول درجي جا ظالم
آهن !" هن اڃا جملو پورو مس ڪيو ته هيبت خان جي رڙ ڪن
ٿي پيس : "گرفتار ڪريو هن ڪيڏي کي !"
هيبت خان پاڻ ٽورو پريرو بهي رهيو، ۽ هن جا همراهه
ترارهون ڪڍي، هن ڏانهن وڌيا. دادن ڇڻ ٽوڪ ڪندي ڇيو:
"هيبت خان، مڙس مڙس جو مٽ آهي. تون مقابلو ڪرڻ ها ته
ڪا گالهه به هئي. هي پاڙي جا خچر ڇو وٺي آيو آهين ؟"
زيباکي ٽورو پوٺتي هٽائي دادن اکيان وڌي آيو، ۽ ٻنهي
هٿن سان ترار هن جي همراهن کي اهڙي طرح آڇي، جڏهن هو
گرفتاري٭ لاه پاڻ کي پيش ڪري رهيو هو. زيبا حيرت ۽ ڏپ
کان هن کي ڏسندي رهي. ٽيئي مغل، هن کي پيش پوندو ڏسي،
هيبت خان ڏانهن ڏسڻ لڳا. هيبت خان وري به واکو ڪري
ڇيو : "هن کي ڇوڪيو هڏي، پاڻ سان وٺي هلو. هن کي سزا
اسين پاڻ ڏينداسون !"
ٽنهي مغلن ترارهون ميائين ۽ وڇي ڇڏيون، ۽ هن کي
ٻانهن کان وٺ لاه اڇتي وڌيا. هڪڙي هڪڙي٭ ٻانهن ڏانهن هٽ
وڌايو، ٻئي ٻي٭ ٻانهن ڏانهن. عين ان گهڙي٭، هن ترار سان هٽ
ڪيڏي ڇڏيا، ۽ هٽ آپا ڪري، مغلن ڏانهن وڌايا. ٻنهي مغلن
جون ڪڇيون هن جي هٿن ۽ اڇي ويون، ۽ هن کاهن کي
جهٽڪو ڏيئي، ٻنهي هٿن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيو.
ٻنهي مغلن جا منا ابتر زور سان ٽڪرايا، جو ٻنهي جي اکين
۽ ڏند چانڊجي ويو. ٻنهي جي ٻکي دانهن باغ جي وٺن ۽ پڑاڏا
وڇي ڇڏيا. مغل بي سڌ ٿي، اتي ٿي ڪيري پيا. ٽيون مغل
سمجهي نه سگهيو ته اهو ڇا ٿيو. هو ڪجهه سوچي تنهن کان
اڳ دادن ٻيئي هٽ ڪٽي هڪربندهه وڌس، ۽ ڪنهن ٻکري٭

جي ڦر وانگر ڪڏي مٿي ڪنيائين. مغل هن جي مٿان چڙهون هٿ لڳو. دادن هن کي هٿن ۾ ٿي لاٿون۽ وارو ڦيرو ڏيڻي ، ڪڏي هيبت خان ڏانهن آڇلايو . هيبت خان گهٽو ڏي پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مغل مٿس چپ وانگر اچي ڪيريو. هيبت خان به ٽاڙجي پٽن پر وڃي ڦهڪو ڪيو . مغل به گهرو مڙس هو ، تنهن جي زور سان مٿان اچي ڪيرڻ سان. هيبت خان جي ڪياڙي۽ ۾ ايڏو زوردار ڏڪ لڳو جو هن جي اکين ۾ ڪاڙها پيلا تروڙا چانڊجي ويا. دادن نڙي ترار ڪڍي ورتي، ۽ آهستگي۽ سان وڌي، هنن ٽائين آيو. ترار جي چهنب هيبت خان جي نڙي۽ تي رکندي چيو: "هيبت خان، مون کي ڪنهن انسان جي خون وهائڻ کان سخت چڙ آهي. پر جي وري تو کا ٻارائي حرڪت ڪئي آهي ، تہ هي۽ ترار تنهنجي نڙ گهٽ جي پار هوندي .... ائو ، نڪرو هتان.... آڃ وري اوهان جي بچڙي شڪل هت نہ ڏسان !" دادن ائين ڪالهائي رهيو هو جو اڃا ٽائين هن کي ڪاوڙ نہ آئي هئي.

زبا اچرج مان اهو سڀ ڪجهه ڏسندي رهي. هن کي پنهنجي اکين تي اعتبار نہ پئي آيو. جنهن نموني هن مغل کي مٿي ڪنهو هو، ان مان ائين ٿي پاڻيو ، جو هن لاء اها تہ کا ٻارائي ڪالهه هئي. هن مغل درٻار جي اکثر پهلوانن ۽ وڙهاڪ جوڌن جوانن کي ڏٺو هو ، پر ايتري اطمينان سان وڙهندو هن کنهن کي به کونہ ڏٺو هو. جڏهن دادن ولس موٽي آيو، تڏهن هن جي اکين ۾ هن لاء هڪ نئون پيار پرجي آيو. هن جي دل چاهيو تہ هوء انهن مظبوط ٻانهن ۾ سمائجي وڃي، پر حيا هن کي روکي وڌو: خبر نہ آهي اجنبي ڇا سمجهي !

"جيڪڏهن تنهنجي ديس جا سڀ ماڻهو تو جهڙا آهن تہ پوءِ تہ مغل شهنشاهت به ان کي غلام نٿي بنائي سگهي ، اي عجيب مسافر !" هن چوڻ چاهيو، پر چئي نہ سگهي؛ ۽ هن جي اکين ۾ ڪجهه گولهندي رهي . دادن کنهن عورت جي اکين ۾ نهارڻ سکيو ئي کونہ هو . الائي چو هن کي پنهنجو وجود

هاکو ٿي، تحليل ٿيندو محسوس ٿيو. هن کي چيو: "خدا جي واسطي، پنهنجي انهن اکين کي جهل، نه ته آءٌ بي سڌ ٿي ڪري پوندس!"

زيبا به کلي ڏنو. هيبت خان کي جيئڻ مليو ته ڪڙو ڪڙو ٻاهر نڪري ويو. زيبا هن سان گڏجي دروازي تائين آئي، ۽ چيائين: "اجنبي، آءٌ صبح جو ناشتي تي تنهنجو انتظار ڪنديس. منهنجي ڪنيز توکي پاڻهي وٽي ايندي. صبح جو آءٌ ... حضور خان دوران سان ملاقات جو بڻ ٻڌائيندس ...."

"جو حڪم ...." دادن چيو.

"پنهنجو خيال رکجان .... هيبت خان ڏاڍو ڏنگو ماڻهو آهي،" زيبا ويندي ويندي جڻ ڪنس ياد ڏيارينديءَ چيو.

دادن ڪافي اڳتي نڪري اچي ڪان ٻوءِ، وري ٻوٽتي نهاريو. هوءَ اڃا تائين درواري ڏي ٻيٽي هئي. هن کي نهارينديءَ ڏسي زيبا جو هٿ مٿي ڪجي ويو. الائي ڇو، دادن کي پنهنجو هٿ به مٿي ڪڇندو محسوس ٿيو، ۽ جواب ۾ هٿ لوڏيندي، هن وري پنهنجي واٽ ورتي. هو الاڻي ڪيترو وقت بي مقصد ۽ اڃايو هيڏانهن هوڏانهن گهمندو رلندو رهيو. هن کي پنهنجي من ۾ هڪ عجيب بي آرامي محسوس ٿي رهي هئي. هن کي ڪڏهن به اهڙو احساس پيدا نه ٿيو هو، ۽ هو سوچڻ لڳو ڇا نصن ڪهائين وانگر آءٌ به نازنين کي پنهنجي دل ڏيئي ويٺو آهيان؟ پر هن لاه نه ٻيار ۽ پريت جو سوال ٿي ڪونه ٿي پيدا ٿيو. هن جي محبت ته فقط هڪڙي ٿي هئي: سڏ .... سڏ! هن کي ٻئي ڪنهن هستيءَ سان محبت ڪرڻ لاه نه فرصت هئي، نه دل! جيسين سڏ آزاد نه ٿي هئي، تيسين هن جو تن من دل درج ٻئي ڪنهن ساهي لڙڻ لاه تيار ٿي نه هئا!

سراه ۾ پهچي هن ماني ڳهرائي ڪاڌي. سراء جو مالڪ هن کي اڃا اڳي ڏسي حيران ٿي ويو. هو صبح لاڪون غائب هو، ۽ هن چيو هو ته هو اڄ ٿي سڏ موڪي ويندو. ماني

کائي، هو پنهنجي ڪوڙيءَ ڏانهن موٽي آيو. الائي ڇو هن کي ڪو خيال آيو ، ۽ هن بستري تي وهاڙو رکي ، مٿان اجرڪ وڇائي ڇڏي. پاڻ ڏيو وڃائي، سچو ڪيس ۽ ويڙهجي، هڪ ڪنڊ ۾ ٿي ماري ويهي رهيو. هن جي دل ۽ رکي رکي زيبا، پنهنجي ساورين رعنائين سان لهي ٿي آئي ، ۽ هن انهن ٿي پانيو جن کا پراڻي وسريل گاله هن کي ياد اچڻ لڳي هئي. اهو احساس ايترو نئون ۽ دل لبائيندڙ هو، جو هن ان کي وساڙڻ بہ نٿي گهريو. هن اکيون بند ڪري، پنهنجي ساوري جسم ۽ ان احساس کي ڏوڙائڻ ٿي گهريو .

ڪجھ وقت انهين زيبا جي خيالن سان دل وندرائيندي، هن در ڀڃان آهٽ ٻڌي. هو اٿي بيهي رهيو. ايترو وقت اوندهه ۽ ونهڻ ڪري هن جون اکيون اوندهه جون عادي ٿي وڃون هيون. هن ڏٺو ته هڪ شخص هوريان هوريان ، پير پير ۽ پاڻي وڌندو آيو. اوچتو ان شخص پنهنجو هٿ متي ڪنيو. هڪ سنهي آبدار خنجر جو ڦر اوندهه ۽ ڪهڙيءَ لاه چمڪيو، ۽ هٿ ٿي رکيل وهاڻي ۽ ڪٽي وڃو. عين ان ڪهڙيءَ، پين ٿي هلندي، دادن هڪڙي هٿ سان ڪٽي ڪڇيءَ کان جهليو، ۽ ٻيو هٿ ڪٽي سندس وات ٿي ڏنائين . ان اوچتي حملي تي هن ماڻهوءَ جا اوسان خطا ٿي ويا. خنجر کي آٿي ٿي چڏي، هن پنهنجو وات ڇڏائڻ لاه ٻيٽي هٿ دادن جي ٻانهن ۽ وڃي زور لائڻ شروع ڪيا. پر جڏن ٻوه ٽئن دادن جو ڪڇيءَ وارو هٿ وڏيڪ پيڙجندو ويو، ۽ هن ماڻهوءَ جون بچاءَ جون ڪوششون هري هري ٿي ويون ٽيندڙيون ٿيون. جڏهن دادن سندس جسم پنهنجن هٿن ۽ لڙڪندو محسوس ڪيو، تڏهن هن کي پنهنجي بستري تي ليٽائي چڏيائين بستري هيٺان رسو ڪڍي، ڪيس چوڪيو ٻڌي ، سندس وات تي ڪپڙو ٻڌي هن کي هڪڙيءَ ڪنڊ ۽ چڏي ڏنائين؛ ۽ پاڻ هٿ ٺاهي ٻالم ٿي سمهي رهيو .

پرهه جو سوير ٿي هن جي اک کلي. هن پنهنجي ڪوڙي

ٿي نظر وجهندي، پنهنجي فيديءَ کي ڏٺو. فيدي جاڳي رهيو هو، ۽ حيرت ۽ ڊپ مان هن طرف ڏسڻ لڳو. هن کي ڇڻ اها پڪ هئي، ته اٽڪ شرط دادن کيس هميشه لاءِ پورو ڪري ڇڏيندو. دادن اوهاسيون ڏيندي آٿيو، ۽ خنجر ڪڍي پنهنجي فيديءَ ڏانهن وڌيو. فيديءَ جي بدن ۾ ٽڙڪڻي اچي ويئي، ۽ بندبل وات مان گهگهي آواز سان هن کي خدا ۽ رسول جا واسطا وجهڻ لڳو. دادن مرڪندو، هن جي ويجهو پهتو، ۽ نوڙي ڪپيندي، کيس آزاد ڪندي چيائين: "مون اڄا ڪنهن مغل جي جان وٺڻ تي ڪونه سوچيو آهي. ان ڪري توکي جهٽدان ٿو ڏيان. هيبتخان کي منهنجا سلام ڏج. پر وري جي مون توکي ڪڏهن پنهنجي سامهون ڏٺو ته ڪونه بخشيندوسانءَ! هاڻ ڏر هتان، متان منهنجو ارادو نه بدلجي وڃي!"

فيدي حيرت مان هن کي گهوريندو رهيو، ۽ ڪاڪهڙي پنهنجيءَ جاه تان چريو ٻ ڪونه. دادن ڪلي ڇڏيو: "توکي پنهنجي بڇڻ جي اڄا پڪ ڪانهي. ٻر ميان ڏر منهنجي منهن تان: ڇا ياد ڪندين ته ڪنهن سنڊي سوڊي سان ڪم پيو هوا!"

فيدي اچرج مان هن ڏانهن ڏسندو، ٻوٽي هٽندو، ٿوهه پائي دروازي مان نڪري ويو.

سج چڙهيو ته دادن ٻ تيار ٿي، سراه جي مالڪ ڪان گهوڙو هٽ ڪري، زيبا جي محلات ڏانهن روانو ٿيو. محل جي دروازي تي هڪ پهريدار اچي سندس گهوڙي جي واڳ جهلي. گهوڙي تان لهي، هو ٻئي پهريدار سان گڏ اندر داخل ٿيو. ڪجهه پنڌ اڳيان هلڻ کان پوءِ، پهريدار ادب سان کيس اڳتي هلڻ جو اشارو ڪري، پاڻ اتي ٿي بيهي رهيو. وات ويندي ٻني طرفن کان تازن ڪڙيل گلن جي خوشبوءِ تي سوچيندي، هو محل جي ڏيڏيءَ تائين پهتو. هڪ ٻانهي آڏي اڳي ٿي موجود هئي، تنهن تقريباً سجدو ڪندي چيو: "خانم، اوهان جي منتظر آهي!"

ٻانهيءَ سان گڏجي هو محل اندر داخل ٿيو. محل جي

رنگ روپ هن جي اکين کي کيرو ڪري ڇڏيو. ٿوري ٿوري پوءِ ٿي، آڇي، گاڙهي ۽ قرمزي پٽ جا تخت، درڪا ۽ چبوترا ٺهيل هئا، جن جي مٿان بيحد سهڻا بٽ ۽ مجسما ٺهيل هئا، هر بت کي نه کو ساز وڄائي، گيت سنگيت جي دنيا ۽ مگن هو. انهن بتن کي ڏسندو، فن ۽ هنر جي هن سمندر ميلاپ ٿي واه واه ڪندو، اندر داخل ٿيو. اندرئين حصي کي ڏسي، هن کي مغلن جي دولت جي افسانن ٿي يقين اچي ويو. جنهن ڪمري ۾ هن پير رکيو، ان جي چائٽ ڪان ٿي هڪ ٽلهو قالين پٽڻيل هو، جنهن تي هلڻ سان هن جي جتي اندر هلي ٿي ويئي. چت ۾ ٽنگيل فانوسن ۾ گاڙها، ساوا، پيلا بلوري ٽڪا موتي لڙڪي جهرمر جهرمر لاءِ ٻيٽا هئا. ڪمري جي پوري وچ ٿي هڪ گول ميز رکيل هئي، جنهن تي طرح طرح جا ميوا سجايل هئا. ناريان ڪان وڏي انگورن ٽائين، ميون جي مختلف رنگن جڙ فانوسن جي مٽين کي به شهه ڏيئي ڇڏي هئي. اها ميز ٿي ايڏي وڏي هئي جو ويهه - پنجويهه ماڻهو ٻيهي ڪائي ٿي سگهيا. ان ميز جي پٺيان هڪ اوچي ڏکي تي هڪ نهايت سهڻو غاليچو وڇايل هو، ۽ چئني طرف ريشمي جهالرن سان طول وهاٽا رکيل هئا. سامهون ديوار تي شيشن جي سيسي ڪٽل هئي، ۽ ان جي پٺي پاسن ڪان سونن روپن گهنن سان تزارون، ڪاترون، خنجر ۽ ڪرپان ٽنگيل هئا. دادن انهن کي ڏسڻ ۾ محو هو ته هانهيءَ ڪيس ويهن جو اشارو ڪندي چيو: "اوهين ويهو ته آءٌ خانم کي جاڻ ڪري ٿي اچان." ائين چئي هوءَ ان ڪمري مان ڪلندڙ هڪ ننڍي دروازي مان اندر هلي ويئي.

دادن هڪ ڪنڊ ڪان ان ڏکي تي ويهي رهيو. ڏکو ڪنهن پٽ يا ڪاٺ بدران شايد سڄو ٿي مخمل مان ٺهيل ٿي ڏٺو. مغلن جي هن شان، آرام ۽ عيش جي دنيا ۾ هو اڻوڪر ٿي ويو جو هن کي زيبا جي اچڻ جي به خبر نه پيئي. زيبا، هن کي ائين خيالن ۾ گم، ڪا گهڙي ڏسندي رهي. هن پرديسي

مسافر جي کاڏي متي ڪٿي، سندس اکين ۾ نهارينديءَ، منجهن پنهنجي لاءِ ڪا جاءِ ڳولڻ لاءِ هن جي دل ماندي ٿيڻ لڳي. ڪيترو نه معصوم هو هي انسان! هن سوچيو. مغلن جي دنيا ۾ هن جو وجود ائين هو، جڏ هزار گناهن جي هجوم ۾ هڪ پاڪ-زگي، هزار پاپن ۾ هڪ پُڃ! هن جي دل چاهيو ته هوءَ هن کي ائين خيالن ۾ محو، پنهنجي ٿي س ۾ جهاتيون پائيندو ڏسندي رهي، ائين هن کي پنهنجي سامهون پنهنجي دکي دنيا کي بدلائڻ جا آئسٿا ناهيندي ڏسندي رهي، ائين ٿي ڏينهن گذري وڃن، ائين ٿي جڳن جا جڳ لنگهي وڃن! هوءَ ان آس کي گهٽو وقت لکائي نه سگهي، ۽ هن کان هڪ ٽڏو ساهه نڪري ويو. دادن جڏ ننڊ مان جاڳي ٻيو، ۽ هن ڏانهن ڏسي فقط اٿرو چئي سگهيو: "اوه .... تون!"

اڄ زيبا جي اکين ۾ ڪالهوڪو دپ ۽ پوءُ نه هو. ان جي بدران هڪ اڻڄاڻ ڪيفيت هئي، جا آجايل جي اکين ۾ پاڻي ڏسڻ سان پيدا ٿيندي آهي، ڪٿي پاڻيءَ بدران رڄ ٿي چو نه هجي، جنهن ۾ آڄ جي احساس سان گڏ، آڄ اجهاڻ جي آس به شامل هوندي آهي. انهن ننڍاکڙين اکڙين جي اها ڪيفيت ڏسي دادن جي دل ڪي به جهوري اچي وئي، ۽ هن سوچيو: ڪاش، آءٌ انهن اکين جي ان ڪيفيت کي سدائين ڏسندو رهان. هن کي پاڻ ڏانهن ائين نهارينڏو ڏسي زيبا جي اکين ۾ هڪ نئون رنگ اچي وئو، ۽ ان رنگ هن جي پنڌين جي ڇانوَ ۾ سندس ڳلن تي ڪٿين نوان سڄ آياري ڇڏيا، ۽ هوءَ ٻيو ڪجهه نه ڏسي، پنهنجي هڪڙي آگر وات ۾ وجهي، مرڪ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

"اڙي اوهين آئي ڇو ٻيٽا آهيو؟" زيبا مرڪ تي ضابطو نه رکي سگهي. دادن وري ويهي رهيو. زيباکي وري کا ڳالهه ياد اچي ويئي، ۽ هن پڇيو: "رات ته خير سان گذي نه؟"

دادن جي ڇپن تي به مرڪ کيڏڻ لڳي، ۽ هن چيو:

"هيبت‌خان پنهنجي هڪ پنڌاري ٽڳ کي موڪليو هو. پر ٽڳ به
کو وڏو اوجاڳابل هو. منهنجي ڪوڙيءَ جي ڪنڌ ۽ سڄي رات
سمهي ننڊون ڪري، صبح جو ڪورنش ڪري روانو ٿي ويو!"

"اوهان کي ڪيل سڃهي آهي: مون کي اونَ ڪان حرام
جو سڄي رات ننڊ آئي هجي." زيبا جي اکين ۽ اونَ اوتجي آئي.
"آءٌ اوهان جي اون جا ٿورا ڪيئن لاهي سگهندس؟"
هن مرڪي چيو. ڪجهه گهڙين کان پوءِ وري چيائين: "پلا
منهنجي لاءِ چا حڪم آهي؟"

زيبا جي اکين ۽ شڪايت پرجي آئي، جڏ چوندي هجي:
"پرديسي، مون سمجهيو ته تنهنجن خيالن تي آءٌ قبضو ڪري
چڪي آهيان. پر تنهنجي من ۽ ته اڃا ٻائين تنهنجو ديس ٻيو
وسي!" پر ڏاڍيان چيائين: "مون حضورجن سان گهاڻه چوري
ڪئي. هتن اوهان کي ظلِ الاهيءَ جي حضور ۽ پيش ڪرڻ جو
وعدو ڪيو آهي. هن وقت به شاهي قلعي ۽ اوهان جي انتظار
۽ آهن."

"سچ؟....اوه، آءٌ اوهان جا احسان ڪيئن لاهي سگهندس،"
ادن کي ان‌گهاڻه جو يقين ئي نٿي آيو. هن جي ذهن تي سڏ،
سڏ جي سڃاڻپ ڏرڻي، ۽ سندس سڃاڻڻ ديس‌واسين تي ترخاڻن
جا اڪهڙ ظلم تري آيا. زيبا هن جي اکين ۽ ورئ ڏک جي
پاڇولن کي ڏسي منجهي پيئي، ۽ هن رڳو ان مونجهه، لاهڻ لاءِ
چيو: "اوهين دکي نه ٿيو. اوهان کي دکي ڏسي، مون کي الائي
چا ٿو ٿئي!" چوڻ کي ته هو چئي ويئي، پر سندس منهن حياءَ
۽ حجاب کان گاڙهو ٿي ويو. دادن پنهنجي دک جي هن نئين
پائيوار کي ڏسندي، سوچڻ لڳو ته هن اڃا ته رڳو منهنجي دک
جون ريکائون ڏٺيون آهن. جيڪي ڪجهه منهنجي دل دماغ تي
۽ پين سڏن جي من تي وهي واءُري رهيو آهي، ان کي ڏسي
ته هن جو الائي ڪهڙو حال ٿئي ها. هن آڻندي چيو: "آءٌ سڏن
خدمت ۽ حاضر ٿيڻ لاءِ تيار آهيان!"

لڳو. سپاهي ڇڻ هن نئين هٿيار جي پوڪان وسامجي ويا. لڙهي ج ٿڪ جيتوڻيڪ ايترو موٽمار ڪونه هو، تڏهن به هر سپاهي ان ، بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. چاڪاڻ ته ان جي چپيٽ ۾ اچڻ ڪري، گهوڙن جي منجهن ۾ چڇرجي مرڻ جو خطرو هو.

گهوڙن جي هٽڪارن، سپاهين جي رڙين ۽ هل هنگامي ٿي ڪيترا ماڻهو ٻڌندا ٿي آيا، ۽ هو هن اڪيلي مڙس کي اچرن سارن مغلن سان منهن ڏيندو ڏسي دل ئي دل ۾ واه واه ڪندا رهيا. ۽ وري به سپاهين جي گهٽائي، ۽ گهوڙي جي ڇڪر کائي ڪري پوڻ جي ڊپ دادن کي سوچڻ ٿي مجبور ڪري وڌو. هن جي بانهن ۾ ڏڪڻي لڙهي جي ڇڪ ۽ دهاڪان سائي ٿيندي ٿي ويئي. جڏهن هن گهيري کي وري سوڙهو ٿيندي ڏٺو، تڏهن هن وري گهوڙي کي اڙي هٽي گهرن ڏانهن موڙيو. هن جي لڙهي جي ڊپ کان اڳيان سپاهي پاڻيهي هٽي ويا، ۽ تکو تکو گهوڙي کي اڙيون هٽدو گهرن ڏانهن رخ ڪائين. سپاهي به سنڌس کي لڳا آيا. جڏهن هو پهرئين گهر جي ويجهو پهتو، تڏهن لڙهو سڌو ڪري، زمين ۾ ڪپائڻ وانگيان هيٺ زور ڏيندي، هن لغام مان هٿ کڌي چڏيو، ۽ رڪابن مان پير کڌي چڏيا. لڙهي جو هڪڙو چٻڙ، جڻ زمين ۾ انگاس وانگر آپوڪپي ويو، ۽ ان جي ٿي چڙي ٿي پنهي هٿن جي زور ٿي دادن چنڙيل هو. گهوڙو ن جي ٽنگن وچان نڪري ويو. سپاهي اچرج ۽ حيراني ۾ هن ازوليء ۽ بازيگريء کي ڏسندا رهجي ويا. اڪ چنپ ۾ دادن لڙهي جي چڙي تان هڪ گهر جي ڪڌ ٿي ٽپو ڏيو. لڙهو اندر سپاهين جي وچ ۾ ڪيري پيو، ۽ دادن هڪ ڪڌ کان ٻيو ڪڌ ٽپي، چئون ٽپندو سپاهين جي اکين اڳيان اوجهل ٿي ويو.

هڪڙي ڪڌ ٿي ساهه پٽيندي، هن پنهنجي چوڌاري نهاريو. سپاهين ۽ ماڻهن جو هل هنگامو ٽيٽن ٻوه ٽهڻ جهڪو ٽيندو ويو. ڪڌن جي سڌيء قطار ٿي هلندو، هو آخري ڪڌ ٿي پهچي بيهي رهيو. ساڃي پاسي گهٽيء ۾ هن کي هڪڙي مسجد جا منارا

حسين عورت جي فريب ۾ اچي هو پنهنجو آدرش وساري ويٺو هو، ۽ پويان سڌ ۾ هن وقت الائي ڇا ٿي رهيو هوندو. سپاهي جٽن پوءِ ٽئن ڪيس ويجها پوندا ويا. هن وري رڪيب گهوڙي جي پيٽ ۾ هڻي ڪيائين ۽ گهوڙو باهه جي ڇيڙ وانگر پڙڪو ڪاڏي وري اڳيان نڪري ويو. هن ڪي ڪا تجويز سمجهه ۾ نه پئي آڏي: جيڪڏهن مقابلو ڪيائين ته سپاهي ڪيس گهيا ڪري ڇڏيندا: جيڪڏهن پيش ڪڏي پئي، تڏهن به شايد سپاهين کي اهو ٿي حڪم هو ته هو جيئرو نه رهي. پنهنجي سامهون هر کي ڪي گهر نظر اچڻ لڳا. گهرن اڳيان ڪليل ميدان ۾ به چار ماڻهو، ڪا لاديءِ اڏڻ لاءِ بانس جا ڊگها لڙها ڪوڙي رهيا هئا. گهوڙن جا آواز ٻڌي اهي ماڻهو به ڪم ڇڏي آڏي ڏسڻ لڳا. دادن جي نظر پٽ تي پيل تڏن تونڀرين ۽ بانس جي لڙهن تي پئي. انهن جي اڳيان ۾ لڙها زمين ۾ ڪنل هئا. دادن ويجهو پهچي ڪوڙي لڙهي ۾ هٽ ڪپائي سٽ ڏني. ڪچي تازي متي مان لڙهو ڇڻ ڪنهن وٽ وانگر پاڙون پٽجي آيو. دادن گهوڙي جي رفتار گهٽائي، ڪيس لانديءِ کان ڦيرائي سپاهين ڏانهن رخ ڪيو. لڙهي کي پنهنجيءِ چيلهه ۽ ڪرائيءِ جي ڪٻ ۾ جهلندي، هن ڦريون وار ڪيو. لڙهو ڪافي ڳرو، ڊگهو ۽ مضبوط هو. ڦرئين ٽي وار سان هڪڙو مغل ايترو ٽي گهوڙي تان ڪريو، ۽ پويان ايندڙ گهوڙن جي سنين ۾ چڄرجي ويو. گهوڙا به ان اوچتيءِ آفت تي ٿهڪ لڳا. هن جي وار ڪرڻ تي پوئتي هٽندڙ گهوڙو اڳيان وڌندڙ گهوڙن سان ٽڪريو، ته گهوڙا اڳيان نرا ڪڻي پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجي سوارن کي ڪيرائڻ لڳا. سپاهين ۾ ڏمڙ مچي ويو. دادن ڦري گهمري، ايتري تيزيءِ سان ۽ ايترو پري ڪان وار ڪري رهيو هو، جو جن سپاهين وٽ پالا هئا، اهي به ڪيس پهچي نه پئي سگهيا. پنجن-ڇهن وارن کان پوءِ دادن ڏٺو ته سپاهين جو تعداد ايترو گهٽ هو، جو هو وري ڪيس چوڌاري ورائيندا ٽي ويا. هن چا ڪيو جو لڙهو مضبوطي جهلي، گولائيءِ ۾ ڦرڻ

ويو، ۽ هن جي ڇهين حس هن کي چتاءِ ڏيڻ لڳي هئي. زيبا
[illegible] هو ته خان دوران هن جو انتظار شاهي قلعي ۾ ڪري
رهيو هو. هن وقت هو شهر کان ٻاهر چا ڪري رهيو هوندو.
آخر هن کان رهيو نه ٿيو، ۽ هن سپاهيءَ کان پڇيو "اڄا ڪيترو
پري هلڻو آهي؟"

سپاهيءَ جي چپن تي مرڪ اچي ويئي، ۽ ڪلندي چيائين:
"بس ڇاڻ پهتاسون!"

دادن جو شڪ پختو ٿيندو ويو، ۽ اوچتو گهوڙي جو
لغام ڇڪي هو بيهي رهيو، هن کي گهڻو سمجهه ۾ نه پئي آئي:
زيبا هن سان دوکو ڇو ڪيو هوندو؟ هن ۾ سندس ڪهڙي رمز
ٿي سگهي ٿي. اڄا هو انهن ٻي خيالن ۾ هو ته هن جي آسپاس
کان سپاهي نمودار ٿيڻ لڳا—ويٽن جي جهڳٽن مان، ڪاهين مان،
گهڙيءَ ۾ هو سڄو سپاهين ۽ گهوڙن جي ويو. هن جا راهبر سپاهي
به گهوڙا جهلي بيهي رهيا. سپاهين جو گهيرو هن تي سوڙهو
ٿيندو ويو. هن آسپاس جو جائزو ونڊي پهنجي گهوڙي کي
زور سان اڙي هنئين، ۽ هڪ پاسي ڀڳو. ڪيس ان پاسي ڀڄندو
ڏسي ڪپل سپاهي هن جي پٺيان ڀڳا. سامهون به ٻ-ٽي مغل هن جي
رستي روڪڻ لاءِ ٻالا ڪيڙي اڇلي وڌيا. جڏهن هو هن جي ويجها
پهتا، تڏهن ڦرتيءَ سان هڪڙو پير رڪيب مان ڪيڙي، هو گهوڙي
جي ٻئي پاسي جهڪي ويو—تقريباً گهوڙي جي هڪ پاسي رڪيب
۽ لٽڪندي، هو تير وانگر هن جي وچان نڪري ويو. جيئن
ئي هن جي ٻالن جي زد کان فاصلي تي پهتو، وري ٽپ ڏيئي
گهوڙي تي سڌو ٿي ويهي رهيو، ۽ رڪيب گهوڙي جي ڪڪين
۽ هٽندو سڌو ٿي سڌو هلندو رهيو. پوئان سپاهين جو سمورو
ٽولو به هوا سان گالهيون ڪندو هن جي پٺيان لڳو آيو. هن کي
بچڻ جي ڪا راهه نظر نه آئي. ٻيهارو ڪن سپاهي وري به هن
جي پٺيان گهيرو تنگ ڪرڻ لڳا هئا. هن جي ذهن ۾ موت جي
خيال بدران پهنجي پاڻ تي ڪاوڙ غالب ڪندي ٿي ويئي: هڪ

"ڏرسو ته سهين. نيرن...." زيبا کجهه چوڻ گهريو. پر دادن هڪدم کيس روڪيندي چيو: "اوهين ناراض نه ٿجو. پر جهسين ...." هن ڳالهه روڪي وڌي. هن زيبا کي ڏکوئڻ نٿي چاهيو. هن جو قسم کنيل هو. ته جيسين سندس آزاد نه ٿيندي، تيسين کنهن به ڏاڑين جي ماني نه کائيندو. زيبا به سمجهي ويئي، ۽ هن کي پشيماني کان بچائڻ لاءِ چيائين: "حضور جا به سپاهي اوهان کي شاهي قلعي وٽي هلندا .... پر مون سان هڪڙو وعدو ڪري وڃو..." هوءَ وري مات ٿي ويئي. موزون لفظن جي تلاش به ڪڏهن ڪڏهن نهايت درد انگيز ٿي پوندي آهي. ان تلاش هن جي اکين ۾ هڪ تانگهه، هڪ پياس پيدا ڪري وڌي.

"جيڪو حڪم....!"

"نه نه، حڪم ڪونهي....هڪڙي منٽ آهي، جي مجو. اوهان جو ڪم ٿي ته هتان پيرو ڪري وڃجو!" هن اهو جملو اهڙو تڪڙو چيو، جو هن جي ساهه جي مونجهه دادن جي دل کي چهي ويئي. دادن چاهيو ته هو کيس پنهنجي هانهن ۾ جهلي کيس يقين ڏياري ته هن جي پنهنجي دل ۾ کيس ڏسڻ کان سواءِ رهي نه سگهندي. پر زيبا هن کي ڪجهه چوڻ جو موقعو ڏي نه ڏنو. پنهنجيءَ دل جي واچوڙن کي لڪائڻ لاءِ هوءَ تڪڙي اندر هلي ويئي، ۽ دادن اچرج مان دروازي جي لڏندڙ پردي کي ڏسندو رهجي ويو.

هن کي جڏ زيبا ڇڏي وڃڻ جو اعتبار ئي نه پئي آيو. ايتري ۾ ساڳي هانهي اندر لنگهي آئي، ۽ چيائين: "سپاهي اوهان جي انتظار ۾ آهن."

هانهيءَ سان گڏجي هو ٻاهر هليو آيو. ٻه سپاهي گهوڙن تي سوار هن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. هن جو گهوڙو ٻه سپاهين سان هو. هو وڌي گهوڙي تائين آيو، ۽ گهوڙي تي چڙهي سپاهين سان گڏجي روانو ٿيو. چڱيءَ ڀرڪان پوءِ دادن محسوس ڪيو ته هو شهر جي حدن ٿي اڇي ٻهتا هئا. هو ڪجهه سوچ ۾ پنجي

نظر آيا. هو انهيءَ گهٽيءَ ۾ لهي، مسجد ڏانهن وڌي آيو. مسجد ۾ پٺڇي وضوءَ واري حوض مان پاڻي پيي ، هٿ منهن ڌوئي ، مسجد جي صفحي ۾ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو. هو ايترو ٿڪجي ويو هو، جو هن جو سڄڙ سڏ چڙهي پيو هو — خاص ڪري هن جي پائڻ ڪيري ڪيري ٿي ويئي هئي. اڳڻ نماز پڙهي، هو ٻري مسجد کان ٻاهر نڪتو، ۽ پڇا ڪندو هو هڪڙي مسافرخاني ۾ پهتو. مالڪ گهراڻي کڻي، هن سراءِ جي مالڪ سان گهوڙي هٿ ڪرڻ لاءِ گالهه ٻولهه شروع ڪئي. گالهين مان ڪيس اها ڏ ٺهر پيئي ته سپاهي اڃا واپس ڪونہ ويا هئا، ۽ ڳوٺ جي عامل ۾ ڇي لڳا هئا. هو سراءِ جي مالڪ کي گهوڙي لاءِ ڏوکڙ ڏيئي، وري مسجد ۾ موٽي آيو. ڏينهن جو واپس وڃڻ خطري ڪان خالي نہ هو. ان ڪري هو رات جو انتظار ڪندو رهيو.

سانجهي نماز پڙهي هو وري شهر روانو ٿي ويو، ۽ شهر ۾ ان وقت داخل ٿيو ، جڏهن مسجدن مان سمهڻيءَ نماز جون ڀانگون اڇي رهيون هيون. ننڍين ننڍين رات ۽گهوڙي جي لوريءَ جهڙي چال هن جي ٿڪ کي وري چوري وڌو ۽ نند هن جي اکين ۾ خيما کوڙڻ لڳي هئي. دادن سراءِ ڏانهن وڃڻ بدران زيما جي محل ڏانهن رخ رکيو. محل جي دروازي تي پهريدار هن کي زنده سلامت ڏسي، هن کي حيرت مان تڪڻ لڳا. هڪڙي پهريدار وڌي اڇي سندس گهوڙي جي واڳ جهلي ۽ چيائين :

"خدا جو شڪر آهي جو اوهين زنده سلامت آهيو!"

"ڇو؟ ڇائيو؟" دادن وڌيڪ حالتن ڇڻ لاءِ اڇاڻ ٿي پڇيو.

"حضور خان دوران جن شهر جي چٽي طرفن اوهان جي ڳولا ۾ ماڻهو موڪليا آهن: ڪين جڏهن ڪان سارش جي خبر پهتي آهي، سندن ساهون جهڪو ٿيو وڃي، اهو ٻڌڻ جي سر جو خبر گهرندو ٿيو واپس وڃي!" پهريدار پاڻ ۾ ڪافي ڳالهه ٿي ڪيو.

"اوه .... پر ڪين ڪٿين پڌايو؟" هن اڳ وڌندي چيو.

"ته سپاهي، جيڪي اوهان کي وڃڻ لاءِ موڪليا هئا."

تن کي هيمت‌خان جي مالهن سخت ڦٽي وڏو هو، پر مٿا ڪونه. هو هن‌کي مٿان سمجهي هڪڙي ڪاميءَ ۽ آڇلائي وبا، ۽ پنهنجا [illegible] سهاري چڏيائون جيڪي اوهان کي وڻي وبا. ڪنهن هوءَ ۽ زخمي سپاهين کي ڏسي ورتو: ڪين انان ڪڍائي حضور جن اڳيان پيش ڪيائون. هنن سرپستي گهايل ڪري ڇڏائي. وڏيڪ اوهان کي خود خبر آهي....!"

"هون....!" دادن اها 'هون' اڙيءَ طرح ڪئي جو ڪس ڪاڳاهه پاڻ اچي ويئي. هن‌کي زيبا تي شڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ ۽ شرمساري ٿيڻ لڳي، ۽ اهو سوچي هو هيڪاري ششدر ٿيڻ لڳو ته زيبا جو پريشانيءَ کان ڪهڙو حال هوندو.

سپاهين سان گڏجي هو ڏيڏيءَ ڏانهن آيو. چاڻ ڪرڻ تي جڏهن دانهي در تي آئي، ۽ دادن کي ڏٺائين، تڏهن کانئس حيرت ۽ خوشيءَ کان ڪيڪ نڪري ويئي، ۽ هوءَ ڪيس وٺي اندر اٿي. سنگي ڪري ۽ ڪيس ويهاري هوءَ اندر هلي ويئي. هن ڪمري ۽ پهچندي ئي هن جي جسم جو سمورو ٽڪ نچوڙجي سندس اکين ۽ پرجي آيو. سندس جسم نرم ريشمي مخمل ۽ طول وهڻن جي گذار کي گهوميندو، ڏرڪندو ويو، ۽ گهڙيءَ کان پوءِ هو گهري نند پڄي ويو.

زيبا جڏهن ڪمري ۽ پهتي، تڏهن اکين ئي پاڻيو ڇڻ هوءَ پنهنجن ڪپڙن مان هزار ڀيڻي، يا ڪپڙا سنڀهاڻيس بيزار هئا. جنهن آڇل ۽ بيساختگيءَ سان هوءَ دادن ڏانهن وڌي، ان مان اکين ئي پاڻيو ڇڻ وڃڻ جي وڇوڙي کان پوءِ هن پنهنجو ڪاڏ ڪوٺي لڏو هو. هن تنهنڪا پهتي پاڻهون مٿي ڪڍندي، هن جي آڇيان لاءِ قدم اڳتي وڌايو ..... پر پوءِ جڏهن هن پنهنجي مسافر کي گهريءَ نند پسل ڏٺو، تڏهن هن جون پاڻهون وري هيٺ موڪي آيون. هن جي منهن تي سڪ سڻ گڏ، هن اجنبيءَ لاءِ آڻاهه پيار ۽ همدرديءَ جو رنگ اڇي ويو. ڪيڏو نه ٽڪل هو هن جو مسافر! هن جي دل چاهيو ته هن جي ڪنڌ هيٺان وهائو

ڪيڙي، ڪيس پنهنجي گوڏي تي سنهاري، پنهنجن پنڌڻين جي ڇانوَ ۽ ان وقت تائين ڪوس ڏسندي رهي، جيسين هوءَ به هن جي نند جو حصو نه بنجي وڃي. پر هوءَ ائين نه ڪري سگهي. هوءَ محض هن کي گهوريندي، ڏسندي رهي. ڪيترو نه سڪون هو هن جي منهن تي. زيبا کي ائين محسوس ٿيو جڻ هو نند ٿي نند ۽ مرڪي رهيو هو. هن جي دل ۾ اها آس ڪرَ موڙي آئي ته شل اها مرڪ هن جي لاءِ هجي! ان مرڪ کي ڇهي ڏسڻ لاءِ هوءَ وڌي هن جي ويجهو آئي، ۽ اڳر وڌائي هن سندس ڇپن تائين آندي. هن جي آڱر رکڻ سان جڻ اها مرڪ هن جي ساري منهن ۾ ڦهلجي وئي. هن جي کهرن کهرن شهپرن جي ڇهاءَ هن جي سموري جسم ۾ اهڙي جلولي ڪڪڙائي پيدا ڪري وڌي جو هن جي اکين ۾ به آرس جاڳي پيو. هن جا ٻئي هٿ آرس ۾ ڇڪ ۽ ڪر موڙڻ لاءِ ٿڌي ڪڇڻ لاءِ آتا ٿيڻ لڳا، پر پنهنجو ڇاتيءَ ۾ جاڳيل ڇوليءَ کي محسوس ڪندي، حجاب ۽ حياءَ هن جي هٿن کي ڇڙڻ نه ڏنو. ڪيڏيون نه تمنائون هيون هن جي دل ۾ ان وقت! هن جي دل چيو ته هوءَ اجنبي مسافر کي سڌ ڪري چوي: "اي ڪلور دل مسافر، تو هيءَ ڪهڙي ٻڙا بخشي ڇڏي آهي، جو نه آنديءَ آرام نه ويهندي سڪون، نه جاڳندي ڪڪ نه سمهندي آٿت!"

هوءَ الائي ڪيترو وقت اهي تمنائون، ڪي آسون اميدون، ۽ ڪي ڏورانها هن جي نند تان نڇاور ڪندي رهي. اوچتو دادن چرڪ ڀري جاڳي پيو، جڻ ته ڪو پوائتو خواب ڏٺو هٿائين. هن پنهنجي سامهون زيبا کي پاڻ تان گهوريندو ڏٺو ته هن جي دل ۾ لاکائين ٿي پيئي. اهڙين صدفي ويندڙ نظرن جو جواب ڏيڻي به ڪهڙو ٿي سگهيو. زيبا جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي چيائين: "آءٌ پرديسي مسافر آهيان: خدارا اهڙين نظرن سان نه ڏس، جو آءٌ پنهنجو ديس وساري ويهي سگهان!"

"ڪاش، ائين ٿي سگهي!" زيبا دل جي گهاڙ ڇپن ٿي

آئي ويئي ؛ ۽ الائي ڇو هن جي اکين جي ڪنڊن مان لڙڪ ، بي اختيار وهندا ، هن جي گلن تان ٽڙڪندا ، هن جي چولي ۾ جذب ٿي لڳا. انهن لڙڪن کي ڏسي ، دادن جون ۽ به ويون ، ڇهه به ويون ، ۽ هن هيڪندي چيو: "هي لڙڪ ڇو؟"

"پردیسي سائين ، زندگيءَ جو هر سڪ ، هر خوشي سون کي ميسر آهي. پر الائي ڇو ، جڏهن کان توکي ڏٺو اٿم ، هر خوشي ڦڪي ۽ بناوٽي ٿي معلوم ٿئي. تو الائي سون ني کڙو ڪيڏو پڙهيو آهي ، جو آءٌ بلڪل بي شرم ٿي پئي آهيان ، جو هيئن پنهنجي دل جو حال پئي بيان ڪريان. آءٌ هڪ مغل سردار جي ڏيءُ آهيان ، جيڪي گهڻن سو ملي سگهيم ٿو. پر هن وقت.... هن وقت آءٌ تنهنجي ڪنيز آهيان ، زر خريد باندي آهيان ، جئن وڻي تئن هلائيئم ، پر پنهنجي قدمن کان پري نه ڪر!"

دادن جي عجيب حالت هئي. هو اهو سوچڻ لڳو ته اهي لفظ درحقيقت هن ٻڌا هئا ، يا زيبا جي اکين جي ڪيفيت ۽ سندس خاموشي لفظ بنجي هن جي دل ۾ ٻرڻ لڳا هئا ؛ گهڙيءَ کان پوءِ هن زيبا کي پنهنجي پاڪر ۾ سڏڪا پريندو ڏٺو. هن پهراڻ جو آڇ ، هن جي لڙکن سان پسندو رهيو ، ۽ هن جي جي سدا بهار سڳنڌ ، هن جي چپن تان ٽپي ، هن جي روح سائجندي ويئي. ان سڳنڌ کي دائميت بخشڻ لاءِ هن هڪ ڳهو ساهه ڪنهو ، ۽ زيبا جو روئندڙ ساهه هن جي ساهه سان ملي هڪ ٿيون ساهه بنجي ويو. هو الائي ڪيتري دير ، دنيا کان بيخبر ، اٿين بت بنيا هڪٻئي جي وجود ۾ گم ٿيندا ويا. اوچتو هن پنهنجي پويان کهن جي کنگهڪار ٻڌي. هن جا گم ٿيل ، تحليل ٿيندڙ وجود ، وري حشرا جاڳندا جسم بنجي ويا ، جن کي کهن اوهري ساهه چرڪائي وڌو. دادن پنهنجي ساهوارن ، ويڪري پيشانيءَ ۽ سهڻن مڇ سان هڪ ڀيرو مغل کي ٻلل ڏٺو ، جهن جي منهن ۾ ٻڌي حشمت هئي ، يا ٻانهن ۾ ڪهٽ نظر ايندي آهي. هن جي منهن تي اهڙي جلفيت هئي ، جنهن مان اهو

اندازو لڳائڻ مشڪل هو تہ ان ڪيفيت ۾ پيار هو، ڪاوڙ هئي يا رڳو ٺوڪ هئي. هن ڪي ڏسي، دادن زيبا کان ٿورو پريرو هئي بيهي رهيو.

"پرديسي، مون تنهنجي دليريءَ جون گالهيون ٻڌيون آهن، پر اڄ تہ پنهنجي اکين سان ڏسي به ورتم!"

دادن فيصلو نہ ڪري سگهيو تہ اهي لفظ هن سڄيءَ دل سان ٿي چيا يا ٺوڪ طور چيا هئائين. هو ڪوبہ جواب ڏيڻي نہ سگهيو. زيبا به هيسجي ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهي؛ هوءَ ٻاربار اندر ويندڙ دروازي ڏانهن نهارڻ لڳي جڏ موقعي ملڻ تي ٻاهر پائي اوڏانهن ڇڪي وڃڻ جي انتظار ۾ هئي.

"ٽوڪي خبر آهي تہ هڪ مغل شهزاديءَ سان ائين ڪنڊلي طرح سان پريت ونڊڻ جي ڪهڙي سزا آهي؟"

دادن وري به فيصلو ڪري نہ سگهيو تہ ان جملي ۾ ڏڪو هو يا پنهنجائپ جو اظهار. پر هن ڏيري هن چئي ڏنو:

"آ هر سزا لاءِ تيار آهيان، حضور!"

"هر سزا لاءِ؟" مغل ٿورو سختيءَ سان چيو.

"جي ها....هر سزا لاءِ!" دادن جي لفظن ۾ سچائي نہ هوندي به خود سپردگي ضرور هئي. هن خان دوران مجاهد خان جي لفظن جي سختيءَ کي محسوس ڪندي چيو.

"تہ پوءِ ان سزا لاءِ تيار ٿيءَ!" مغل سردار جي لفظن ۾ ڏڪو نہ غرور هو پر ڪاوڙ نہ هئي.

"بندو حڪم جي انتظار ۾ آهي!" دادن به ساڻ ٻيروايءَ مان چيو.

"تنهنجي سزا اها آهي تہ زيبا سان تنهنجو نڪاح هڪدم ٿيڻ گهرجي!"

زيبا اهي لفظ ٻڌي حياءَ کان سڄي گاڙهي ٿي ويئي، ۽ ٻاهر پائي دروازي ڏانهن ڀڄي، ۽ اندر هلي ويئي. دادن اهي لفظ

ٻڌي واڙو ٿي ويو. هن جي اندر ۾ عجيب جنگ چڙي پيئي ۽ هن هيڪندي چيو: "مگر ...."

مجاهد خان اڳيان وڌي آيو، ۽ سندس کلهي تي هٿ رکندي چيائين: "سنڌي جوان، آءٌ تنهنجي بهادريءَ ۽ دليريءَ کان ايترو متاثر ٿيو آهيان جو آءٌ پنهنجي نياڻي توکي نڪاح ۾ ڏيئي پنهنجي خوش بختي ٿو سمجهان".

دادن جي ذهن ۾ جنگ جوگهمسان وڌي ويو: هن جي اڳيان اهڙو به- واڙو هو، جتي پهچي هو کو فيصلو نٿي ڪري سگهيو. هن کي اهو خواب ياد اچي ويو، جڏهن سنڌ هن جي جيجل ماءُ جو روپ وٺي، جهولي جهلي ڪائنس سندس حياتيءَ جي بيک گهري هئي. ٻئي طرف زيبا جو تصور هو، ۽ زيبا سان گذاريل گهڙين هن کي آئيندي جو خوبصورت تصور آڇيو هو. اوچتو ئي اوچتو، ذهن جي هڪ ڪنڊ مان، آخوند نورمحمد جو چهرو، باهه جي مچ وانگر پڙڪي آيو، ۽ سندس ڪنن ۾ سندس آواز ٻُرڙ لڳو: "تو قسم کنيو آهي دادن، ته جيسين سنڌ آزاد نه ٿي آهي، تيسين تون شادي نه ڪندين!" ۽ دادن جڏ ته انهن لفظن جي جَبرَ کان نڙپندي چيو: "نه سائين نه؛ اوهان جي وڏي مهرباني، پر اهو ناممڪن آهي!"

مجاهد خان جو منهن ڪاميٽي هٿي ويو. هن جو هڪڙو پرون مٿيرو ٿي، ڦڙڪڻ لڳو، ۽ هن ٻاڻ ٿي جبر ڪندي چيو: "ڇا مطلب؟"

"مون کي غلط نه سمجهو، حضور! زيبا منهنجي زندگيءَ جو حصو بنجي چڪي آهي؛ ڪيس حاصل ڪرڻ ۾ آءٌ پنهنجا وڏا پاڻ سمجهندس، پر...."

"پر ڇا...؟"

"پر مون قسم کنيو آهي ته جيسين منهنجو وطن آزاد نه ٿيو آهي، تيسين آءٌ شادي نه ڪندس...."

مجاهدخان جي منهن جو رنگ بدلجي ويو. هن جي نظرن ۾ دادن لاءِ پهربون پيرو پيار ۽ عزت گڏجي هڪ نئين ڪيفيت بنجي جهلڪ لڳي. هن وڏي سنڌس ڪلهن ۾ هٿنهن وجهندي چيو: "آفرين آهي توکي، نوجوان—صد آفرين! تنهنجي ان وطن دوستيءَ تي، تنهنجي ان جذبي تي.... پر جيڪڏهن ان وقت لاءِ ترسياسون ته شايد زيبا کي سڄي عمر ڪنواري رهڻو پوندو...."

مجاهدخان کي ان خيال تي ئي ڪل اچي وئي.

دادن پهرين ته ڪوبه جواب نه ڏنو. پر گهڙيءَ کان پوءِ هن جي اکين ۾ هڪ نئين جوت، نئين چمڪ اچي وئي، ۽ هن جون اکيون هيٺ وانگر جرڪڻ لڳيون، ۽ هن جهٽ پاڻ سان گهالهائيندي چيو: "ائين نه چؤ، حضور! سنڌين جي غيرت جاڳي ٿي آهي، سنڌين جي رت ۾ سنڌو آٿلي ٻيلو آهي، ۽ هاڻ اهو وقت پري نه آهي جڏهن سنڌ غلاميءَ جي نيٺرن کي ڪڪ پن وانگر لوڙهي ڇڏيندي. جيڪڏهن مغل اسان جي مدد ۽ ڪندا تڏهن به...."

"پر به اسين ...يا ظل‌الاهي سنڌين جي مدد چو ڪن؟ هڪ‌پيرو ترخانن جي سرحدن سان جهڙو واڙو ڪرڻ نه ته سمجهي نه آهي. تنهن کان سواءِ ترخانن جو به ظل‌الاهيءَ جي اطاعت ڪرڻ لاءِ تيار آهن."— مجاهد خان دادن کي وڌيڪ جو اشارو ڪري، پاڻ به وڌي رهيو.

"سنڌين جو ظل‌الاهيءَ تي خاص حق آهي. هماڻون، جڏهن به يارو مددگار سنڌ پهتو، تڏهن سنڌين ئي کيس جيءَ ۽ ڪنڌن ڏنيون. ارغونن ۽ ترخانن ته کيس گهڙيءَ لاءِ نه سڪ سمهڻ ڏنو. سنڌس رت جا پياسا ارغون ڏينهن رات ٽپڙن جا ڪوڙا گهڙيندا رهيا. سنڌين کيس هر طرح جي مدد ڪئي: سنڌس مهمانون جهليون، کيس ٻڙيون ڏنائون، آن ڏنائون، گاهه ڏنائون— ۽ پهڻجون جانيون پيش ڪيون. ان کان پوءِ هڪ وڏو حق اڄ سنڌ تي مٿيءَ جو آهي. لکين سنڌ ۾ پيدا ٿيو: هڪ طرح

سان سڌ اڪبر جو وطن آهي. بادشاهت ۽ سلطاني دوراندیشين
جي ڪري جوڪڏهن هو سڌ ڪي اهو مان نہ ڏني تہ اها بي
گالهہ آهي. پر جنهن واءُ سندس ڪنن ۾ پڙلاءُ وڌو، سو سڌ
جو واءُ هو؛ جنهن داڻيءَ کيس چٽايو، سا سڌ جي هڪ سپاهڙي
جيجل هئي، جنهن مولويءَ سندس ڪن ۾ بهرين بانگ ڏني،
سو به سڌڙي هو. جنهن سر زمين شهنشاهہ هند کي ڏکڻي وقت
۾ پناهہ ڏني، اجهو ڏنو، آسرو ڏيو، جڏهن ارغون ۽ ترخان سندس
خون سان هولي کيڏڻ لاءِ آنا هٿا ـــ چا ان سر زمين جو اڪبر
تي ڪو حق نہ آهي؟"

مجاهد خان هڪ عجيب حيرت مان هن جا لفظ پڌندو
رهيو؛ ۽ جڏهن هن دادن جي اکين ۾ ٻرندڙ جوت جي ٻوبان،
لڙکن جو هڪ اٽاهہ سمنڊ لهرون هڻندو ڏٺو، تڏهن هن متڪبر
مغل سردار جي دل به لڙهي ويئي. هن کيس ڪلهي تي هٿ
سان زور ڏيندي چيو: "ڪاش، تنهنجا اهي لفظ شهنشاهہ ٻڌي
ها! مون کي پڪ آهي تہ هڪدم ترخانن خلاف لشکر چاڙهي
موڪلي ها. آءٌ اهو مقدمو انهن لفظن ۾ تہ پيش ڪونہ ڪري
سگهندس. پر آءٌ تو کي هڪ يقين ڏيارڻ ٿو تہ شهنشاهہ
مون کي اڳي ئي اهڙو فرمان عطا ڪيو آهي، ۽ اڄ کان هڪڙي
مهمي اندر سڌ ۽ ارغونن ۽ ترخانن بدران سڌڙن جو پنهنجو
راڄ هوندو. وقت نهايت موزون آهي: سنڌي باغين جي مدد سان
سڌ کي نجات ڏيارڻ ڏکيو نہ ٿيندو. جڏهن مون اهو ڪم سرانجام
ڏنو، تڏهن آزاديءَ جي پرواني سان گڏ هڪ بي به سوغات تو کي
آڻي ئي پيش ڪندس. پر هڪ گالهہ ياد رک: جيڪڏهن منهنجي
زبان کي ٽوڪاڻ جا شڪايت پيدا ٿي تہ .... منهنجو نالو ....
مجاهد خان آهي!"

دادن جي ننڍڙ دل ۾ جڏهن چنڊو ٻڌجي ويو .... ۽ هو
شڪر گذار نظرن سان مجاهدخان جي منهن ۾ نهاريندو رهيو.
تصور ۾ تصوير ۽ آزاد سڌ هن جي ذهن ۾ آيري آئي.... پر الائي

چو اهو تصور کجهه مڪمل نه هو، جڏ ڪاڳاله ٽيٽي اڻ ٽيٽي رهجي ويئي، جڏ تصوير ۾ رنگ پرڻ جي باوجود، تصوير مڪمل نه ٿي سگهي! شايد سڏ جي غلاميءَ کي هاڻ ايترو وقت ٿي ويو هو جو اُن جي آزاديءَ جي تصوير ذهن ۾ اپرڻ کان ڪهائي رهي هجي! شايد ائين ٿي هوندو ـــ هن سوچيو. شڪ ۽ گمان جي ان تروري کي هڪ ڪنڌ ۾ دهائيندي، هو به مرڪڻ لڳو ۽ چيائين: ''زيبا نه مون کي ساهه کان پياري آهي، سائين. شل اهو ڏينهن جلد اچي، آءٌ به اوهان وانگر هڪ آزاد مرد وانگر پهنجي مردانگيءَ جو نعرو هڻي سگهار!'' الائي چو، نه چاهيندي به هن جي لفظن ۾ ٽوڪ پرجي آئي.

مجاهد خان کي اها ٽوڪ محسوس ٿي ڪانه ٿي، ۽ هن چيو: ''اهو وقت آيو رهيو. تون سڏ وڃي پنهنجي باغن کي خوشخبري ڏي ته مجاهدخان واچوڙي وانگر سڏين جا بند خلاص ڪرڻ لاءِ اڏامندو ٿو اچي.... پر وري ستان هيبت خان جي ور چڙهي وڃين. پڻو ائين نه هجي نهنجي لاءِ ڳڻ جا ٽولا چڙواڳ چڏي ڏنا آهن. منهنجا ماڻهو توکي اڳيرو چڏي ايندا. تون ڪڏهن آسهندين؟''

''اڄ ئي. اوهان جي وڏي مهرباني، پر مون کي اوهان جي سپاهين جي ضرورت ڪانهي. هيبتخان جي ماڻهن سان آءٌ پاڻهي پڇندس!'' دادن هن کي يقين ڏياريو.

''ڇڪو، خدا حافظ ٿيندءِ!'' ائين مجاهدخان ٻاهر هلڻ ويو.

دادن به وڃڻ لاءِ دروازي ڏانهن وڌيو ته زيبا وري اندران هلي آئي. هن جي اکين جي اڃ جڏ سرهاڻ ٿي چڙهي آئي هئي. هن کن لائي سڀ ڳالهيون بيهي ٻڌيون هيون، ۽ هوءَ دادن جي منهن ۾ نهاري اکيون جهڪائي بيهي رهي. دادن کي به هي وڇوڙو ڪاٽڻ لڳو، جو ٻين سمورن وڇوڙن کان نرالو هو. هن جي دل چيو ته هو چئي ڏئي: ''زيبا، منهنجي جان، وطن

جي سڏ مون کي مجبور ڪري وڏو آهي، نه تہ منهنجي دل کي هت ٻيڙيون پنڇي ويون آهن!" هن ڪجهہ چوڻ لاءِ چپ چورڻ گهريا تہ زبان آگر ڪٿي چپن تي رکيس.

"مون کي سڀ خبر آهي. ڏٺي سائي ٿيندءِ....پر مون کي وسارجانءِ نہ!" ائين چئي تہ ويئي، پر پوءِ اچي سڏڪن ۾ پيئي. دادن ڪٿي پاڪر وڏس، ۽ پوءِ کي مدتون، ڪي صديون هن کي آٿت ڏيندو، پرپائيندو، پرچائيندو رهيو؛ ۽ پوءِ ڄڏهن هن موڪلايو، تڏهن زبا جي لڙ ڪن ۾ مرڪ ڇهرمر لائي ڏني هئي.

○

۱۱

ليليءَ سنگهارڪان سنڌ وسارائي ڇڏي. ليليءَ جي پاڪر ۽ سنگهار ڪي پنهنجي وجود جي ٻي سڌ نه رهندي هئي. جڏهن سرهڻي سمربحر ڪيس ڪينجهر جي ڪپ تي تماچيءَ واري ماڙي ڪولي ڏني ، تڏهن هو پنهنجي پراڻي يار سنگهار کي سڃاڻي نه سگهيو. هن جي اکين ۾ جو ڪجهه هو، سو هن پنهنجي سنگتيءَ، جبل جي جهانگيءَ جي اکين ۾ ڪڏهن به نه ڏٺو هو. هن ائين پانيو جهڙ ته سنگهار کا گاڙهه ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي .... ۽ سنگهار سرهڻي جي اکين جي آڏيءَ پڇا کان ننگ اچي. ماڙيءَ کان ٻاهر اچڻ ٻي ڇڏي ڏنو . هن کان هر گاڙهه وسرندي ٽي ويئي — ياڪل ، جنهن لاءِ هن جو روح آنو هوندو هو، اها به هن جي من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پنڊ پهڻ بنجي ويئي هئي. هو جڏهن ليليءَ کي ڪٽي هتي پهتو هو، تڏهن هن کي فقط ايترو ياد هو ته مرزا باقي هن جي هٿن مان نڪري وهو هو ، ۽ آخوند صالح ۽ ٻئي جو بدلو وٺي نه سگهيو هو. ان هار ، ان شڪست هن جي من کي سرنهن جا دالا ڪري ڇڏيو هو: ان هار، ان شڪست هن ڪي پاڻ-ڏڪارڻ جي ڪٽن ۾ ٻوڙڻ شروع ڪيو، جنهن کان پاڻ-بچائڻ لاءِ هن ليليءَ جي جسم جي رنگينين ۾ هٿورازيون هڻڻ شروع ٽي ڪيون. ڪٽن جٽن پوءِ ٽئن اونهو ٽهندو ٽي ويو، ۽ پوءِ انڌلڪ جا ست ٽي رنگ ڇڻ هن جي اکين کي ڪمرو ڪري، هن کي اٽاءِ اوندهه ۾ گهليندا لوڙهيندا ٽي ويا.

ليلي به ڇڻ هن ۾ ڪجهه ڳوليندي ٽي رهي : هن جي اکين ۾، هن جي هانهن ۾، هن جي منهن جي هيڪاڻهين متاڻهين

ڪ ، هن جي چاٽيءَ جي وارن ڪ — الائي ڇو هن کان هڪ هلڪي آڻ لکي آه نڪري ويندي هئي. ڪجهه به نه پائيندي ٻي، هن ان ڳولا، ان تجسس کي چڏن نٿي گهريو. هوءَ وري وري هن جي اکين ڪ نهارڻ لڳندي هئي: من اهو سڀڪجهه ڪيس ملي وڃي، جنهن جي هن کي ڳولا هئي. اهو سڀڪجهه نه ملندي ٻي، هن اهو ڪجهه وڃائڻ نٿي گهريو، جيڪو هن کي حاصل هو. ان ڪري هوءَ گهڙيءَ لاءِ ٻ سنگهار کي پاڻ کان جدا ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. الائي ڇو هن کي اهو خيال ستائيندو هو ته جيڪڏهن سنگهار ماڙيءَ مان نڪتو ته وري موٽي نه ايندو. هوءَ هزار ڀهانا بنائي هن کي باهر نڪرڻ کان روڪيندي هئي. سرهيو جڏهن اچي سڏ ڪندو هو، تڏهن هن جي هنئين ڪ هڪ ٻڌهي ويندو هو ، ۽ هوءَ کوڙڪو انگل ڪري سنگهار کي روڪي چڏيندي هئي. هن کي اهو خيال باربار ايندو هو ته سرهئي سان ملڻ مان هن کي وري نه سڏ ياد اچي وڃي، هن کي وري نه مرزا باقي ياد اچي وڃي، وري نه آخوند صالح ياد اچي وڃي— ۽ اهي ڪالهيون هن جي ذهن تان ميسارڻ لاءِ هن چا چا نه جتن ڪيا هٿا!

هن کي هڪ ڀيو به آڏ ڪو ستائيندو هو، سو اميرخان جي جاسوسن جو. آسپاس ترخانن جون نديون نديون چانوڙيون هيون. خود ڪينجهر ٽي ميربحرن ۽ مهاڻن کان محصول اڳاڙڻ لاءِ روزانو ترخانن جو هڪ جٿو ايندو هو. هنن جي گهوڙن جي سنين جو آواز ٻڌندي ئي، هن جي دل دهلجي ڏڙڪڻ لڳندي هئي. ست راتيون ۽ ست ڏينهن ته هن اکين ٽي ڪ ڪاڻي چڏيا هٿا. ان جي ابڙ سنگهار ، جٽن ٻوه ٽئن هڪ عجيب گهر ڪ گهرجندو ٽي وهو، ۽ هوءَ هن جي ٻڌا ڪرڻ اکين ڪ ڪهن عجيب ٻيڙا حا پاڇولا ڏسندي رهندي هئي. هوءَ چاهيندي هئي ته پنهنجي نرم نرم آڱرين سان هن جي منهن ٽي ڏڙا ڪيي، اها ٻيڙا لاهي چڏي. هن جي اکين ٽي اڳرين ڏرندي، هوءَ سوچيندي هئي

نہ هيئن اکين ۽ هُنن اکين ۾ ڪيترو نہ فرق هو : هيئن اکين ۾ پيڙا سان گڏ ٿڪ جو احساس آهي، هُنن اکين ۾ پيڙا سان گڏ نٹرتا جي باهہ هئي. الائي ڇو نڊهن ۾ هوءَ ان نٹرتا جي باهہ کي ڇهي ڏسڻ جي آرزو روکي نہ سگهندي هئي. هن پنهنجي آگرين جي ڇهنڙين ۾ ان نٹرتا جي باهہ جو سيڪ محسوس ڪرڻ ٿي گهرهو. پر نٹرتا بدران هيئن اکين مان هن جي آگرين ۾ هڪ اهڙي جلن جي پاڻا ٿيندي هئي، جنهن ۾ سياري جو ساڙ هوندو هو ؛ ۽ پوءِ هن کي پنهنجي وطن جون برف پوش چوٽيون ياد اچي ويندبون هيون. هن جو سڄو بدن کانڌارجي ويندو هو ، هوءَ ڏکندي ڏکندي ، ان نٹين سيءَ لاهہ لاءِ ، سنگهار جي پاکر ۾ ، ڪنهن هيسيل هار وانگر ڪروندڙي ٿي سمهي رهندي هئي!

صبح جي پهر ، ڪينجهر جي ڇاتيءَ تان لڏندا لمندا ، جڏهن واهوندا ورندا هٹا، تڏهن ليليءَ کي ڪنهن ڇي اڇ جو گمان ٿيندو هو، ۽ هوءَ هر آهٹ، ۽ هر ڪڙڪي ٿي سنگهار کي اڇان ٿي زور سان ڇنڙي بوندي هئي. هنن کي آڻهي آٹ ڏيڻهن ٿي وبا هٹا، ۽ هري هري ٿي ليليءَ جي دل سان اميرخان جي اڇ جو پؤ لهندو ٿي ويو، ۽ هوءَ اهو سوچي رهي هئي ته اڄ جڏهن سرهيو ڪين ڪينجهر جي سير جي دعوت ڏيڻ ايندو تڏهن هوءَ انگل ڪري سنگهار کي هلڻ لاءِ زور پريندي، ۽ ڪينجهر جي پوٹ ٿي هندوري جا لوڏا کائيندي، هوءَ پنهنجي وارن کي آزاد ڇڏي ڏيندي. پر ان ڏيهن سرهئي جي آواز بدران گهوڙن جي هٹکارن ۽ سنبن جي پڙاڏن هن جي اندر ۾ آندُ مانڊ لائي ڏني. پهربن تہ هن نند پيل سنگهار جي پاکر ۾ سمائجي، انهن آوازن کان نٹائي سمهي رهڻ جي ڪوشش ڪئي پر جڏهن اهي آواز ٻڌهہ ويڇها پوندا وبا ، تڏهن هن سنگهار کي جاڳائڻ ٿي مناسب سمجهيو. سنگهار الوٹ نند ۾ هو، جنهن مان هن جاڳڻ نٹي گهرهو. جڏهن ليلي هن کي جاڳائڻ لڳي ، تڏهن هن عادت

سوڀ لیلیٰ کي چڪي ويڄهو آڻڻ لاءِ هانهن کي سيرڙ ڄي ڏوشش ڪئي، پر ليليٰ سندس ڪن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪندي ٻڌو: "خان، پاڻمان ڪي ته ٻاهر امير خان اچي پهتو آهي!"

هو چرڪ ڀري اٿي ويٺو. عين ان وقت ماڙيءَ جي در تي کڙڪو ٿيو. الائي ڇو سنگهار جي، نندا ڪرڻ اکين ۾ اڀري چمڪ اچي ويئي، جنهن سان ليليٰ ائين پاڻيو ڇڻ هن کي سڀ ڪجهه وري ياد اچي ويو هو، ۽ هو پنهنجي پاڻ تي مرڪي رهيو هو. در تي ٻيو ڀيرو کڙڪو ٿيو، ۽ سنگهار آرس ڀڃي اٿي ٻيٺو. ڪنڌ ۽ رکيل ٻالو ڪنڌي، هن ليليٰ جي ڪاڏيءَ کي هٿ سان مٿي ڪنڌي ، سندس اکين ۾ گهوريندي چيو: "جيئرو هوندس ته امير خان ته ڇا، سمورن ارغونن ترخانن جي لاشن کي لتاڙي وري توکي ڪٿي هليو ويندس. پر جي مري ويس ته مٽن ٽي ميار نه ڪڇ!" ليلي هن جا لفظ ٻڌي، هن کي چنبڙي پيئي ۽ سڏڪا پري روئڻ لڳي.

سنگهار ٻالو سنڀالي دروازي ڏانهن آيو. گهوڙن جي هڪارن مان ڏي سمجهي ويو ته امير خان، هيل وڏو لشکر ساڻ هي آيو آهي. هن چوطرف نهاري اندازو لڳايو ته ترخانن کي دروازي ڀڃڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهه ڪانه هئي. ماڙيءَ جون ٽيئون ايتريون اوچيون هيون جو کو ترخان ان تي چڙهڻ جي همت ڪانه ڪندو. پليان ته ڪينجهر هئي، سو اتان به ڪنهن ترخان کي همت ڪانه ٿيندي. هن لاءِ به هڪڙي راهه کليل هئي ته هو ماڙيءَ جي ڪڏ تي چڙهي، پٽين پاسي ڪينجهر ۾ ٽپو ڏئي، ۽ جي بخت ساٿ ڏنس ته ميرڪرن مان کو ساڻي هن کي واهر ڪندو. پر اهو خيال ايندي ئي هن سوچيو ته ليلي ڇا سوچيندي ته ڪيس امير خان جي حوالي ڪري، پاڻ پنهنجي ڪل بچائي ڀڄي ويو. اهو خيال اڃڻ سان ئي ڀڄڻ جي راهن تي سوچڻ ئي ڇڏي ڏنائين. هن کي امير خان جي خيالن جي به ڇڻ سڏ هئي، ۽ هن کي ٻڌ ته جيڪڏهن هو امير خان سان ليليٰ جي عيوض پنهنجي

جان جو سودو ڪري تہ امیرخان خوشيءَ سان اهو سودو قبول ڪندو. پر اهو خيال به هن لاءِ ايترو ڪنڊو ۽ ڪجهو هو جو ان ني سوچڻ سان ئي گهرجائين. فقط هڪڙو ئي طريقو هو تہ ترخاڻن سان وڙهندي، ڪوگهوڙو هٿ اچي وڃي ۽ هو ترخاڻن جي نرغي مان نڪري وڃي.

دروازي جي پر ۾ بهي هو دروازي ٽڻڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. دروازو ڪافي مضبوط هو. ترخاڻن هڪ ٻڌ ڪڍي دروازي ني ڦهڪائڻ شروع ڪيو. پڄن-ڀاڻ ڏڪن ڪان پوءِ دروازي جو هڪڙو تاڪ ئي ٽڪر ئي ويو، ۽ پوءِ هڪ ڏڪ سان سمورو دروازو چوڙن ڪان نڪري ويو. جڏهن دروازو ڪريو، نڏهن دروازي سان گڏ پڄ-ڇ.. ترخاڻ ٻڌ سوڏا اچي هوٽ پر ڪريا. هن جي پويان ترخاڻ اگهاڙين تراوين سان اندر ڏوڪيندا آيا. سنگهار جو پالو، هڪڙي ترخاڻ جو پيٽ چيري، وٽ ڪائي ٻئي ترخاڻ جي ران ۾ چڙهي ويو. ٻئي ڇڻا رڙ ڪري اتي ئي ڪيري پيا. سنگهار جو پالو هن جي جسم ۾ ئي رهجي ويو هن جهٽ ڏيئي ڪرندڙ ترخاڻ جي هٿ مان ترار ڦري ورتي، ۽ ايندڙ ترخاڻن سان وڙهندي باهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ترخاڻن جو هڪ سيلاب اندر ڏوڪيندو ٿي آيو جن هن ڪي ڪهن وڏي لشڪر سان مقابلو ڪرٿو هو. هن سيلاب کي روڪڻ سنگهار لاءِ ناممڪن هو. هو فقط اها ڪوشش ڪرڻ لڳو تہ سوڙهي ڊيڊيءَ مان نڪري ڪليل ميدان ۾ پهچي وڃي.

سنگهار جي ترار ترخاڻن ني ائين ئي ڪڙڪي جن ترار ۾ سامهون پڄي ويو هو. ترخاڻ ڪرندا، تن ڏهن ڪوشش سان اندر اچڻ جا جتن ڪرڻ لڳا. سنگهار دروازي جي هڪ ساهي کان ايندڙ ترخاڻ ڏانهن اهڙي لٽهه وڏي جو هڪ ترخاڻ کاهي وڃان ڪپجي پورا ٻه ٽڪرا ٿي ويو. ٻيا ترخاڻ سراڄي هن جي اڳيان هٿي وڌا، ۽ سنگهار ميدان ۾ نڪري آيو. پر ميدان ۾ پهچي هن محسوس ڪيو تہ اها ئي هن جي غلطي هئي. سامهون

ڪهوڙسوارن جو هڪ جٿو گهيرو ڪاهي، پالا آپا ڪري هن ڏانهن وڌڻ لڳو هو. جيسين هو سوچي، تنهن کان اڳ هڪ ڪاهي نوڙ جي سرڪساهي هن جي مٿان ڪيري، ۽ ڪلهن جي ڏورن وٽ پهچي، هن کي پنجوڙ وانگر جڪڙي ويٺي. ڇڪ اچڻ تي هو پاڻ سنياڻي نه سگهيو، ترار هن جي هٿ مان ڇڏجي ويٺي، ۽ هو پٺ ير وڃي ڪيريو. نوڙ، هن کي ٽوئلين مٿان، اهڙو قابو ڪري ڇڏيو، جو ڇڪ اچڻ تي ٽوئلن کان هيٺ هن جون هانهون ڪيريون ٽيڻ لڳيون. هن پاڻ سنياڻي انڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سرڪساهيءَ واري ترخان پرهان ٿي نوڙ کي ڇڪ ڏني، ۽ هو وري پاسي ير ڪيري پيو. ترخانن کي هاڻ تماشو ٿي آيو، ۽ هو هڪ وڏو گهيرو ڪاهي بيهي رهيا. نوڙ واري ترخان وري پنهنجي هٿ کي جهٽڪو ڏنو: سنگهار جون ڪنگون ريتيءَ تان ٽيڙي اڇٽي گهلجي وڃون، ۽ هو اونڌو ٿي ڪيري پيو. ترخان ۽ ٽهڪڙو مچي ويو. نوڙ واري ترخان کي ڇڻ رونشو سڃهي آيو، ۽ اسيرخان ڏانهن نهاريندو، آهستي آهستي نوڙ کي ڇڪ لڳو. سنگهار جا گوڏا، هانهون، ڇاتي ۽ منهن گهلجڻ سان، ريتيان پٿرن سان گسندا، گهڪندا رهڙڻ ۽ چلجڻ لڳا. هن کي ڇڪ ٿي ويٺي ته اسيرخان هن کي اڏين گهلائي، يا گهوڙي جي پڇ سان ٻڌي مارائڻ ٿو گهري. ترخان وري گهوڙي کي پوئتي هٽائيندي، ٿوري ڇڪ ڏني: سنگهار کي اڏين محسوس ٿيو ڇڻ هن جي ڇاتيءَ جا وار ڪنهن ڇڪ ڏيئي پٽي ورتا، هن جو هيٺيون ڇپ هڪ ڇهندار پٿر ۾ لڳي اڏ وڌجي ويو. هن کي پنهنجي ٽي زت جو ڪاروڪارو سواد زبان تي محسوس ٿيو. گهڙيءَ لاءِ هن جو سمورو بدن ڇاهي وانگر سيتجي ڪانڌارجي وڃو. جيسين ترخان ٻي ڇڪ ڏني، ان کان اڳ هن ڪوشش ڪري ٻيئي هٿ رسي ۾ ڪٽائي ڇڏيا. هڪڙي گوڏي کي ڏرتيءَ ۾ ڪٽائيندي، ٻئي گوڏي کي ٿورو ٻيٽو ڪندي، هن هڪ اونهو ساهه کنيو، ۽ هانهن کي هيٺ جنبش ڏني. رسي وارو ترخان ان ڇڪ لاءِ

بلڪل تيار نہ هو ۽ گهوڙي جي ڳچيءَ مٿان بولائي ڪائيندي اچي هوٽ پر ڪيريو. رسو هن جي هٿ مان ڇڏائجي ويو. جيسين ترخان ائي سڏو ڏئي ۽ وري رسي ڪي ڪڍي، تيسين سنگهار گوڏن پر سڏو ڏي، رسي ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو. پيٽ وٽان رسي ڪي ديرو ڪندي، هن سرڪساهي کولي وڌي. ترخان جا ٽهڪ بند ٿي ويا، ۽ هنن حي ڏسندي سنگهار اها ئي سرڪساهي پنهنجي مٿان ورائيندي هٿ ڪي هلڪو اشارو ڏنو. سرڪساهي امير خان جي مٿان وڃ وانگر ڪڙڪي، سندس چيلهه وٽ ڪُپي وئي. سنگهار جي هٿ وري جنبش ڪاڏي، ۽ امير خان گهوڙي تان پٽجي، گهوڙي جي هڪ پاسي، مٿي پر اونڌو لٽڪي پيو، ۽ سندس هڪڙي لنگ، جنهن جو پير ٻئي پاسي رڪيب ۾ پيل هو، رڪيب سوڏو مٿي ڪڍي وئي. عين ان وقت هڪ پالو سنگهار جي ڪلهي جي ڦڻ ۾ ڪُپي ويو، ۽ هو هوٽ پر وڃي ڪيريو. ترخان تراربون ڪيي هن ڪي ڦري آيا. هڪڙي ترخان امير خان کي اناري، رسي کان آزاد ڪرايو. امير خان چپ چاپ هلندو، سنگهار جي مٿان اچي بيهي رهيو. سندس اکين ۾ ڪاوڙ ڇيون ڪيڻ لڳي هئي ـــ ۽ پوءِ هن هٿ وڌائي، ڪربل سنگهار جي پٽ مان پالو ڪيي ورتو. پنهنجن ماڻهن کي اشارو ڪري، هو وري پنهنجي گهوڙي ڏانهن موٽي آيو. ترخان سنگهار کي چوڪنيو ٻڌي، ڪيس اڳيان ڏکيندا، ماڙيءَ ۾ داخل ٿيا.

....

امير خان ليليءَ جي چائٽ لنگهي، دروازي کي ڪُنڊو هٿي ڇڏيو، ۽ هڪ ليليءَ کي ڏسندو رهيو. ليلي دروازي کي ٻيري، وهاڻي کي پاڪر پائي، ليٽي ويٺي هئي. سڏڪن جي ڪري هن جو سڄو بدن لڏي رهيو هو. امير خان کي ائين محسوس ٿيو جڏ ليليءَ سان گڏ هن جي دل جي سموري ڪائنات لڏي رهي هئي. ليليءَ جا وار، ڳچيءَ تان وري وهاڻي تي ويڙهجي ويا هئا، ۽ سندس ڪلها سنهي ململ جي پهراڻ مان ائين جهلڪي رهيا

هٿ، جڏ رنگ جي ڪا ويڑ لهي چڙهي رهي هئي. امير خان ڪيترو وقت ان مرمرين سڏڪندڙ جسم مان ڦٽندڙ حُسن کي ڏسندو رهيو. هن کان رهيو نه ٿيو، ۽ هن هري هري چيو: "جان....!"

ان لفظ جي ڪوراڻ ۾ امير خان جي سموري هستي سميٽجي آئي. ان ڪوراڻ ليليٰ جي سڏڪن تي جڏ باهه تي تيل وارو ڪم ڪيو، ۽ هن جو پاڪر وهاڻي تي وڌيڪ سوڙهو ٿي ويو. امير خان پنهنجو ڪمربند کولي، نرار سوڏو در جي ڪنڊي ۾ ٽنگي ڇڏيو، ۽ وڌي ليليٰ جي مٿان ٻيهي رهيو. خداوندا! تو هي حسن ڇو خلقيو؟ پهراڻ جي گهيري ۽ وارن جي سرحد تي ليليٰ جو جسم هن کي ايترو حسين معلوم ٿيو، جو هن کان وڌيڪ ضبط نه ٿي سگهيو، ۽ هن پنهنجا چپ ان ڪپ ۾ ڪپائي ڇڏيا. ليليٰ جي جسم جو ڏڪو اوچتو بند ٿي ويو، ۽ هن سٽ ڏيئي جڏ اٿڻ جي ڪوشش ڪئي. تڏ امير خان جو پاڪر سندس جسم کي وڻ وڻهيٰ وانگر ويڙهجي ويو. امير خان جون ٻانهون هن جي ڇاتيٰ تي سنڌيڙو ٺاهي ويون، ۽ هن جا هٿ هن جي ڪچڻ ۾ قبي ويا. هن جا چپ سندس ڳچيٰ ۽ ڪلهي جي لاهيٰ تي ڙڪڻ لڳا ۽ من جي جسم جي اجهل آگ ۾ جلڻ لڳا. پر ليلي نانگ وانگر پنهنجي بدن کي ڪوٺيندي، هن جي پاڪر مان نڪري، هن جي سامهون ٻيهي رهي. هن جي اکين ۾ ڳوڙهن جو ڏنڊ هو، ۽ ان ڏنڊ جي پويان هن جون اکيون جڏ ۽ مشعلون ٻري رهيون هيون. انهن اکين کي امير خان ڪڏهن به روئندو نه ڏٺو هو: هن انهن ۾ محبت ڏٺي هئي، سپردگي ڏٺي هئي، هٻڪائي ڏٺي هئي، بهادري ڏٺي هئي، ارڏائيون ۽ البيلائيون ڏٺيون هيون، دلبريٰ جا سنيها ۽ ويڻ ڏٺا هئا، پر هن لڙڪن جي طوفان ۾ ٻرندڙ مرخ مشعلون نه ڏٺيون هيون. امير خان انهن مشعلن ۾ وڌيڪ نهاري نه سگهيو. من جي اندر ئي اندر ڪنهن شيٰ جي ڇڄي پوڻ جو پڙلاءُ سندس جسم ۾ هڪ سرد لهر بنجي داخل ٿيو ۽ هن کي پنهنجو سموري جسم سن ٿيندو، ڪيرو ٿيندو محسوس ٿيو. ان ڪيرائيٰ کان بچڻ لاءِ هن وري ڳالهائڻ جو سهارو ورتو.

"جان اسين اڇي وڃا آهيون!"

ليلي، کوڻ جواب نہ ڏنو. هوءَ لڳاتار هن کي گهوريندي رهي. لڙکن جي ڏنڊ مان هاڻ نفرت جو ڇوهو اڏي ليکا پاڻ لڳو هو.

"جان، اسين هن سنڌيءَ کي اهڙي سزا ڏينداسون جو زمانو اسان جي انتقام کان ڪنبي لڳندو .... جان، اسان جو آغوش تنهنجي لاءِ بيقرار آهي ...!"

ليلي، جي اکين جو ڏنڊ صاف ٿيڻ لڳو، ۽ هي، گهڙيءَ هن ينهنجي ڪمربند مان سنهو خنجر ڇڪي ڪڍيو، ۽ امير خان ڏي ڀر ڪري آئي. سندس لفظ باهه جا آلا بنجي امير خان کي ساڙڻ لڳا! "بزدل، نامرد، خوني.... منهنجي ويجهو آهو آهين تہ هي خنجر تنهنجي سيني جي پار هوندو .... آءٌ تو جهڙن سوين ترخان سردارن ڏي هڪ سنڌي پورهيت کي ترجيح ڏيان ٿي، جن ۾ سچائي آهي، سڪ آهي ۽ دليري آهي .... تون تہ ڪتو آهين .... ڪتو ....!"

هن الائي ڇا ڇا چوڻ ڏي گهريو، پر اوچتو امير خان سندس خنجر واري هانهن ۾ ڪٽي هٿ وڌو، ۽ سندس هانهن موڙي پويان ورائي ڇڏي. سور کان ليلي کان ڪيڪ نڪري ويئي، ۽ خنجر سندس هٿ مان ڪري پيو. امير خان جي تن بدن ۾ باهه لڳي ويئي هئي، ۽ هن ڏند ڪرٽيندي چيو: "ليلي، اسين تنهنجي حسن جي خيال کان توکي ايذائڻ نٿا چاهيون. تون هڪ پيرو هڪ سنڌيءَ کي اسان جي بيعزتي ڪري چڪي آهين. پر هن سنڌيءَ کي اسين تنهنجي اکين اڳيان اهڙي سزا ڏينداسون جو وري توکي ڪنهن سنڌيءَ جي نالي وٺڻ جي جرات نہ ٿيندي.... تنهنجي هن جوانيءَ ۽ هن حسن جو قسم، اسون اهو ئي خنجر تنهنجي سيني جي پار پهچائي ڇڏيون ها، جيڪڏهن اسان کي اهي ڏينهن ياد نہ هجن ها، جڏهن اسان تنهنجي حسن کي ڏسي پنهنجو هوش حواس وڃائي ويٺا هئاسون! ياد ڪر ليلي،

آهو ڏينهن ، جڏهن تو غلامن جي قطار ۾ بادشاهندڙ اکين سان
اسان کي اهڙو نياپو ڏنو ، جنهن کي اسين نظرانداز نه ڪري
سگهياسون؛ ۽ بادڪر اهي ڏينهن جڏهن اسان تنهنجي هر خواهش
جو احترام ڪيو ... تنهنجي پاڻ کي خريد ڪري، آزاد ڪري،
ترڪستان واپس موڪليو ، تنهنجي ٻرسن پيءُ کي قندار جي
قيدخاني مان آزادي وٺائي ڏني.... ۽ اڄ تون.... ليلي.... تون....!"

امير خان کي به الائي ڇا ٿيو: هن جو گلو پرجي آيو ،
۽ هن جي اکين ۾ لڙڪ اچڻ لاءِ آڌا ٿيڻ لڳا. هن کي اهي
ڏينهن ياد اچي ويا، جڏهن امير خان بهادر سردار هوندي به جنگ
جهيڙي، ظلم ۽ غارتگريءَ کان نفرت ڪندو هو، ۽ هن سموري
زندگي ايلي ۽ ادراڪي ۽ جي محبت ۾ گذاري جو پڪو ٻڌ
ڪيو. هو جڏهن سڌين حون بغاوتون زور وٺندبون وبون ۽ سڌين
خلاف کارروائيون ڪندي، جڏهن ٽڪجي پوندو هو، تڏهن ليلي
جي هنج ۾ هن کي دنيا جون سمورپون برايون، لڙائيون ۽ جنگيون
وسري وينديون هيون. هو کلي ليلي ۽ کي چوندو هو ته هونئن
ته جهاد الله سائين طرفان فرض آهي، پر حق تي مسلمان جهاد
في سبيل الله ۾ پنهنجي جان ڏيڻ لاءِ تيار نين ٿا جو هن کي
جنت ۾ ليلي ۽ کان به سٺيون حورون ۽ انگوري ۽ کان بهتر شراب
ملڻ جي ڪ هئي. ليلي شوخي ۽ مان چوندي هئي: "ڇا مون
کان به ڪا حور وڌيڪ سٺي ٿي سگهي ٿي؟" ۽ هوءَ رسي
ويهي رهندي هئي، امير خان هن کي پرچائڻ لاءِ هزار جتن ڪندو
هو. ان وقت ۽ هن وقت جي وچ ۾ رت جا درياءَ ، هن جي
سمورن نازڪ ۽ لطيف احساسن کي لوڙهي ويا هئا. سڌين جو
سهرانجهڙو ڪاڙهو رت ، جنهن جي رنگ ٿي سڌوءَ جي برڻين
ڪناري ٿي ٻڌندڙ سڄ مان ڦٽندڙ شفق جو گمان ٿيندو هو، هاڻ
هن جي خوابن ٿي سوار ٿي چڪو هو. پر انهن خوابن ۾ هن
کي پنهنجو رت به ڳڙندو ، مسجندو، وهندو نظر ايندو هو ....
۽ خوابن جي ان ڏنڊ ۾ به اڏول هستيون هن کي بار بار نظر ايندبون

هيون ـــ سنگهار هن جي پيءُ جو قاتل، ۽ سوڍو، هن جي محبت جو قاتل! انهن ٻن شخصن جي خواب ۾ اچڻ سان هن کي ڪاس ٿي ٿيڻ ۾ پنهنجي پيءُ جو لاش نظر آيو هو ۽ سليمان جون ڊپ ۽ اعتباريءَ کان قائل اکيون هن کي گهورڻ لڳنديون هيون، ۽ هو ان اوتاري مان، پگهر ۾ شرم ٿي چرڪ پري آڻي ويهندو هو.

اهي خيال ايندي ٿي، هن ليليءَ جي هانهن کي چڏي ڏنو، ۽ ڪيس باهر هلڻ جو اشارو ڪيو. امير خان جي اکين ۾ جوڪي چاهاڻون هيون، ليليءَ انهن ۾ نهارڻ جي ڪوشش ڪندي، ڪنڊ نيوڙائي، هن جي اڳيان هلندي، دروازي مان باهر هلي آئي. ماڙيءَ جي آڳڻ ۾، زخمن کان چور سنگهار چوڪنيو ٻڌل هو. ڏهاڪو ڪن ترخان تراوين ۽ پالن سان مٽس پهرو ڏيئي رهيا هئا. سنگهار جا ڪپڙا سندس ٿي رت ۾ رڱجي، بدن سان چنبڙي پيا هئا. سندس ساڄي ڪلهي ۾ لڳل ڀالي جي ڦاٽ مان رت اڃا تائين سيڙهون ڪري وهي رهيو هو. سندس شبيهه ابتري چرڪائيندڙ هئي، جو ليلي هن کي ڏسندي ڪ هنڌ ڇمي ويئي ۽ پوءِ اتي ٿي مولهوٽو ٿي ڪيري ويئي.

امير خان ڪيس پنهنجي هانهن ۾ کڻي ورتو، ۽ ڪ ترخان کي پاڻي آڻڻ لاءِ چيائين. ڪ ٻئي ماڻهوءَ کي هٿ ڪ ٽاهي سيخ تپائي آڻڻ لاءِ چيو. جڏهن ليليءَ کي هوش آيو، تڏهن هن پاڻ کي ڪ موڙي ٿي ويٺل ڏٺو: امير خان جي هانهن سندس ڪاهن آڏو هئي، ۽ سوين ترخانن. جون اکيون حيرت مان هن جي حسن جا ڏڪ پري رهيون هيون. امير خان ڇ ته هن جي حسن کي عام ٻڌائي، ڪ عجيب اطمينان محسوس ڪري رهيو هو. سامهون سنگهار چوڪنيو ٻڌل هو. سندس اکين ۾ ڪا مرڪ موڪي آئي هئي: رت جي ڳاڙهاڻ ۾، هن جي اکين جي لال لال مرڪ ليليءَ جي اندر ۾ وڌ وجهڻ لڳي. هن جي دل آن مرڪ کي پي وڃڻ لاءِ اچلون ڏيڻ لڳي: هن جي جسم ۾ اهڙي تڙڪ

اچي وڃي، جو ان کي امير خان جو پاڪر به روکي نه سگهيو. ٻوءِ هن جيڪي ڏٺو، ان تي هن کي اعتبار نٿي آيو: هڪ ترخان ٽلهي تل سيخ کي کاڻ جي ڳڻ کان جهليندي، سنگهار جي سامهون اچي بيهي رهيو. امير خان ليليءَ کي پاڪر ۽ سوڙهو ڪندي چيو: "سنگهار، تو منهنجي ٻيءَ کي ڪاس ٿي ٽڪايو هو، ۽ مون ان وقت ٿي توکان بدلي وٺڻ جو قسم کنيو هو. مون سوڍي جي بغاوت جي خيال کان، ان جي پوڙواريءَ ۾ ٻڌي دير مدار ڪئي؛ ۽ هاڻ آءٌ توکي ڪاس ٿي ايتو ٽڪائي سگهان ٿو، توکي گهوڙن جي پڇن ۾ ٻڌائي، چيرائي مارائي سگهان ٿو، هاڻيءَ جي پيرن ۾ لتاڙائي مارائي سگهان ٿو. ائين به ڪري ٿو سگهان ته تنهنجو سڏ سڏ، انگ انگ ڪري ڪيان ۽ ڪتن جي حوالي ڪريان. پر تنهنجو ڏوهه انهن سزائن کان به وڌيڪ سنگين آهي: تو اسان کان ليليءَ کي جدا ڪيو. ان جي سزا توکي اهڙي ملهه گهرجي، جو موت آن اڳهان ڪا ٻي سزا نه هجي. چؤ، تون پنهنجي لاءِ ڪهڙي ٿو سزا مقرر ڪرين؟

سنگهار کوبه جواب نه ڏنو. هو هڪ ٽڪ ليليءَ ۾ نهاريندو رهيو. هاڻ هن جي اکين جي اهڙي ڪيفيت هئي، جو ليلي هن سان نظر ملائڻ کان ڪيائين لڳي. انهن اکين کان ٻاڻ بچائڻ لاءِ، پنهنجا ٻيئي هٿ منهن آڏو ڏيئي چڏيا. ٻوءِ هن سنگهار جو جواب ٻڌو.

"امير خان، پٺهين کي ٽياس ٿي مون کونه ٽڪيو هو: سندس ظلمن ٻاڻ کيس ٽڪايو هو. سندين تي ظلم ڪرڻ واري هر ظالم جو اڄ نه سياڻي اهو حشر ضرور ٿيڻو آهي. سنڌ ۽ رڳو آءٌ سنگهار کونه آهيان: سوين هزارين سوڍا ۽ سنگهار آهن، جي ظالمن کي ٽياس تي ٽنگيندا رهندا! رهي ليلي، سو تو هن کي لٽڻ جو مال سمجهيو آهي: منهنجي لاءِ نه هوءَ فقط هڪ ونگس آهي، جنهن جي اکين ۾ الماس آهن، جنهن جي چپن ۾ ماکيءَ جهڙو مٺ آهي، جنهن جي بدن ۾ هرڻن واري آڇل آهي،

جنهن جي هٿن ۾ اهڙي هوراکورا آهي، جنهن کي فقط منهنجي دل ئي سمجهي. تون چا سمجهندين؟ ۽ سزا ـــ سا تون پنهنجي دل کان پڇ تہ هڪ بزدل، گيدي ۽ کائٹر هڪ سورهيه سوڀيچ کي ڪهڙي سزا ڏيڻ چاهيندو!"

"بس ڪر بدزبان.... اوهان سڏين کي اهڙو سبق سيکاريندس جو وري صدين تائين اوهان سڏين کي زبان کولڻ جي جرات نہ ٿيندي!" ائين چئي هن پنهنجي ماڻهوءَ کي اشارو ڏنو. ترخان هڪ پل به نہ سوچيو، ۽ هن سيخ سنگهار جي اکين ۾، سرمي جي ڪاڻيءَ وانگر ڦيرائي، هٽائي ڇڏي. وڏو منڊل ۽ سڙندڙ ڪل جي بوءَ ڦهلجي ويئي. سنگهار جي وات مان آواز به نہ نڪتو. هن جي اکين جي جاءِ تي به ڪارا گهرا ٽمندڙ ڇڳهه بنجي ويا. ليليءَ جي نڙيءَ مان اهڙي ڪيڪ نڪتي، جو ٻين ترخانن سان گڏ امير خان به ڏڪي ويو. ليلي هن جي پاڪر مان جهرڪيءَ وانگر پڙهڪو ڪائي اڏامي نڪتي، ۽ سنگهار جي پوئتي اڙيل سر ۽ پاڪر وڃي اوچڳارون ڏيڻي روئڻ لڳي.

C

۱۲

سوڊل جڏ ته پڇنجي سموري سرت وڃائي ويٺو. راتين
جون راتيون ، ڏينهن جا ڏينهن پنهنجي ڪونڙيءَ کان ٻاهر نه
نڪتو. هڪ ئي هنڌ ويٺو رهيو، ۽ سامهون پيل اڇي جي مائيءَ
۽ نهارينڊو رهيو. هن جي اکين کي ٻاڻ ڇيڻ وسري ويو هو.
سوجهرو بدلجي اوندهه ٿي ، اوندهه بدلجي سوجهرو آيو . پر هو
اتي ئي ويٺو رهيو. ڏيڑو علو هن جي اها حالت ڏسي ڳڻتين ۽
پڻجي ويو. هن ڪيس وندرائڻ لاءِ گهٽيون ٿي ڳالهيون ڪيون، پر
سوڊل اک به نه چنبي: جڏ هو دنيا ۽ اڪيلو هو — هن جو
ڪو مٽ نه هو، ڪو سائي نه هو، ڪو سنگتي نه هو. هن کي
جڏ اهو به وسري ويو ته هو ڪير هو ، ڪٿي هو ۽ ڇو هو،
هت ڇو آيو هو ، ۽ هي سڀڪجهه ڇا هو. علو هن کي سڀ
خبرون ٻڌائيندو رهيو: مرزا جان بابا جي لشکر کو ٻوٽو ڪونه
ٻاريو ؛ مڪليءَ ٿي هن جي لشکر ۽ مرزا باقيءَ جي لشکر
جي اڃا ٽائين خونريز جنگ پئي هلي ؛ مرزا باقي پاڻ لشکر
جي مهنداري ڪري رهيو هو ؛ هن سمورن ترخانن کي وڏن
وڏن انعامن جون لالچون ڏيئي پنهنجي پاسي ڪري ورتو هو ،
مرزا جان بابا جي سسي آڻڻ واري کي پنهنجي ڏيءَ نڪاح ۽
ڏيڻ جو ڏينهورو ڏيارڻو ٽائين ؛ حد ته اها آهي جو ڏينهوري ۽
اهو به چيو ٽئس ته هو سنڌي يا ترخان مرزا جان بابا جو سر
آڻيندو، ان کي ڏيءَ سان گڏ ڪر جي عملداري به ڏيندو: هوڏانهن
شهر ۽ شورش کي پنجي ڏيڻ لاءِ امير خان ڪڇهه وانگر لاسارا
ڏيئي رهيو آهي — هزارين سنڌين کي رڳو شڪ ۽ مارائي چڏيو
آڻ: اهو گهر خالي نه آهي ، جهن ۽ ترخان گهڙي مارڪٽ نه

ڪري ويا هجن، ويندي سيدن تان ٻه نه ٽريا: سيد علي شيرازيءَ جي ٻاڙي ۽ رت جا تلاءَ لڳا پيا آهن: سيني کان وڌيڪ شورش ٿئي جي شاگردن ڪئي هئي، سو سوين مدرسن کي باهيون ڏياري پٽ ڪري چڏيو اٿن: سوين شاگردن کي هاٿين جي پيرن هيٺان لتاڙي ماريو اٿن: آخوندن، ڦغين، ملن ۽ مولوين جون ڏاڙهيون پٽائي، سڏن زبانون ويڙهي، ڪين گهاڙو ڪري سڏن لاش درياهه ۾ لوڙهي چڏيا اٿن: جنهن گهر ۾ باعين جو شڪ ٿيو هوين، ان گهر جي زالن جي ستڻن ۽ ٻانهون وڍهائي، ڪين گهٽين ۾ ٽا گهلازائين. انهن قهرن ۽ ظلمن جو ٻڌي ٻه سوئيل جي اکين ۾ هنجهکو نه آيو. هو هڪ ٽڪ ويءَ ۽ پل اڇي داروڻ ۾ گهوريندو رهيو .... هن کي ان سان ڪهڙو واسطو؟ اهي سڏي ۽ جا ڇا ٿين؟ هي ٿو هن جو ڇا ٿئي؟ هيءَ سڏ ڪير آهي؟

ڏينهن گذري ويا، پر سوئيل جي حالت ۾ ڪو فرق نه آيو: سندس نرڙ تي سيءَ هوندي به پگهر جا ڦڙا موتين وانگر چمڪندا رهيا. پر هڪ ڏينهن چاچو علو ڊڄندو، هن جي ڪوٺڙيءَ ۾ داخل ٿيو، هلڪي کنگهڪار ڪيائين، ۽ سوئيل پنهنجي دنيا ۾ گم هو. ٻڌڙو علو ڏڪندي به نه مڙيو ۽ چيائين: "سوئيل، شاه قاسم ارغون مرزا باقيءَ تي راڄاهو ڏنو آهي. مرزا باقي محل جي درجي مان ٿيو ڏيئي پڇي ويو آهي!"

ان خبر جو نه سوئيل تي خير ڪو اثر ٿيو. علوءَ وري چيو: "ن وقت سنگهار نه مرزا باقيءَ جي محل ۾ گهڙي ٿيو هو. واڌو ۽ هو مرزا باقيءَ تي وار نه ڪري سگهيو، ۽ مرزا باقي دريءَ مان درياهه ۾ ٽپو ڏيئي نه پڇي ها ته..."

سوئيل جن نند مان جاڳي ٿيو. "سنگهار.... سنگهار؟ ڪٿي آهي سنگهار؟"

چاچو علو چپ ٿي ويو. هو سوئيل جي اکين کان ڊڄي ويو. هن جي پورين اکين ۾ رت اوچتو مڙي آيو هو، ۽ انهن ۾ جهڪو مچ مچڻ لڳو هو، سو ڏاڍو پوائتو هو.

"مون توکان سوال ڪيو، چاچا علو! ڪٿي آهي سنگهار؟"

"امير خان جي ليليءَ کي ڪٿي وٺو آهي، ۽ امير خان کيڏ وٺو اٿس .."

سوديل ٿي ڇڙ ڇت ڪري ٻڌي. هن جو هٿ ٿاڻي جي وٽيءَ تي سوگهو ٿي ويو، ۽ هن جو سمورو بدن سيتجي ٽڪجي ويو. ٿامي جي وٽي ٽڙڪات ڪري ڇڄي ٻڌي. ٿامي جو هڪ ڪرو هن جي هٿ جي تريءَ ۾ چڙهي ٻيو. اڇي دارونءَ سان گڏجي هن جي هٿ مان وهندڙ رت هن جي سٿ کي گاڙهو ڪرڻ لڳو. چاچو علو ڏچندي اکيان وڌيو ۽ چيائين: "سوديل، ٿنهنجو هٿ ڦٽجي ٻيو آهي!"

سوديل اوچتو اٿي ٻيهي رهيو. هن جي انگ انگ کي جاڙيون جرون سارڻ لڳيون. هن جي بدن ۾ هلڪي ٽڙڪي پئجي وئي، ۽ هن ڏند پيڙيندي چيو: "منهنجي گهوڙي سنبراءِ!"

"شهر جا ڪجهه جوان ٻڌس توسان ملڻ آيا آهن، سوديل! هو چون ٿا ته تون جيڪڏهن سڏن مهنداري ڪرين ته هو سڏ ڏيڻ سر گهورڻ آيا آهن!"

سوديل ڇڙ ورچندي چيو: "چاچا، مون چيو نه گهوڙي سنبراهه!"

ٻڌو علو دل ئي دل ۾ سوديل سان خفا ٿيندي، ٻاهر نڪتو. هن جي پويان سوديل به ٻاهر هليو آيو. ٻاهر ويهارو ٻڌس ڇڙ هن جي اوسيڙي ۽ انتظار ۾ ٻيٺا هئا. سوديل گڏجي چيو: "جيئي سڏ!"

اهو آواز ايترو گهورو هو، ايترو معصوم هو، ايترو چيچلائيندڙ هو، جو سوديل جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا، ۽ اڙکن جي آن ڏند مان، حوانڪي ڏسندي هن ڀڙ ڀڙ ڪندي چيو: "جيئي سڏ.... جيئي سڏ!"

"سوديل، اسين توسان آهيون. سڏ توسان آهي، سڏ ٿنهنجي اوسيڙي ۾ آهي!" هن سان هڪڙي جوان چيو، جو ڪنهن دارالعلوم جو شاگرد ٿي ڏٺو.

"سڏ....! سڏ؟ سڏ؟!" سوديل تقريباً روئندي چيو.
"ڪٿي آهي سڏ؟ هيءَ چڙيل چيريل، وڍيل ڪپيل سڏ، جنهن تي ڳڇهون لامارا ڏيئي رهيون آهن ـــ اها آهي سڏ؟ اها آهي دودي جي سڏ؟ اها آهي تماچيءَ جي سڏ؟ اها آهي دولهه درياخان جي سڏ؟.... هو ڏسو! سڏ جو لاش سڙي رهيو آهي، هو ڏسو ڏٺو جلي رهيو آهي!"

هو الائي ڇا ڇا چوندو رهيو. هن جي ذهن ۾ سڏ وري ڪَرَ موڙيا هٿا، پر ان سان گڏ ۾ ڳاڙها چپ، ۽ اگهاڙيون ٻانهون ۽ چوليون هٿڙ ارهه ۽ ڪَرَ موڙي جاڳي ٻيا هٿا.

"مون کي بخش ڪجو يارو، آءٌ سڏ لاءِ نه، آءٌ پنهنجي جنگ وڙهڻ نڪتو آهيان. آءٌ کوکلو آهيان. مون کي ڇڏي ڏيو. آءٌ پنهنجي اندر جو جهيڙو نمرڙ ٻيو ڳولڻ. اوهين مون کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو!" سوديل جڏ ٻاڪي اندران ئي اندر وڍيندو ٿي ويو، ۽ اکر سندس وات مان جڏ ڦٽجي زخمي ٿي ٻاهر نڪتا.

"اسين ۽ توسان آهيون، سوديا!"

هن کوبه جواب نه ڏنو. گهڙيءَ لاءِ هن جوانن کي گهوريندو رهيو. اوچتو الائي ڪٿن هن کي پنهنجو پائٽيو سانول ياد اچي ويو، ۽ هن جڏ زوريءَ مرڪندي چيو: "جيڪا اوهان جي مرضي: منهنجو کو ٽڪاڙو ڪونهي، منهنجو کو ماڳ ڪونهي، مون سان گڏجي جي اوهين ۽ پڪ ٿا گهرو ته يا بسم الله!"

ٻڌڻ علو سوديل جي گهوڙيءَ سان گڏ هڪ ٻيو گهوڙو ۽ ڪاهيندو آيو. سوديل کيس ڏسي چيو: "چاچا، هي ٻيو گهوڙو ڪنهن جي لاءِ آندو اٿئي؟"

"پنهنجي لاءِ! آءٌ مانيءَ ٽيڪي ڪري چاڻان، فارسي ڳالهائي چاڻاڻ ـــ من آءٌ ۽ ڪنهن ڪم اچي وڃان!"

"۽ هيءَ سراه؟" هڪ جوانڙيءَ ٻڌايو.

"سڏ سامت جو ساهه، ڪنهن تہ سرائون گهٽيون، گهٽو ٿي سڏ جو ليمڪ ڪاڻ اٿم. من هي پوزهه هڏ به ڪم اچي وڃي!"

سوڀي سوار ٿيڻ کان اڳ پڇ ٿي گهردو تہ سنگهار گهڙي پاسي ويو. پر ان جي بدران هن سوال ڪيو: "امير خان گهڙي طرف ويو؟"

"ڪنجهر ڏانهن!" هڪڙي همراه جواب ڏنو.

سوڀو وڏي پنهنجي ڪميت ٽائين آيو، ۽ سڀس منهن ۽ ڪنن ٿي هٿ ڦيرائڻ لڳو. گهوڙيءَ پنهنجي مالڪ کي ڪي ڏينهن ڪونہ ڏٺو هو، سا سهن متي ڪٿي سڀس منهن سان منهن ملائڻ لڳي. سوڀي چيو: "چري، اڄ ٿئو ٿورو ٿي آميان!" ڪميت خوشيءَ کان پنهنجي ڪل ڦڙڪائڻ لڳي، جڏهن سوڀي جي سوار ٿيڻ جي آس ٿي ظاهر ڪئي. سوڀي لانگ ورائي تہ سڀني همراهن پنهنجن گهوڙن کي ڪميت جي پٺيان چڏي ڏنو.

....

سانجهين جو سج هن کي ساڻيءَ جي هڙڦن ۾ لٿو. گهوڙن جي سهڪ جو هانبارو لڳل هو. متيءَ ۽ ڏڏر کان هن جا منهن پورا ٿي ويا هئا. سج جا آخري ڪرڻا، هڙيءَ جي وان نان ڪڙي، پکين کي پنهنجا آکيرا ياد ڏياري رهيا هئا. علوءَ گهوڙو اڪٻي وڏائيندي چيو: "سوڀل گهوڙا ٽکجي پيا آهن: وڏيڪ هاماسون تہ وهٽ مري پوندا. رات اتي ٿي ڀاهو ڪجي نہ ڪيئن؟"

سوڀل جا خيال هن جي ڪميت کان به تيز سنگهار، ٻليءَ ۽ امير خان کان به اڳتي نڪري ويا هئا. علوءَ جو آواز ٻڌي، هن رڳو ايترو چيو: "جيڪا سنگت جي صلاح!"

علو جڏهن تہ هڙيءَ جي وڻ وڻ کان واقف هو: هن کي اها خبر هئي تہ اڇو پٽ ڪٿي آهي، پاڻي ڪٿي آهي يا ٽڪار ڪٿي آهي. هو همراهن کي وٺي اڇي هڪ ٽلاءَ وٽ ٻيلو. سڀ اتي ٿي لهي پيا. گهوڙن کي ٿورو ٻڌ ڪرائي، کين پاڻيءَ تي

چڏي ڏنائون. علو ڻن چئن سائين ان هڙي اندر هليو ويو، ۽ ٿوري وقت کان پوءِ ٻن همراهن جي ڪلهن تي هڪ وڏو ڦاڙو هو. هڪڙي ٻئي سائيءَ جي پاڪر ۾ هڪ ننڍڙو هرڻ هو. همراه باهر هاري هرڻن کي پڇائيءَ ويهي رهيا. چئن همراهن کي هٿن آسپاس جي نظرداري ڪرڻ لاءِ موڪليو ــــ باقي سائي ٽوليون ڏاهي اوپاريون لهواريون ڪرڻ ويهي رهيا.

سوڀيو هٿن کان الڳ، هڪڙيءَ ڀت تي ويهي ڪجهه سوچيندو رهيو. هن جي من ۾ جيڪو انڌڪار متل هو، ان کي اڪائڻ جي ڪوشش ۾، ٻنهنجي ڪٽاري سان زمين تي آڏا ايٽا ليکا ڪڍڻ لڳو. ليکا هن کي نظر ۾ آيا، پر هن کي اڃ محسوس ٿيو جو انهن ليکن مان ليلاءِ جو سنورو بدن جاڳي هن ڏانهن جهڪي لڳو. اهو خيال ئي هن کي پريشان ڪرڻ لاءِ ڪافي هو، ۽ هو وري اڳي ويهي رهيو. ڪٽارو ڪمربند ۾ هٽي. پير سان ليکا ڀاڻڻ لڳو. ڇ جي سوجهري ۾ هن جا سائي هن جي حرڪتن کي ڏسي اچرج ڪائيندا رهيا. سوڀي بابت هٿن جيڪي ٻڌو هيو، هي سوڀيو ان کان بلڪل مختلف هو. سپ کان وڌيڪ گهٽتي علوءَ کي هٿي. هن ڇ دل ئي دل ۾ چيو: "آ راتيون ڪونه ستو آهي ــــ ڏٺي منهنجا ٽون خمر ڪجانس!"

پڪل هرڻ جي هڪڙي ران ڪٽي جڏهن علو سوڀل وٽ آيو، تڏهن سوڀيو وري پنهنجي دنيا ۾ موٽي آيو، ۽ هن شڪرگذاريءَ سان علوءَ ڏانهن ڏٺو. علو سندس منهن تي سرهائي ڏسي پاڻ ۾ مرڪڻ لڳو. سوڀيو اڃا ڪائڻ ۾ ئي هو ته هڪڙو همراه ڊڪندو هن ڏانهن پهتو ۽ سهڪندي چيائين: "سوڀل، ڏاڪو ڪن ترخان هڪ ڏولي ڪڍايو ڏٺي پيا وڃن!" سوڀل ڳوٺ جو ٿڪر علوءَ جي هٿ ۾ ڏهندي اڳي ٻيٺو. "ڪير آهي ڏولي ۾؟ پڇيئي؟" "امير خان جي ڀيڻي آهي ــــ ليلي ٿا چوئن!" همراه سهڪندي جواب ڏنو.

سوڀل کي اڃن محسوس ٿيو، جڏ هڙي لاڻون واڪر

ڦرڻ لڳي هئي. هن جا ساٿي، سڀ ٽي پڇندڙ ڦاڙهو، سامهون تو برن مان ڏاڍو چرندڙ گهوڙا ۽ هڙيءَ سان گڏ ڦرڻ لڳا هئا. هو پهنجو هٿ مٿي ٽي آڻي، پنهنجي هڪڙي ڳل کي مهٽڻ لڳو، ٻوءِ هو تيزيءَ سان هڪڙو ياڪو ڪندي پنهنجي ڪميت ڏانهن هتو. هن جا ساٿي به اڳي ٻڌي رهيا، ۽ پنهنجن گهوڙن ڏانهن وڌيا. سوڍي هنن ڏانهن نهاريو ۽ ٻڌايو: "مون اوهان کي چيو هو ته منهنجي پنهنجي جنگ آهي. ياڻي ڪري اوهين اڳي ٽي ترسو!"

هن جي لفظن ۽ ڪو دڙڪو ڪونه هو، پر هن جي آواز ۾ اهڙي ڪيفيت هئي. جو همراه اڳي ٽي چپ رهيا. سوڍل ڪميت ڏي منهن ڪري ڏڪيو، ٽوبرو سنڌس ڪنن مان ڪڍي، هٿ ڇڏيندي، آهستي چيائين: "هل ميڙي!"

ڪميت به ڇڻ پنهنجي مالڪ جي ڪيفيت کي سمجهي ويٺي هئي. ٻنهي لغام جي پنهنجي سوڍل جي ٻانهي اشاري ڏي، هن هڙيءَ کي چيڙڻ شروع ڪيو. هن جي چال ۾ عجيب لوڏ اچي ويئي، جڏهن هن کي اهو احساس هو ته سوڍل، ٻنهن سنجن جي ڇهيو آهي، متان ڏڪيو ٿئي. پر ان لوڏ جي باوجود هن جي رفتار ۾ فرق نه آيو. ڪميت اڃا هڙيءَ کان منهن ڪيو نه پرڀان ٽي هرندڙ مشعلون نظر آيس. اونداهه سان اڇن ڪري، مشعلن جي ٽڪي روشنيءَ ۾ ترخانن جا لڏندڙ خاڪا هو ڇڪيءَ طرح ڏسي ٽي سگهيو. ياڻو سڏو ڪندي، ترخانن جي وچ ۾ چٽل تير وانگر اڇي ٽڪو. پهرئين ٽي وار سان ئي. ترخان دل ڏارپندڙ رڙيون ڪندا گهوڙن کان هيٺ اڇي ڏنا. گهوڙن به هن اوچتي مصيبت کان ٿهڻ شروع ڪيو، ۽ نرا ڪٽي پنهنجن ٽي سوارن کي لتاڙيندا هڪ پاسي نڪري ويا. سوڍل جو ياڻو ائين ڏڙڪي رهيو هو، جڏ ياڻي ۾ عقاب جو روح سمائجي ويو هو ۽ هر ڪوليءَ ڪوليءَ ترخانن جا سينا پرڻ ڪندو ٽي ويو. ڪميت جي ڪاري ٽوسڪا جي دلين ۾ ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيو. هڪڙي ترخان جي ٽرائي جي ڇهنب سوڍي جي گل کي بنهه اک هيٺان

ڇڪ ڏيڻي ويڻي. اتان وهندڙ رت هن جي منڊن مان ٽپندو هن جي ڇپن تي گڙڻ لڳو. پنهنجي ئي رت جو سواد محسوس ڪري سوڍي مان ڇڻ ڏڪ سوڍيا ٿي پيا. هن ڪمريند مان ڪٽارو ڪڍي هٿ ۾ ڪئي سان وار ڪرڻ شروع ڪيو. پالو ترخان جي نڙيءَ کي ڇهون ڇڏون ڪندي، ڪاڏيءَ جي ٻار هليو ويو. سوڍيه ڇڪ سان پالو ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ترخان لڙکي گهوڙي تان ڪري پالو پاڻ سان گهليندو ويو. هن ترخان جي ڪيرڻ سان باقي بچيل ترخانن گهوڙن کي اڙيون هڻي ڪئي ڏڪ پاسي منهن ڪيو. ائين ئي پاڻيو ڇڻ همن ڪو جن ٻوٽ ڏٺو هو، ۽ ٻگانار گهوڙن کي اڙيون هڻندا ئي ويا. گهوڙي کن ۾ هو غائب ٿي ويا.

سوڍيو ٽپ ڏيڻي گهوڙي تان لهي پيو. سامهون ڏولي‌ءَ جا کهار ڏولي اتي ئي چڏي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ اونداهه ۾ منهن پاسي نڪري ويا هئا. سوڍيل پٽ تي کريل مشعلن مان هڪڙي کڻندي ٽکل قدمن سان ڏولي‌ءَ تائين آيو، ۽ پردو هٽائي ڇڏيائين.

ليلي هڪڙي‌ءَ پاڻهن جي سهاري تي ليٽيل هئي: هڪڙي هٿ جي تري‌ءَ تي منڊس مٿو جهليل هو. هن جا ڇڙوڳ وار کاهن تان وري هن جي ڇاتي‌ءَ تي پکڙي ويا هئا. مشعل جي ڀڙڪندڙ روشني‌ءَ ۾ سوڍيل هن ڏاڻهن نهاريو. سوڍيل کي ڏسي ليلي‌ءَ جي منهن جي ڪيفيت ئي بدلجي ويڻي. هن جي اکين ۾ هڪ نئين شوخي پرجي آئي. سوڍيل هن جي اگهاڙين پاڻهن ڏاڻهن نهاريندي ائين محسوس ڪيو ڇڻ هن جي ڏورن جو ماس ڪنهن عجيب اچل کان ٽڙڪڻ لڳو هو ـــ ۽ پوءِ هن هجي نظر هن جي اڌ اگهاڙي ارهم جي مجراب تي ٻيڻي. هن جي نظر اتي ٽڪي نه سگهي، ۽ اتان اهندي هن جي دڻ تي جهلجي ٻيڻي: ڏڻ جي هيٺان، پاسي تي، اچي کن سان هڪ خوبصورت خنجر همرن سان جڙيل ميان ۾ ڪنڊل هو. سوڍيل مشعل ڏولي‌ءَ جي ڇتي آڏو ٻهاري چڏي.

ليلي گهڙي کن هن کي ڏسندي رهي. مرڪ سندس چپن تان ميڇي منهن تي ڦهلجي ويئي، ۽ جڏهن ان مرڪ جي جوت هن جي اکين ۾ پهتي، تڏهن سڏي ٿي ويهي رهي. سندس ڇاتي زور سان هيٺ مٿي ٿيڻ لڳي، ۽ سوڍل کي اڻين محسوس ٿيو جڻ زمين هن جي پيرن هيٺان ڏيڻ لڳي هئي. ليليءَ هن جي اکين ۾ نهارينديءَ چيو: "جان من، مون کي پڪ هئي ته تون مون کي گولي لهندين!.... پر ايتري دير ڪيئي آهي! اڇ.... اوري آءٌ ته آءٌ تو کان سڏ وسارائي ڇڏيان!"

سوڍل هٿ وڌائي، سندس نرڙ جي وچ ڏي ڏسڻي اگر رکي ڇڏي. نرڙ تان سندس وار هٽائيندي، اگر سان جڙ رستو نهارينديءَ، هن جو هٿ لهندو ويو. هن جي اگر هن جي نڪ تان لهي من جي چپن تائين پهتي ته ليليءَ چپن کي سوڙهو ڪندي هن جي اگر کي چمي ڏني، پر اگر هيٺ لهندي ويئي. من جي ڪاڏيءَ جي خال تان گسڪنديءَ، هن جي خوبصورت ڳچيءَ تان مڙي، هن جي ارهه جي محراب ۾ اٽڪي پيئي. پر جلد ئي اتان ٽڙي هن جي چولي مٿان هلندي، هن جي ڏڻ تان ڦرندي، خنجر جي ڳڻ تي اڇي ٻڌي رهي، ۽ هن ليليءَ جي اکين ۽ نهارينديءَ خنجر موڙ سان ڪيڏي ورنو.

ليلي آهستي پرين اکين سان هن کي ڏسندي رهي. هن جي هٿن ۾ اڇل ايندي ويئي، ۽ هن وحشي گهوڙي کي پنهنجي سيني ۾ جاه ڏيڻ لاءِ، هوءَ هٿون کولي گوڏن پر اٿڻ لڳي. سوڍي اوچتو پنهنجي هٿ کي هلکو اشارو ڏنو، ۽ خنجر جو ٿر ڳڻ تائين هن جي ارهه جي محراب ۾ داخل ٿي ويو. ليليءَ هڪ ڪيت ڏيئي هڏڪي ڳوڪڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پنهنجي منهن تي مرڪ قائم رکڻ لاءِ چمڻ ٿي نٿهن جو زور لائي، ٻيئي هٿ کڻي هن جي ٻهراڻ ۾ وڌا، ۽ پنهنجو منهن هن جي ڇاتيءَ جي وارن ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي، هوءَ ڊرڪندي هن جي قدمن ۾ ڪري ٻيئي.

سوڀل کي ائين محسوس ٿيو جڻ گھمندڙ، چڪر کائيندڙ دنيا بيھي رھي ھئي. ھن جي ذھن ۾ مٿل سمورا طوفان ۽ واڇوڙا بيھي رھيا ھئا. ھن جي اندر جو مچ آجھامڻ لڳو ھو: فقط ھن جي دل جي جاءِ تي ھڪ وڏو گھرو خال بنجندو ٿي ويو، ۽ الائي ڇو ھن جي اکين ۾ لڙڪ پرجڻ لڳا ھئا. ھن پنھنجي پويان ڪنھن جي زور سان ساھ ڪڍڻ جو آواز ٻڌي پويان نھاريو. ڪميت سنڌس پٽيان ڪنڌ جھڪايو بيٺي ھئي. ھن جا اينڊڙ لڙڪ واپس موڙي ويا، ۽ ھن پيار مان ڪميت جي بشڪن ٿي ھٿ ڦيرينديءِ ۾ ۾ ڪٽي: "اڄ ملي تہ ھلون. منھنجي جنگ پوري ٿي: ھاڻ اڄ تہ سڌ جي جنگ ڇيڙيون!

....

مائيٽي، مھر پرڻي، سنڌوءَ ۾ جڏھن اڻل ايندي آھي، تڏھن ائين پائڻيو آھي تہ ھن ۾ نوح جي ٻيڙي ٻ ڪاڏ بچندي. واھ وسيون، ڪيٽ ڪرا، ندين نارا، ھيڻاھيون مٽاھيون پاڻيءَ جي آڇ ۾ ڏکيون، سنڌوءَ جي ھنج ۾ گم ٿي ويندين آھن، ۽ پريان اڻن پائڻيو آھي جو آپ ۽ ڏرتي پاڻ ۾ ملي، ھڪ ساگر جي صورت ۾ وھڻ لڳا آھن. آپ پاڻ بچائڻ لاءِ پوئتي ھٽندو رھندو آھي، ۽ ڏرتي پنھنجي پاڻ ۾ سمائجندي، پاڻ بچائيندي، نيون حدون، نوان ڪنارا، نوان ساحل ڪوليندي رھندي آھي—۽ ھر طرف پاڻيءَ جون ڳالھيون ڪٻيون آھن، ھاھوڪار مچندي آھي. مڙھو تہ ماڙھو، پکي پکڻ ۽ جيت جناور پاڏائيندڙ اکين سان ڪو نئون اڇھو، ڪا نئين پناھ، ڪوڙ لڳندا آھن.

چون ٿا تہ اھڙين مندن ۾، جڏھن سنڌي سيلاني، غوراب ڀري، مڪڑا سنيالي، سڙھ سنوان ڪندا ھئا، تڏھن سنڌن اڪن وڇوڙ، جڙ ڏيا پاڙڪان پوءِ ٻ سيلاني نہ ورندا ھئا، تڏھن اھي ھاڻ - وھيٽيون چريون سڙ سامونديءِ جا آلاپ ورلاپ ڪنديون، گھر موڙي اينديون ھيون، ۽ ساگر جي سھي ۾، ھن جي موڻ ٿي، اھڙي اڻل ايندي ھئي، پاڻيءَ جي آڇ ٿي آڇ آڪاس ۾

اهڙا رنگ پرڻ لڳندي هئي، جو ماڻهو چوندا هئا ته جيڪڏهن ساگر جي هيءَ آڇ به جي اڇل کائي وڃهي ته .... ؟!

پر هيل ونين جي ورلاپن بدران هڪ نئون راڳ، نئون سنگيت ساگر جي ويرن سان ٿيندو، سنڌوءَ جي لهرن ۽ پڙاڏا پيدا ڪندو، ماڻهن جي سين ۾ هرڻ لڳو هو. ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي وات ۾ اهائي وائي هئي: تو هڏو، مون هڏو، هين هڏو، هن هڏو ـــ آخر ۾ ترخانن هڏو ته سوڍو ڪاميندو ٿو آڇي. جتان جتان اهو آلاپ اڀيو ٿي، اتان ترخان اڳواڻ ٿڙ هڏي ڏني پهچڻ لڳا.

سوڍو هڪ سمند هو، جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان، وگهر واهڻ مان، شهرن وسين مان، ساگر ڦٽي، ٽيز ڌارائن جي روپ ۾ سمائجندا ٿي ويا. ڦڙي ڦڙي تلاءَ، تلاءَ تلاءَ ندي، ندي ندي ساگر ۽ ساگر ساگر سمند بنجي چوليون هڻن. آپ ۾ راهون پيدا ڪرڻ لڳو. ماڻهن ۾ عجيب غريب گالهيون، آکاڻيون ۽ قصا ڪهاڻيون پکڙجي ويون: پوڙهيون پڪيون ۽ وڏڙا جڏهن مڃ جي چوڌاري ويهي اوپاريون لهواريون ڪندا هئا، تڏهن روز نت نئين ڪهاڻي جنم وٺندي هئي. هڪ ڪهاڻي خاص طرح هڪ ڪنهن پرم ۽ وسوسي وانگر، ديومالا بنجي پرڻ لڳي هئي ته سوڍيل اصل ۾ دولهه درياخان آهي، جنهن الله سائين کان، جنت ۾ گهمندي، هي وچن ورتو ته منهنجي جيجل سنڌڙيءَ کي ويري رسائي ويا آهن، مون کي ٿوري مهلت ڏيئي، وري ڌرتيءَ تي جنيدان ڏيو. الله سائين چيس ته اسين تو کي جنيدان ڏيئي، سنڌ ۾ شرط تي موڪلينداسون ته جنت ڏان هٽ ڪڍندين ۽ دوزخ ڀرجندين. دولهه درياخان اهو شرط به منظور ڪيو، ۽ الله سائينءَ جا شڪرانا مڃيندي چيائين ته سنڌڙيءَ تي سر ڏيئ جو هڪڙو ٻيو موقعو ملي ته مون کي هڪڙو ڇا، هزار جهنم به قبول آهن!

سوڍو ۽ سندس ساٿي جتان ٿي لنگهيا، اتي جڏ ته منڊل ڪي ٿي ويا. ڪوٽائا هن جي آجيان لاءِ اکيون وڇهيو ويٺا هوندا ڪندرون ڪسندرون هيون، دنيا ۽ هڪر پڇندا هئا، دهل دمام

وڃندا هئا، ڏونڪن ته نڇون ٿيندڙون هيون، ماڻهو ڇيڙيون ڏئي سورا ڪائيندا، جهڙ وجهندا، هنن جي مرحبا ڪندا هئا، ۽ سڄو واپو منڊل "جيڪي سڏ" جي پڙاڏن سان گونجڻ لڳندو هو. اهي پڙاڏا ٻڌي آسپاس جي ڪوٽن مان ترخان پنهنجا گهوڙا پلاڻو لڳندا هئا.

پر سوڍو ۽ سندس ساٿي ته ڪي عجيب انسان هئا: سڄا ٻت ٻيوت، چاپٽمون ڏاڙهيون لٽ ۾ اڇيون، ڪپڙن تي رت جا ڇنڊا ڇڻ هوليءَ ڪيڏي آيا هئا، اکين ۾ مڇ ڇڻ هرگهڙيءَ ڪنهن ڳولا، ڪنهن تلاش ۾ هئا. ماڻهن سان اهڙي قرب سان ملندا هئا ڇڻ ورهين جا وڇڙيل هئا. سوڍي کي ڏسڻ لاءِ ماڻهو ائين ڪاهٽ ٿيندا هئا، ڇڻ ته هنن نه ڏٺو ته سندن قيام ٿي ڪانه ٿيندي. سڏي سڃاڻڻا اهوجهن جيان، هن جي ڪا نشاني هٿ ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهڻ ٿي لڳا. جي هن جا ساٿي نه سنياڻين ته ماڻهو هن جي ڪپڙن کي ڦاڙي، ليڙون ڪڍي وڇڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهڻ جهڙڻ ٿي لڳا. جتان جتان ٿي لنگهيو، انهن هنڌن تان ٻيو ڪجهه نٿي ملين ته ماڻهن متيءَ جون نندڙيون هڙون ٻڌڻ ٿي شروع ڪيون، ۽ سوڍو هنن سڃاڻڻ جون اهي اهوجهائيون ڏسي الائي ڇو، ڪنڌ جهڪائي پنهنجي سڏ جي ان ڌرتيءَ کي گهورڻ لڳندو هو، جا ماڻهن کي ايتري پياري هئي.

جنهن جنهن ڳوٺ ۾ سوڍل پنهنجي سينا سان داخل ٿيو، اتي وڏڙا گهرائي، سندن پڻڇائت چوندائي. ڳوٺ جي ڪرڙوڙ ماڻهن ۽ جوانن کي حفاظت لاءِ هٿيار پنوهار ڏيئي، اڪثي وڏندو هو. هر ڳوٺ مان ڪيترائي جوان مڙس هن سان شامل ٿيندا هئا. سوڍي جي سينا چوماسي جي درياءَ وانگر وهران وير وڏندي ويئي. سوڍل کي ڇڻ ته اکين ۾ ننڊ ئي ڪانه هئي: جتي به رات پوندي هين، اتي چونڪي ڏيندڙ جوان اڪثر هن کي پنهنجي منهن ستل همراهن جي قطارن مان لنگهندو، سندن منهن ۾ گهوريندو، ڇڻ پاڻ ۾ ڀهرو ڏيندي ڏسندا هئا. هن جي ساٿين هن کي آرام

۽ سڪ ڏيڻ لاءِ هزار جتن ڪيا، پر سوديل ڇڻ سڪ سمهڻ سکيو ئي نه هو.

سوديل جي زندگي شفق جي ڳاڙهي ڪڪر واري زندگي سمجهي ويئي، جنهن ۾ روشنيءَ ۽ اجالي کان سواءِ رت جون ڌارائون شامل هيون. هن جي اکين ۾ نيون ڏياڻيون هرڻ لڳنديون هيون، جن جي جوت هن جي چوڌاري ڇڻ نور جو هڪ ڪڪر پيدا ڪري وڌو هو. انهن ڏياڻين جي چر ۾ نهارڻ سان ئي ڏسندڙ کي پيوائي پڄجي ويندي هئي. هو هميشه کان وڌيڪ، اڳي کان اڳرو، چپ ۽ سانتيڪو ئي ٻيو هو. پر ان سانت ۾ هڪ نئين لهر ٿئي ـــ جڏن کنهن سمنڊ ۾ اڌمڙ آندي ۽ طوفان کن اڳ سانت جي لهر آپري ايندي آهي. هن سان گالهائڻ جي کنهن کي همت نه ٿيندي هئي؛ فقط چاچو عاو کنهن طرح هن کي گالهائڻ ئي مجبور ڪري سگهندو هو. پر هيءَ آئل ۽ اهڙي هئي، جو سوڏو نه چاهي ٻيا جوان ٻ گالهائيندا گهٽ هئا، هر وقت ايندڙ اڙائين جي انتظار ۾ سنڊن دليون ڏڙڪندڙيون رهنديون هيون.

سڏ جي گوٺن جي جوانن جو من به ايترو وڌي ويو، جو هو پهمچي منهن سمهن ترخاڻن کي ڏڙڪا ۽ ڏمڪيون ڏيڻ لڳا نه هو به سوديل جا ماڻهو هئا، ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي ظالمن ۽ ڏاڍاين کان باز نه آيا نه هو سوديل وٽ دانهين ئي ويندا. ڪيترن ئي ڏينهن گوات مهمانين جهاڻ لاءِ ماڻهو ئي موڪليا، پر سوڏي جو جنڊاوئي جواب هوندو هو نه "ادا، جي منهنجي مهماني جهلي اٿو، نه ڪو جٽو جوانن جو ٽاهي اڇي اسان سان شامل ٿيو!" ٿين سوديل جا ساٿي مينهوگيءَ جي درياءَ وانگر وڌندا ڏاهاڙندا ئي ويا. ٿوري وقت ۾ ڪهاڙين، لوڙهين ۽ بانڊن جي ٻرڙان ڏمن وٽ ترخاڻن کان ڦريل ترارين، ڀالا ۽ بڙڇيون اڇي ويون. ڏمن جي تنظيم ۾ خاص گالهه اها هئي، جو منجهن ڪوبه ورڇ نه هو. هڪ ئي طرح جو ڪاڏو سڀ ڪائيندا هئا، هڪ ئي طرح سان جيجل ڏرتيءَ کي وڇاڻو بڻائي سمهندا هئا. چونڪي

۽ پهرو ڏيڻ جو وارو به سپاهي ٿي اينڊو هو. انهن ۾ سوديل به شامل هوندو هو. فقط هڪڙو فرق هو ـــ سو اهو ته جنگ جهڙي وقت سوديل جي هر گهاڻه جڻ لوهه ٿي ليڪو هئي. ڪنهن ڪي هن جي گهاڻه اورانگهڻ جي همت نه ٿيندي هئي. ترخانن جي نمايين نديين چانوٽين ٿي راڻاڻا ڏيڻ هنن جو معمول ٿي ويو. هن جي طاقت اڃا ايتري نه هئي، جو سڌو سنئون ترخانن جي لشڪرن سان وڙهن. ان ڪري سوديل اڪثر پنهنجن همراهن جي چوڌاري جتي سان نديين نديين چانوٽين ٿي اهڙيءَ طرح راڻاڻا ڏيندو هو، جو ترخانن کي اها خبر نه پئجي سگهندي هئي ته حملو ڪهڙي وقت ۽ ڪٿان ڪيو.

هڪڙي اماس رات جو هو پنهنجن ويهاروکن سائين سان پنهنجي باقي لشڪرکان گهٽو اڳتي نڪري آيو. واپس ورڻ تي هئا ته پريان ڪين مشعلن جي روشني ليٽاڪا پائيندي نظر آئي. سوديل جون اکيون اونداهي ۾ چمريندڙيون روشنيءَ جي ان نقطي ڏانهن ڏسندڙيون رهيون. انهن ٿي پاڻيو جڻ ان نقطي جا ترورا هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا ٿي ويا، ۽ اهي ترورا هن جي هلڻ ٿي جڏن ٻوءَ ٽٽن ڏانهن ويجها ٿيندا ٿي ويا. جڏهن هو بنهه ويجها پهتا، تڏهن سوديل پنهنجن ماڻهن کي گهوڙن تان لهڻ جو اشارو ڏنو. گهوڙن کي اتي ٿي وڻن ۾ ٻڌي، هو پيرڻ ٻاڌا روشنيءَ ڏانهن وڌيا. بنهه ويجهو پهچڻ ٿي هن ڏٺو ته اڪل پنجاهي ڪن تنبو ڪٿل هئا. ٻن تنبن اڳيان مشعلون ٻري رهيون هيون. ڪجهه هٿياربند واري واري سان تنبن جي چوڌاري گول چڪر هڻي پهرو ڏيئي رهيا هئا.

سوديل، پنهنجن ماڻهن کي هڪ هنڌ ٿي ٽهڻ جو اشارو ڪري، پاڻ تنبن جي اوٽ مان ٿيندو، مشعلن وارن تنبن جو ويجهو پهتو. هڪڙي تنبوءَ جي ٻاهران چار پهريدار بيخبرا پاڻ ۾ بيٺ ٻيٺ، هٿي رهيا هئا. اتي روشني ايتري تيز هئي، جو اونداهه سان نڪرڻ جو ڪم هو. پر سوديل اونداهه جي

اوٽ مان نڪري، پنهنجي ڪتار هٿ ۾ جهلي ، آهستي آهستي ٽنبوءَ جي پٺيان نڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو. عين ان گهڙيءَ هڪڙو پهريدار پنهنجي چونڪيءَ جو چڪر ڪاڻي ، هن جي سامهون لنگهڻ وارو هو. هن جي وچ ۾ فقط چند قدمن جو فاصلو هو. سوڍل هڪدم ٽنبوءَ جي اوٽ ۾ ساهه روڪي بيهي رهيو . هن کي پڪ هئي ته اتان لنگهندي پهريدار جي نظر هن تي ضرور پوندي. پر هو آن لاءِ اڳيئي تيار هو. جڏهن پهريدار ٽنبي هن سان منهان منهن ٿيڻ وارو هو ته هن چيتي وارو چال ڏيئي ، هڪڙو هٿ هن جي وات تي ڏيئي چڏيو ۽ سندس ٻيو هٿ هن جي ڇيلهه کي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين چيري ويو . ترخان جي دانهن هن جي هٿ ۾ ئي چڇرجي ويئي. جڏهن سوڍل کي پڪ ٿي ته ترخان جي رڳن مان به آواز سري ويو، تڏهن ڪيس گهلي هڪ ٽنبوءَ جي پويان اهڙيءَ طرح ڊگهاري سمهاري چڏيو، جو پريان رکو سندس پير نظر اچن. هو پاڻ به اتي ئي اونداهه ۾ بيهي، ٻئي پهريدار جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ڪجهه گهڙين کان پوءِ ٻيو پهريدار ڇڻ ڪجهه ڳولينديو. ٽنبوءَ جي اونداهن پاڇن ۾ نهاريندو، هن ڏانهن وڌڻ لڳو. سوڍل سمجهي ويو ته هو پنهنجي ساٿيءَ کي ڳولي رهيو هو. هن کي پنهنجي چڪر ۾ ان پهريدار جي نه موڻڻ تي حيرت هئي. جڏهن ئي پهچي، هن کي سندس پير نظر آيا، ۽ پاڇولي ۾ اڇن ٿي نظر آيو ڇڻ اونده جو فائدو وٺي، موقعو ڏسي هو ڇاڪي واڪي سمهي رهيو هو. تڏهن پهريدار جي منهن تي مرڪ سان گڏ ڪا شرارت سمجهي آئي، ۽ هن فارسيءَ ۾ ڪار ڏيندي چيو: "ننڊون ڪر، حرامخور.... بيهه ته....." جڏن ئي هن کي لنگن مان جهلي باهر ڇڪڻ تي هو ته هڪ لوهي چنبو سندس ڪڇيءَ ۾ ڦهي ويو. هن جي اکين ۾ مشعلن جي روشني ۽ اونداهه واري واري سان نچڻ ٽپڻ ۽ غائب ٿيڻ لڳي. هن رڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن کي اڳين محسوس ٿيو ڇڻ ڪنهن سندس ڇپ کي پاڙون پٽي ڇڏيو

هو. هن ڪچهريءَ جي سور ڪان روئڻ ڀاڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن ائين ڀانيو ڄڻ ته هن جون اکيون پنهنجي جاءِ تان ٻاهر نڪري رهيون هيون. هن ڪوشش ڪئي ته ڪنهن طرح سان پنهنجي جان ڇڏائي، پر هن کي پنهنجون ٽنگون ڌرتيءَ ڪان ... لڙڪنديون محسوس ٿيون. گهڙيءَ ڪان پوءِ ... هن کي اهو احساس جاڳيو ته موت بنهه هن جي دل تائين ... هو، ۽ هو هڪ سڪل بند جيان پنهنجي ساٿيءَ ... ڪري پيو.

سوڍل هن کي اتي ئي ڇڏي، وري پنهنجي جاءِ تي ... آيو. هن کي پڪ نه هئي ته اڇا ڪو ٻيو ڀهريدار ڇڪر تي ايندو يا نه. ڪجهه وقت انتظار ڪري هو هڪڙي تنبوءَ ... پنيان پهچي، پنهنجي ڪٽاري سان ان جي تلهي ڪپڙي کي ڇهڪ ڏيڻ شروع ڪيا. اندر گهڙڻ جيترو لوگهو ڪري، هو تنبوءَ ۾ ٽپي پيو. ٻاهر ٻرندڙ مشعلن مان ڇڻي ايندڙ روشنيءَ ۾ هن جيڪي ڪجهه ڏٺو، تنهن هن جي دل ۾ ڇڪ وجهي ڇڏيو: رسن سان جوڪڙيو ٻڌل سنگهار هن ڏانهن نهاري ... ڏسندڙ اکين سان نهاري رهيو هو. اکين جي جاءِ تي ٻه وڏا ڇڱهه هئا، جن مان رت ڳاڙهو پياو ٻاڻي وهي، سندس ڏاڙهيءَ ۾ سڪي ويو هو. سندس سمورو جسم ڦٽن ۽ چهرن سان ڇچريو پيو هو. ايترو زخمي ۽ نابين هجڻ جي هوندي، ترخانن هن کي اهڙو سوگهو ٻڌي ڇڏيو هو، جو ائين ٿي ڀانيو ته ترخانن کي اڇا ٻه هن ڪان ڊپ ٿي ٿيو. گهڙيءَ لاءِ سوڍل جو من سڻ ٿي ويو. هن جي پنهنجي اکين ۾ مرچ پوڻ لڳا. هن جي سڄي بدن ۾ سيون ڇڀڻ لڳيون. محض ان احساس ڪان بچڻ لاءِ، هو ڪٽارو هٿ ۾ جهلي، دروازي ڏانهن وڌيو. ٻاهر نڪرڻ سان ڄڻ هن کي حس پئجي ويو. ڳالهيون ڪندڙ ڀهريدارن کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته هو ڪير هو ۽ ان تنبوءَ مان ڪيئن نڪتو. ڀهرئين ترخان کي ٻاهه جو هڪ تيز آلو پنهنجي ٻنهي ڪلهن جي ٻوري وچ ۾ کپندو محسوس ٿيو، ۽ هن ايڏي رنڀ ڪئي، جو سندس ساٿين جون دليون ڪنبي

وٺون. هن جي ڪرڻ وقت، سوڊل سڌ ڏيڻي هن جو پالو ڪسي ورتو، ۽ سامهون بيٺل ترخان جي پيٽ ۾ ٽنبي ڏنو. آن پالي کي اني ڻي ڇڏي، هن پاسي ۾ بيٺل ٽئين ترخان کي ڪمربند ۾ هٿ وجهي ڪڍي مٿي ڪيو، ۽ ڪوس اهڙي آڇل ڏنيائين، جو هو جنڊ حي ڳري پڙَ وانگر مٿي پر جٽن ڪريو، ٽئن وري چريو ٻ ڪوڙ. اهو سيڪجهه ايترو جلد ٿيو، جو چوٽين پهريدار کي يقين نه پئي آيو ته اها سيڪجهه حقيقت هئي يا هو خواب ڏسي رهيو هو. جيسين هو ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي، تيسين سوڊل جو هٿ زوزات ڪندو هن جي منهن ني وري ويو. ترخان تي جڻ وڄ ڪري پيئي. هو ايتو ٿي ٽاڙجي ويان ڪري ٻيو، ۽ يوءِ سنڌس ڻي پالو سوڊل هن جي پيٽ ۾ ٽنبي ڏنو. پالي کي وٽ ڏيڻي چڪي باهر ڪيائين ته ير واري ٽنبوءَ وارا پهريدار پالا سڏا ڪري هن تي آلر ڪري آيا. هن انان ڻي پالي کي آڇل ڏني. هڪڙو پهريدار پاڻ بچائڻ لاءِ جٽن هيٺ جهڪيو، ٽئن پالو سنڌس پيٽ بدران سنڌس ڪڇيءَ جي رڳن کي چيري ويو، ۽ هو اني ڻي ڊير ٿي ويو. ٻئي پهريدار جٽن سنگهار تي حملو ڪيو، ٽئن سوڊل جا ٻئي هٿ سنڌس پالي ۾ ڪپي ويا. پالي کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي، هن پنهنجو گوڏو ايترو زور سان ترخان جي پيٽ ۾ هنيو جو ترخان پاڻ کي هوا ۾ ڪڇندو محسوس ڪيو— جيسين هو وري سڌو ٿئي، تيسين ڇ ڪو جبل هن جي مٿان ڪري پيو، ۽ سوڊل جي آخري ڏڪ ني هن جو مٿو ڪاءِ ڏيڻي پڇي پيو.

سوڊل پنهنجي آسپاس جو جائزو وٺندي محسوس ڪيو ته ترخان جي رڙين تي ٽنبن ۾ چڙپڙ ٿيڻ لڳي هئي. ماڻهن جي آڻ، هڪٻئي کي هڪلن ڏيڻ ۽ هٿيارن کڻڻ جا آواز ڦهلجڻ لڳا. سوڊل وري ٽنبوءَ ۾ گهڙي ويو، ۽ سنگهار کي ڪنهن ٻريءَ وانگر ڪلهي تي کڻي، هو ٽڪڙو باهر نڪري آيو. ٽنبن جي ٻئيان اچي، اوندهه مان هلندو، اچي پنهنجن ساٿين وٽ پهتو. ٻ

پنهنجن کن سائين کي هري هري کو حڪم ڏنو. چار ڇٽا اڳتي وڌي تنبن ڏانهن وڃڻ لڳا؛ ۽ پاڻ باقي همراهن سان موڻي اچي گهوڑن تائين رسيا.

سوڍل سنگهار جا رسا ڪپندي، ڪيس پنهنجي ڪميت تي ويهارهو ۽ همراهن کي سوار ٿيڻ جو اشارو ڪري، پاڻ اڳيان وڌي ويو. گهڙيءَ کان پوءِ سمورن تنبن مان باهر جا شعلا نڪرڻ لڳا، ۽ همراهن جي ڏسندي ڏسندي سمورن تنبن کي باهر وکوڙي ويئي. باهر جي روشنيءَ ۾ هنن وري سوڍل کي پنهنجن سائين سان موڪلندي ڏٺو. سندس سائي گهوڑن تي چڙهيا ته سوڍل به ڪميت تي، سنگهار جي پويان چڙهي ويئو. گهوڑيءَ کي مالڪ جي اشاري ملڻ تي ڇڻ ٽئين جان اچي ويئي، ۽ هو اهڙيءَ طرح هلڻ لڳي جڻ زمين بدران پاڻيءَ تي ترندي تي ويئي.

پنهنجي منزل تي پهچي، هن آهستي ڪري سنگهار کي لاٿو. همراه چوڌاري گهمرو ڏاهي، هن زخمي نابين کي ڏسڻ ويهي رهيا. سوڍل چاچي علوءَ کي اشارو ڏنو، ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ علو ڪوسي پاڻيءَ سان سنگهار جا ڦٽ ڌوئڻ ويهي رهيو. اوچتو سنگهار ننهن هوريان چيو: "ڪو ڪالهائي، چو نٿو! ابا، کو سڏي نه جاڻي ٿو اوهان مان....!"

هن اهي لفظ ايتري درد مان چيا جو سڀني جي دل کي جهوريو اچي ويو. سنگهار وري چيو: "ڪير مڙس آهيو؟"

سوڍل نرميءَ سان چيو: "ادا، آءٌ آهيان سوڍل!"

گهڙيءَ لاءِ هڪ گهوري گهوري ساڻ چانڇجي ويئي. پوءِ سنگهار جي منهن تي مرڪ مڙي آئي. "آءٌ به چوان ته اميرخان جي لشڪر ۾ گهڙي ٻوڙ وارو ته رکهو سوڍو ٿي سگهي ٿو. ۽ سوڍا، هاڻ آءٌ تنهنجي ڪهڙي ڪم جو....!"

سوڍو منهن هيٺ ڪري، پنهنجن ٿي خيالن ۾ محو هو. سچ ته اکين سان سنگهار سؤ سڙهن جو مٽ هو، ۽ هاڻ.... هن

جو معذور نابين ياڻ ! هن کي پنهنجي پاڇائيءَ پاڪل جو سهاڳ ياد اچي ويو ، ۽ هو ڪجهه سوچيندو اٿان آئي ويو .

....

سوڍو کوبه ڪم سنگت جي صلاح کان سواءِ ڪونه ڪندو هو. جيڪڏهن ڪنهن صلاح نه وٺندي هئي. ته چپ چاپ ويٺو هوندو هو. هن جي منهن تي ڪجهه اڇرو رنگ اچي ويندو هو ، جو همراه پنهنجي راه تي ٻيهر سوچ لڳندا هئا ، ۽ ٿيندو اُهو ئي هو جيڪي سوڍو چاهيندو هو. هن جي سنگت ۽ پڇاڻاٽ انهن همراهن جي هئي، جيڪي پنهنجا جٽا ناهي، ارغونن ۽ ترخانن سان پنهنجي سير چوٽون ڪائي، اچي سوڍي سان شامل ٿيا هئا. اهي همراه به پنهنجن سائين سان صلاحون ڪري، پوءِ اچي سوڍي سان حالي احوالي ٿيندا هئا. نتيجو اهو ٿيندو هو جو جيڪو به ڪم هو ڪندا هئا، ان ۾ سمورن مائٽن جي هڪ ئي راه هوندي هئي. جڏهن سوڍي جي سينا ۾ ڏهاڪو هزار مائهو ڳڏ ٿيا، تڏهن نندن جوانن ۾ ڪجهه بي آرامي پيدا ٿيڻ لڳي . هن پنهنجا اکوڻ موڪلي سنگت کوڻائي ته هاڻ گهٽو ئي لشڪر ڳڏ ٿيو آهي، ڇو نه نٿي ٿي وڃي ، مرزا باقيءَ تي سڌي سئين هلان ڪجي ، ۽ ڪو فيصلو ڪجي : يا ته سڌ آجي ٿئي يا سڀ سير ڏيئي سرها ٿين . سوڍي جي منهن تي جيڪو رنگ آيو ، تنهن مان ڪنهن کي به اها سڌ پڇجي نه سگهي ته هو به ان راه جو هو يا نه. جيسين کو فيصلو ٿئي، تيسين هڪڙي ڪنڌ مان آواز آيو ، جنهن ۾ سوڍي وارو ڪاوڙ ته ڪونه هو پر جنهن ۾ پروسي جا آهڙائي آهجاڻ هئا. اهو آواز سنگهار جو هو ، جنهن ڇيو ته "پاڻو، نٿي واري چانوڻيءَ ۾ ستر هزار ترخان لشڪري آهن. درياهه جي اورين پر چاليهارو هزار ترخان چانوڻي هنيو ويٺا آهن . تنهن کان سواءِ نٿي کان ڇهه ڪوهه پري مرزا باقيءَ جي جان نثارن جو دستو آهي، جيڪي سمورا گهوڙسوار ۽ زره پوش آهن. نٿي شهر اندر ئي اميرخان جي هٿ هيٺ پندرهن هزار ارغون ۽

ترخان فوجي شهر کي هيسائڻ لاءِ خيما کوڙيو ويٺا آهن. سو آهرو ٿيڻ مان ته کو فائدو ڪونہ ورندو. پاڻ سنڌي گهٽو ئي سرويچ سهي، پر ويريءَ جي وڙَ جي سار نہ ڪرڻ دانائي نہ آهي. تنهن کان سواءِ مرزا جاني بيگ سيوهڻ ۾ ويٺو آهي. بکر جو ڪوٽ به ترخانن سان ڏيئو پيو آهي. فنڌار وارو رستو ڪليو پيو آهي. ائين نہ ٿئي جو اڳين هلچلن وانگر هيءَ آئل به اڻ ڏني ويريءَ هٿان پوري ٿي وڃي!"

سڀ لڳي ويئي. سڀني کي اها گهاڻہ دل سان لڳي آئي. هن سان ڪيترن ته آهي چانوڻيون ڏيئون به ڪونہ هيون. لشکر جا اهي انگ هڏي، ڪيترن جي منهن ٿي نا اميديءَ جو رنگ اوتجي ويو. سنگهار سوڍي ۽ ٻين سوين همراهن، جن انهن چانوڻين ٿي راتاها ڏنا هٿا، تن کي خبر هٿي ته مقابلو ڪنهن سان هو.

"پلا پوءِ؟" هڪڙي جوان، جنهن کي ڪن ۾ ڏگهيون واليون پيل هيون، ۽ سندس منهن ۾ عجيب مٽيا هٿي، اڳاڙو ٿيندي چيو.

"آدلَ، جي مون کان ٻڌا پڇو ته آڳ ته ان مٽ جو آهيان ته اول پنهنجي به ڪا هڪ ـ هڪاڻي چانوڻي ڪجي. کو سيرو ڪوٽ هٽ ڪري، اتي ويهي ٽهاريون ڪجن. ماڻهو، هٿيار پنهوار، گهوڙا، وهٽ ۽ پيو سامان سڙوگڌ ڪجي. اتانهون راتاها ڏيئي فنڌار واري نانگ ـ پيرَ کي بند ڪجي. اتانهون سيوهڻ ٿي چڙهجي ته جٽن اتر وارن پاڙن جي سات سان فنڌار، ملتان ۽ ٻين گهٽن مان ترخانن کي پهچندڙ واهر کي روڪي سگهجي. پوءِ وارو ڪجي بکر جي ڪوٽ ٿي. سيوهڻ ۽ بکر ڪيريا ته ٿئي ۾ به ٽاڪوڙو پٽجي ويندو. پوءِ مڙسن واري ملهه ڪجي ٿئي ۾! ادل، سنڌ کي ويرين ۽ ڏارڻن کان آجو ڪرڻ هڪ ـ ڻ ڏينهن جي گهاڻہ نہ آهي. هن لاءِ ته سموري حياتي، حياتيءَ جا سمورا ڏينهن، سمورن ڏينهن جو پَهرُ پَهرُ، ۽ پهرَ پَهرَ جي هڪ هڪ گهڙي گهورڻي پوندي!"

واه واه ٿي ويئي: ڪُوڪريا پڄجي ويا. آٽي جو اٽي صلاح ٻيئي ته ترَ لاءِ ڪي ماڻهو چڏي، باقي لشڪر موهن ڪوٽ ٽي چڙهي. موهن ڪوٽ ڪي چانوڻي ٻڌائي، سيوهڻ ٽي راڻاڻا ڏجن. سريڊي جي منهن ٽي سرهائي ڏسي، جوانن جا منهن به ٻهه ٻهه ٻهڪن لڳا. سر ترين ٽي هجن ته مرڪ به ٻهڪن لڪندي آهي. ڪلندي، ڪڏندي سر ڏيڻ ته ڪو سنڌين کان سکي. ٻيٽ ٻڪٽي، انگ اگهاڙي هوندي به ساڻيهه جي نالي تان قربان ٿيڻ به ڪو سنڌين کان سکي. ائين ٽي پانيو ته پتنگن پاڻ پچائڻ جو ٻهه ڪندي، پاڻ وساري چڏيو هو.

موهن ڪوٽ ٽي لشڪر چا چڙهيو، ارغونن ترخانن پانيو ته مٽن وچ ڪري ٻيٽي. هنن سان وڏيءَ سير جي ڪيترن ترخانن سنڌين جون اکيون بغاوتون ڏٺيون هيون. راڻاهن واريون راڻيون ياد هٽن، پر هيٽن ڏينهن ڏٺي جو لشڪر چڙهي اچن ته درياخان ان ٻوه هنن نه ڏٺو نه ٻڌو هو، ۽ هي سنڌي ته ڪي عجيب مخلوق هٽا، جن وٽ پالن ۽ ترارين بدران ونگ واربون موڪريون کهاڙيون هيون. حن وٽ ترارين يا پالا هٽا، تن اکيان ڍالون ۽ ٽٽي ڍاربون. هو وڙهيا ائين ٽي جن هيءَ سنڌن آخري جنگ ٿي، جنهن ۾ هار جيت بدران هنن لاءِ رکو شايد هڪڙو ٽي آدرش هو ته ڪوٽ جي دروازي تائين اڳ ڪير ٿو پهچي. ڪي ترخان ته هنن کي ڏسي ڏهڪ ڏيئي ڪلهه لڳا هٽا. هي مٽ جيترا سنڌي ٻڌاري کائڻ سان ڪيٽن وڙهن آيا هٽا. هنن جو ڪل لشڪر سنڌن گهوڙسوارن کان ۽ گهٽ هو، جن کان ٽمڻا چٽوٽا پيادل لشڪري پالن، ترارين ۽ خنجرن سان الڳ هٽا. هنن سنڌين کي ته سڌيون صفون ٽاهن ۽ ٽٽي آيون. وڙهن لاءِ اڳتي ائين ٻٽي وڃا جن ته ڪهن مرونءِ جي شڪار ٽي، رونشي خاطر نڪري ٻيا هٽا. پر.... پر گهوڙيءَ کان پوءِ ڪلندڙ ترخانن کي اهو ڏسي حيراني وٽي ويئي ته سنڌي سنڌن لشڪر کي اهڙا سوڙها پوندا ٽي ويا، جو ترخان ٻوٽتي هٽن ۽ ڪوٽ جي دروازن ڏانهن نهارڻ لڳا هٽا. هٽي ته سنڌي نن يقيناً ڪا جنات هٽي، جا بازن واڱر

آڏاميندي، حملا ڪندي ٿي آئي. هنن جو ته ڪو اڳواڻ، ڪو سردار، ڪو مهندار ٿي ڪونه هو. ڪلهو ڪلهي سان لائي هو ائين ٿي وڙهيا، جڏ سڄي فوج هڪڙو ٿي ٿهو هو، جو پنهنجي سر ڏان سانگو لاهي وڙهڻ لڳو هو. هنن مان ڪي ته ائين ٿي وڙهيا، جو هنن کي ڏسندي ٿي ڊپ ولي ٿي ويو. هنن مان هڪڙو ماڻهو ته ٻنهي هٿن سان وڙهي رهيو هو. هن جي گهوڙي ترخانن جي وچ ۾ ڪنوڻ وانگر وراڪا ڏيئي رهي هئي. هن جو پالو هڪ ٿي وقت ۾ ٻن ٻن ترخانن مان پار لنگهي ٿي ويو. هن جي آسپاس مان ترخان ائين ٻوٽي هٿ ٿي لڳا، جڏ ڪنهن جن پوت ٿي نظر پئي هيو. هنن جي ائين ٿهڻ ۽ هٿ سان، سندن پويان وڙهندڙ ترخانن جا گهوڙا ٻ ٿهي، هٿندي پنهنجن ٿي پيادن ٿي ڇڙهڻ لڳا هئا.

ڏينهن ٻ ڇڙهندو ٿي آيو، ۽ سڏي ٻ سڄ جي فوج سان گڏ چڙهندا ٿي آيا. ڏرتي تپڻ لڳي، هٿيار تپڻ لڳا، گهوڙا تپڻ لڳا ۽ رت ٻ تپڻ لڳو. رت جي ان آٽت کان سڏين جو من وڏي ويو هو، ۽ پوه هن هڪ ڀڪو نعرو هنيو: "جيئي سڏ!" ان نعري آسمان چوري وڏو، ڪوٽ جا ڪنگر ڏهي ويا، ۽ ترخانن جون دليون ڏهلجي ويون. ترخانن جڏ ان نعري جي انتظار ۾ هئا، ۽ هو وڙهڻ چڏي ڪوٽ جي دروازن ڏانهن ڀڳا. پر سڏين سندن پٺ نه ڇڏي، ۽ جنگ ڪوٽ اندر ئمين سر مچڻ لڳي. پر هاڻ جڏ ته جنگ ۾ اهو جوش نه رهيو هو. ترخان لاباري جي سنگن وانگر ڪرندا ٿي ويا. گهوڙا سوارن کان سواه پيادن کي چيرپندا هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا؛ ۽ پوه ترخانن جي هڪڙي ٽولي وري دروازي کان ٻاهر ڀڄڻ شروع ڪيو ته جڏ سڀني ترخانن کي ڀريون پيرو پنهنجو ساهه ۽ پنهنجي جان ياد آئي، ۽ هو ٻه ٽولي جي پويان ڀڄڻ لڳا. انسانن جو هڪ درياه لهندڙ وهر وانگر پوٽي لهڻ لڳو هو، پر سڏين سندن پٺ نه ڇڏي. جيستائين کين ملندا ويا، تيسين کين ڪيرائيندا ويا.

جڏهن سوديل ۽ سندس لشکر ڪوٽ جا مورچا ٽپي ، شهر ۾ داخل ٿيا تہ سوهن ڪوٽ جي ماڻهن جي عجيب حالت هئي. هنن ڏونڪن ٿي چيڄ وڄهي. هنن سوريهہ سرويچن جي آجيان ڪئي. درين مان، ماڙين مان، ڪنڊن نان، چائنڊن تان، ٻيٻي ٻڌي تان سون- ورنيون ڦلن ميون اڇلنديون، پنهنجن پائرڙن جي آجيان ڪنديون ٿي ويون. اڄ تہ ڪنهن کي ڌار سولي ڪرڻ ۽ اکڙي ڪيڻ جو به خيال نہ رهيو هو: پائرن کان ڪهڙو حجاب. ڀيڙيون هٽ ڪٽي، ڳراڙيون پائي ڪين دعائون ڪري رهيون هيون، جڏ هنن جا پنهنجا وڇڙيل ٻچڙا صدين کان پوءِ اچي ڪين مليا هئا. الا، هي ڪهڙو سمو هو ، جنهن ۾ خوشيءَ کان چيڄون پڌجي رهيون هيون، جهمريون لڳي رهيون هيون، دهلن، ڏونڪن ۽ شرنائين ٿي هو جمالين جي ٽنوار هٿي، پر اکين مان لڙکن جي بادل بس نٿي ڪٽي ! هر شخص ساڳئي وقت ڪيلي به رهيو هو تہ روئي به رهيو هو ! سوديل پنهنجي ڪميت جو لغام چڏي ڏنو هو : رت جي چنبن سان هن جا ڪپڙا ائين ڳنل هئا، جڏ هو ڪنهن رت جي ساڻهر مان ٽپي هٿي آيو هو. هو جتان ٿي لنگهيو، اتي ماڻهو هن کي چهن، هن سان هٿ ملائڻ، هن سان ڳالهائڻ لاءِ ڳاهت ٿيڻ ٿي لڳا، ۽ ڪميت، ڪجهہ سوچي، بيهي ٿي رهي. هٽ هٽ تي هن کي هارن ، ڳائن ۽ رکڙين سان جهنجهي ٿي چڏهائون. سوديل جي منهن تي تہ اڄ اهڙي سرهائي هٿي ، جا اڳي ڪڏهن به نہ آئي هٿي. پر هن جي منهن ۾ هڪ نئين ڏيا، نئين جوت ڀڪڻ لڳي هٿي. پر هن جي دل ۾ هڪ نئون طوفان به متل هو. الا، شل هي منهنجي ڏيهہ جا ماڻهوڙا ائين ڀڪندا، ڀڪندا، ڇڪندا رهن ــ اها آس ، اها اميد هن جي دل مان ڏسو ڪائي ٻاهر نڪتي، ۽ به لڙک هن جي پلڪن ۾ موتي بڻجي ڏاڙ تڙپڻ لڳا !

○

۱۳

دادن جڏهن اهي خبرون ٻڌيون تہ مجاهد خان سينهن واهہ ڪريو، سنڌ تي چڙهندو اچي، تڏهن هن جي دل ۾ ٻہ جذبا جاڳي آڻيا، جن جو بظاهر هڪٻئي ۾ ڪوبہ لاڳاپو ڪونہ هو. هڪ جذبو تہ هن جي ۽لون۽ لون۽ ۾ ائين سمائجي ويو، جڏن پٽر اچلائڻ سان ڪنهن ماڻي پاڻي۽ ۾ جاڳندڙ لهرون چٽي ڪنارن تائين ڦهلجي ويندیون آهن، ۽ زيباکي وري ڏس جو اسنگ هن جي جسم جي چٽن ٽي ڪنارن ۾ ڪَرَ موڙي جاڳي پيو. ٻيو جذبو، جذبو نہ پر هڪ آرزو، هڪ خواب جي تعمير جيان هو، ۽ هن تصور ٽي تصور ۾ سنڌ مان ترخانن کي هار کائي قندار ڏانهن موڪلندو ڏٺو، ۽ ان جي نتيجي ۾ آزاد سنڌ وري هڪ پيرو دنيا جي نقشي تي آپرندي نظر آيس. پر الائي ڇو، اهو پويون تصور ايترو ڏندلو ڇو هو. هن کي ائين محسوس ٿيو، جڏ ان تصور تي ڪو ڪارو پاڇو٦ پوندو ٽي ويو. ان پاڇولي کي سڃاڻندي ٻہ هن ان کي سڃاڻ نٿي گهريو. ڇا مغل ترخانن جي وات مان هي سٽيو گراهہ ڪيڊي، ان کي وري سنڌين جي حوالي ڪندا؟ هيء سوني سر زمين، جنهن سڪندر جهڙي شهنشاهہ کي انهيء ڇوڙ ٽي مجبور ڪيو تہ ڪاش! سنڌ يونان جو حصو هجي ها تہ يونانين کي هيء دنيا سان جنگيون ٽي جوٽيون نہ پون ها؟ــــ سا سر زمين اڪبر سنڌين کي موتائي ڏيندو؟ اهي سوال اڃا هٿ، جن تي هن سوچڻ نٿي گهريو، پر رکي رکي اهو سوال هن جي ذهن جي تهخانن مان پڙڪو ڏيئي باهر نڪري ٽي آيو. هن ڪوشش ڪئي تہ زيبا جو تصور ان ڪاري پاڇولي تي ڇاڪجي وڃي، ۽ ان

جي جوت ان اونداهي ڏنڊڪي لڪائي ڇڏي. پر هر پيري پاڇولي جي اونده ان جوت کي کائيندي ٿي ويئي.

جڏهن کان هو واپس موٽيو هو، ترخانن جا جاسوس هن جي کيد هئا، ۽ هن کي هر وقت ترخانن جي پوشاڪ ۾ رهڻو ٿي پيو. هن جي دل پنهنجي اباڻي گهر ڏانهن لاه آتي هئي، پر آخوند نور محمد جي حڪم تي هو ٿتي هليو آيو هو. اڪبر ٽائين مرزا باقي ۽ واري خط پهچائڻ لاه هن کي لاهور ڏانهن روانو ٿيڻو هو، پر ٿتي جي مدرسن جي تنظيم لاه هو ڪجهه ڏينهن ٿتي ۾ ئي رهي پيو هو. ترخانن جا ظلم ڏسي، هن جو رت ٿهڪ ٿي لڳو، ۽ الائي ڪيئن ترخانن کان بدلي وٺڻ جي آرزو ڪي هو دل ئي دل ۾ ڪندو رهيو. ٿتي ۾ هن جو رهڻ فرنڊز سياست جي ڪرتا به ضرور ٿي پيو هو. ملتان، لاهور، آگري کان هن جا ساٿي هن کي خبرون چارون پيا پهچائيندا هئا.

هن جڏهن سوڍي ۽ سنگهار جون گالهيون خود ترخانن جي وات پڌيون، تڏهن هن کي پنهنجي دل ڦٽندي، وڏي ٿيندي محسوس ٿيندي هئي. سوڍي کان ته هو ايترو هيسيل هو، جو هو ڪڏهن به سائس اکيون ملائي نه گالهايو هو. سوڍي جي اکين ۾ نهارڻ سواءِ به نه هو. سوڍي کي هن جي ملتان وڃي مدرسن ۾ رهڻ ۽ ڪتابن ٿي وقت خراب ڪرڻ به نٿي وڻيو. ايتريقدر جو هڪ-هن ڏينهن لاه اينڊو هو ته اول ته گالهائيندو ٿي نه هو، پر جي منهان منهن گالهائڻو ٿي پيس ته چٿي ڏينڊو هوس ته ڏادن، پاڻ پورهيت ماڻهو، جي ائين مدرسن ۽ خڪابن ۾ لڳاسون، ته ڪو وقت اينڊو جو اسان کي سڏ ٿي وسري ويندي. اها کوڙي سياست ڇڏ، وطن ۾ ويهي ڪجهه نه ڪجهه وطن لاه به سوچ. وطن ڌارين کان آجو ٿئي، پوه اهي مڪتب، اهي مدرسا به پڇي ڪونه ٿا وڃن!' ان جي برعڪس سنگهار دادن جي دل وڌاڻهو. هو پاڻ به آزاد طبيعت جو هو—— جٽن وٽندو هوس، تٽن ڪندو هو. جڏهن جبل هليو ويو هو، تڏهن به رڳو دادن مٿس

کو اعتراض کونہ ڪيو هو. سنگهار ۽ دادن سان ائين ملندو هو، جو ٻاڻ ۽ سگا ٻاٽر نہ پر ڪي ڀڳ مٽ يار هئا. ڪڏهن ڪڏهن رازداريءَ سان چوندو هوس تہ "ميان جڏ انهن ڪتابن ڪڙن کي؛ هل تہ علي کي ڏيڻا هئون، ترخانن کي ڏيون؛ گهٽو ٿي مال متاع گڏ ڪيو اٿن!" ۽ پوءِ وري ٻاڻ ٿي چوندو هو "نہ نہ ميان، مون تہ اهو پوڳ ٿي ڪيو. متان انهن ڪالهين ۾ ٻيو آهين. پل ٻيو پڙهہ ۽ علم پراءِ. اسين تہ جٽ جا جٽ، رهجي ويا سين. اسان جو ڪو ٻاڻ ۾ تہ پڙهيل ڳڙهيل سڏجي!" سنگهار ۽ ٻاڳل جي واقعي ٿي ۾ دادن هن سان سات ڏنو هو، ۽ ان ٿي سوچيندي ٿي هن کان ٿهڪ نڪري ويندو هو. هن کي ائين محسوس ٿيندو هو، جڏ سوڍو کنهن شيشي ۾ بند جن هو، جنهن کي ڇڙڻ ۾ ڇيهو ٿي ڇيهو هو، ۽ سنگهار ڪليل هوائن جو ڪو آزاد پکيڙو هو، جو هر قسم جي هنڌڻن کان پري پچندو هو.

هر حڏهن سوڍي جي سينا جون ڳالهيون هن ٽائين پهتيون ٽڏهن دادن کي جڏ پنهنجي سموري حياتي اجائي ۽ وچابل محسوس ٿي. هن کي ائين ٿي لڳو، جڏ هو اهڙي دلي جو ديڪ هو، جنهن سان هان ماڻهن پاڻي پيڻ ٿي چڏي ڏنو هو. هن کي پنهنجي حال تي شرمساري ٿيڻ لڳي، ۽ هو بچاءَ جي ان پاڻ - وهيٽي ويهہ کان بچڻ لاءِ آخوند نور محمد کان ٻن ڏينهن جي موڪل وٺي گهر هليو آيو.

هڪ ترخان کي گهر ۾ گهڙندو ڏسي، ٻاڳل جو تہ ساهہ ٿي مٽ ۾ اچي ويو، پر هن پنهنجي ڏيراڻيءَ ڏانهن ٽهڏيءَ اک سان ڏسندي، اهڙي ڏيکاڏي ڏني جڏ تہ هن اجنبيءَ کي ڏنو ٿي ڪونہ هو. هو در ٻيڪڙي اڃا ٻيو اکريو ٿي ڪونہ تہ پنهنجي پويان ڪجهہ ڪڙڪو محسوس ڪيائين ۽ هن جيڪي ڪجهہ ڏٺو، تنهن هن حي من کي گاڏون ماڻن ڪري چڏيو. هن جي نسدي پاڃاڻي ڪٽارو هٽ ۾ جهلي اهڙيءَ طرح بسمل هئي جو هن حي وک ڪڍ ٿي، ۽ اهو ڪٽارو سندس پٽ ۾ لنسي ڏيڻي

ها. سڏ جون نمائيون سمائيون اڀرو ستايل هيون ، جو ست ۾ل ۽ هوندي به هن جي هٿن ۾ ڪٽارا ۽ خنجر اڇي ويا هتا ! پاڻ بچائڻ جو احساس ڪمزور کان ڪمزور جيتامڙي کي به ڏڪ الارڻ ۾ مجبور ڪريو وجهي !

"ياڇائي، آءٌ آهيان دادن !" هن جو آواز ڪنهن نامعلوم دڪ ۾ پرجي ويو هو. نندي ياڇايس ويچاري هڪي ٻڪي ٿي ويئي. پاڳل کان به ڇرڪ نڪري ويو، ۽ هيڪندي ڪيس ڪيڪاري چوائين: "جيئين، منهنجو ته مٺو ساهه ٿي سڪي ويو هو !"

"سائوڻ ڪٿي آهي؟ گهر ۾ پهر ڪاڻ ٿي ڏسجي. ادو سنگهار ڪٿي ؟

ڪنهن به جواب نه ڏنو.... ياڇائيءَ جي منهن ۾ نهارندي، ساهوسيءَ جي ڇوڙهن جي آڇاڪ سمند ۾ ڪجهه ڳولهندي ، هن کان رهيو نه ٿيو، ۽ چوائين : "ادي، خير ته آهي ....؟ چا ٿيو ادي کي ؟"

پاڳل کوبه جواب نه ڏنو . گهڙيءَ کان پوء نندي ياڇايس جيو: "ادي کي وٽي مهمانڻ ويا آهن. اسين در ۾ اکيون وجهيو ويٺيون آهيون ته اڇو ٿو ادو اڇي ...."

پاڳل منهن ٿي گندي ڏيئي، اڇي سڏڪن ۾ ٻيئي. دادن ڪي به ڪنهن اچاتي خيال کان وڌ ٻوڙ لڳا .

"پر به ٿيو چا ؟" هن جي ابهر لفظن ۾ دلداري به هٿي ۽ الهم درد به .

"ٻڌو الهون ته ترخاڻن جهلي وڌو اٿس ... !"

دادن منجهي ٻيو. هن ڏٻي ۾ ته اهڙي کا ڳالهه ڪاڻ ٻڌي . اها ڳالهه سا ٻڌي هنائين ته مرزا باقيءَ جي هوبليءَ ۾ گهڙي ٻيو هو ، ۽ مرزا باقي جان بچائي پچي نڪتو هو . اڃان سنگهار کي ڪوٺ ڏانهن سوار ٿيندو ڏٺو هنائون. آخوند نورمحمد به هن جي جهلجڻ جي ڳالهه ڪاڻ ڪٿي .

"..... ۽ بابو ڪٿي؟" دادن اهو سوال ڪندي ۽ سنگهار بابت سوچيندو رهيو.

"چگو ياو آهي.... ويو هوندو سميت ۽، يا ڏيپي سوناري جي هٽ تي .... ادي جي پڇاڪاڇا لاءِ ڏيپي جي هٽ تي ويهي، اوسي پاسي جي مائهن کان ٻيو خبرون ونندو آهي .... يا سانوڻ کي سائ ڪري مال جي خبرچار وٺڻ نڪري ويندو آهي!"

دادن جڏهن ٽڪجي، هڪ منجيءَ تي ويهي رهيو. ٻنهنجي آن موصل پاڇائيءَ جي منهن ۽ ڏک جون ريکائون ڏسندو، ٻنهنجي هيٺئين چپ کي ڏندن سان ڪرٽيندو رهيو. ڪيئن انومان هن جي دل ۽ آتندا گهٽجندا وڌندا رهيا. هن وري ٻنهنجي پاڇائيءَ ڏانهن نهاريو، جنهن جي ڪيئن ان لڙکن ٻاهه بس نٿي ڪئي. ائين ٿي محسوس ٿيو، جڻ ته اکيون هن جي ٻنهنجي وس ۾ هيون، ۽ نه لڙکن تي هن جو ڪو وس ٿي هلهو. هن وري ۽ ڪيس ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

"ادي، ائين روئڻ سان ته ادو موڪي ڪونه ايندو. ادو سؤ مڙهن جو سٽ آهي. هن کي جهلڻ ترخائن جي وس کان ٻاهر آهي. ٿون ڏهرج ڪر.." هن کي ٻنهنجا لفظ ڪوکلا ۽ بي معنيٰ محسوس ٿيڻ لڳا.

"ادا، ندوريءَ دل کي چا ڪريان .... ماڳهڻون ڳالهه وسري ٿي ڏٺي... جنهن ڏينهن ويو هو، ان ڏينهن کان ئي ڪيئن وسوسا دل ۾ ويڙهي ويا آهن.... اڳين هاڇلن پيري ته مون کي خيال ۽ ڪونه ٿيو، پر هينئر الائي ڇو دل کي پرم ورائي ويو آهي.... مون کيس منع ۽ ڪئي، پر ڪين مڙيو.... هاڻ ۽ ...." هوءَ وري ۽ اڇي سڏڪن ۽ پيئي.

دادن کي هنن جي پيار ۽ محبت جي خبر هئي. سنگهار کي ڪجهه ٿيندو هو تہ پاڇل جڏ چرڻي ٿي هوندي هئي. سنگهار جي ڪري هن ٻنهنجا ماڻٽ ۽ تياڳي ڇڏيا هئا. هو اڃا سنگهار ۽ پاڇل واري واقعي تي سوچ ۽ هو تہ پٽس ۽ اندر لڪهي آيو.

پيءَ پٽ کاگھڙي ھڪڙي کي ڏسندا رھيا. پير مرد جي منھن تي ھڪ ترخان کي پھنجي گھر ۽ ڏسي اچرج ۽ کاوڙ اچي ويئي ھئي... پر اھي اکيون ته ڪنھن ترخان جون ٿي نٿي سگھيون، ۽ پيءَ گھڙيءَ ھن پنھنجي دادن کي سڃاڻي ورتو؛ ۽ پير مرد جي دل ھن کي پاڪر پائڻ لاءِ جو ڪھن ڳل واڱر ڪلڻ لڳي. پر ھن جي وات مان نڪري ويو: "ابا، منھنجي اولاد پنھنجي سسي بچائڻ لاءِ ڪڏھن کان ويرين جي ويس جو ڀروپ ڪرڻ شروع ڪيو آھي؟" ھن پوڙھي جي اڏول دل ڇا ڇا نہ سڏو ھو.

"بابا، سسي بچائڻ لاءِ نہ، ڪنھن خاص مقصد لاءِ ھيءَ ويس ڌاريو اٿم...." دادن پنھنجي شرمساريءَ کي لڪائڻ لاءِ چيو.

پوڙھي پيءَ کي پنھنجي ھن پٽ کي پاڪر ۽ ھلمليدي، ڇڻ پنھنجي آھا وَھي ياد اچي ويئي، ۽ ھن ڪيس پاڪر ۽ پيڙھندي چيو: "اوڙو ڪم ٿي گھوريو، جيڪو پنھنجي ڏاڏائي پٽر ڇڏائي، ابا!"

ھو ڪيترو وقت اوپاريون لھاريون ڪندا رھيا ھن کي پاس ڀڏايو ته ترخانن ۾ ٿي پيرا ڪوٽ کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي، پرڪوٽ جا مائھو پنھنجو بچاءَ ڪندا ٿڪي آيا. ھاڻ ته زائفائون به ھٿيار ڪٽي، ترخانن سان سھن ڏيڻ لاءِ تيار نہ لڳيون ھيون. ھو اڃا انھن ٿي گالھيون ۽ ھٿا ته ڏنو برگاھ جي ري ڪٽي اندر لڳھي آيو. ھو به ھڪ ترخان کي پنھنجي گھر ۽ ويڙل ڏسي ۽ پيءَ سان گالھيون ڪندو ڏسي اچرج ۽ ٻڌي ويو.

دادن وڏي اچي پاڪر پاتس. دادن جو آواز ٻڌي، ڏني جي منھن ٿي مرڪ موٽي آئي. دادن پنھنجي ھن پاڻ کي ڪڏھن به سمجھي نہ سگھيو ھو: جنھن کي دنيا سان کو واسطو نہ ھو؛ جيڪو رستي ھلندي پنھنجي ٻانڍ سان گالھائيندو ھو؛ جيڪو ديرن ڏکن، ريڍن ۾ ڪرين سان اڻن گالھائيندو ھو، ڇڻ ھو ھڪڙي جي ٻولي سمجھندا ھٿا؛ جنھن کي رت ڏسڻ سان اکين ۽ پاڻي ھرجي اينڊو ھو؛ جيڪو جڏھن جنگ وڃائيندو ھو تڏھن اڻين

پائيو هو تہ پکي پکڙ، جيت جناور هن جي چنگ ۾ڏڻ لاءِ اچي گاهٺ ٿيا هئا. کاڻون يا ميڙندي هٿي، نہ هو پنهنجو چنگ کڏي وڃائيندو هو، ۽ پڻس کير جون چونڙيون پريندو ويندو هو!

ڏني کسن ٻاکر ٻاڌيندي، چمي ڏيندي چيو: "دادن، واري ڇڏيو اٿئي!" دادن کوبہ جواب نہ ڏنو: فقط هن جي ٻاکڙ هن جي دل ۾ وڇڙڻ چنگ جي ٻيار پري ٿنوار محسوس کندو رهيو. پر پوءِ هن اهڙي گاله کئي، جنهن دادن کي چرکائي وڌو: "دادن، سوڍي کي ٿون وڃي سمجهاءِ: هروپرو ماڻهوڙا نہ کٽهائي وجهي!"

دادن مات ۽ اچي ويو. ڏني جي انهن لفظن نہ رڳو هن کي چرکائي وڌو، پر هن کي کجهہ سوچڻ ٿي مجبور کري وڌو. هن سندس منهن ۽ نهاريندي چيو: "ڏنا، تو کي کٿن خبر پيئي تہ سوڍي حي ماڻهن جي کٽڻ جو خطرو آهي؟"

"کنهن پکوءَ ڏي گاله کئي تہ مغل بکر مٿي، اچي سموهہ رسيا آهن...." ڏني اهوجهائيءَ مان چيو، "... ۽ سوڍو موهن کوٽ تان سيوهن ٿي چڙهڻ جون پيو کري!"

"موهن کوٽ؟"

"سوڍو موهن کوٽ ۽ لٿو پيو آهي...."

هاڻ تہ دادن جي اچرج جي حد ٿي نہ رهي. هن هميشہ پنهنجي هن ٻاکي اهوجهہ ۽ گهٽو ڏٺو مورک سمجهيو هو، جنهن کي دنيا سان کو واسطو کونہ هو. پر جنهن گاله ڏاڍن هن اشارو کيو، ان مان تہ ائين ٿي ٻانيو جو تہ سڏ ۽ ٽيندڙ هر آڏل پڏل ۽ جنگ جهيڙي جي کيس خبر هٿي. هن آخري کوشش کندي چيو: "پر ادل، مغل سوڍي سان چو وڙهندا؟ هو تہ مرزا باقيءَ کي سيکٽ ڏيڻ آيا آهن!"

ڏني جي اکين ۾ کروڌ ڀرجي آيو. دادن هن جي اکين جي ان نئين رنگ کي ڏسي حيرت ۽ پڄي ويو. هي اهو ڏنو

هو، جنهن لاءِ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ اوپري ۽ اڌنگي ڪريت هٿي. هو ته پيار ۽ پريت جو ڪانڪي هو. پر جي ڪاوڙ ٿي هن جو پنهنجي مَنَ ڏکي ٿيندو هو. پر اڄ هن جي اکين ۾ اڏڙا اهڃاڻ هٿا، جن ۾ ازلي ڏک کان سواءِ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جا وڇوڙا پڻي وسيا؛ ۽ پوءِ چڻ هن نه چاهيندي به چئي ڏنو: "مغل سوڍي يا سنڌين جا ميٽ ڪونهن: مرزا باقيءَ جا مائٽ آهن، دادن!"

"مرزا باقيءَ جا مائٽ؟ سو ڪيئن؟"

"مغل ۽ ارغون ترخان هونئن به سوٽ ماسات آهن. جڏهن مرزا باقيءَ کي سنڌين جا پادر سڏهي آيا، تڏهن هن پنهنجي ڏيءَ اڪبر کي موڪلي ڏني. اها مائي جڏهن اڪبر جي حرم ۾ داخل ٿي ته اگري ۾ چوهولو پنجي ويو — چي: خونيءَ جي ڏيءَ خونئ آئي آهي. پر جڏهن اڪبر، سندس ڪاڏيءَ کي مٽي ڪئي سندس ڪن ۽ ڳچور پائي نهاريو، تڏهن هن پنهنجو منهن لڄ ڪان ٻنهي هٿن سان ڍڪي ڇڏيو: ان مهل اڪبر کي سنڌين جي خون بدران فقط انهن هٿن جي مونديءَ جو رنگ نظر آيو؛ ۽ جاه و جلال جو بادشاه ڪمزور آواز ۾ وڪاڻ لڳو: "سجاعد خان، اسين چاهيون ٿا ته سنڌ جي فتني کي پنجو ڏنو وڃي ته جئن مرزا باقي آئيندي انسان جي اطاعت جا فرض وڌيڪ خوبيءَ سان بجا آڻي سگهي!"

هي يقيناً ڏني جا لفظ نه هٿا. سياست ۽ ملڪگيريءَ جا اهي پيچيدا مسئلا هو اڃين بيان ڪري رهيو هو، جو پاڻ اڪبري دربار ۾ حاضر هو، ۽ اهو سڀڪجهه سندس اکين اڳيان ٿي رهيو هو.

هن وڏي ڏني جي ٻنهي کلهن تي هٿ رکندي چيو: "ادل، تو ته منهنجا چيهه چني وڏا آهن. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته آڳ توکي چا چوان. پر رگهو ابترو ٻڌائيندم ته تو اهي خبرون ڪٿان ٻڌيون. ان سڄي گالهه ٿي سڌ جي آزاديءَ جو ذاروملدار آهي!" گالهه ڪندي مهل دادن جي دل ڪنهن عجيب ادڪي کان ڏڪي رهي هٿي.

ڏنو ڪا ڳهڙي آهيءَ ۽ پڇجي ويو. ۽ پوءِ هن جي منهن
۽ سرهائي اچي ويئي ۽ هن دادن جي اکين ۾ نهارينديءِ چيو:
"بابل، اسين بروبر فقير ماڻهو آهيون، ۽ بنهه اهڙا فنا في الله
۽ ڪونه آهيون، جوگهر ٻرندي اکين ۾ هٿ رکي ويٺا هجون.
امان فقيرن جي آستانن ۾ ۽ مڇ پيا ٻرن: جوگيڙا، سنياسي
۽ بابو بيڪاري هڏ سڏگهمندا وتن. محل سرائن جي ڇائنڊ ڪان
خرم جي ٻنين ٽائين رسائي ٿن. امان جي ته ننڊ ۾ عبادت آهي،
دادن! ۽ عبادت ۽ ڏيهه جو ڏکڙو شامل نه هجي ته اها عبادت
ڪهڙي؟ امان جا جوگيڙا ۽ ڪنن ۽ واليون وجهندڙ ڪاپڙي
هيٺر ۾ سڏ ڦهليا پيا آهن، ۽ جيڪي پڇين ٿو سو پيا ڪن!"
لفظ جذبا بنجي، دادن جي ڪنن ۽ شيهو اوتيندا ٿي
وڃا. هن ڪي ٻهنجي سڄي حياتي وڻرٽ ۽ اجائي وبل پاسڻ لڳي.
ڪوڙي سياست جا ڪوڙا ابسر ۽ ڪوڙا ڀهروپ ڪندي، هن
ٻهنجي جوانيءَ جو گڇ حصو گهاري ڇڏيو هو، ۽ هاڻ، جڏهن
سياست جو ناڪ پورو ٽيڻ ٿي هو، تڏهن هو ٻهنجي ٿي گهر
۽، اوبري ڏاڙهين ڀهروپ ۽ انسڻ ۽ اٿڻ جي ناڇيءَ ۽
وڇڙندو ڦاسندو ٿي ويو. شرم ۽ پڇتاءَ کان هن جي ڇاتيءَ ۽
ڪو ڇوهو ڇلي آيو؛ ۽ هن ڏني ڪي وري پاڪر ٻائيندي،
سڏڪندي چيو: "ڏنا، تو اڄ مون کي اهڙي ڏونڊاڙ ڏني آهي،
جو مڻ هو مڪو ڏسندو ٿو پانيان. هاڻ موڪلائي ڪانهي.
جيئرا هوندا سين ته گڏبا سين، نه ته ڏٽيءَ کي پرتوَ!"
ڏنو ڪو وقت هن کي پاڪر ۽ جهليو ٻيٺو رهيو، جڏ
دل ٿي دل ۽ هن کي ڪو نهايو، ڪو سنيهو ڏيڻ ٿي گهرپائين
پوءِ ٻڌ ٻڌ ڪندي چيائين: "سنگهار سوڍي ساڻ آهي. جي اوڏانهين
نو وڃڻ نه ڪيس موڪلي ڏج: ٻڌو اٿر ته پاڻ هلي جهڙو ڪونهي
مون ادي کي ٻڌائڻ مناسب ڪونه سمجهيو!"
دادن جڏهن پاڇائين ڪان موڪلايو، تڏهن الائي ڇو پاڳل
ڪان "هاه!" نڪري ويئي. هن اهسوڻ ڪرڻ نٿي گهريو، پر اهو

سوچيندي هن جي دل ۾ ڇڪ پئجي ويو ته هي الائي ڪهڙو واءُ ورهو هو، جو هڪ ٿي گهر جا ٿي ڪوندر مڙس، پور ۾ ڇو بنان ڪنهن سڏائي سانگ سنبري نڪتا هئا. پنهنجا لڙڪ روڪيندي، گهٽيل آواز ۾ چيو: "ابا، ڏٺي ويرين کان رکندء!"

ائين چئي اچي اوچنگارن ۾ پئي. لڙڪ سندس اکين مان وهي، سندس چولي جي آڳي ۾ سمائجڻ لڳا. دادن کان پنهنجي هن ٻاڇائيءَ جو ڏک ڏٺو نٿي ٿيو. هو سوچڻ لڳو: الائي ڪيترين ونين وريتين پنهنجي اڻوٽ ڪوندرن جي موٽ جي آس لڳائي، پنهنجي اکين جا ساگر سڪائيندين ٿي ويون. ان ڏک جي ته ڪا ڪنڌي ٿي ڪانه هئي. ان کي هٿ ڏيڻ ڪيتري نه ڏکي هئي. پر هن دلاسو ڏيڻ لاءِ چيو: "ادي، ادو سلامت آهي. منهنجو نوسان وچن آهي نه آڳيس تو وٽ موڪلي ڏيندس!"

پوءِ نون لڙڪن ۾ نهارڻ جو تاب نه جهلي، هو پيءُ کان موڪلائي، ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر نڪري آيو. ڏنو به پوئان لڳو آيس. در کان ٻاهر نڪري، دادن کي گهوڙي تي چڙهڻ کان اڳ چيائين: "دادن، انهن ڪپڙن متان، هيءَ منهنجي خفي ٻانڊي ڇڏ، ۽ ترو لاهي هي منهنجو پٽڪو ٻڌي ڇڏ. جنهن پاسي تون آسهيو آهين، اتان ترخاني وس ۾ لنگهڻ جوڪائتو آهي!"

ڏنو، ڪفني کيس ڏيندي، کو وقت بهي، هن کي ويندو ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ گهر ڏانهن موٽندي، ٻڌ ٻڌ ڪندي چيائين: "دادن، تون ته موٽي ايندين، پر شل سڏ نه موٽائي اچين!"

....

ڪاري رات، ڪارو پٽ ۽ ڪارا جبل جهاڳيندي. دادن جي من ۾ ڪارن ڪرن جو طوفان متل هو. جتان جتان ٿي هو لنگهيو، اتي ترخانن ۽ سوڍي جي جمگين جون ڳالهيون ٿي ٻڌائين. جوانن جا جٿا، جتان ڪتان پئي پٽ ٻيا. ڪي ڪٽن تي، ڪي گهوڙن تي، ڪي ڍڳي گاڏين ۾، ته ڪي پيرين پٽ نڪري ٻيا هئا. هي اهڙو عجيب منظر هو، جنهن دادن جي من

جي واڇوڑن کي تيز ڪري ٽي ڇڏيو. هن سان ڪن وٽ تراريون، ڀالا ۽ گرز هٿ، گهٽن وٽ کهاڙيون هيون، پر ڪن وٽ ته ڪلها بانڌا، لوڙهيون ۽ سونڌا هٿ. اهڙن هٿيارن جي باوجود هنر جي منهن ٽي اهڙي جوت ٽي جرڪي، جنهن ڏاڏن جي دل ڏوڏي ٽي ڇڏي. ڪڙمين، پورهيتن، ڪمين ڪاسبين جو هي ڇڙواڳ ۽ ڇڙوڇڙ لشڪر مغلن جي شاندار منظم فوج سان وڙهڻ نڪتو هو. هي سڀڪجهه ڇا هو؟ هي جوانڙا، هي ڪڙيل، هي ٻيڙا ڪنهن سان وڙهڻ نڪتا هٿا؟ مجاهد خان سان؟ ان مجاهدخان سان، جنهن جي فوجي تربيت ۽ تنظيم سموري هندستان ۾ مشهور هٿي، جنهن راجپوتن ۽ راڻوڙن سان جنگيون جوٽيون هيون؛ جنهن جو هڪڙو لشڪري جيڪڏهن پنهنجي صف توڙي ٻاهر نڪرندو هو، تہ ان کي ڏسڻ هٽائي مارائي ڇڏيندو هو، جنهن جي گهوڙيسواريءَ تي سڀ امير رئيس ڪنڌا هٿا ڏٽي منهنجا، منهنجي هنن ماروڙن کي پنهنجي امان ۾ رکج!

۽ هي ماڻهو هن وقت ڪهڙيءَ سوچ ۾ هٿا؟ دادن جي دل ۾ آيو تہ هو هر سنڌيءَ جي من ۾ گهڙي، اهو سچو منظر ڏسڻ جي ڪوشش ڪري تہ انهن دلين ۾ ڇا هو؟ هر جي دل خود ٽي هن کي جواب ڏيڻ لڳي تہ هن وقت هنن سنڌين جي دل ۾ ويريءَ جي سڃاڻ بدران رڳو اها ڄاڻ آهي تہ سڌ ڪي آهي، سڌ غلام آهي، ۽ سنڌ کي هٿن يا هٿن ويرين کان آهو ڪرڻو آهي. اهي سوچون سوچيندي، هڪ ڪوٽ پرسان لنگهندي، هن ماڻهن جو هڪ وڏو ميڙ ڏٺو. ميڙ جي وچ ۾ دونهين جا ڪڪر وڙ ڪائي مٿي چڙهندا ٽي ويا. هو به وڏي اچي ميڙ جي ويجهو ٽيو. هن جوکي ڏٺو، تنهن هن کي هڪ پيرو وري سنڌ ۽ ترخانن جي موجودگيءَ ۽ ظلم جو احساس ياد ڏياري ڇڏيو. ويهاروکن ترخان پالن سان سنڌين جي ميڙ کي اگهيان. وڏن کان روکيو ٻيٺا هٿا. وچ ۾ هڪ وڏو مچ ڏڪي رهيو هو، ۽ مچ جي اگهيان چار- پنج ترخان هڪ قداور جوان کي چوکنيو ٻڌيو ٻيٺا هٿا.

ڪڙيءَ زائفان جون هانهون ٻوڌان ٻڌل هيون، ۽ ٻه ننڍڙا معصوم ٻار ٻن ترخانن جي هٿن ۾ ٽنگي رهيا هئا. انهن جي پر ۾ هڪڙو ترخان مولوي، پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمائيندي، ڪجهه ٻڙ ٻڙ ڪري رهيو هو، ۽ ٻئي هٿ سان هڪ ڊگهي تسبيح سوري رهيو هو. دادن ۽ گهوڙي تان لهي ٻيو. گهوڙو هڪڙي وڻ سان ٻڌي، ميڙ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪاهه هٿ لڳو. ميڙ جا ماڻهو ڊگهي ڪفني پائل هن جوگي فقير کي، ائين ڪاهه هٿندي گهٽون هٿندي ڏسندا رهيا، پر ڪنهن به هن ڏانهن کو خاص ڌيان نه ڏنو.

اوچتو مولويءَ پنهنجو هٿ مٿي کنيو. ميڙ ۾ جيڪا ڇڙ ڇڙ هئي سا هڪدم بند ٿي ويئي، ڇڙ ماڻهن پنهنجو ساهه روڪي ورتو هو. مولويءَ پهرين ته هڪڙي آيت سگوري پڙهي، ۽ پوءِ وڏي آواز ۾ چيائين: "مومنو، مسلمانو، دينوارو! قرآن ۾ حڪم آيو آهي ته زانيءَ جي سزا موت آهي. زانيءَ کي سنگسار ڪرڻ عين ثواب آهي. اسان جي هن ديني حڪومت ۾ به زانيءَ کي اها ئي سزا ملندي، جيڪا شريعت مقرر ڪئي آهي. هن خبيث سنڌي..... منهنجو مطلب آهي نه هيءَ شخص جيڪو پاڻ کي مسلمان ٿو سڏائي، دين جي رستي کان هٽي، پاڻ کي جهنمي ثابت ڪري چڪو آهي. سڀني مومنن جي اها دلي خواهش ٿيندي آهي ته جهنمين کي دوزخ جي باهه جو نظارو ڏيکارجي ته جئن پين سنڌين..... منهنجو مطلب آهي ته پين مومنن لاءِ عبرت جو باعث بنجي. چنانچه، منهنجو مطلب آهي ته تنهنکري حضور امير المومنين جي خليفي ۽ سنڌ جي حاڪم، ظل الاهي حضرت مرزا محمد باقي بيگ خان ترخان جي فرمان شاهيءَ موجب، هن بن زانين کي، ۽ هن ٻنهي ولدالزنا، منهنجو مطلب آهي ته حرامي ٻرن کي سنگسار ڪيو ويندو، ۽ پوءِ هنن کي هن باهه جي سچ ۾ اڇلايو ويندو!"

مولويءَ پنهنجي جملي جي اندران هڪ فرمان ڪڍي، ماڻهن کي ڏيکارينڊي، فرمان کي ڏاڍيان پڙهڻ شروع ڪيو. فرمان

فارسيءَ ۾ هو، تنهنڪري ماڻهن کي رڳو نالا سمجهه ۾ ٿي آيا. پر دادن جڏن جڏن فرمان جا لفظ پڙاندو ويو تڏن تڏن هن جون ڳيون پيڙ جندڙيون ويون. رت هن جي لوٽن ۾ چولين هڻڻ لڳو. فرمان ۾ چيو ويو هو ته هن ڳوٺ جي تماچي ولد دودي چني، هڪ ترخان امير زاديءَ کي پڃائي پاڻ وٽ سريت ڪري ويهارو هو، ۽ بنا نڪاح جي، هن به ٻار به پيدا ڪيا هئا. هن جي گرفتاري عمل ۾ آڻڻ کان پوءِ ڳوٺ جي عامل لاءِ اهو حڪم هو ته هو مولويءَ جي فتويٰ تي عمل ڪري. هن کي سزا ڏيارڻ جو بندوبست ڪري.

دادن جي وات مان ذري ڳهٽ ڏاڍيان آهي لفظ نڪرڻ وارا هئا: "مار، چئبو ته هي جهڳڙو آهي ٽي ترخان اميرزادي جو! ترخان جي ته شريعت ۾ اسلام به ٻڌجو!" ۽ پوءِ هن آن ترخان امير زاديءَ ڏانهن نهاريو، جا سڏي وڳي ۾، هڪ ڪماڻي ڪوٽاڻي پئي لڳي. سندس اکين ۾ ڏپ جو درياءَ لهرون هڻي رهيو هو، ۽ کهن کنهن وقت پيار جو هڪ اٿاهه ساگر، هن جي اکين مان وهي، تماچيءَ ۽ ٻڌجي معصومڙن کي ڇڻ پاڻ ۾ سمائيندو ٿي ويو. هن جون نگاهون مڇ بدران تماچيءَ ۽ ڪاڻ هيون، ۽ ڪيڏيءَ سهل ٻڌجي دادل پرين اکين مان ٻڌجي معصومڙن ڏانهن ٿي ڏنائين. ۽ پراڻا لڙڪ هن جي ڇڻ جي ڇهي پاسي سڪي ويا هئا. انهن لڙڪن هن جي ڇڻ ٿي هڪ اهڙي سرڪ آڻي ڇڏي هئي، جنهن هن جي ۽ ڪري سهن ۾ ڏپ کي لڪائي ڇڏيو هو.

ماڻهن ۾ وري ٻڙ ٻڙ ۽ بي آرامي ڦهلجي ويئي هئي. مولويءَ وري به ماڻهن کي مات ڪرائڻ لاءِ هٿ مٿي کنيو: ٻوڙ وڏي واڪ چيائين: "اوهان مان ڪهڙو مومن آهي، جو سڀ کان اول هن کي سنگسار ڪرڻ لاءِ پهرين پهه اڇلينڊو؟ ڏين ۾ خيال کان اها وڏي عبادت آهي، ۽ ان جو اجر به ڪهڙن جي سرخروئي آهي!"

ميڙ ۾ ماڻ ٿي ويٺي. جڏ اوچتو سڀ جا سڀ مري ويا هٿا. جڏ سڀني جي واڻي هلي ويٺي هئي، جڏ سڀ گونگا ٿي ويا هٿا. هن ۽ ته چوپر به بند ٿي ويٺي، جڏ ته هو پڻ بهڻ ٿي ويا هٿا. هن جي منهن تي ڪي چاياڻون هيون، جن ۾ ترهان جي پالن ۽ تراربن جا پاڇولا ٽڙڪي رهيا هٿا. پر اوچتو، ڪو ميڙ ڪي چيريندو اڳتي وڌڻ لڳو. ماڻهن ڏانو ته اهو گيڙو رتي ڪفني ۾ ڪو جوڳي فقير هو. ڪن ماڻهن هن کي اڳي ٿي خاص نظرن سان پٺي جاڇيو، ۽ ٻوه هن جي مولوي ۽ ڏانهن وڌڻ ني ماڻهن جي گونگي زبان ۾ واڻي موٽي آئي، ۽ ان جڏ پڻ سان جوڳي ۽ جي ڪن ٿي اهو آواز ٻڌو: "هي ۽ وري ڪيٽو ڪير؟"

ٻر دادن وڌندو رهيو ... هن جو رخ مولوي ۽ ڏانهن هو. مولوي ۽ جي منهن ٿي خوشي ۽ جا اهڃاڻ مڙي آيا. جڏ هن کي اميد ٿي ڪاته هٿي ته ڪو سنڌي بهڻ اچلائڻ لاء تيار ٿيندو. مولوي هن مومن کي پاڪر پائي ملڻ لاء ۾ وڪون اڳيان وڌي آيو. جڏهن ڪيس پاڪر پاتائين، نڏهن اوچتو ڪنهن نکي شيء جي چهب پنهنجي پيٽ ۾ چپندي محسوس ٿيس، ۽ ان ڪان ۾ نکي چهبندار فارسي ٻڌڻ ۾ آيس: "ملان، هڪدم سپاهين کي حڪم ڪر ته هن کي چڏي ڏين نه ته هي خنجر تنهنجن آنڊن گنجهن جي پار هوندو!"

مولوي ۽ جي منهن ٿي هيد هارجي ويٺي، ۽ هو سجو ڏڪڻ لڳو. ڪٽاري جي چهب جڏن ٻوه ٽڻن هن جي چمڙي ۾ اندر گهڙندي ٿي ويٺي، ۽ هن کي پڪ ٿي ته رت وهي. هن جي ڏن ۾ گڏ ٿيڻ لڳو هو. رت سن آلاڻ هن جي ڏڪڻ ۽ کي بيڪار وڌائي چڏيو، ۽ هو ڪرڙ ۽ وانگر ڦٽڪڻ لڳو.

"آ وڃ ڪونه نه سڏ.... آ ڏهن ڏائين انگ ڪيندس .... هڪ ٻ...." دادن هڪ هري جيو.

مولوي هيڪدم ٻ ۽ هڪڙي ترهان کي رڙ ڪري جيو: "هن کي آزاد ڪريو... هن کي وڃڻ ڏيو...."

ترخانن جڻ ته اهي لفظ هڏا ٿي ڪونہ. هو حيرت مان مولويءَ جي منهن ۾ ڏسندا رهيا. "ٿي .... چار ....!" ان آواز سان ئي مولويءَ محسوس ڪيو ته خنجر سندس پيٽ ۾ اڳر جي ٻن ڏوڏن جيترو اندر هليو ويو. هن دانهن ڪندي چيو: "خدا جي واسطي جهٽ ڪريو .... هن کي آزاد ڪريو نہ ته .... نہ ته ....!"

"پنج، ڇهہ ....!" ۽ ڪٽارو ٽورو وڌيڪ اندر هليو ويو.

"..... آه .... نہ ته آءٌ امير کي چئي، اوهان کي مارائيندس .... جهٽ ڪريو!"

ترخانن اهي لفظ ٻڌي، ٽماچيءَ، سندس زال ۽ ٻارن جا رسا کولڻ شروع ڪيا. ميڙ ۾ وري ماڻ ٿي وئي، ۽ سوين اکيون هڪ ٽڪ جوڳيءَ جي پاڪر ۾ مٽيل کي ڏڪندو ڏسندڙون رهيون. جڏهن هنن جا بند لٿا، تڏهن جوڳيءَ ڏاڍيان سنڌيءَ ۾ چيو: "ٽماچي، هن ميڙ جي پٺيان، ڪاهي پاسي، نم ۾ منهنجو سرخو ٻڌل آهي. ان ٿي چڙهي لهارکي وسيءَ هلندا وڃو. وچ ۾ ساهي به نہ پٽجو. اتي مدرسي ۾ منهنجا همراهہ ملندءَ، تن کي چئج نہ دادن سلام ڏنا آهن... ٽکڙو وچ ته جئن رات نہ پوئي .... شل هڇڻن سان خوش هوندين!"

ٽماچي ۽ سندس زال هن جوڳيءَ ڏانهن ڪجهہ اهڙين نظرن سان ڏٺو، جن ۾ بي اعتباريءَ سان گڏ پنهنجائپ ۽ شڪرگذاريءَ جو ساگر چوليون هٽي رهيو هو. اها پنهنجائپ هڪ ٽئين پنهنجائپ هٽي، جنهن جو ڪو نالو هو، جنهن جا ڪي پنهنجائي هٽا: انهن اهڃاڻن کي سچائيندا، سوچيندا، هو ميڙ مان نڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا. ميڙ جڻ ڪنهن گهاري پوڻ سان لوڳهو پٽجي وئي، ۽ ميڙ جا ڪي ماڻهو "مبارکون هجئي، ادا، لک لک مبارکون!" چوندا هنن کي گهرائيون پائيندا، پاڪرن ۾ اڳتي وڌائيندا، ڪن گهوڙي تائين رسائي آيا.

ميڙ وري چمي ويو، ۽ ساڻن اچا به مولويءَ کي ساڳيءَ طرح سان ٽڙڪندو ڏٺو. جوڳيءَ وري فارسيءَ ۾ چيو: "هاڻ هنن ترخانن سپاهين کي چؤ ته موڻي پنهنجي چانوڻيءَ ڏي وڃن.."

ترخان سپاهي به هاڻ ڳالهه کي سمجهي ويا هئا، ۽ هن مان ڏي چڙ، پالا سڏا ڪري، جوڳيءَ جي پويان اچي بيهي رهيا. جوڳيءَ چڪين ڏانو ڏي ڪونه، ۽ ڏاڏيان فارسيءَ ۾ ڏي چيائين: "اوهان سان هڪڙي به وک اڳتي ڪٻي آهي ته آءٌ خنجر سُلان جي پيٽ ۾ ڏنبي ڏيندس!"

ترخان جمي هئا، انهي ڏي جمي ويا. هو سنجهي پيا ته چا ڪن. مولويءَ جو مارجڻ معني هنن جو پنهنجو موت هو. هي مولوي انهن مولوين مان هو، جن کي قندار مان خاص طرح سندين کي دين سيکارڻ ۽ فارسي پڙهائڻ لاءِ گهرايو ويو هو. هن کي ڪجهه ٿيو ته مرزا باقي سندن جو - ڇو رلائي ڇڏيندو. هڪ ترخان همت ڪري چيو: "سندي، توکي ڪٽيءَ ڪنيو آهي شايد! مولوي صاحب کي ڇڏ نه ته...."

هن اڃا جملو پورو ڏي نه ڪيو ته مولويءَ جي وات مان دانهن نڪري ويئي، ۽ هن رنيندي چيو: "خبيث، پنهنجي زبان کي لغام ڏي، ۽ سندي منهن چوي نٿن ڪريو!"

ترخان ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيا. جوڳيءَ جو ڪاوڙ ڏي مرڪ اچي ويئي، ۽ هن اشاري سان هڪ ٻن جاڪوڙ حوالن کي ميڙ مان سڏي چيو: "ڀائو، هنن ترخانن کان پالا ۽ ترارون وٺي هٽ ڪريو...."

ٻه جوان ترخانن کان پالا ۽ ترارون گڏ ڪندا ويا. جنهن ترخان هٿيار ڏيڻ کان ڪجهه لهرايو ڏي ته هنن جوڳيءَ ڏانهن ڏي ڏٺو. جوڳيءَ سان سندن نظر ملندي ڏي مولويءَ کان ڪڪ نڪري ڏي ويئي، ۽ ترخان کي هٿيار پيش ڪرڻا ڏي پيا. جڏهن هٿيار سمورا گڏ ڏي ويا، تڏهن جوڳيءَ وري گهوڙن جي گهٽر ڪئي. ترخان گهوڙن تان لهي پيا. جوڳيءَ جي اشاري ڏي، ٻه

جوان ٿي گھوڙا کاھي اڇي حوڪيءَ جي ويجھا پھتا. جوڪيءَ جوانن کي گھوڙن ٿي سوار ٿيڻ جو اشارو ڪري، مولويءَ کي چڏي ڏنو. ميڙ جي ماڻھن ڏٺو تہ جوڪيءَ جي ڪٽاري جي چھنب گاڙھي رت سان چمڪي رھي ھئي. ھٿيار جوانن ۽ ورھائي، پاڻ ۾ ھڪڙو پاڙو ڪٽي، جوڪي گھوڙي ٿي چڙھي ويٺو ۽ فارسيءَ ۽ ترخانن ۽ مولويءَ کي وچ لاءِ حڪم ڏنائين: مولوي ۽ ترخانن جي سھاري سان، ڪنڌ ھيٺ ڪري، ھين ترخانن سان گڏجي ميڙ مان نڪري ويو. جوڪيءَ ميڙ ٿي ھڪڙي نظر وجھندي چيو: "پائرو، اوھان ھيترن جي ھوندي، ترخان ائين ڪوندر کھندا ونن، ۽ اوھين رکو تماشو ڏسندا رھو، يا گونگا لڙڪ گاڙيندا رھو، سو وقت ھاڻ ويو. سموري سڏ ڪَرَ موڙي جاڳي ٻيڻي آھي. جيجل سڏ جو سڏ اوھان کي نہ آھي. جن کي ساھ کان ايڏ پياري آھي. سي ٽڙي پکڙي وڃو، ۽ سڏ جي انھن سپوتن سان وڃي ساٿ ڏيو، جيڪي ھن سر زمين کي ترخانن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ سر سان کفن ٻڌيو ونن. اھو نياڻو، اھو سنيھو ياد رکجو: ڪجھ سوچيو، متان گھڙي ٽري وڃي!"

ائين چئي ھن گھوڙو ميڙ جي ھڪ طرف موڙيو، ۽ ويندي وقت وڏي واڪ چيائين: "جيئي سڏ!"

ميڙ مان ماڻھن کن ڏاڍي چيو: "سدا جيئي سڏ!" ۽ لڙکن جي گھري ڏڏ مان ھو ھن جوڪيءَ کي ٻڌو ڏسندا رھيا!

....

ھيل تہ سڏوءَ ۾ کا گاڙھي، رت ريٽي آڏل آئي ھئي. جٽن جٽن ڏينھن لنگھندا ويا، سڏوءَ جو پاڻي وڏيڪ گاڙھو، رت ورنو ٽيندو ٽي ويو. ڪنھن کي اھا سڏ نہ ھئي تہ پاڻيءَ جو اھو ورن ڪيئن ٿيو. جوڪي فقيرن تہ اھو ٽي چيو تہ جتان جتان سوڍل ٽي لنگھيو، اتان پاڻيءَ جي روھ گاڙھي رت ورني ٽيندي ٽي ويئي. فقيرن جي گالھ ڪنھن سمجھي تہ ڪنھن نہ سمجھي،

پر دادن جڻن جڻن کنهن ڳوٺ، کنهن واهن، کنهن وسيڻن مان ٿي لنگهيو، تڏهن انهن واهن وسين جي ماڻهن ٿي سرهائي سونڊي ٿي ڏنائين. جڏهن موهن ڪوٽ پهتو تہ دهلن دمامن ٿي ماڻهو جهڙيون هڻي رهيا هئا. لاڏا ۽ جمالا گهائي رهيا هئا. هن اني ٻڌو تہ سيوهڻ جو ڪوٽ ڪيري پيو هو ۽ سوڍي جو لشڪر سيوهڻ ۾ ڪاهي پيو هو. مرزا جاني بيگ جان بچائي بچي نڪتو هو. چمائون ٿي تہ ٿي مان ٿئون لشڪر آڻي وري سيوهڻ ٿي چڙهندو. دادن جي دل ۾ ڪيئين آسون اميدون وڌنديون وڻ ٿيندڙيون ويون. هيلوڪي اڻل آزاديء جي اڻل هڻي .... پر مغل....؟ اهو خيال به پنهنجي ذهن ۾ اڻ ٿئي گهربو تہ مغل کو سڏ جي آزاديء آڏو ايندا.

سيوهڻ کان ڪوهين پري هو تہ هن کي سيوهڻ جي ڪوٽ جي ڪنگرن ٿي ڦڙڪندڙ سڏ جا ست رنگ، انبلاٽ جي رنگن جا جهڙا نظر آيا. هن کي الائي ڪهڙو خيال آيو، ۽ هو گهوڙي تان لهي سجدي ۾ ڪري پيو. "الله سائين، ان انبلاٽ کي وري نہ چيڙجاڻ! منهنجا مولا، سڏڻ جي آسن اميدن جي انهن ستن رنگن ٿي پنهنجي رحمت ڪج!" هو جڏهن سجدي مان اٿيو، تڏهن هن جي اکين ۾ لڙڪن مان گڏ انبلاٽ جا ست ئي رنگ مڙي آيا. پر جڏهن هو گهوڙي ڏانهن وريو تہ پنهنجي چوڌاري ويهارو ڪن مغل سپاهي ٻيئل ڏنائين. هو اٿيو تہ به مغل ٻالا سڏا ڪري هن ڏانهن وڌي آيا.

"تون ڪير؟" هڪڙي فارسيء ۾ چيو.

"مسافر!" دادن مختصر جواب ڏنو.

"هن پاسي ڪيڏانهن سنبت آهي؟" مغل وري پڇيو.

"سيوهڻ،" دادن وري به مختصر جواب ڏنو.

"سيوهڻ ۾ ڪيئن داخل ٿيندين؟" مغل جي آواز ۾ ٿوري سختي اچي ويئي.

"ڇو؟ سيوهڻ ۾ داخل ٿيڻ ٿي منع ڀيل آهي ڇا؟" دادن حيراني سان پڇيو.

مغل هڪٻئي جي منهن ۾ ڏسڻ لڳا. هو غور سان دادن جي منهن ۾ گهورڻ لڳا. هڪڙي مغل جي نظر هن جي گيڙوءَ رتي ڪفنيءَ تي ٿئي. هو ٽورو اڳيان وڌي آيو، ۽ بيخبريءَ ۾ هن ڪفنيءَ کي هڪ پاسي کان زور سان ڇڪ ڏني. ڪفنيءَ جو هڪ وڏو ٽڪر مغل جي هٿ ۾ اچي ويو. ان جي هيٺان دادن کي ڀيل ترخاني پهراڻ ۽ ڪمربند ۾ لٽڪيل خنجر نظر اچڻ لڳو.

"هون.... ٿون سنڌي آهين يا ترخان؟" مغل مرڪندي پڇيو.

"ترخان!" دادن ڪجهه سوچيندي چيو.

"پوءِ هي بهروپ ڇو؟" مغل هن جي منهن ۾ نهاريندي چيو.

"سنڌين کان بچڻ لاءِ" دادن وري به مختصر جواب ڏنو.

"پوءِ سيوهڻ ڪٻئن ٿي وئين؟" مغل سوال ڪيو.

دادن منجهي ويو. جيڪڏهن ٿو چوي ته سنڌين خلاف جاسوسي ڪرڻ ٿو وڃان ته ان جي خبرچار پڇندا. جيڪڏهن سيوهڻ ٿي سوڀل جي قبضي کان اڳ ئي ٿو ظاهر ڪري ته ترخان هڏن جي حيثيت ۾ مرزا جاني بيگ جي شڪست کان بيخبريءَ تي اعتبار ڪونه ڪندا. ڪجهه سوچيندي هن الٽو سوال ڪيو: "پر اوهين ڪير آهيو؟ ۽ هيٺن رستي روڪ ڪرڻ جو اوهان کي ڪهڙو اختيار آهي؟"

مغل ڪلڻ لڳا. هنن کي ڇڻ ته هن جي ان سوال تي ڪل اچڻ لڳي هئي. ٻيءَ گهڙيءَ هڪڙي مغل جي اشاري تي ٻيا مغل اڳيان وڌي آيا، ۽ هن کي قابو جهلي بيهي رهيا. ان مغل وڌي، هن جي جامي ۽ صدريءَ جي تلاشي وٺڻ شروع ڪئي. هن جي صدريءَ جي اندر کين مرزا باقيءَ جو قندار لکيل خط ملي ويو. مغل جڏهن ان کي پڙهڻ شروع ڪيو ته سندس منهن تي حيرت جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. هن بي اعتباريءَ ۽ ڪاوڙ سان

دادن کي گهوريندي چيو: "سچ ٻڌاءِ، ته تون ڪير آهين؟ ۽ هي خط ڪيڏانهن تو ڪٽي وڃين؟"

دادن کي جواب نه ڏنو. ان خط جي اهميت جو کيس خيال ئي نه رهيو هو. اوچتو هن جڏ خوشامد جي انداز ۾ چيو: "هي خط آءٌ حضور خان اعظم مجاهدن خان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ وڃي رهيو هوس ته جئن انعام حاصل ٿئي!"

"پر توکي هي خط ڪٿان مليو؟" مغل جي بي اعتباري جئن ٻوه ٽئن وڌندي ويئي.

"اهو آءٌ فقط خان اعظم کي ٻڌائيندس!" دادن هن جي بي اعتباريءَ جو فائدو وٺندي چيو

"چڱو، توکي خان اعظم جي حضور ۾ پيش ڪيو ويندو. پر خبردار جي ڇڪي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئي ته پاڻ ٽو جائين!"

احتياطاً مغلن هن جا هٿ ڪٽي پويان ٻڌا. ڪيس ائين گهوڙي تي چاڙهي، هو اڳتي وڌيا. ٿورو ئي اڳتي وڌڻ سان مغلن جي ٻاهر لشڪر تي هن جي نظر پئي. سيوهڻ جي قلعي جي هڪ طرف ميلن ۽ ڪوهن ۾ اهو لشڪر ڦهليل هو. جئن وڌندا ويا تئن لشڪر جا آواز هن جي ڪنن تائين ايندا ويا. جڏهن ويجهو پهتا ته ان لشڪر کي ڏسي دادن جو هنيون ئي هڇي ويو. هن لشڪر کي منهن ڏيڻ ناممڪن هو. ڪيهه هزار سوار ۽ لک ڪن پيادا جو هي مغل لشڪر سنڌ ته ڇا، سموري هندستان کي ڌمڪائڻ لاءِ ڪافي هو.

جڏهن هو مختلف ٽنبن وٽان ٽپندي، مجاهد خان جي شاهي شاميانو اڳيان پهتا، ٽڏهن دادن کي پهريون پيرو زيبا ياد اچي ويئي. زيبا جو ان وقت ياد اچڻ به هن کي ڏاڍو ڏکيو لڳو، جڏهن سنڌ جي انبلي جهنڊي هيٺان هي سڀني ڪر مغل لشڪر جي صورت ۾ پنهنجي اکين آڏو ڏسي رهيو هو. پر جڏهن هو مجاهد خان اڳيان حاضر ڪيو ويو، ٽڏهن مجاهد خان جو [illegible] چڙي ويو.

"نون!؟" مجاهد خان چئ هن کي ڪنهن به صورت ۾ ڏسڻ نٿي گهربو.

"آءٌ حضور جن جي خدمت ۾ پاڻ حاضر ٿيڻ وارو هوس ته اوهان جا هي همراه نماز پڙهندي، مون کي جهلي آيا آهن!" دادن مجاهد جي اکين کي پاڻ ڏانهن موٽائڻ لاءِ، ڪيس لوڪ هٽندي چيو.

مجاهد خان پنهنجن ساٿين کي اشارو ڪيو، ۽ تنبو خالي ٿي ويو. مجاهد خان تنبوءَ ۾ عجيب پريشانيءَ جي عالم ۾ اڇ وڇ ڪرڻ لڳو. ڪو وقت هو اٿن اڇ وڇ ڪندو رهيو. پوءِ هڪ هٽ ٻيهي رهيو ــــ ۽ دادن ڏانهن نهارينديءَ ڪيس ديوان ٿي ويهڻ جو اشارو ڪيائين. دادن سندس منهن ۾ نهارينديءَ هن جي ٻچينيءَ کي پڙهندو رهيو. مجاهد خان ڪيس ورٿي ويهڻ جو اشارو ڪيو، نڊهڻ دادن ڪلي چيو: "حضور جن جيسين بندي جا بند خلاص ڪرڻ جو حڪم نه فرمائين، تيسين بندو آرام سان ڪيئن ويهي سگهندو!؟"

انهن لفظن جي ٻڌي معنيٰ مجاهد خان کي هيڪاري بي‌آرام ڪري وڌو. هن پاڻ وڏي، پنهنجي خنجر سان، سندس ٻانهون ڪاوندي، ٻڌ ٻڌ ڪندي چيو: "سڌي، اسان کي شرمسار ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪر! خدا جو قسم، ظل الاهيءَ جي حڪم عدوليءَ جو خيال نه هجي ها ته آءٌ ڪڏهن به هن مهم ٿي نه اچان ها!"

دادن کوبه جواب نه ڏنو. مغل جو وعدو ڪنهن پاڻيءَ جي بوه مثل هو، جا بوه هنن جي دماغ ۾ ڇڻ ڪهر ڪري ويئي هئي. پر مجاهد خان ته سپاهي هو. سپاهيءَ جو وعدو ته لوهه ٿي ليڪو هوندو آهي. هر اڪبر جي حڪم عدوليءَ جو بهانو ان ليڪي کي ٻاهي ويو. هن آخري ڪوشش ڪرڻ لاءِ چيو: "هر حضور، اوهين ظل الاهيءَ جي سلطنت جا به ته خيرخواه آهيو. جو شخص قندار جي معاملي ۾ ايران سان معاهدا ڪندو

وتي، صفوين جي اشاري تي مغل سلطنت سان هٿ چراند ڪرڻ لڳو آهي، ان کي سزا ملڻ بدران ظل الاهي هن کي انعام اڪرام سان ٿو نوازي ـــ اها گهالهه مون کي سمجهه ۾ نٿي اچي!"

"تو وٽ ڪهڙو ثبوت آهي ته مرزا باقي صفوين جي اشاري تي ٿو هلي؟" مجاهد خان جي اڃ وچ اوچتو روڪجي ويئي.

"جن سپاهين مون کي گرفتار ڪري آندو هو، انهن منهنجي جامي تلاش ڪري، هڪ اهڙو دستاويز ڳاڻ وٽ رکيو آهي، جو ان حقيقت کي ثابت ڪري سگهي ٿو." دادن اونداهه ۾ ٿهر آڇلائڻ واري انداز ۾ چيو.

مجاهدن خان جي حڪم تي اهو خط پيش ڪيو ويو. مجاهد خان جئن جئن اهو خط پڙهندو ويو، سندس منهن ڳاڙهو ٿيندو ويو. اوچتو هن ٽاڙي وڃائي، وري سپاهين کي گهرائي ورتو.

"محمود خان کي حڪم ڪيو وڃي ته هڪدم مون وٽ هليو اچي!" مجاهدن خان اهو حڪم ڏيندي، ديوان تي ويهي رهيو. سوچ ۾ ڦاسي جا آثار هن جي منهن تي ڪاوڙ ۽ بدلجندا ويا، ۽ جڏهن محمود خان ڪورنش ڪري، مجاهد خان ڏانهن نهاريو ته هن جي دل ۾ ڪنهن اڻتي ڊپ کان ڏڪڻ لڳي هئي.

"محمود خان، اسين چاهيون ٿا ته هي خط اسان جي پنهنجي خط سان گڏ ظل الاهيء کي پيش ڪري، ان جو جواب فوراً ڏيندو وڃي. ظل الاهي لاهور ۾ منزل انداز آهي؛ اسين چاهيون ٿا ته اڳرائي روانگي ٿيڻ کان اڳ هو هن خط جو ملاحظو ڪري!"

"جو حڪم، خان اعظم!" محمود خان ڏڪندي چيو.

"۽ هن سنڌيء کي اسان جي شاميانيء ۾، اسان جي مهمان طور رکجو وڃي!"

"حڪم جي عڪدم پيروي ٿيندي، حضور!" محمود خان ڪنهن چٽي ٽڪڙو ٻاهر هليو ويو.

مجاهد خان وري وڏي دادن ڏانهن آيو. ڪنهن ڏينهن اميد ڪندن دادن جي ڪن ۾ سرهاڻي موڪلي آئي. پر مجاهد خان جي اکين

۽ اڃا ناڻين آڻڻ ٿيٽي، جنهن کي لکائڻ لاءِ هن رومال کڏي پنهنجو منهن اگهڻ ٿي شروع ڪيو. پوءِ ٻيٽي هٿ دادن جي ڪلهن تي رکي هن چيو: "اسين سنڌين جي بهادريءَ جا متعرف آهيون. مرزا جاني بيگ جي ايڏي ساري لشکر کي شڪست ڏيڻ تي اسين حيران آهيون. پر جيڪڏهن سنڌين اسان جو مقابلو ڪيو تہ اسين لاچار کين سڪت ڏيڻ تي مجبور ٿيندا سين!"

"پر حضور، سنڌين جو مغلن سان تہ ڪوبہ جهيڙو جهڳڙو ڪونهي. هو مقابلو ڪرڻ ڇو چاهيندا؟ هن جي جنگ تہ ترخانن سان آهي!" دادن نهٽائيءَ سان جواب ڏنو.

"خير، پر هي سنڌي لشکر جو سپهہ سالار سوڍو خان ڪير آهي. اسان سندس همت ۽ مردانگيءَ جون ڏاڍيون ڳالهيون ٻڌيون آهن. ڇا اهو سچ آهي تہ هو هڪ عام لوهار آهي؟" دادن محسوس ڪيو تہ مجاهد خان جي پوين لفظن ۾ طنز ۽ ٽوڪ جو اهڙو نشتر هو، جنهڪو سڌو سنئون هن کي چڙ ڏيارڻ لاءِ هو. هو سمجهڻ لڳو تہ ڇا هن هن کي ٻڌائي تہ سوڍو ڪير هو. سوڍيءَ جو ٽهور ڪنڌي ڏي هن جي اکين ۾ عجيب آسنگ پرڇي ٿيو، ۽ هن چوڻ ٻرائي التماس سان چيو: "سنڌ جي لشکر ۾ وڏي ۾ وڏي سپاهي سوڍو آهي، حضور! ۽ انهن سپاهين ۾ برابر سڀني امير، نواب ۽ درٻاري ڪونهن. انهن ۾ گهٽو ڪري ڪمي، ڪاميي ۽ پورهيت ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي وطن ٽان سر گهوريڻ ۽، پنهنجيءَ لج ۽ آبروءَ لاءِ پنهنجو سيڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ سر سان ڪفن ٻڌي نڪتا آهن. جيسين سنڌ آزاد نہ ٿي آهي، تيسين هو سک نہ سمهندا!"

"پوءِ جي ڪوڻ اسان سان مقابلو ڪرڻو پيو تہ....." مجاهد خان هاڻ خوش طبعي ڪرڻ لڳو هو.

"خدا اهو ڏينهن نہ آڻي، حضور! پر جيڪڏهن هن تي جنگ مڙهي ويئي تہ مغل بہ ياد ڪندا تہ ساڻيهہ ٽان سر ڏيڻ

وارا سنڌي بهادريءَ ۽ جان نثاريءَ ۽ مغلن کان ڪنهن به طرح گهٽ نه آهن!" دادن وري به نهٽائيءَ مان چيو.

"ترخانن جي هي ڳالهه آهي، ۽ مغلن جي لشکر سان سامهون ٿيڻ هي ڳالهه آهي. اسين جي چاهيون ته سموهن هڪڙي ڏينهن ۽ فتح ڪري سگهون ٿا. اسان جو لشکر ٽڪل آهر ان ڪري اسين نٿا چاهيون ته هڪدم کين وڙهڻ تي مجبور ڪريون. پر جيڪڏهن سنڌي اسان جي اطاعت جو اعلان ڪن، ۽ سموهن جو قلعو اسان جي حوالي ڪن ته اسين ظل الاميءَ اڳيان سندن مقدمو ويهر پيش ڪرڻ لاءِ تيار آهيون!"

مجاهد خان جي انهيءَ ڏڑتيءَ دادن جي دل ۽ ڀهربون پيرو مغلن لاءِ نفرت جي چٽنگ دکائي چڏي. ڏاريان ٽيڪ ڏاريان. هنن مان کا امید رکڻ عبث آهي. هو کو ترش جواب ڏيڻ وارو هو پر اوڏيءَ مهل محمود خان مير منشي مڪارم خان سان اندر لنگهي آيو، ۽ دادن چپ ٿي ويو.

"چگو، تون هاڻ آرام ڪر. اسين صبح جو وري توکي سڏائينداسون ۽ ان مسئلي تي گفتگو ڪنداسين!" مجاهد خان سڀني کان هلکو زور ڏيندي چيو.

دادن پهنجي تنبوءَ ڏانهن ويندي، سڄي رات مغل لشکر سان سوڍي جي مقابلي تي سوچيندو رهيو. جڏهن ساڻس گڏ هلندڙ سپاهي، هڪ تنبوءَ اڳيان بيهي رهيو، تڏهن دادن به پهچن خواهن مان جاڳي ويو. انهيءَ تنبوءَ اڳيان بيٺل پهربدارن کي سپاهي دادن متعلق هدايتون ڏيڻي واپس هليو ويو. دادن جي دڪي ۾ هزارين انومان ۽ وسوسا محشر مچائڻ لڳا هئا. اکر ڪهڙو جواب موڪلينڊو؟ مغل لشکر ۽ ڪهڙا سردار مرزا باقيءَ جي پاسي هئا؟ خود مجاهد خان ڪٿي سنڌ جي خلاف نه هجي، پر سنڌ صلاحڪارن جا ڪهڙا خيال هئا؟ اهي سمورڀون خبرون ونڊڻ لاءِ هن وٽ ڪوبه ذريعو ڪونه هو. هو ڪنڌ هيٺ ڪري، تنبوءَ ۾ داخل ٿيو ته پهنجي ساهون جيڪي ڏاڙين، تنهن هن

جي ڏهن جي واڇوڙن کي اتي ئي ٻهاري ڇڏيو. زيبا پنهنجي اکين ۾ اٿاهه پيار آڻي، هن جي آڇيان لاءِ ٻيهر هٿي. سندس چپن تي اڌري مرڪ هٿي، جنهن هن کان اهو وساريائي ڇڏيو ته هاڻ مغل ۽ سڌ جا اوڏاڻي دشمن هئا، جيئرا ترخان.

"زيبا، تون؟" دادن جي لفظن ۾ پنهنجاڻپ بدران اچرج هو.

"اوهان کا خبر نه ورتي ته مون کي ئي اڇو پيو!"

زيبا جي اکين ۾ پيار ڇلڪي لڙيو، ۽ هن نه چاهيندي به پنهنجا ٻيئي هٿ کڻي دادن جي هٿن ۾ ڏنا. دادن جي اکين ۾ نهاريندي هن کي وري اهي دک جون ڇاياڻون نظر آيون، جن کي هوءَ صدين کان منڊيندي هئي. هن جو دکي مسافر اڄا تائين اوترو ئي دکي هو. هن جي پنهنجي دل کي به جهوپو اڇي ويو، ۽ هن هيڪاندي چيو: "هاڻ ته حضور جن پنهنجو واعدو پورو ڪيو، پوءِ اوهين ايترو دکي ڇو آهيو؟"

"زيبا، خان اعظم فقط ايترو وعدو پورو ڪيو ته هو سڌ تي مغل لشڪر چاڙهي آيو آهي، پر ظالمن خلاف نه، مظلومن خلاف....."

۽ هو ڪيترو وقت زيباکي سڌ بابت مغل سياست جون ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو. سوڍي جون ڳالهيون ڪندي، دادن جي اکين ۾ جا جوت جاڳي آئي، ان هن کي ايڏي معصوميت ڏيئي ڇڏي، جو اهو معصوم دادن هن جي روح کي روڙڻي ويٺو.

"نه نه، ائين هرگز نه ٿيندو! آءٌ حضور جن کي ائين ڪرڻ نه ڏيندس!" هوءَ ڇڻ پنهنجي ٻاڻ سان ڳالهائڻ لڳي هئي. جڏهن ٻانهي کيس ٻڌائڻ آئي ته مجاهد خان کيس سڏايو هو، تڏهن ويندي وقت هن دادن کي اهڙين نظرن سان ڏٺو، جن ۾ پيار سان گڏ هڪ اهڙي عزم جا اهڃاڻ هئا، جو دادن کي به پنهنجا انومان ۽ وسوسا گهڙيءَ لاءِ وسري ويا ۽ هو گهرجندڙ اکين سان ان نئين زيبا جو تصور ڪندي پنهنجي سڌ تي ليٽي پيو.

زيبا جي موجودگيءَ، زيبا جي پيار ۽ زيبا جي همدرديءَ

دادن جي ماڻهوسيءَ کي پاڻ وڏائي ڇڏيو هو. اهو احساس زيباکي به هو. جيتوڻيڪ هن جي آدرش ۽ زيبا جي پيار ۽ کي حقيقت نه هو، پر انهن ۾ ايترو فاصلو هو، جنهن کي طي ڪرڻ ناممڪن ٿي نظر آيو..... پوءِ جڏهن اڪبر جو جواب پهتو، ۽ زيبا کيس ٻڌايو ته اڪبر اهو حڪم ڏنيو هو ته باوجود خان اعظم جي خط جي، مرزا باقيءَ خلاف سنڌين جي شورش کي ختم ڪيو وڃي، تڏهن ته دادن ٻهريون ڀيرو زيبا کي اهڙين نظرن سان ڏٺو، جن ۾ انهن درد جو درڀا هڻن جي بيمار کي اوڙاهندو ٿي ويو. زيبا هن جي اکين جو اهو منظر ڏسي نه گهريو، ۽ هوءَ هٿ منهن ٿي رکي، تکي تکي ٽنبوءَ کان ٻاهر هلي ويئي.

ان ئي ڏينهن مجاهد خان هن کي سڏايو هو، ۽ کانئس نظرون بچائيندي چيائين، "سنڌي اسين نهايت شرمسار آهيون. طلب الاهيءِ اسان جي درخواست رد ڪري ڇڏي آهي، ۽ اسان لئي مجبوراً سيوهڻ تي حملو ڪرڻو پوندو!"

دادن کوپ جواب نه ڏنو. هن جي دل ۽ ان مهل فقط هڪڙو ئي خيال هو: هو ڪنهن طرح مغل لشڪر کان نڪري سيوهڻ پهچي. هو ڪجهه چوڻ وارو هو ته مجاهد خان وري چيو: "پر اسين چاهيون ٿا ته ڪنهن خونريزيءَ کان ٻچائ، جيڪڏهن سنڌي اطاعت جو قسم کڻن ته اسين سائڻ صلح ڪرڻ ۽ مرزا باقيءَ ۽ سنڌين جي وچ ۾ بهتر لاڳاپن قائم ڪرڻ لاءِ ذميداري کڻڻ لاءِ تيار آهيون. ان لاءِ اسان سوچيو آهي ته محمود خان، دلاور خان ۽ ٽون گڏجي سنڌين جي سڀ، سالار سان صلح جون گالهيون ڪريو!"

دادن کي جڻ ڪڪ جو سهارو ملي ويو، ۽ هو مجاهد خان ڏانهن شڪرگذاريءَ جي نظرن سان ڏسندي، شاميانني کان ٻاهر نڪري آيو.

○

۱۴

سچ ۽ آڃ لهڻ جي نہ پئي ڪئي ، ڇڻ ڪيس ڪنهن
ڳهڻي ، جو اڃڪو هجي — رات جي لشڪر ڪي پهنجي ٽيرن
سان گهاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، من ڪنڊ ورائي پويان
پهاريو . رات جو لشڪر ماڪڙ جيان من ڪي چوڌاري وراڻيندو
ٽي ويو. هن جي ٽيرن جي باوجود اوندهه دونهين وانگر ڪڦندي،
وڌندي، ڏرتيء ڪي ڳڙڪائيندي ٽي ويئي، ۽ ڪجهه دير کان پوء
هن پاڻ ڪي اونداهي سمنڊ جي ڪنڊيء تي ، بي پارو مددگار ،
اوندهه جي ڏنگن ڪان ڏنگجندو، اوندهه جي چولين جو ڪاڇ ٻڌجندي
ڏٺو. سوڀيل سچ جي ان بيوسيء ڪي ڏسي، ڪنهن سوچ ۾ اچي
ويو. ائين ڇو آهي ته روشني هميشه اوندهه جو ڪاڇ ٻڌجندي ٽي
رهي. هن ڪي ائين محسوس ٿيو ڇڻ سنڊ ان سچ مثل هئي، جو
اوندهه جي لشڪر ، مغلن جي ماڪڙ ڪان مات کائڻ لڳو هو .
اهو خيال اپندي ٽي هن جي دل جي ڏڪ ڏڪ تيز ٽي ويئي ،
۽ هو سوچڻ لڳو ته اها مايوسي ڇو ؟ هنن جڏهن ترخانن جي
اوندهه ڪي ٽڙي ڪڍيو هو ته مغلن جي اونداهه ڪي ٽڙي ڪڍڻ
به ڏکيو نہ ٿيندو . هن ڪي اهو وقت ياد اچي ويو جڏهن هو
سيوهڻ تي چڑهڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا، ۽ همراهن مان
ڪن اهو ٽي چيو ته مرزا جاني بيگ جي ويهن هزارن سوارن
۽ اڏ لک پيادن سان وڙهڻ لاء سنڌين جو هي ويهارو هزار لشڪر
ڪيئن پوري پوندو، تڏهن هڪڙي نندي نينگر، جنهن جي عمر
اڃا ستر هن ورهين به ڪانہ هئي، تنهن اوچتو رڙ ڪري چيو هو ته
"ادا، اسين سچ وانگر ترخانن جي اونداهه ۾ ڇانڻجي ويندا سين!"

۽ ٿيو ۽ ائين هو. سنڌي ائين وڙهيا هٿا، جڏ هنن مان هرهڪ کي ڏهه ڏهه سر جهي پيا هٿا. ۽ هو ترخانن کي ائين لٽيندا ٿي وبا جڏ ترخان ڪچا سنگ هٿا جيڪي هنن جي پهچن کان اڳ پاڻ نمي ٿي پيا. سوڍي کي مرزا جاني بيگ جي جهڙو ڏکري وڃڻ جو ڏاڍو رنج ٿيو هو، پر صادق سومري کي چيو هو ته: "ڏٺي جي ملهه ڪندا سون ته مرزا جاني بيگ ته ڇا پٽس ۽ ايان جي اڳيان ليلهڙائيون ڪندو. دل نه لاهه سوڍا. وارا جمارا آهن!" اهي گالهيون ياد ڪري، هن جي چپن تي مرڪ اچي وئي، ۽ هن دل ٿي دل ۾ چيو ته سڏ حوصلي وري اپرندو ۽ مغلن جي هن اونداهه کي مڪڙن وانگر پڇائي ڏيندو. اهو سوچيندي، هو مورچي تان هيٺ لهي آيو.

هڪڙو ننڍڙو چوڪر، هن جي ڪميت سومل جي بشڪن ۾ آڳربن سان ڦٽي ڏٺي رهيو هو. ڪيترو نه پيار هو ان ۾. سوڍل کي ائين محسوس ٿيو جڏ سومل به چوڪرڙي کي پنهنجو وڇيرو ٿي سمجهيو، ۽ موقعو ملندي ٿي هن جي ڪچي ۽ هاڻهن کي ائين ٿي چٽيائهن جئن ماءُ پنهنجي ڪير پياڪ وڇيري کي چٽيندي آهي. اهو چوڪر ۽ هو پاڻ ۾ ائين گالهائيندا هٿا، جو چوڪرو ڪلندو وبندو هو، ۽ سومل ڪنڌ ڏوڻيندي، ڪن ڦڙڪائيندي، سنب هٽندي رهندي هئي. جڏهن کان هو سيوهڻ آيو هو، اهو چوڪر جڏ خاص هن جي گهوڙيءَ کي روز ڏسڻ لاءِ هليو ايندو هو، ۽ سوڍل کي پنهنجو پائٽيو سمجهڻ ياد اچي وبندو هو.

هو وڏي اچي نينگر جي پٺيان بيهي رهيو. نينگر سومل جي بشڪن ۾ مشغول هو، پر سوڍل جي وبجهو اچڻ ٿي سومل جي چمڙي جڏ جتان ڪتان آڙڻ لڳي هئي. سنڌس ڪن جي ڏس، چوڪرڙي بدران سوڍل ڏنهن ڦري آئي. نينگر به گهوڙيءَ جي بشڪن ۾ هڪ ٽئين لهر محسوس ڪندي، ٻوبان نهاريو. سوڍل سنڌس وارن ۾ هٿ ڦيرائيندي چيو: "ٻڌ، هاڻ رات ٿي وئي آهي، تون وڃي گهر ٻڍو ٿيءَ!"

"چاچا... هي مغل ڪير آهر؟" ٽينگر اوچتو سوال ڪيو.

"ترخانن جا ئي سوٽ ماسات آهن ، پٽ!" سوڍي ڪلي جواب ڏنو.

"پر ڪي چون ٿا ته هو ترخانن کي سڏ ڪرڻ آيا آهن....."

"چون ته هو پاڻ به ائين ٿا، پٽ! پر...."

"پر چا؟...."

چوڪر کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو.

اوچتو پربان ڪنهن جي گهوڙي جي سنبن جو آواز ٻڌي، سوڍيل مات ئي ويو. الائي چو - دل جي دل ۾ ڪو ورم پيري آهيو: گهوڙي جا سنب هميشه هن کي ڪجهه نه ڪجهه ٻڌائيندا هئا، ۽ هو سوچڻ لڳو، هيءَ چال سچائل هوندي به ڪهڙي نه اڻ پرکي آهي. هو پنهنجي ئي خيالن ۾ وري موصل جي بشڪن ۾ آگرين ڦهرائڻ لڳو. گهوڙيسوار ونس پڇي، جهيڻي آواز ۾ چيو: "جهيڻي سڏ!"

"جهيڻي سڏ! چو ميان جهيڻو پيو ڳالهائين؟"

"مغلن جا ڏي همراهه اچو جهنڊو ڪڍي ، ڪوٽ جي دروازي تي ويٺا آهن. چون ٿا ته مجاهد خان جو ڪو نياپو ڏيڻو اٿن!"

"آڇ ملان ٻو اندر. ڏون ڪين وڃي وڻ اڄ، پر ڪوٽ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ سڏن اکيون ضرور ڏجو!" سوڍي چئن کيس ياد ڏياريندي چيو.

سوڍيو مورچي جي ڏاڪڻي طرف ، پنهنجي تسوه ۾ هليو ويو. هن جي چوپاري اڳهئي ويٺي هئي. ڪنن ٻڌايائين ته مغلن جو ڪو نياپو آيو آهي، ڏسجي ته چا ٿا چون. مغل جڏهن اندر آيا، ۽ سڏن اکين ۾ڏل پٽيون لاٿائون ، تڏهن هن جي اکين ۾ اچرج ۽ حيرت چانڇجي ويئي. هو مغل درٻارن، صوبائي عاملن جي مجلسن، ڪيمخواب ۽ اطلس جي گاديلن، سونن تختن، بلوري

صراحين ۽ جامن ڏسڻ جا عادي هئا. هنن کي هي ڏڏن ٽونڊرين تي ويڙل، سادا سوڌي ڪپڙا پهريل امير بلڪل ڪونه آڻڙيا. اها حيرت هڪڙي مغل جي اکين ۾ ڪانه هئي، جنهن پنهنجي ڏسري جي پلاند سان اکين کان سواءِ باقي سڄو منهن ڍڪي ڇڏيو هو. ان مغل جي اکين ۾ اچرج بدران کا آڃاڻي گهرائي ۽ پنهنجائپ ڏي پائڻي.

دعا سلام جو جواب ڏيندي، سوڍي کين پنهنجي اڳيان پيل ٻيڙيءَ هڪ ڏونڊريءَ ڏي ويهڻ جي آڇ ڪئي. منهن ڍڪيل مغل ته هڪدم ويهي رهيو، پر ٻيا ٻه مغل بيٺا رهيا. هيٺ ويهڻ هنن پنهنجي شان وڏائن ڏي سمجهيو. پر ويڙل مغل ٿورو ترسيءَ سان کين ويهڻ لاءِ چيو ته لاچار هو ويهي رهيا، پر سندن منهن مان بيزاري صاف ظاهر هئي.

سوڍي فارسيءَ ۾ ڳالهڻ جي شروعات ڪئي: "ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟"

منهن ويڙهيل مغل چيو: "ظل الاهي، شهنشاهه هند حضور محمد جلال الدين اڪبر جي ياران امير الامراء خان دوران خان اعظم نواب مجاهد خان جي سلامن کان پوءِ معلوم هجي ته ظل الاهي سڌ بغاوتن ۽ شورشن کي ناپسند فرمائڻ ٿا، ۽ چاهين ٿا ته سندن سموري رعيت امن امان ۽ عافيت سان رهي. ان خيال سان سڌ ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ حضور جن خان اعظم کي مامور فرمايو آهي. خان اعظم اوهان جي همت، دليريءَ ۽ قربانين جو قدر ڪري ٿو، ۽ هو چاهي ٿو ته جئن ته هاڻ هو انصاف ۽ عافيت قائم ڪرڻ لاءِ سڌ جي سرزمين تي پهچي چڪو آهي، ان ڪري اوهين پنهنجي بغاوت کي ختم ڪريو، ۽ شهنشاهه هند جي اطاعت ڪريو ته اوهان کي عام معافي نامي جو پروانو عنايت ڪيو ويندو! ان مضمون جو هي خط خان اعظم طرفان آءٌ اوهان کي پيش ٿو ڪريان." هن، خط سوڍي کي ڏيندي، ٻهي مغل ڏانهن نهاريو جن ڪنڌ ڏوڻي هن جي حمايت جو اعلان ڪيو.

سوڊيو کا گهڙي چپ رهيو. پوءِ خط پڙهي ، مغلن ڏي نظر وجهندي چيائين : "شهنشاهه هند کي ۽ خان اعظم نواب مجاهد خان کي سڀني سنڌين طرفان سلامن بعد معلوم ٿئي ته اول ته سنڌين ظالمن خلاف بغاوت ڪئي آهي، جنهن سان مغل حڪومت جو ڪو واسطو ڪونهي. پيو ته مغل شهنشاهه جي ڪنن تائين يقيناً ترخانن جي ظلم ۽ ستم جا داستان پهچي چڪا هوندا، ان ڪري بجاءِ سنڌين جي، شهنشاهه جو عتاب انهن ڏي ڪرڻ گهرجي، ۽ ٽيون ته سنڌي ڪنهن به ڏارئين ــــ چاهي اهو ترخان هجي يا مغل ــــ جي اطاعت قبول ڪرڻ کان سر ڏيڻ وڏيڪ پسند ڪندا !"

آخري لفظ چوندي سوڊي جي اکين ۾ عجيب شوخي پرجي آئي، ۽ سندس لفظن ۾ هڪ عجيب ڪوڙاڻ پرجي آئي. مغلن جي منهن ڏي ڪاوڙ جو رنگ اچڻ لڳو .

"اوهان کي معلوم هجي ته ظل الاهي يقيناً ظالمن کي ختم ڪري پنهنجي رعيت جي جان ۽ مال جي حفظ لاءِ جتن ڪرڻ جو حڪم صادر ڪرڻ فرمائيندا . پر ان لاءِ ضروري آهي ته پهرين رعيت پنهنجي اطاعت جو اعلان ڪري،" مغل ڇوڪرو سوڊي جي ڳالهه نه سمجهندي چيو .

"سنڌي ڪنهن به ڏارئين جي اطاعت هرگز نه ڪندا !" سوڊي وڏيڪ سختيءَ سان چيو .

هڪڙي مغل کان رهيو نه ٿيو، ۽ وچ ۾ چئي ڏنائين : "اوهان کي شايد حضور جن جي غضب کان ڊپ نٿو ٿئي. پر ياد رکو ته خان اعظم سمورن باغين کي هڪڙو هڪڙو ڪري هاٿين جي پيرن ۾ چيڀاٽي ماراڻيندو، گهوڙن جي پڇن ۾ گهلائيندو ــــ ان وقت تائين ، جيسين هنن جي رڙين کان سڌ ته ڇا آسمان به پناهه گهرڻ لڳندو !" مغل ڪاوڙ ۽ وڏائيءَ کان پاڻ به ٽڙڪڻ لڳو هو .

سوڊي جي منهن جو رنگ ٿي بدلجي ويو . هن مغل کي اهڙين نظرن سان ڏٺو، جنهن ۾ نهارڻ سان مغل کي سڙو سٽون

پنهنجو موت نظر اچڻ لڳو. هن ڏند پيڙيندي چيو: "مغل، جيڪڏهن تون منهنجي تڏي تي آيل نه هجين ها تہ اڄ سڀني هٿن سان توکي ان ساڳئي آسمان جا تارا ڏيکاريان ها. اسان اهڙا سوين ظلم پنهنجي اکين ڏٺا آهن، پنهنجن هٿن هڏن سان سالن جا سال سڻا آهن. پر هاڻ اهو ماڻ پٽ چاڻو ٿي ڪونهي جو سنڌين تي اهي ظلم ڪري. وڃ! آڏو هتان، ۽ وڃي پنهنجي خان دوران کي سلام ڏيو، ۽ کيس چئو تہ شهنشاهہ کي اهو نيايو موڪلي تہ جنهن سنڌ جي سرزمين هن جي بيءَ کي پناهہ ڏني، جنهن جو لهجو خود سندس رت ۾ شامل آهي، جنهن ڏرتيءَ سندس پهريون ساهہ کيس بخش ڪيو هو، سا سنڌ وقت اچڻ تي سندس مقابلي ڪرڻ کان ڪيئنديءَ. اسين سنڌي شهشاهت ۽ وڏيءَ سياست سان نہ چاڻون، پر جيڪڏهن ڪنهن به ڪٿي اهو اکبر چو نہ هجي، سنڌ ڏانهن ميري اک سان نهاريو تہ اهو شخص پنهنجون ٻيئي اکيون وڃائي ويهندو! هاڻ آئو، وڃو!"

مغل انهن لفظن جي ڪوڙاڻ کي محسوس ڪندي، جڪ ڪاڻيندو، ڏند ڪرڻيندو رهيو. منهن ويڙهيل مغل جي اکين ۾ هڪ عجيب احساس اونجي آهو، جنهن کي ڪوبہ سمجهي نہ سگهيو. هن ايندي وقت ڏهرڪ سان چيو: "اڄ آخري دفعو اوهان کي چوڻ گهران ٿو تہ اکبري فوج سان جهيڙڻ موت کي سڏ ڪرڻو آهي. جيڪڏهن اوهين ظل الاهيءَ جي اطاعت جو قسم کڻو تہ خان اعظم کوشش ڪندو تہ مرزا باقيءَ جا ظلم بند ٿين ۽ حڪومت ظل الاهيءَ جي قانون مطابق هلي!"

"ان جي معنيٰ تہ اوهان جو ظل الاهي مرزا باقيءَ کي سنڌ سڄان قائم رکڻ گهري ٿو، ۽ هو چاهي ٿو تہ اسين هڪ طرف مرزا باقيءَ کي سنڌ کي تاراج ڪرڻ ڏيون، ۽ ٻئي طرف مغلن جو ڪٽ بہ پنهنجي ڪچيءَ ۾ وجهون ۽ سنڌن ڏن الڳ پريندا رهون. جيسين اسان جي سريءَ ۾ ساهہ آهي، تيسين اسين ترخانن سان جنگ جوٽيندا سون. ان ۾ اکبر تہ ڇا، سڄي دنيا

من جي پيرائي ڪري ته اسين سڄي دنيا سان وڙهڻ کان ڪونه مڙنداسون!" سوڍي ملاقات ختم ڪندي چيو.

مغل باهر نڪري آيا. ڪجهه وقت هو ٽيئي باهر بيهي پاڻ ۾ سُس پُس ڪندا رهيا. گهڙيءَ کان پوءِ منهن ويڙهيل مغل بين کي آڻي ٽي ٻڌائي لاءِ چڻي، پاڻ وري اندر هليو آيو. سوڍي من کي اندر اينڊو ڏسي چيو: "هاڻ وري ڇا آهي؟"

مغل ڪوبه جواب نه ڏنو؛ هڪ ٽڪ سوڍي جي منهن ۾ نهاريندو رهيو. انهيءَ نگاهه ۾ عجيب بيمار ۽ پنهجاڻپ هئي. سوڍو من جي ان گهُورڪي نه سمجهندي، تکائيءَ مان ڪجهه چوڻ وارو هو ته مغل پنهنجي ڪُلهي جو بلاند ڇڪي منهن ٽان لاهي چڏيو.

"دادن، تون؟"

"ها ادا، آءٌ آهيان دادن!" ۽ دادن سوڍي کي ٻاڪر پائڻ لاءِ اڳتي وڌي آيو. سڀ حيرت مان هن مغل کي ڏسڻ لڳا. هر سوڍي جي اکين ۾ پيار بدران نفرت جو هڪ درياءُ ڏسي، دادن اني ٽي جمي ويو. هيءَ سوڍو هن جي ٻاءُ سوڍي کان ڪنهن مختلف هو.

"تون دشمن جو ٻانڊي آهين، دادن...."

سوڍو وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهيو. هن اڳتي ٻانهو ڇڻ ته اڪر هن جي نڙيءَ ۾ اڙڻ آنوڙڻ لڳا هئا. هن جي دل ته اڳين ئي چاهيو ته هڪ ٽي ڏڪ سان پنهنجي هن ٻاءُ کي ٻورو ڪري چڏي، پر هن وقت هو سندس تڏي تي آيل مهمان هو، ۽ مهمان تي هٿ کڻڻ هن جو مَرڪ نه هو.

دادن جي دل ۾ چير پوڻ لڳا. هن کي پنهنجي پاڻ کان، سڄي دنيا کان ڇاڻ اڇڻ لڳي، ۽ ڪڏهن نه روئڻ وارو دادن ڇڻ روئي ويو: "ادا، اهو ويڻ ته نه ڏينم! منهنجو سر سڏ تان مدفي، ڏٺيءَ لڳ اهڙو ويڻ ته نه ڏينم!"

اهي لفظ نه ڇڻ ورلاپ هئا، جي چوڌاريءَ ۾ ويٺل سڀني مڙهن تي ڇڻ ڇپ ٻڌجي ڪيري ويا. سوڍي جي دل ۾ انهن

لفظن جي درد ۽ ڳوراڻ تي جھوپو کائي ويئي ۽ ھن وڏي کڻي دادن کي پاکر وڏو. پوءِ دادن ھين سان به پاکر پائي ملیو. سموري سنگت ھن ھمراھ جي نئين روپ ۾ ھروپ تي حيران ھئي. دادن وري سوڊي سان گڏ ويھي رھيو.

"ادا، ھيءَ مغان جي چٽي دراصل منھنجي آندل آھي. آخوند نورمحمد ۽ ھين وڏڙن جو خيال ھو جھڪڙھن اکبر مرزا باقيءَ خلاف لشکر چاڑھي موکليندو تہ ترخان قندار پڄي ويندا، ۽ سڌ ٿوري وقت لاءِ اکبري سلطنت جو صوبو بنجي امن امان ۽ گذاري سگھندي. سو آءٌ آگري وڃي اھو بندوبست کري آيس!" دادن سوڊي ڏانھن نھارڻ بنان، کڌ ھيٺ کري چيو.

"آخوند نورمحمد يا ھين کي کھڙو حق ھو جو سڌ جا اڻھن سودا کندا وٽن. ترخانن جي غلاميءَ مان تہ اسين وڙھي ۽ جند ڇڏائي وڃون ھا، پر ھن مغل کائکن جي غلاميءَ مان کيئن آزاد ٿيو؟" سوڊي ڇڻ تہ ھاڻ تي ناراض ٿيندي چيو.

"مجاھد خان مون سان وعدو کيو ھو تہ ترخانن کان پوءِ سڌ رکو نالي ماتر اکبري سلطنت ۽ رھندي. کوبہ مغل صوبيدار مقرر کونہ ٿيندو، ۽ سڌ خودمختياري حاصل کري سگھندي!" دادن ھوريان چيو.

"آزادي ۽ خودمختياريءَ ۽ وڏو فرق آھي، دادن! پوءِ مغلن جا اھي واعدا کيڏانھن ويا، ۽ ھاڻ مغل مرزا باقيءَ جي حمايت کيئن ٻيا کن؟" صادق سومري وچ ۾ پڇيو.

"مجاھد خان جڏھن ملتان ملڪي بکر ۽ ترخانن کي شکست ڏني، ۽ اوھان جو لشکر جدا سڌ مان کين تڙڻ لڳو، تڏھن مرزا باقيءَ پنھنجي نمائي مرزا پائنده بيگ سان گڏ اکبر جي خدمت ۾ موکلي ڏني. مغل درباريون لاءِ پيش ٻيا سوکڙيون پاکڙيون موکلي، اھڙي سياست ھليو، جو اکبر مرزا باقيءَ ڏانھن معافي نامو ڏياري موکليو ۽ ان سان گڏ مجاھد خان کي فرمان موکليائين

ته مرزا باقيءَ جئن ته اطاعت قبول ڪئي آهي تون آئي جي شورشن کي ختم ڪري موٽي اچ!" دادن ڀالهه کولهندي چيو.

اڪبر جي انهيءَ ڦيڙتيءَ تي سيني کي اچرج لڳي وئو. سوڀڙ کاگهڙي چپ ٿي وئو. ٻوه دادن ڏانهن منهن ڪندي چيائين: "ٻوه تون چا ٿو چئين ته هاڻ چا ڪجي؟"

دادن ٻ ڪجهه سوچ ۽ پڻجي وئو. هن جي نظرن اڳيان مجاهد خان جي منظم لشڪر جو نظارو هو، ۽ هو دل ئي دل ۾ سنڌين جي سٺ جيترن ڏهيسرن جي لشڪر سان مغل لشڪر کي پيٽيندو رهيو. چا ٻ هجي، سنڌي سر تريءَ تي رکي پنهنجي وطن تان قربان ٿيڻ ۽ پنهنجا ڪنڊ ڪپائڻ لاءِ تيار هئا، پر اڳيان مغلن جي ڏيڍ لک فوج هئي، جنهن وٽ هاٿي هئا، توپون ۽ تفنگ هئا، روهيلا، راجپوت ۽ مغل گهوڙيسوار هئا. هنن سان مقابلو ڪرڻ هٺ وٽي پاڻ مارائڻو هو. ٻئي طرف سنڌين جي هيءَ فوج باقي رهجي وڃي ته ترخانن کي ٽنڊڻ ڏيڻو نه ٿيندو. ٻوه جي اڪبر وچ ۾ پيو ته نالي ماتر سندس اطاعت ڪرڻ، مغل سردارن ۽ درٻارين کي سوڪڙين پاڪڙين سان سنڌ جي آزادي برقرار ته رهي سگهندي. هن کي اها ٻ خبر هئي ته مغلن جي اشاري تي مرزا جاني بيگ ٻ پنهنجي ٽئين فوج وٽي اچڻ لاءِ ٺٽي کان نڪري چڪو هو. هن وقت ٻن قوتن سان مقابلو ڪرڻو هو، ان ۾ سراسر ڇيهو ئي ڇيهو هو. پر مغل هن لشڪر جي پيش پوڻ ۽ مرزا باقيءَ کان پڇڻي بنان ڪڏهن ٻ نه ويندا. مجاهد خان ڪٿي پاڻ هن جو چوڻ مڃي ٻ، پر ٻين مغل اميرن کي ته اڪبر جي خوشنودي وڌيڪ پياري هئي. هو اڃا ان سوچ ۾ ئي هو، ته هڪڙو همراه اندر لنگهي آيو، ۽ هري هري سوڀڙ جي ڪن ۾ ڪا ڳالهه ڪري هٿي ڏيڻي رهيو. سوڀڙ جو منهن لاٽي هٿي وئو. هن جي اکين ۾ همیشه واري ڏٻ موٽي آئي. صادق سومري کان رهيو نه ٿيو، ۽ پڇي ويٺو: "سوڀڙ، ڪهڙي خبر؟"

"ڪوٽ جي پٺين پر، ڏنل ڏل وٽ امير خان ۽ مرزا جاني بيگ مرزا باقي جو نئون لشڪر وٺي اچي پهتا آهن...."

دادن سوڍي جي اکين ۾ نهاريو، جن ۾ مڇ مڇن لڳا هٿا. اهو اڇو رنگ هو، جنهن کان دادن هميشه ڊڄندو هو. پر دادن کان رهيو نه ٿيو ۽ هن چيو: "ادا، مون کي به مغلن کان خبر پيئي هٿي ته مرزا جاني بيگ نئون لشڪر وٺي، ڪوٽ جي پٺين پر اچي لهڻ وارو هو. هاڻ مغلن سان وڙهڻ چرپائي ٿيندي. منهنجي خيال ۾ ته مجاهد خان سان صلح ڪرڻ ئي عقلمندي آهي!"

"دادن، اسين هت عقلمندي ڪرڻ کونہ آيا آهيون. عقلمندي ڪرڻي هجي ها ته پنهنجا گهر ٽڏ ڪونہ ڇڏيون ها!" سوڍي پنهنجي ڪاوڙ تي ضابطي آڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"پر ادا، هنن ٻن لشڪرن سان ڪيئن وڙهبو؟ امير خان وارو لشڪر به پنجاهي هزار ٿيندو. مغل اڳيان حملو ڪندا ته امير خان پٺيان ..."

"ته هوء اسين ٻنهي کي منهن ڏيڻداسون!" سوڍي ڇڻ بحث ختم ڪرڻ لاء چيو.

"پر پنهنجي طاقت به ته سارڻ ڪپي!" دادن جي وات مان نڪري ويو.

سوڍي هن کي اڇڻيءَ نظر سان ڏٺو جنهن ۾ هاڻ پنهنجائپ ۽ پيار بلڪل نه هو. ڪجهه سوچيندي: هن چيو: "دادن، تون مغلن جو نيابو ڪٹي آيو هٿين. ان جو جواب، جيڙو شروع ٿئي، تنهن کان اڳ ڪين پهچاءِ ته ڇڪو!"

اهو ويڻ وري به دادن جي دل ۾ وڌ وڃندو ويو. سنڌين جي وچ ۾ هن جي سڳي ياءُ هن کي بنهه ڏاريون سمجهيو هو. هن کي به هاڻ ڪاوڙ اچي ويئي. سوڍو پنهنجي ڏاڏيڙسيءَ سان هزارين سنڌين کي ڪهائي ويهندو. هن کي انهن هزارين ڪنڌين ۾ خيال اچي ويو، ڏوڪي سنڌ ۾ سوڍي جي اشارتي

ٿي سر گھورڻ لاءِ تيار هٿا. هن جو هيءُ ياءُ رڳو وڙهڻ چاڻي، سياست ۽ حڪمت عملي هنن لاءِ بنهه اوپرڀون گالهيون هيون. پر هن پاڻ تہ انهن معاملن کي سمجهيو ٿي، پوءِ ڪيئن اهي ڪونڊر ڪهاڻي لاءِ ماڻ ڪري ويهي. هن کي ڏني جا لفظ ياد اچي ويا تہ سوڍو سنڌي سورما نہ ڪهائي ويهي. هن بہ ٻورو رنج ٿي چيو: "ادا مون کي بنهجي ساهہ جي ڳڻتي ڪانهي، جو اهو وڃ تو ڏينہ تہ آءٌ وڃي مغلن وٽ رسان! آءٌ تہ هنن هزارين سنڌين لاءِ ٿو سوچيان جن کي رڳو هيئر نہ، آئيندي بہ وڃڻ سان وڙهڻو آهي. وڙهڻ کان سواءِ برابر چاڙهو ڪونهي، پر اهڙيءَ طرح وڙهجي، جو وڙهڻ سان ڪو مقصد بہ حاصل ٿئي. ائين ڪاهو وڙهي، رڳو سورهيائي ڏيکارڻ تہ اجائي آهي!"

سڄي سنگت کي هن جي لفظن ڪجهہ سوچڻ ٿي مجبور ڪري وڌو. قبول محمد دادن جو ٻاسو ڪندي چيو: "سوڍا، گالهہ سوچڻ جهڙي تہ آهي!"

سوڍي کوبہ جواب نہ ڏنو: فقط ڏک جو هڪ ٻاڇولو هن جي منهن ٿي لهي آيو. دادن کان اهو دک ڏٺو نٿي ٿيو، ۽ هن ڇڻ معافي گهرندي چيو: "ادا، آءٌ نديو آهيان، پر آءٌ کي سال مغلن سان رهيو آهيان. هنن سان آئيو ويٺو آهيان. مون کي هنن جي وڙهڻ جهڙڻ، جنگين ڪرڻ، دوکيبازين ۽ ڪمزورين جي مڙئي ٿوري گهڻي ڄاڻ آهي. جي منهنجي صلاح وٺو تہ پنج سؤ يا هزار ڪن همراهہ تيار ڪري، مغلن ٿي اهڙي نموني حملو ڪجي، جو مغل ائين سمهجن تہ سنڌين راڪاهو ڏنو آهي. مغل اهڙيءَ حالت ۾ ترخانن جي مدد ڪرڻ بدران پنهنجا مورچا ۽ پنهنجي بچاءَ جا هنڌ مضبوط ڪرڻ ۾ لڳي ويندا. اوهين ان وچ ۾ ترخانن تي حملو ڪري، مرزا جاني بيگ ۽ امير خان کي اکوڙڻ جي ڪوشش ڪريو تہ جڏهن جو پٺيان تہ ارچتو حملو نہ ڪرڻ ڪن ترخانن [illegible]

ٻ سڏو سنڌون وڙهڻ کان گونڌاڻ کندا، مَنَ ٽيسين آ؟ مجاهدخان کي سمجهائڻ ۽ ڪامياب ٿي ٻوان."

صلاح سهڻي کي وڻي. سوڍي ٻ نهڪار نه ڪئي. صادق سومري تي ڪم رکيائون ته مغلن ٿي راتاهي لاه همراهن کي تيار ڪري. دادن صادق سومري کي مغلن جي سموري چانوڻي ۽ لشکر جي بهڪ ۽ بناوت سمجهائي، ڪيس چيو ته بجاء سڏي حملي ڪرڻ جي، ڏيڏين ڏيڏين ڏولين ۽ ورهائجي رسد خاني، گاهه جي ڏنن، ڪڙهين، ۽ اسلحه خانن کي باهيون ڏين. صادق سومري کي گالهيون سمجهائي، دادن سوڍي کان موڪلائڻ لاه آڻي ٻيٺو. ٻيڙي پاڙ کا گهڙي هڪٻئي ڏانهن ڏسندا رهيا، ۽ ٻوه ٻنهي جون ٻانهون هڪٻئي ڏانهن وڌي آيون. دادن سوڍي جي پاڪر ۽ ايڏو قرب ڪڏهن نه ڏٺو هو. سوڍي جي چپن مان هلڪو ٻڪو نڪتو: "دادن، ڏئيءَ کي پرتين!"

دادن هاڻ ٿي هو ته ٻيهان وري سڏ ٿيس. سجاتل آواز ٻڌي، دادن ڪنڌ ورائي ٻوبان نهاريو. هڪڙي همراه جي ڪلهي تي هٿ رکي، سنگهار ٻيٺو هو، ۽ ٻنهنجي نه ڏسندڙ اکين سان هن ڏانهن نهاري رهيو هو. دادن جي آندن ۽ وڌ ٻڌجي ويو. هن ڪنڌار مڙس کي نابين ڏسڻ جو تصور ٻ هن لاه چيڀلائيندڙ هو. ترخانن خلاف هن جي نفرت جڏ ٻڙڪو ڪائي جاڳي ٻيٺي هن کي اڳين محسوس ٿيو جڏ هن جي نفرت نڏون روپ ولي آئي هئي. هن وڌي بي اختيار ڪئي سنگهار کي پاڪر ٻاتو. ڳچ وقت هڪٻئي جي ڳراڻيءَ ۽ ٻيڌا رهياء ٻوه سنگهار ڪنگهنديء، پاڻ تي ضابطي رکڻ جي ڪوشش ڪندي، چيو: "دادن، سنڌ جي پارت اڳئي!"

ڪيڏو نه درد هو انهن لفظن ۾، جڏ هو چئي رهيو هو، 'ادا، منهنجي لڄ جي پارت اڳئي!' دادن جي دل ۽ سڏڪو آپري آيو، ۽ هو ڪنڌ هيٺ ڪري ٻاهر نڪري آيو. مغل ايترو وقت هن کي وٻل ڏسي ششدر ٿيڻ لڳا هئا. سونهين ڏنهي جي اکين

ٿي وري ٻ ٻڌون ٻڌي، ڪوٽ جي دروازي ٿي سندن اکيون کولي، گهوڙا سندن حوالي ڪيا. دادن هڪڙو ٻيرو وري ٻوبان نهاريو ؛ سندن نظرن جي سامهون سڏ جو ست - رنگو جهنڊو عجيب انداز سان ڦڙڪي رهيو هو. هن دل ٿي دل ۾ نعرو هنيو "جيئي سڏ!"

....

رات ننڊ جي سهيلي ٿي سڏجي، ۽ جن ليئن ۾ سڏ وسي، تن ۾ ننڊ ڪٿي! سڏ ٻڌجي آزاديءَ لاءِ سوين راتيون اوجاڳا ڪيي، جاڳي جاڳي ٻڌجن سورورن سومرن کي ٻ سمهڻ ڏني. نسائيءَ جاڳي نه سانگيڙن کي ننڊون ڪٽي. اهڙي ٿي هڪ اوجاڳيل رات جو ، جڏهن سويو قتل ٿل جي ترائيءَ ۾ لٿو، تڏهن سندس ساٿين کي رڳو اهو خيال هو نه ترخان هنن جي قدمن جي آواز ٿي سڃاڻ نه ٿي پون. سويو چٽي طرف ڦرندو، همراهن کي هدايتون ڏيندو، ان گهڙيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو، جنهن گهڙيءَ ٿي سڏ جي هيءَ ننڊاکري ڏرتي هنن جي نعري سان گونجي ويندي: ۽ ٻوه جڏهن اها گهڙي آئي، ۽ سڏ جي ويهن هزارن زبانن مان هڪ ٿي وقت "جيئي سڏ" جو نعرو بلند ٿيو، تڏهن ترخانن جا ڏيل ڏڪي ويا ، ۽ مرزا جاني بيگ چرڪ ڀري جاڳي ٻيو. هر طرف رڙيون ۽ ڪوڪون هيون. "سڏي اچي ويا!" "سڏي اچي ويا!" چوندا ترخان سپاهي هڪ ٻاسي کان ٻئي ٻاسي ڏوڙڻ لڳا، ۽ ڪٽان ٻ ڇڇ جي وات نه هئي. هر طرف کان سڏي ٿي سڏي هٿا. اتر- ڏکڻ اوير- اولهه سڏي هٿا. مرزا جاني بيگ بدحواسيءَ مان امير خان جي تنبوءَ ۾ گهڙي ٻيو، ۽ ڇڙ روئندي چيائين: "امير خان، هاڻ چا ٿيندو!"

امير خان هن ڏڇڻي ترخان کي ڪو آئٽ ڏيڻ بدران، باهر لشڪري پهنجن ماڻهن کي جاڳائڻ ۽ منظم ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هن جا مهندار پهنجن پهنجن لشڪرين کي گڏ ڪري، صف بندي ڪرائڻ ۾ لڳي ويا. ۽ جوسين سمورو لشڪر جاڳي، ٻاڻ تيار ڪري،

تيسين سنڌين جو گهيرو تنگ ٿيڻ لڳو. دانهن ۽ ڪوڪ سان ڌرتي ڪنبڻ لڳي. ان راڙوراڙ هڪاري اميرخان جي لشڪرين جي همت ٽوڙي وڌي، ۽ پنهنجن مهندارن جي آڏت ڏيارڻ جي باوجود هنن مان ڪيترا پڇي نڪرڻ لاءِ اوندهه جو فائدو ڪولڻ لڳا. پر پڇڻ جون سموريون راهون سنڌين جي قبضي ۾ هيون. اڳيان ٻوبان سنڌي هٿا. لاچار هو موٽي وري اچي ٽي صفن ۾ بيٺا. جٿن ٿڻن ڪري اميرخان ڪجهه جڏبندي ڪري هڪ پاسي کان حملي ڪي منهن ڏيڻ لاءِ اڳتي وڌيو. اميرخان ڪي پنهنجي سر اڳيان وڌندو ڏسي لشڪرين ۽ ڪجهه همت موٽي آئي هئي، ۽ هو به هاڻ پڇڻ جون واهوں ٻڌ ڏسي مقابلي لاءِ تيار ٿيڻ لڳا. هنن جو انداز ايترو هو، جو اميرخان سوچڻ لڳو ته اڃا به جيڪڏهن ترخان جمي، ۽ پرڪوڙي مقابلو ڪن ته سنڌين ڪي منهن ڏيڻ ڏکيو ڪوند هو، ۽ اهو ٽي سوچي هو واڪا ڪري هنن ڪي مقابلي ڪرڻ لاءِ همٿائيندو رهيو. ڪين انعامن اڪرامن جي لالچن ڏيڻ ۽ مرزا باقيءَ جي غضب کان ڊيڄارڻ کان سواءِ هنن جي غيرت ڪي للڪارينڊو رهيو. ائين ٽي پانيو ڇڻ اميرخان چريو ٽي ٻيو هو، جو هڪ پاسي کان ٻئي پاسي جنون جي حالت ۾ رڙيون ڪنڊو ٽي وبو. ۽ اوچتو سنڌين جو هڪ جٿو هنن ڏانهن ڪاهيندو آيو، ۽ اميرخان جيڪي ڏٺو، تنهن هن جو ساهه سڪائي ڇڏيو. ان جٿي جي اڳيان هن جو پڳ مٽ يار سوڊو پاڻ هو. اميرخان ڪي پنهنجين لنگن سان طاقت لڪرندي محسوس ٿيڻ لڳي. هن ڪهڙو ٽي پاڻ ڪي ڏيڊ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته سوڊي ڪيس نه مارڻ جو قسم کنيو هو، ۽ ڊپ هن جي سموري بدن ۾ ترڪڻي وجهي ڇڏي،

سوڊيو ڇا آيو، ڇڻ ترخانن جي صفن ڪي ڪو درياهه ٻاڏيندو ٽي وبو. هن جو ٻالو ائين ٽي ڪڙڪيو ڇڻ ترخانن ٽي ڪنوڻ ڪيري ٽي ڀيٽي. هن جي ڪميت اهڙا وَرَ ٽي ڪاڌا، جو جن ترخانن هن ڪي ڏسڻ جي ٽي ڪوشش ڪئي، تن جون اکيون

کيرہون ٿيڻ ٿي لڳہون. ڪيترا ترخان ته هن کي ڏسڻ ۽ اهڙا محو ٿي ٿهي وبا، جو هنن کي وڙهڻ ٿي وسري ٿي وبو. جڏهن ياد آين، تڏهن سوڍي يا ڪنهن ٻئي سنڌيءَ جي ڪهاڙي سندن ڪنڌ ڪيرائي ٿي وڌي. سوڍي جي نظر ۾ امير خان ٿي اوچتي پيئي، ۽ هن ڪميت کي هلڪو اشارو ڏنو. ڪميت جڏهن امير خان جي ويجهو پهتي، تڏهن امير خان پهريون وار پنهنجي ڏاڙ ٿي روڪيندي، رڙ ڪري چيو: "سوڍا خان، تنهنجو ته قسم سنهن کيل آهي ته مون ٿي وار نه ڪندين!"

"سنڌ مٽان اهڙا هزار سنهن قسم قربان!" سوڍي رڙ ڪري چيو، ۽ سنڌس پالو امير خان جو نڙگهٽ چيري وبو.

امير خان کي ڪيرندو ڏسي ترخانن ۽ ٻاکوڙا ٻڌجي وبا. هاڻ وڙهڻ بدران هو ٻاڻ بچائڻ جون واهون ڳولڻ لڳا. اهي راهون واهون ڳولينديءَ هو ڪرندا ٿي وبا. هنن جي رڙهن ۽ ڪوڪن کان آسمان ۽ پڙاڏا ٿيڻ لڳا. ڪنهن سندن لشکر ۽ اهو هل ڦهلائي چڏيو ته مرزا جاني بيگ تنبن جي پليان واريءَ کاهيءَ مان پڄي وبو آهي، ۽ اتي سنڌي اڃا نه پهتا آهن. ترخان سر تان سانگو لاهي، ان کاهيءَ ڏانهن ڀڳا. اهو ٿي هڪڙو هنڌ هو، جنهن کي بند ڪرڻ سنڌين جي وس کان باهر هو. ترخان جڏ ته اکيون بند ڪري ان کاهيءَ ۾ ٽپندا ٿي وبا. ترخانن کي ڪيرائيندي سوڍي جي همراهن جون ٻانهون ساڻيون ٿيڻ لڳيون هيون، ۽ پوءِ جڏهن پرڀات جو پهريون ڪرڻو پورب کان ليا پائڻ لڳو، تڏهن سنڌين وري نعرو هنيو: "جيئي سنڌ!"

اڻين ٿي پانهو جڏ ان پرڀات وگڙي ۽ سڄي ڪائنات ان نعري جي ورالي ۽ جيئي سنڌ جو نعرو هڻ لڳي هئي. ان ورالي کان پوءِ جڏ ماڻ ٿي وئي. ماحول ۽ هڪ عجيب سڪوت ڇانٽجي وبو. هزارين ترخانن جي لاشن کي لتاڙيندي سوڍو جڏهن ان کاهيءَ جي منهن ٿي پهتو، تڏهن کاهيءَ جي تري ۽، هن کي انهن ترخانن جا مڙهه نظر آيا، جن کاهي ذريعي ٽپو ڏيئي سنڌين کان بچڻ جي ٻاڻ ورتي هئي.

رسد خاني ۽ اسلحہ خاني جو سمورو سامان لڏي، هو وري پراڻي ٽل کان ڦري جڏهن کوٽ ۾ گهڙيا، تڏهن سوهڻ جي سمورين مسجدن مان فجر جي بانگ جو آلاپ اڇڻ لڳو. سوڍو ڪميت کي شهر وچان کڻي، وڏي برج تي چڙهي آيو، ۽ هن جهڪي ڏٺو، تنهن سندس دل ٻيڻي ڪري وڌي. مغلن جي هزارين تنبن مان باهه جون چيون نڪري، مٿي اڏامڻ لڳيون هيون، مغلن جي رڙين ۽ واڪن جو گهمسان آپ ڦاڙڻ لڳو هو. سوڍي جي منهن تي مرڪ اچي ويئي، ۽ هو وري هيٺ لهي آيو. هيٺ اچا ٻهتو ئي مس تہ صادق سومرو ۽ سندس همراهہ کوٽ جي در کان اندر لنگهي آيا. سوڍي اڳيان وڌي صادق سومري کي پاکر پائي چيو: "واهہ جو ڪم ڪيو اٿئي، صادق!"

صادق پنهنجي هن يار کي عجيب پيار مان ڏسڻ لڳو، جنهن ترخان جي هيڏي لشکر کي پڇائي ڪيو هو، پر جنهن جي منهن تي اهڙو اهچاڻ هو، جڏ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هو.

"سوڍا، هاڻ پاڻ وڙهي پونداسون. هيڏي وڏهہ ڪائي آيو آهين، ۽ وڃي ڪو ساهہ پٽين ۽ ساهي ڪٽين، ان بدران برج تي چڙهي ٻيو جهوتون ڏين! هل، هلي آرام ڪر. خبرون چارون به پوءِ ڪنداسين!" صادق کوڙي کاوڙ ڪندي چيو.

"جيڪا تنهنجي مرضي!" سوڍي مرڪندي چيو، ۽ همراهن سان گڏجي پنهنجي چانوليءَ ڏانهن وڌي ويو.

○

۱۵

صادق سومري جي راتاهي مغان جا وڻ وڃائي ڇڏيا. هنن کي سمجهه ۽ نٽي آيو ته حملو ڪنهن ۽ ڪيڏيءَ مهل ڪيو. بظاهر ته ڪو لشکر به نظر ڪونه ٿي آيو. پر رکي رکي پهريدارن، ۽ رسد خاني جي تنبن مان ڪيڪن ۽ رڙين ڪنهن ڏاڙين جي موجودگيءَ جو اعلان ٿي ڪيو. پوءِ جڏهن گهوڙن جي گاهه جي ڏنين مان باهه جون چيڀون آسمان سان گالهيون ڪرڻ لڳيون، تڏهن محافظ دستا اوڏاهين ٻڌا. پر دشمن هجي ته ليي. جيسين هوگاهه جي پهريدارن کي ڪولهن، تيسين رسدخاني جي شاميانن مان دانهون ڪوڪون ٻڌڻ ۽ آيون، ۽ هڪٻئي پٺيان سمورن تنبن ۽ شاميانن کي باهه وکوڙيندي ويئي. انهن مان سوين تنبن ۽ رسد خاني جا ملازم ستل هئا. تن جو پاڻ کي چوڌاري باهه ۽ وکوڙيل ڏٺو ته انهن جي رڙين سڄي مغل لشکر کي ڏهڪائي ڇڏيو. انهن رڙين ٿي مجاهد خان ۽ ٻيا مغل سردار چرڪ ڀري جاڳي ٻيا، ۽ هنن جيڪي ڏٺو، سو اعتبار ڪرڻ جهڙو نه هو. ائين ٿي ڀانيو ته رات بدران وڏو ڏينهن چڙهي آيو هو، ۽ هزارين ماڻهو کنهن آڃاتي ڊپ کان هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندا ٿي رهيا. ائين ٿي ڀانيو جڏ کنهن وڏي شهر کي چوڌاري باهه ورائي ويئي هئي، ۽ ماڻهن کي ڀڄڻ جي واه کانه هئي، ۽ هنن جي ڏسندي ڏسندي رسد خاني، اسلحه خاني جا هزارين تنبو باهه جو ڪاڇ بڻجي لڳا. مجاهد خان ڪاوڙ کان ڦهنجي ڇڻ ۽ چڪ وجهڻ لڳو. جڏهن محمود خان ڊڄندي ڊڄندي چيو: "حضور، شايد سندين شيخون هنيو آهي!" تڏهن

مجاهد خان سچو ڏکيو لڳو. هن محمود خان کي ڳڙڪان جهلي، امڙي ڏونڊاڙ ڏني، جو هو اتي ٿي بيسڌ ٿي ڪيري پيو. پيا مغل سردار محمود خان جو اهو حال ڏسي، وري پنهنجي تنبن ۽ شاميانن ڏي وڃڻ لاءِ مڙيا، تہ مجاهد خان ڪڙڪو ڪندي چيو: "هڪدم سڀ لشڪر کي مقابلي لاءِ تيار ڪيو وڃي ۽ طبل جنگ وڄايو وڃي!"

توتارن ۽ ڏمالن باهر جي شور کي هيڪاري خوفناڪ بڻائي ڇڏيو. مغلن جو آڻاهر لشڪر ٿوريءَ ئي دير ۾ صفون ٻڌي، حملي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيهي رهيو. مجاهد خان پنهنجي سفيد گهوڙي تي سوار ٿي، گهوبسوارن جي دستن جو معائنو ڪري، پيادل فوج جي سردارن کي ڪوٽ ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڏنو. فيلدارن کي هاٿين کي اڳيان ڪرڻ لاءِ چئي، هو وري گهوڙسوارن ڏانهن موٽي آيو. دستن مهندارن کي گڏ ڪري، هن غضبناڪ آواز ۾ چيو: "آءٌ چاهيان ٿو تہ سنڌين کي هن شبخون جي اهڙي سزا ڏني وڃي، جو هنن کي وري ظل الاهيءَ جي لشڪر تي آڏر ڪرڻ جي همت نہ ٿئي. اڄ جو اڄ سيوهڻ جو قلعو اسان جي قدمن ۾ هڻڻ گهرجي. دلاور خان، آنش خان، بينظيرخان ۽ رامسنگهہ. جا دستا هراول دستا ٿي اڳتي وڌندا. پيا سڀ سالار هنن جي پويان هلندا. جڏهن هاٿي دروازو ڪمرائهن تڏهن هراول دستن جا چار ٿي سالار الڳ الڳ دروازن کان سنڌين تي حملو ڪندا. خدا جو قسم، جيڪڏهن هي حملو ناڪام ٿيو تہ اوهان جا سر پنهنجي هٿن سان وڍي، ظل الاهيءَ جي خدمت اقدس ۾ موڪلهنداسين....! رامسنگهہ، ترخانن کي هڪدم حڪم ڪيو وڃي تہ هو پنهنجي هڪدم قلعي تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، جئن سنڌين کي پڄڻ جو موقعو نہ ملي!"

مغل فوج جو هي سمنڊ جڏهن سيوهڻ تي چڙهن لاءِ نڪتو، تڏهن زبردست جو ساهہ سٽ ۾ اچي ويو. هوءَ تکڙي تکڙي دادن جي تنبوءَ ۾ لنگهي آئي. "اوهين اتي آرام سان ويٺا آهيو، ۽ حضور جن قلعي تي حملي ڪرڻ وارا آهن!" من سهڪندي چيو.

"تون ڪاڳڙي نه ڪر. سيوهڻ کي فتح ڪرڻ ۽ خان اعظم کي ڪي سال ڪپن!" دادن ڪلي چيو.

زيبا کي هن جي اهاڪل نه وڻي. هن کي مجاهدخان جي ڪاوڙ ۽ بهادريءَ جي خبر هئي. هن ائين سمجهيو ته ڏينهن ڇڙهڻ کان اڳ مجاهد خان قلعو فتح ڪري وٺندو، ۽ پوءِ هن جي دادن جو ڇا ٿيندو؟ هن دادن کي اڙين نظرن سان ڏٺو، جنهن ۾ هڪ عجيب التجا هئي، جڏ چوندي هجي، "سڄڻ، هن ڪوڙيءَ سياست جي جهڳڙن کان دور مون کي پاڻ سان وٺي هل!" دادن به ان نظر کي پروڙي ويو؛ ۽ نه چاهيندي به هن چئي ڏنو: "زيبا، منهنجي گهاڻ، سچ خان اعظم کي آزمائڻ ڏي، ۽ جڏهن هو ناڪام ٿي موٽندو، تڏهن مغل لشڪر کيس خود مجبور ڪندو ته سڌ ڏان هٽ ڪڍي؛ ۽ جڏهن خان اعظم لاهور ڏانهن آڻهندو تڏهن جي تون منهنجو ساٿ ڏيندينءَ ته اسين به پنهنجي ڪا منزل حاصل ڪنداسون!"

زيبا ڪجهه چوڻ ٿي هئي، ته هن تنبوءَ جي پٽيان ڪجهه ڪڙڪو ٻڌي ورتو. هن اشاري ٿي اشاري ۽ دادن کي گهاڻ سمجهائي. دادن پڙڪو ڏيئي باهر نڪتو، پر تيسين کو ماڻهو تڪڙو تڪڙو اتان کسڪي ويو، ۽ هن جي نظرن کان غائب ٿي ويو. جڏهن هو واپس تنبوءَ ۽ آيو ته اتي زيبا ڪانه هئي. هن کن لاءِ ٻڏن جي ڪوشش ڪئي، ۽ هري هري ٿي ٻاهر واري تنبوءَ ۽ داخل ٿيو. تنبوءَ ۽ داخل ٿيڻ سان ئي مغل هڪ ٿي وقت هن تي تراڙين سان حملو ڪري آيا. دادن ڦرتيءَ سان اڳيان ٽپ ڏيئي، وار ته بچائي ويو، پر مغل وري ڦري آيس. هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، هن ديوان تي پيل هڪڙي چادر کڻي ورتي، ۽ ڪنهن طرح سان هڪڙي مغل جي هوت ۾ ڦهڪائي ڏنائين. جيسين اهو مغل چادر مان منهن ڪيڏي، تيسين هن ٻئي مغل جو وار روڪي، کيس ڪنڌ تي اڇلڻو زوردار ڏڪ هنيو جو هو گوڏن ۾ ويهي رهيو. هن جي هٿ مان تراڙ ڦري، هن ٻئي

مغل جي ٻيٽ ۾ ٽنبي ڏني. ڏڪي جهڙي رنب ڪري مغل آني ٿي اونڌو ٿي ڪري ٻيو.

دادن ترار ڪڍي باهر نڪتو، ۽ هڪ هڪ تنبوءَ ۾ ڏسندو ويو، پر هن کي زيبا ڪٿي به نظر نہ آئي. مغلن جي حرمن ڏانهن وڃڻ خطري کان خالي نہ هو، ۽ هاڻ هن جو ائين تنبوءَ ۾ رهڻ به جوکائتو هو. هن کي اهو سمجهه ۾ ٿي آيو، تہ هن ٿي ڪنهن حملو ڪرايو جڏهن سيني کي خبر هئي تہ هو مجاهدخان جو مهمان هو. البت ڪيترا مغل سردار هن کي شڪ جي نظرن سان ڏسڻ لڳا هئا. اهو سوچي، هو گهوڙو هٽ ڪري، ٻاڻ ۽ مغل لشڪر جي پويان هلڻ لڳو.

مغلن جي فوج جڏهن سيوهڻ ٿي ڇڏهڻ لاءِ اڳتي وڌي تڏهن سندن پويان هرندڙ مڇ سندن ٿي پاڇولن کي عجيب منظر ڏيڻي ڇڏيو. اهي لڏندڙ ٽڙکندڙ پاڇولا ائين ٿي معلوم ٿيا جڻ جنن پوتن جو ڪو ڪٽڪ هنن جي اڳرائي ڪندو ٿي ويو. جڻ جڻ سڄ جا ڪيرٽا چڙهندا آيا، تڻ تڻ پاڇولن جو اهو لشڪر مغل لشڪر جي پيرن هيٺان لتاڙجندو ويو، ۽ جڏهن پهر سڄ جو چڙهي آيو، تڏهن سيوهڻ جي قلعي هيٺان انسانن جو هيءُ سمنڊ حملي جي تيارين ۾ لڳي ويو. مجاهدخان فيلدارن کي اشارو ڪيو. ڏهه ڏهه هاٿي قلعي جي ڇڻ دروازن ڏانهن وڏڻ لاءِ تيار ڪيا ويا. پر جڏهن پيلبانن هائين کي سوٽا ٽنبي، ڪين دروازن ڏانهن وڏڻ جي هٻڪي ڏني، ان وقت ڪوٽ جي ڪنگرن ۽ برجن مان تيرن جو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. پيلبان بولائيون ڪائيندا ڪيرندا ويا، ۽ هاٿي رانپاٽ ڪندا، سوٽي پنهنجي ٿي لشڪر ۾ ڪاهي پيا. فيلدارن جڻ تڻ ڪري وري هائين کي تيار ڪري، ٽئين سر ٽون پيلبانن سان چاڙهي موڪليو پر هنن جو به اهو ئي حشر ٿيو. جڻ جڻ ڏينهن ڇڙهندو آيو. تڻ تڻ سڌ جي ڏرتيءَ به مغلن کي ٽپائڻ شروع ڪيو. اڄ ۽ ڀڪ هنن کي وري پنهنجا تنبو ۽ خيما ياد ڏيارائي ڇڏيا. سڌ

جي سهڻي اس هنن جي بدلن ۽ سيون لڳل لڳي، ۽ هنن وَرَ و ر ڪري پير مٿائن ٽي شروع ڪيا.

مجاهد خان ناڪام ٿيندڙ حملن کان فيلدارن ڪي گاريون ڏيڻ لڳو. پر جڏهن ترخان ڏانهن موڪليل رامسنگهه جا ماڻهو موٽيا، ۽ مجاهدخان کي ترخانن جي لشڪر بدران سندن سڙندڙ لاشن جي خبر ڏنائون تڏهن مجاهد خان زندگيءَ ۽ پهريون پيرو پهنجي تڪڙ ۽ آپهرائيءَ تي پشيمان ٿيڻ لڳو. پر حملي ڪي اڳ ۽ چڏڻ به هن نڪي چاهيو. هن حڪم ڪيو ته ڪمند آڇلائي نصيلن تي چڙهڻ وارا دستا اڳيان وڌن. راٹوڙن ۽ روهيلن جا اهي دستا پنهنجا ڪمند ۽ رسا سنڀالي قلعي ڏانهن وڌيا. قلعي ڪي جٽن ٽي ويڇها پهتا ته هنن جي مرحبا به ٽيرن جي اهڙي ويڪاري سان ٽي جو سندن صفن جون صفون ڪيرنديون چٽ ٿيندیون ويون. ٻين انهن جي جاه ورتي، ۽ اهي به پنهنجن ٽي همراهن مٿان ڪرندا ويا. جڏهن سج ليزي چڙهي آيو، تڏهن ته اڄ ۽ بڪ ڪان مغل لشڪر بيحال ٿيڻ لڳو. مختلف جٽن جا سردار مجاهدخان کي جنگبنديءَ لاءِ منٽون ڪرڻ لڳا. بغاوت بلوي جي ڊپ کان لاچار مجاهد خان جنگبنديءَ جو حڪم ڪيو، ۽ مغل لشڪر پنهنجن خيمن ڏانهن موٽڻ لڳو.

خيمن ۽ پهچندي ٽي لشڪري پاڻيءَ جي مٽن ۽ نادين ٽي ٽڻي پيا. جڏهن هنن جي آڇ لٽي تڏهن هنن کي ڪاڏي جو خيال آيو: ان سان گڏ هنن کي سڏين جي راتاهي جو خيال آيو. رسد خانو سڄو ڦاهيار ٿيل هو: سمورو ان، گهوڙن ۽ جانورن لاءِ گاهه باهه جي نذر ٽي ويو هو. هاهوڪار مچي ويٽي. بکيو لشڪر اندي هاٿيءَ جيان ٽوڻا هڻڻ لڳو. مغل سردار ۽ امير پنهنجن ٽي لشڪرين ۽ سپاهين کان ڊڄڻ لڳا. ٽئين رسد پهچڻ ۽ وقت لڳندو، ان وچ ۽ لشڪر جي بغاوت کي ڪير منهن ڏيندو. اها صورتحال ڏسي سمورا امير ۽ سالار مجاهدخان جي شاميانيءَ اڳيان گڏ ٿيڻ لڳا. مجاهد خان به صورتحال سمجهي ويو

هو؛ پر هو ڪري به ڇا ٿي سگهيو. مجاهد خان ڪي اها به هڪ هٿي تہ ڏنئين، رسد پهچڻ ۽ ايترو وقت اڳي ويندو جو ٿئين حملي ڪرڻ جو خيال به ملتوي ڪرڻو پوندو. تنهن کان سواءِ قلعي کي فتح ڪرڻ به آسان نہ هو. هي قلعو تاريخ ۾ سڀني لاءِ ڏکئي ۽ ڏکيو قلعو هو. سڪندر اعظم جهڙي فاتح کي به هزارين سپاهي قربان ڪرڻا پيا هئا، ۽ جهن مهينن جي انتظار کان پوءِ قلعي هٿ ڪرڻ جي صورت نڪتي هئي. خلجين ۽ تغلقن به ان قلعي پويان ٿي جوتا ڪائي ڏٺهي جو رستو ورتو هو. جن فاتحن اهو قلعو فتح ڪيو هو، تن همٻشه کنهن نہ کنهن دوکيبازيءَ ۽ دغاکان ڪم ورتو هو. سڌو سنئون قلعي کي فتح ڪرڻ ناممڪن هو. بهتر هو تہ سنڌين سان صلح ڪري، اڪبري لشکر کي وري لاهور ۾ آڻري جي عافيت ڏانهن موڙائجي. ٻئي طرف اڪبر جي غيض ۽ غضب کان مغل سردارن جا هنيان ٿي ڪاڇي ٿي وڃا. هنن مان کنهن به ان رٽ پيش ڪرڻ ۽ اڳرائيءَ جي همت نہ ڪئي، جيتوڻيڪ سڀني جي دل آڻري پهچڻ لاءِ ملندي هئي، جتي جون محفلون، عيش عشرتون هنن جي انتظار ۾ هيون. مجاهدخان خود ٿي جڏهن اهڙي راهہ ڏيکاري، تڏهن گهڻن مغل سردارن ڪمس پنهنجي همراهہ هجڻ جو يقين ڏياريو. فيصلو اهو ڪيائون تہ دادن کي ڪن مغلن سان گڏ وري سنڌين ڏانهن صلح جي پيشڪش لاءِ موڪلجي.

دادن جڏهن شاميانيءَ ۾ پهتو، تڏهن سڀني مغلن جا لٽل منهن ڏسي، هن جي چپن ٿي مرڪ اچي ويئي. هن کي پڪ ٿي تہ مجاهد خان پنهنجي دليريءَ ۽ سورهيائيءَ جي گهمنڊ ۾ ٻاڻ پوئڻي هٿ ڪي مغل شان جي گهٽتائي سمجهي، هاڻ مغل لشکر جي واپسيءَ جو ڪو عزت وارو رستو ڳولي رهيو هو.

مجاهد خان پنهنجي ڪاوڙ ۽ شرمساريءَ کي لڪائيندي چيو: "سنڌي، اسين نٿا چاهيون تہ وڌيڪ خونريزي ٿئي. ان ڪري جيڪڏهن سنڌي ٻڌيڪ شرطن تي صلح ڪن تہ اسين ..."

طرفان کين معاف ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. موهن ڪوٽ ۽ سيوهڻ جا اجازت ناما ۽ شاهي پروانا پڻ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، بشرطيڪ سنڌي ڪو نئون حملو نہ ڪندا جيسين ظل الاهي سنڌين ۽ ترخانن جو ڪو تصفيو ڪري!"

دادن غور سان هن شڪست کاڏل مغرور مغل کي ڏسندو رهيو. پوءِ ڏاڙهي سان چيائين: "مون تہ اڳي ئي عرض ڪيو هو تہ سنڌي خود مغل لشڪر سان وڙهڻ نٿا گهرن مغل تہ هروپرو سڌ جي اندروني جهيڙي ۾ مداخلت ٿا ڪن. موهن ڪوٽ، سيوهڻ ۽ بين شهرن لاءِ به هنن کي شاهي پروانن جي ڪا ضرورت ڪانهي: اهي تہ آهن ئي هنن جا پنهنجا. رهي گاله شورشن جي، سو جيسين ترخان حڪمران رهندا، شورش بند نہ ٿيندي. جيسين هڪڙو به ترخان سڌ جي سر زمين تي موجود آهي، تيسين هنن جي بغاوت جاري رهندي. آءٌ سنڌين ياران اوهان کي رڳو اها پڪ ڏيئي ٿو سگهان تہ مغل لشڪر جي واپسيءَ وقت سنڌي ڪوبہ حملو نہ ڪندا!"

"پر شهنشاهہ جي اطاعت تہ شرط آهي،" هڪڙي سردار وچ ۾ چئي ڏنو.

"سنڌي اڳ تہ شايد شهنشاهہ جي اطاعت جي اعلان ڪرڻ کان ڪونہ ڪيائين ها، پر جڏهن کان ظل الاهيءَ مرزا باقيءَ جي حمايت جو اعلان فرمايو آهي، تڏهن کان تہ هو مرڻ وڌيڪ پسند ڪندا، ۽ شهنشاهہ جي اطاعت جو اعلان هرگز نہ ڪندا!"

"پر سنڌي مغل شهنشاهت کان ڪيترو وقت بچندا....!" راجسنگهہ جي دل جو راجپوت لفظن جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ لڳو. "مغل شهنشاهہ...."

دادن ڪجهہ چوڻ ٿي گهريو، پر اوچتو لشڪر ۾ شور ۽ هنگامي جا آواز پڻ ۾ آيا. لشڪري زور زور سان نعرا هڻي رهيا هئا. ڪنهن کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇا ٿي رهيو هو. مجاهدخان ڪي ۽ ڪي ترلشڪر ۾ بغاوت ٿيڻ لڳي آهي يا هو ڪجهہ

چوڻ ٿي هو نہ لشڪرين جو هڪ شاهي دستو شاميانو ڪي گهيرو ڪري بيهي رهيو. ڪجهہ سپاهي اگهاڙين ترارين سان اندر گهڙي آيا، ۽ مغل سردارن جي پوبان بيهي رهيا. ڪنهن کي ٻ نڪرڻ جو موقعو نہ ملي سگهيو. اوچتو هيبت خان اگهاڙي ترار هٿ ۾ جهلي اندر هليو آيو، ۽ مجاهد خان ڏانهن منهن ڪري چيائين: "مجاهد خان، اڪبري لشڪري جي هيڏي بيعزتي تنهنجي لاءِ ڪ في نہ هئي. جو هاڻ سنڌين سان صلح جون گالهيون ٿو ڪرين!" پوءِ ٻين سردارن ۽ اميرن ڏانهن منهن ڪري چيائين: "ا هين پاڻ کي مغل امير تا سڏايو! حيف آهي اوهان جي حياتيءَ تي! اڪبري فوج جا سالار مٺ جيترن سنڌين سان مقابلو ڪرڻ بدران آگري ڏانهن موٽڻ جو تيارپون ٿا ڪن. ظل الاهيءَ کي کهڙو منهن ڏيکاريندؤ؟ لشڪر جو سمورو ڪاڏو سنڌين جي راتاهي تباهہ ڪري چڏيو، ۽ انهن کي ڪاڏي ڪارائڻ بدران اوهين ميدان چڏي پڄڻ جون صلاحون پيا ڪريو. اڄ ڪان هن لشڪر جو سپهہ سالار آهيان: مجاهد خان کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو. اوهان مان جيڪو مون سان ساڻ ڏيڻ گهري، سو هٿ مٿي ڪٽي. آءٌ سنڌين کي اهڙي سيڪٽ ڏيندس، جو هن کي وري ڪنهن مغل بادشاهہ جي حڪم عدولي ۾ جي همت نہ ٿيندي. سمورو لشڪر مون سان آهي. جيسين اهران رسد پهچي، جنهن لاءِ مون اڳي ئي ماڻهو موڪلي چڏيا آهن، تيسين سڀني سردارن، اميرن، سالارن، جٽن جي مهندارن جي ذاتي رسدگاهن مان ڪاڏو لشڪرين ۾ تقسيم ڪيو ويندو. جنهن امير يا سردار ائين ڪرڻ ۾ ڪو اعتراض ڪيو، تہ ان کي لشڪرين جي حوالي ڪيو ويندو!"

سڀني اميرن جا ڪنڌ هيٺ ٿي ويا. هن کي پنهنجن ئي لشڪرين هٿان مرڻ جا خيال ستائڻ لڳا. هيبت خان هن سڀني کي ڏسندي وري چيو: "مجاهد خان کي حضور ظل الاهيءَ جي خدمت ۾ پيش ڪري آءٌ سموري حقيقت بيان ڪندس. انهن سردارن ۽ اميرن جا نالا پڻ پيش ڪندس جن مجاهد خان جو ساٿ ڏنو، يا هن کان پوءِ ڏيندا. جيڪڏهن ظل الاهيءَ مون کي ئي

قصور وار ڪيو نہ آءٌ خوشيءَ سان سزا پوڳهندس، پر مون ۾ قسم آهي پروردگار جو، آءٌ مغل لشڪر، مغل شهنشاهہ ۽ خاندان تيموريہ جي بيعزتي ٿيڻ نہ ڏيندس!"

باهر سڄو لشڪر هيبت خان جي حق ۾ نعرا هڻي رهيو هو. ڪنهن بہ سردار کي هيبت خان جي منهن ۾ نهارڻ جي همت نہ ٿي ۽ ٻوهہ هري هري ٿي امير ۽ سردار هٽ مٿي ڪٽيا، هيبت خان کي پنهنجي وفاداريءَ جو يقين ڏيارينداويا. فقط مجاهد خان، دلاور خان، محمود خان، ۽ رامسنگهہ چار ڄڻا هٿ، جن پنهنجا هٽ مٿي نہ ڪنيا.

"اڄ کان اسين سيوهن ٿي سڏي حملي ڪرڻ بدران ان کي گهيرو ڪري ويهنداسون، ۽ سندن مڪمل ناڪيبندي ڪنداسون، ڪٿي امان کي هت چڙهہ مهينا ڇو نہ ويهڻو پوي. سندي ٽورن ڏينهن ۾ تنگ ٿي امان کان امان گهرندا ...."

اوچتو هن دادن ڏانهن منهن ڪري چيو: "سندي، تو هيبت خان کي نہ سڃاتو آهي. مون کي اها بہ خبر آهي تہ سندين اهو شبخون ڪيڻ، ۽ ڪنهن جي ڇوڙ ٿي ڪيو. ان ڪري تنهنجو احتساب ڪرڻ منهنجي وس ۾ آهي! وٽي وڃو هنن مردودن کي! هن سنديءَ کي زنجيرن ۾ جڪڙي مٿس سخت پهرو ٻيهاري ڇڏيو!"

مجاهد خان جو ڪنڌ هيٺ هو. مغل لشڪر جي هن ڄاڻو سپهہ سالار هڪڙي ٽي ڏينهن ۾ پنهنجي اپهرائيءَ ۽ گهمنڊ ۾ ايترين شڪستون کاڌيون هيون، جو شرمساريءَ کان هو جهوَر پوڙهو نظر اچڻ لڳو هو. دادن کي الائي ڇو هن پوڙهي مغل تي رحم اچي ويو. سپاهين سان گڏ باهر ويندي، مجاهدخان ڏي ڏسي چيو: "سندي، اسين نهايت شرمنده آهيون، جو اسين تنهنجي ڪاب گالهہ پوري نہ ڪري سگهياسين.... شايد خدا کي ان ڪري ٽي امان جي هيءَ ذلت منظور آهي!" ۽ مجاهد خان پنهنجين اکين جي لڙڪن لڪائڻ لاءِ هڪڙو هٽ منهن آڏو ڏيئي ڇڏيو.

مغلن جي ناڪيبندي جئن ٻوه ٿئن سخت ٿيندي ويئي.
افلن جا قافلا مغلن جي ور چڙهندا ويا، ۽ سيوهڻ جي شهر ۾
هڪ منحوس پاڇو نمودار ٿيڻ لڳو. ماڻهن ۾ هڪ عجيب بيچيني
۽ بي آرامي ڦهلجندي ويئي. پر ڪنهن به وات مان ڪجهه نٿي
چيو. جڏهن مهينو راتين جو پورو ٿيو تہ شهر ۾ آن ڪٽڻ لڳو،
۽ پهريون پورو شهر جي ماڻهن کي احساس ٿيو تہ هاڻ ويلا
ڪانڌا پوندا. سوڍي جا همراهن کي سمورين خبرون پهچائيندا
رهندا هئا، شهر ۾ ڪنهن به مغلن جي پيش پوڻ جي ڳالهه نٿي
ڪئي. ماڻهن ۾ هڪ عجيب جذبو هو ــ ڪلندي ڪڌندي ويلا
ڪائيندا ٿي ويا، بکون ڪائيندا ٿي ويا، مغلن کي گاريون ڏيندا
ٿي ويا: جڏ هنن آڻ مڃڻ بدران بکن ۾ پاڻ ٿي مرڻ کي بهتر
ٿي سمجهيو. ۽ سوڍي ۽ سندس همراهن کان سڏو نٿي ٿيو. سڄڻ
جي هن ملوڪ شهر جي ماڻهن کي هنن جي ڪري ٿي هي ڏکيا
ڏينهن ڏسڻا پيا هئا. هو تہ ان خيال جو هو تہ مغلن سان باهر
نڪري منهن ڏيڻ گهرجي، ۽ الائي ڇو سنگت ان خيال جي هئي
تہ مغل پاڻيهي ڪڪ ٿي پڇي ويندا. هونئن به مغل لشڪر جي
ٻيڙ ۾ هو ايترا ٿورا هئا جو سڏو سئون مقابلو ڪرڻ ممڪن نہ هو.

هڪڙي ڏينهن، پنهنجن همراهن سان آخري صلاح ڪرڻ
لاءِ هن چوياري سڏائي، تہ چاهي علوڪيس اطلاع ڏنو تہ مغلن
جا ماڻهو ڪو ناڙو ڏيڻ پيا اچن، ماڻن ٿي ڇڻا سڏي به شامل
آهن. سوڍيل کي ڪو وسوسو وڙهي ويو. هن جي دل ۾ پهريون
ڀيرو ڪا نستائي ، ڪا ڪمزوري محسوس ٿيڻ لڳي . هن کي
پنهنجي ان وسوسي جي پاڻ ٿي ڪا ڄاڻ نہ پنجي سگهي ، پر
جڏهن مغل ۽ ٽيني سڏي اندر آيا تڏهن سندن منهن مان ٿي
هو سمجهي ويو تہ هن جو وسوسو سچو هو. هنن هڪ خط آڻي
سوڍي جي هٿ ۾ ڏنو . سوڍو جئن جئن پڙهندو ويو تئن تئن

هن جي منهن جو رنگ بدلجندو ويو. هڪڙي همراهه کان رهيو نه ٿيو، تنهن چيو: "سوڀا، خير ته آهي؟"

سوڀي کي جواب نه ڏنو، ۽ خط کڻي سندس هٿ ۾ ڏنو. جنهن جنهن ٿي خط پڙهيو، تنهن جي منهن جو پنو لهندو ويو. آخوند نور محمد لکيو هو ته سنڌين جي مغل شهنشاهه سان ڪا لڙائي ڪانهي، ان ڪري مغلن سان صلح ڪجي. ان جو فيصلو سيني راڄن به ڪيو هو، ۽ سمورن راڄن جي وڏڙن جون مهرون ان خط هيٺان لڳل هيون. مغلن چيو ته جيڪڏهن سنڌي وڙهڻ ڇڏين ۽ قلعو مغلن جي حوالي ڪن ته هو ڪنهن به سنڌيءَ کي هٿ نه لائيندا، ۽ هرڪنهن کي پنهنجن راڄن ۽ موڻي وڃڻ جي اجازت هوندي. ڪچهريءَ ۾ موجود سمورن ماڻهن کي ڄڻ ڪنهن سپ سرانپي ڇڏيو هو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ سوڀي چيو: "ادا، ائين ملول ٿيڻ مان ته ڪجهه ڪونه ورندو. پهرين ڏسون ته همراهن جي ڪهڙي صلاح آهي ته پوءِ اهڙو جواب هنن کي ڏجي! صادق، پهرين تون همراهن جي خبر ڪر!"

صادق سومرو، سيني کان ننڍو هو. جانڀو جوان، وڙهڻ مهل پالي ۽ تلوار بدران کهاڙيءَ تي وڌيڪ پروسو ڪندو هو. ترخاڻن سندس ڇوٽ ساڙي ڦلهپار ڪري ڇڏيو هو. سندس ٻيءَ کي انڌو ڪري ڪوهه ۾ ٽنگايو هٿائون. هو به سوڀل جيان گهٽ گهاليندو هو.

"سوڀا، منهنجا همراهه صلح ڪڏهن به ڪونه قبولينداسون سڏ لاه وڙهڻ نڪتا آهيون. جيسين ڏاڙين لشڪر جو هڪڙو ماڻهو به سڏ ۾ هوندو، تيسين اسين وڙهندا رهنداسين!"

سوڀل کي هن دلير مڙس لاه ڏاڍو پيار هو. ڪيس ڏکوئڻ نٿي گهرياٿين، پر هن وقت ته گهاليهه ضائع ڪرڻي هئي، سو ڪنڌ هيٺ ڪري چمائين: "پر اوهان جي سومرن جي راڄ جي وڏڙن جو فيصلو همراهه ٻڌندا ته پوءِ؟"

"وڏن جو ڇا وڃي هن جهيڙي سان؟ اسين اول سنڌي آهيون، آخر سنڌي آهيون. سومرن جي راج جو ڪ ڇا وڃي؟ سيڪو راج پنهنجا ڇيڙا نبيرا ڪندو آهي. اسين راڄن ۽ برادرين جي چوڻ ٿي وڙهڻ ٿوري ٿي آيا هئاسون، يا ڪو راڄن اسان کي چوائي موڪليو هو ته ميان وڃي سڏ لاءِ وڙهو. وڙهڻ سيڪنهن جي پنهنجي وڙهڻ آهي، جنهن کي سڏ جي سيڏ لاءِ مان آهي، سو وڙهڻ آيو آهي: ڪو سمو، ڪو سيد، ڪو سومرو، ڪو لهاڙو ٿي هٽ وڙهڻ ڪونهي آيو. رهي گالهه مغلن سان صلح ڪرڻ جي: سو صلح ته اسين ترخانن سان ٻ ڪري ٿي سگهياسون. جيڪي هتن گهريو ٿي، سو جي پيا ڏيون ها، ته ترخانن کي ڪو چٽي ڪٽي ڪونه ڪاڏو هو. اسين پنهنجي لڄ، پنهنجي مان، پنهنجي ماڻ جنجل ۽ پنهنجي جند جان لاءِ تا وڙهون. سو پيلي مون کي ڪريو معاف: آڃ ته وڙهندس، ڪٽي سڏ راج ميڙ ڪٽي اچن!" صادق ڪاوڙ مان اٿي بيهي رهيو. ٻاهر نڪرڻ ٿي هو ته سوديل ڪٽي پاڪر وڌس. "نڪڙ نه ڪر، منهنجا مٽا. گالهه گالهه سان چٽندي. وڙهڻ ۽ آڃ ته توسان آهيان، پر ڏسون ته اسين آهيون ڪيترا جيڪي وڙهنداسون!"

"آڃ ٻ وڙهڻ لاءِ تيار آهيان!" قبول محمد سمي مختصر جواب ڏنو. پر ائين ٿي ڄاڻيو ته هن جي گالهائڻ مان يقين ۽ اهڃاڻ نڪري ويو هو. سمن تازو بادشاهي وڃائي هئي، ۽ سمن راج ڪچ ۽ سورچا ناهي، وري سڏ لاءِ وڙهڻ جون تيارپون ڪري رهيا هئا. انڙ، جوڻيجا، راهوجا، سميجا، جاڙيجا ـــ سمورا راج سمن سان هئا. سو وڃايل بادشاهيءَ بدران اڪبر جي جهنڊي هيٺ سڏ جي صوبيداريءَ جي لالچ کاڳهٽ لالچ کانه هئي. از ڪري ٿي هن جي گالهه ۽ اهو پڪو پختو ويساهه ڪونه هو. پر سوديل کي پڪ هئي ته ڇا ٻ ٿئي، قبول محمد راڄن کي چڏي، هن سان شامل ٿي بيهندو.

سيڏن مان سارڪ شاهه سوديءَ جو سوال ٻڌي چپ ٿي ويو. ترخانن شيرازي سيڏن کي ڪو اهڙو ٽڪ ڪونه ڪيو هو: پاڻ

کين انعام اڪرام ، منصفيون ۽ منشيريون ڏيون هٽائون . سيد وڏن ان کري نڪري پيا هٽا ، جو سڏ ئي اهڙو وطن هو ، جنهن هنن کي گهٽي ۽ گهٽو مان ڏنو هو ، ۽ هاڻ سڏ هنن لاءِ اهڙو ئي وطن هو جهڙو سندن وڏڙن لاءِ ايران يا عربستان هو — ۽ وطن لاءِ وڙهن ته ايرانين ۽ عربن جي به رت ۽ هو. پر اڪبر جي دربار ۾ به شيرازي ۽ هراتي سيدن جو وڏو مان هو ، کي ته پنج- هزاري درجن ني وڃي پهتا هٽا. وڏي سياست جي اڳيان سيدن جا ماڻهو به بيهي سگهندا يا نه ، ان جي ڪيس خاطري ڪانه هئي. سوڊل به هن جي دل من هڻڪي سمجهيو ئي ، پر پڪ ڪرڻ لاءِ وري چيائين: "شاهه سائين ، تون مان ۽ آهين ؟"

"ٻيلي سوڊل ڳالهه ڏاڍي ڳري آهي. مون ۽ جيسين ساهه آهي ، تيسين ته آڏ سڏ ني ساهه چڏيندس. باقي همراهن مان آڏو اڏ ماڻهو مون سان آهن. اڏ جي پڪ ڪونه ٿو ڏيان. چئين ته پچي پڪ ڪريان ."

"روپا ، تون خبر ڪر ،" سوڊي روپي ڏانهن منهن ڪندي چيو.

"ادا ، واڻيا آهن سهي جي ڪل: گهٽي ئي وطن جي سڪ ٿئن ، پر سڪين جي فيصلي ڪان پوءِ وڙهندا اصل ڪونه . ترخانن باهيون هاريون ته آڏو اڏ نٽي جا لهڻا لڏي وڃا — ڪي اتر وڃا ته ڪي ڏکڻ. ڪن پنجاب وڃي وسايو آهي ته ڪي ڪڇ هليا وڃا آهن. سو جي هاڻ ڏٺائون ته ترخانن بدران مغل به راج ڪندا ، ۽ اڪبر جي راجنيتي ۽ سندن ٽڪائا ۽ واپار ويڳو سلامت رهندا ، ته مان ڪري ويهي رهندا . هٽ- واڻٽي جو من آهي ناڻي جو سٽ ؛ جتي چار ڏوڪڙ سلامت سمجهندو ، آئي وطن وسري ويندن . سو يار ، واڻين مان فقط آهي وڙهندا ، جن جي من ۽ هٽ بدران هٽ ، ناڻي بدران ماڻو ، ۽ ٽڪائي بدران سندو درياهه وهندو هوندو. باقي رهي سهنجي ڳالهه ، سو منهنجو سر توسان آهي!"

روپو انهن ماڻهن مان هو ، جن سڄي عمر جنگيون جوٽيون هيون. پرڪاڻين پوري جڏهن نٽي جي گهٽي گهٽيءَ مان باهه جا آلا ٽڪاٽ ڪري پئي نڪتا ، تڏهن روپي جو ڇٽو هزارين هارڙن

۽ زائفائن کي صحيح سلامت کڻي ويو هو. پرتگالين ٿي ائيف ٿي حملا کيائين جو هن کي اها خبر نٿي پيئي ته ڪنهن ۽ کيئن ٿي حملو ڪيو. ترخانن به سندن جوانمرديءَ کي ساراهيو هو.

سڌ ٿي هڙو وقت به ايندو ، جڏهن ساڻهو سڌ بدران پنهنجن راڄن جو سوچيندا ، سوڊل ان ٿي ڪڏهن سوچيو به نه هو. هي اهڙو زهر جو ڏڪ هو، جنهن جي ٽيڪ ۽ کوڙاڻ سڀ کان وڌيڪ نڪي ۽ ڪڙي هئي. هن کي پنهنجي تارونءَ ۾ ان جو ڪڙو سواد ٽڙڪندو محسوس ٿيو. پر هو ڪري به چا ٿي سگهيو. هيءَ هن جي پنهنجي جنگ هئي ، پر هاڻ اها جنگ جدا جدا ٽولن جي جنگ بڻجي ويئي هئي. هيءَ سڌ جي جنگ هئي، پر هاڻ راڄن جي جنگ بڻجي ويئي هئي. هن کي پنهنجي پاڻ مان ۽ پنهنجي جنگ مان ويساهه ٽڪرندو محسوس ٿيو. هن جي دل ۽ دماغ ۾ هڪ نئين نفرت جنم وٺي رهي هئي. پر هن کي اهو سمجهه ۾ نٿي آيو ته اها نفرت ڪنهن جي خلاف هئي. شايد هن کي پنهنجي پاڻ کان ٿي نفرت ٿيڻ لڳي هئي. ان نفرت کي لڪ ٿئ لاءِ هن پنهنجن ياڻن، سائين سنگتين ڏانهن نهاريو. هر ڪنهن جي نظر سوڊل ۾ ڪٽل هئي. هن جي منهن تي نفرت، ڪاوڙ ۽ ورڇ گڏجي، هڪ عجيب رنگ آڻي چڏيو هو، ۽ هن جا سمورا ساٿي پنهنجي پاڻ کي ان رنگ لاءِ جوابدار سمجهي رهيا هئا. هي سوريهه مڙس، جنهن کي ڏسڻ سان ترخانن جو ساهه سکي ويندو هو؛ جنهن کي راڄ ۽ پاڙا ته ٿهيو ، پنهنجو ڪتب به ياد نه هو؛ جنهن کي سڌ جي لفظ ٻڌڻ سان بدن ۾ ڪنوڻيون لڳنديون هيون ـــ اهڙي مڙس کي ڏکوئڻ ڪنهن نٿي گهريو؛ ۽ جيڪا شيءِ هن کي ڏکوئيندي هئي، سا هئي سڌ کان مٿي هيءَ ڪنهن ذاتي جنگ کي اهميٽ .

هن به ته پنهنجي ذاتي جنگ جهيڙي هئي، ۽ ان جهيڙي جا گهرا گهرا گهاوَ هن جي هنئين جي ويڙن ۾ ٿي جهلڪيا. آهي وڃ ۽ چير ڇڻ وري چڪڻ لڳا هئا، ۽ انهن مان رت نچوڙجي هن جي اکين ۾ گڏ ٿيڻ لڳو ، ۽ ڪنهن ڏنڊ مان نهاريندي ، هن منان کي چيو: "هين جو جواب اوهان کي سپاڻي ملي ويندو!"

۱۷

سنڌ جي ڌرتيءَ، سنڌ جي آسمان، سنڌ جي وڻ ٽڻ، سنڌ جي مٽي جي ذرڙن، ۽ سنڌ جي ماڻهن اڳرئي جنگ ۾ اڳ ڪڍهن ڏٺي، نه ٻوه ڪڍهن ڏسندا. سوڍيو پنهنجي لشکر سان جڏهن ميدان ۾ لٿو، تڏهن سڄ ۾ ڪهڪاءُ کان هڪ ڪکر ٻيابان لڳي ويو. سڄ ۾ هن ٻئي سڄ کي لهندي، غروب ٿيندي ڏسي نٿي گهريو. اٺ-ڏهه هزار سنڌين جو لشکر مغلن جي لک فوج سان وڙهي نڪتو هو: پر چا ويڙهه هئي! مغلن سوين جنگيون ڏٺيون هيون، پر هيءَ جنگ ڇڻ زمين ۽ آسمان جي جنگ هئي. انهن ٽي ڏينهن ڇڻ ته سنڌين کي ڪيڙ آيو ٿي نٿي. انهن ٽي ڏينهن ڇڻ ته هر سنڌيءَ جي زخم سان هڪ نئون سنڌي آتي جو اتي پيدا ٿي وري وڙهڻ ٿي لڳو. مغلن کي هندن جا آهي ڏيوتا ياد اچي ويا جن کي ڏهه ڏهه سر ۽ ويهه ويهه ٻانهون هوندڙيون هيون. ٻئي هنن سنڌين جي هر ٻانهن ويهن ويهن مغلن ٿي وار ڪندي ٿي ويٿي. هڪڙو ٻاهو ٻن-ٻن، ٽن-ٽن مغلن سان ٻار هلمو ٿي ويو. هڪڙي ڪهاڙي هڪ ٿي وقت ۾-۾ سرڙيون آڇلائيندي ٿي ويٿي. هڪڙي تلوار هڪ ٿي وقت ۾-۾ ڪنڌ ڪپي ٿي ويٿي. مغل سپاهي هنن جي ويڇو وڇ ڪان ڪيائن لڳا هٿا. سردارن ۽ سپهه سالارن جي هٿيءَ ٿي هو وري اڳتي وڌي ٿي آيا، پر هڪ نئين ڏهڪاءُ سان پوئتي هٽڻ ٿي لڳا. هڪ عجيب ڪالهه اها هئي ته سڄي واڍو منڊل ۾ ڪيڪون ۽ ڏانهون رڳو مغلن جون هيون. سنڌين جي نڙيءَ ۾ ڇڻ آواز بند ٿي ويو هو، ۽ جيڪڏهن ڪو آواز هو ته اهو ته ڪيڙ وقت هن جي زبان مان 'جيئي سنڌ' جو نعرو ٿي نڪتو. ان جو آواز ٻڌندي ٿي

جڏن سڏين ۽ ٿئون روح ، ٿئين جان، ٿئون رت اڇي ٿي وہو ، ۽ مغان جون صفون ٽوڙيندا اڳتي وڌڻ ٿي لڳا. ڪا گھڙي تہ اھڙي بہ آئي ٿي، جڏھن مغان حو لشکر پوئتي موڙي، ۽ پڇڻ جي راھ گولي لاءِ پويان نھارڻ ٿي لڳو. پر وري ٻنھنجي سپھ سالارن ڏسڻ جي ھشيءَ تي اڳيان وڌڻ ٿي لڳا .

سنجھا ٿي ويئي، پر اڃا بہ ڪي سڏي وڙھي رھيا ھٿا : جڏھن وڙھي مرڻ جو قسم کنيو ھو، ۽ جڏھن سڄ ان نظاري ڏسڻ جو وڏيڪ تاب جھلي نہ سگھيو ، ۽ اولھ ۽ ڪنھن دور درازگھرائيءَ ۽ منھن اڪائي روئڻ جو بھانو ڪري، ھڪ ڪاري ڪڪريءَ پويان لڪي ويو، تڏھن آخري سڏي بہ ڪيري پيو. ساري ماحول ٿي موت ڇائنجي ويو. ان وقت اڇين ٻانيو جڏ تہ ڏرتيءَ جو ٻنھنجو ساھ بند ٿي وہو ھو. ڪوٽ جي برجن ٿي چڙھيل سڏي ٻنھنجي ڪوندرن لاءِ روئڻ بہ وساري ويٺا ھٿا . ٻانگن ڪي ٻانگون ڏيڻ وسري ويون ھيون. قلندر جي نوبت بہ اڄ پھريون پيرو خاموش رھي. ھي عجيب ماتم ھو: خاموش ، چپ! اڇين ٿي ٻانيو جڏ سڏين ھميشہ لاءِ ماتم کڻڻ جو پھ کيو ھو، ۽ اھو خاموش ماتم صدين تائين انسانذات جي ضمير ۽ بڙڇيءَ جو گھاءُ بنجي ڇڪندو رھندو !

○

نيو فيلڊس جا وڪري لاءِ موجود ڪتاب

۰۱	۴- مارچ ۴ سنڌي جوڙا	—	-/۲۰
۰۲	وايون وڃارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۱۲
۰۳	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	-/۱۲
۰۴	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۱۶
۰۵	سي ڊي جوپن ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۱۵
۰۶	سي ٻيڙيون رکين پاڻهه سين (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۲۰
۰۷	قلندر (ڪهاڻيون)	قرت‌العين حيدر/مدد علي سنڌي	-/۱۲
۰۸	سزا جا سڪ	آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي	-/۱۲
۰۹	ٽڪل سريت (ڪهاڻيون)	البرتو موراويا/وليرام ولپ	-/۱۵
۰۱۰	تصوير جو خون	آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي	-/۲۵
۰۱۱	سفريورپ جي ڊائري (سفرنامو)	قاضي عبدالمجيد عابد	-/۲۵
۰۱۲	مس سدا بهارچنبيلي (ناول)	الطاف شيخ	-/۲۰
۰۱۳	اڪي ايڻن هياس (جلد ۱)	فضل احمد بچاڻي	-/۲۰
۰۱۴	پره ڪان پهرين (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	-/۱۶
۰۱۵	بلنديون (ناول)	نجم عباسي	-/۱۶
۰۱۶	ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون)	امر لعل هنگوراڻي	-/۱۲
۰۱۷	هم اوست (ناول)	آغا سليم	-/۲۰
۰۱۸	اداس وديون (ڪهاڻيون)	حميد سنڌي	-/۱۲
۰۱۹	آئيني جي اڳيان	۱۷ ساهتڪار	-/۱۲
۰۲۰	لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	-/۳۰
۰۲۱	ٻه ننڍا ناول (ٻه ناول)	آغا سليم	-/۲۲
۰۲۲	اڪي ايڻن هياس (جلد ۲)	فضل احمد بچاڻي	-/۲۵
۰۲۳	واٽ ويندي	علي احمد بروهي	-/۳۰
۰۲۴	مڪليءَ ڪان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۲۵
۰۲۵	ڪهاڻي جو ڪاملو	نجم عباسي	-/۱۵
۰۲۶	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ ايار	/۳۵
۰۲۷	سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۲۵
۰۲۸	چند جا تمنائي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	-/۱۶

۲۹.	پڱت سنگهه کي قاسي	شيخ ايار	-/۱۵
۳۰.	ست يوگوسلاوپائي آکاٹيون	جڱت آڏواڻي	-/۱۰
۳۱.	ست ڪشميري آکاٹيون	اختر محيعدين/ايشور چندر	-/۱۲
۳۲.	پن ڇڻ ۽ چند (شاعري)	آغا سليم	-/۱۰
۳۳.	سڏن متي سڏڙا	علي احمد بروهي	-/۲۵
۳۴.	سرهي سرهي سار (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	-/۳۵
۳۵.	ڏيئا تيل ڦليل جا	علي احمد بروهي	-/۳۰
۳۶.	راج-گهاٽ تي چند (شاعري)	شيخ ايار	-/۶۰
۳۷.	موتي جي مهراڻ جا	مرتب: فيروز احمد	-/۵۵
۳۸.	تلاش (ناول)	نجم عباسي	-/۳۰
۳۹.	لڙيو سج لکن ۾ (شاعري)	شيخ ايار	-/۲۰
۴۰.	ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاٹيون	الطاف شيخ	-/۳۵
۴۱.	مرڻ مون سين آهه (ناول)	سراج	-/۴۰
۴۲.	پڙاڏو سوئي سڏ (ناول)	سراج	-/۵۰
۴۳.	رات وچ ۾ (ناول)	بريٽ هيلهدي/فضل احمد بچاڻي	-/۲۰
۴۴.	بڙ جي ڇانو آکي کان گهاڻي (شاعري)	شيخ ايار	-/۳۰
۴۵.	اک سور (ناول)	رابندر ناٿ ٽئگور	-/۵۰
۴۶.	جت جر وهي ٽو جال (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۳۰
۴۷.	رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاٹيون)	امر جليل	-/۴۰
۴۸.	ماسترياڻي (ناول)	مترجم: نجم عباسي	-/۲۵
۴۹.	آکن نيرا ڦليا (شاعري)	شيخ ايار	-/۳۰
۵۰.	رڻ ۽ رڄ جو اتهاس (ڪهاٹيون)	نورالهدي شاه	-/۵۰
۵۱.	انقلابي ماءُ (سوانح حيات)	مترجم: آزاد قاضي	-/۲۵
۵۲.	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ ايار	-/۶۵
۵۳.	جلاوطن (ڪهاٹيون)	نورالهدي شاه	-/۳۰
۵۴.	جڏهن مان نه هوندس (ڪهاٹيون)	امر جليل	-/۵۵
۵۵.	پونر پري آڪاس (شاعري)	شيخ ايار	-/۵۰
۵۶.	راهون چند ستارا (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	-/۴۰
۵۷.	يادين جي انبلٽ	الطاف شيخ	-/۳۰
۵۸.	جهڙ نيڻان نه لهي (شاعري)	شيخ ايار	-/۳۵

مرڻ مون سين آءُ

مان ڪنيل ٽڪرو:

"سنڌين جي روح ۾ به هاڻي پرندڙ جبل ڦاڻي پيو آهي. سندن روح اڻا اڻا ٿي ويا آهن. سندي جيڪي ماڪيءَ کان مٺا ماڻهو هٿا سي اڄ زهر کان به وڌيڪ ڪڙا ٿــي پيا آهن. سندي، جــن سڄيءَ انسانذات کي تهذيب سان نوازيو هو، سي اڄ غير مهذب ٿــي رهيا آهن. سندي، جن کي پيار کان سواءِ ٻئي ڪنهن جذبي جــي جــاڻ ڪانه هئي، تن ۾ هاڻ نفرت جا اوڙاهه ڏکي پيا آهن. سندي، جيڪي هر آئي جو آدرياءُ ڪندا هئا، سي هاڻ پنهنجن کان به چرڪڻ لڳا آهن. سندي هاڻ غلاميءَ مان اهڙا عاجز ٿيا آهن جو ڪنهن به نالي تي غلامي قبول نــ ڪندا، پوءِ ڪٿي اها غلامي اسلام جي نالي ۾ هجي يا ويندي الله جي نالي ۾! هنن لاءِ هاڻ هر ڏاريون اوپرو آهي. هو هاڻ ڪنهن جي لاءِ به مهر ۽ چڱائيءَ جا جذبا رکڻ جي عياشي نٿا ڪري سگهن: هاڻ هو انسانن منجهان محض ساهوارا ٻڌجي رهيا آهن— ڇا انهيءَ کان ڪا وڏي سزا ڪنهن قوم کي ڏيئي سگهجي ٿي! آهٰ واحب القتل ته ان ڏينهن کان آهيان جنهن ڏينهن کان سندي هڇڻ جو احساس مون ۾ ڪــرَ موڙي جاڳي پيو هو. پر قتل تــ نهايت معمولي سزا آهي. منهنجو موت ته پاڻ منهنجي لاءِ چوڻڪارو ثابت ٿيندو. هي منهنجون اکيون، هي منهنجو روح هاڻ وڌيڪ وقت سنڌ کي غلام ڏسڻ نٿا گهرن، سو اها ته تنهنجي مون مٿا نيڪيءَ احسان ٿيندو جيڪڏهن مون کي موت جي سزا ڏين: منهنجي رڳو هڪڙي آخري خواهش آهي، روح جي آرزو آهي، منهنجي سموري وجود جي التجا آهي ته مون کي سزا ڏي، موت جي سزا، پر هتي نه! مون کي سنڌ جي ڌرتيءَ تي ڦاسي تي ٽنگاءِ! ايئن مرزا باقيءَ آخوند صالح کي ڦاسي تي ٽنگيو هو! گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي ڌرتيءَ جي هنج ته ملندين: مرڻ وقت ماءُ جيجل جي هنج نصيب ٿئي ته ان کان وڌيڪ ٻيو کهڙو بابرکت موت ٿــي سگهندو! سو سيگهه ڪر، متان.... متان....!" — قيمت -/٠،٤ رپيا.

گهرائڻ لاءِ لکندا: نيو فيلڊس، ٽنڈو ولي محمد حيدرآباد.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين "اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڦُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڑھندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڑھندڙ نَسل (پَـنَ) کا به تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو به صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن ڪو به شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ھِيں لفظ ”پَنَ“ جو خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَجِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَڃُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِٽائِيز ڪرڻ کان پو ھيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ جاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ ميڻ.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ ٻرِ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ ٻرِ جٽ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي ٻ ڪٽين، جيڪي ٻ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ ٻ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڙ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻتن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکيِ پائي چيو تہ "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)